HIRA MANDI

CLAUDINE LE TOURNEUR



هيرامندي

[ناول]

کلادین لي ترنر | راز احمد شیراز


Claudine Le Tourneur d'Ison — Claudine Le Tourneur d'Ison — Claudine Le Tourneur d'Ison

HIRA MANDI

Claudine Le Tourneur

هيرا منڊي

[ناول]

ڪلادين لي ٽُرنر

راز احمد شيراز



سيون اسٽار پبلشرس
حيدرآباد، سنڌ

1

شاهنواز نديم جون ابتدائي يادون ماضي بعيد سان لاڳاپيل آهن. جڏهن هو ٻار هو تڏهن وڏي ۽ ڳري دروازي جي کلڻ جو آواز هن جي اک کولي ڇڏيندو هو ان آواز جو مطلب هو ته هن جي ماءُ ڪم تان واپس وري آهي. جنهن ڪمري ۾ شاهنواز رهندو هو اهو ٻن حصن ۾ ورهايل هو ٻئي حصي ۾ پلاسٽڪ جا گل ۽ گلابي پردا ٽنگيل هئا. ڪمري جو ٻيو حصو هن جي بلڪل ويجهو هجڻ جي باوجود، اهو سڀ ڪجھ هن لاءِ سدائين راز ئي رهيو اُتان ڪان جيڪي آهون، سڏڪا ۽ دانهون اٿنديون هيون، سي ڪڏهن هن کي عجيب و غريب لڳنديون هيون ته ڪڏهن هو انهن کان خوفزده ٿي ويندو هو. ڪمري جي ان حصي ۾ سندس ماءُ هوندي هئي، جيڪا هيڪلي نه هئي... ڪڏهن ڪڏهن شاهنواز جي دل گهرندي هئي ته هو ڪيهون ڪري روئي، گهُگهه اُونداهين ڪمري ۾ رکيل گدي تي سڄي رات ڪڪِ ٿيندو ۽ انتظار ڪندو رهندو هو ته ڪڏهن اهي دانهون جهڪيون ٿينديون جيڪي هن جي لاءِ ايذائيندڙ آهن. هن کي علم هو ته جڏهن ڪوڪن جو انت ٿيندو ته هن جي ماءُ آهستي دروازو کوليندي ۽ هن ڏانهن ايندي ۽ ان ڪانپوءِ هو پنهنجي ماءُ جي ٽنڊلي

عڪس کي ڪمري ۾ ايندي ڏسندو هو جيڪا هن ڏانهن اچي ۽ نوڙي ڏسندي هئي ته ڇا هو سُتل آهي؟ ۽ هُو معمول جيان ننڊ ۾ هجڻ جي اداڪاري ڪندو هو.

صبح ويل جڏهن هن جي اک کلندي هئي ته گهر ۾ سانت جو پهرو هوندو هو ان ماڻ کي پکين جي لات مات ڪندي هئي، پکي جيڪي هن گهر جي پوئين حصي واري گهٽيءَ جي ڪنڊ وارن وڻن تي پوليون پوليندا هئا. سج جو سوجهرو هن جي ڪمري جي رڱيل ڳاڙهن منجهان ڪاهي پوندو هو ۽ ڪاٺ جي پَٽَ تي هلڪي پيلي ۽ نارنگي تپش واري روشني پکڙجي ويندي هئي، هو انهي پٽ تي پنهنجن ٻن رانديڪن سان گڏ سُتل هوندو هو رانديڪن ۾ هڪ ته ڪاٺ جو ٽانگو هو جيڪو لاهور جي گهٽين ۾ عام وڪامبو هو ٻيو ڪپڙي جو ٺهيل هڪ جانور جيڪو ڪنهن به اهڙي جانور جي شبيهه نه هو جن کي هو ٻاهرين دنيا ۾ ڏسندو هو. هو ڪاٺ جي گهوڙي گاڏي تي ان رانديڪي کي رکندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪمري ۾ ڦيرائيندو رهندو هو ۽ واري واري سان هو دريءَ منجهان ٻاهر جهاتي پائي ونندو هو ته اتي ڇا ٿي رهيو آهي پر اتي هر شي پرپات جي عميق ننڊ ۾ ويڙهيل هوندي هئي، دروازا بند ۽ درين تي پردا ڏنل ڏسبا هئا. هن کي ائين ٿي ڀاسندو هو ڄڻ سج پنهنجي ڳَل ڪوشش باوجود انهن گهرن اندر موجود اونداهين کي نابود ڪرڻ کان لاچار آهي.

هن جي ماءُ جو نانءُ نسيم هو. اهو نالو ٻڌڻ سان هن جي ڪنن کي سرور ملندو هو هن کي پٽ جي پريان جڏهن ڪائي چرپر محسوس ٿيندي هئي ته هو ڦرڙت ٿي ويندو هو ۽ ڪيڏڻ ڇڏي ڏيندو هو هر ڦري وک جي آواز کي غور سان ٻڌندو هو ۽ نيٺ جڏهن ڪمري جو دروازو کلندو هو ته هو ٻُڪندو هن ڏانهن ويندو هو ۽ پنهنجن

پتڪڙين ٻانهن ۾ پنهنجي ماءُ کي ڀڪڙ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ ائين نيٺ هو ڏکي انتظار کان پوءِ پنهنجي ماءُ جو پرپيٺو ملڻ تي سڪ جو ساهه کڻندو هو. نسيم پنهنجي پنجن سالن جي پٽ کي ڪٽي ڇاتي سان لائي ڇڏيندي هئي. چمندي ۽ مامتا ڀريل لهجي ۾ هن سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندي هئي. شاهنواز لاءِ اهي ڪجهه ساعتون وڻندڙ هونديون هيون جن منجهه هو ساهه جهلي سرهو ٿيندو هو ۽ وري معمول موجب ويڳاڻپ هن جو مقدر بڻجي ويندي هئي ڇاڪاڻ ته هن جي ماءُ جلد ئي هن کي ڇڏي وري وڃڻ واري هوندي هئي..... هن کي پيار ڪرڻ، چمڻ ۽ ڳرانڙي پائڻ کان ترت پوءِ هوءَ ڇر جهڙي ڪُنڊ ۾ چانهن ٺاهڻ لاءِ هلي ويندي هئي جيڪا رنڌڻي طور ڪتب آندي ويندي هئي، جڏهن ماءُ هن کان ڏور ٿيندي هئي ته شاهنواز جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي ايندا هئا ۽ هو سمجهي ويندو هو ته هاڻي هڪ ٻئي طويل ڏينهن جي ابتدا ٿيڻ واري آهي. جنهن ۾ هن کي انتظار ڪرڻو آهي ته هو وري ڪڏهن انهن وڏن ڏکن ڪارن وارن منجهان ايندڙ واس کي محسوس ڪري سگهندو.

نسيم پنهنجي پٽ شاهنواز سان گڏ مغل دور جي هڪ قديمي طرز جي ٺهيل گهر جي ٻين منزل تي رهندي هئي. اهو گهر نسيم جي ماءُ جي ملڪيت هو پئسن جي اُڻاڻ سبب هوءَ گهر جي مرمت ڪرائڻ کان لاچار هئي. ڀِت جون سرون زبون ٿي ويون هيون. ڀتين منجهان نڪرندڙ سيمي سبب ٻوسٽ وارو ماحول ٻڌيل هو. درين تي ٽنگيل پردا ايترا ته پراڻا هئا جو ليڙون ليڙون ٿي ويا هئا. ان زوال ۽ فرسودگيءَ ڪري هر وقت گهر ۾ بدبوءِ رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪاٺ جي سوراخن ۾ ويٺل ڪوئن کي ڏسي شاهنواز حيرت جي درياهه ۾ ٻڏي ويندو هو ان لاءِ اها واحد تفريح هئي. ڇاڪاڻ ته سندس

ويڳاٽپ جي ڏينهن ۾ چڙو اهو ئي رخنو هو جيڪو هن لاءِ مصروفيت جو ڪوئي بهانو پيدا ڪندو هو. هُو اسڪول ان لاءِ نہ وڃي سگهيو هڪ تہ اسڪول وچ شهر ڪان ڳچ مفاصلي تي هو ۽ ٻيو نسيم جون معاشي حالتون بہ اهڙيون نہ هيون جو هوءَ ان کي اسڪول موڪلي سگهي. شاهنواز لاءِ سندس ماءُ جو ڪمرو گهر جي بهترين جاءِ هو چاڪاڻ اِهو ئي اُهو ڪمرو هو جنهن جي توري گهڻي سار سنڀال ڪئي تي وئي، ان ڪمري ۾ گدو زمين تي پيل نہ هو پر ان ۾ اصل پلنگ موجود هو حالانڪہ ان علائقي جا رهاڪو گهڻو ڪري زمين تي گدو وڇائي ئي سمهندا هئا. ان ڪان علاوه نسيم انار ڪلي جهڙي شاهي بازار ويندي هئي جتي امير عورتون سامان خريد ڪرڻ ايندي يون هيون جتي هر دڪان کي ڏسي دل چوندي آهي تہ هر شي وٺجي پر اهي سڀ شيون نسيم جي خريد ڪرڻ ڪان گهٽيون هيون، پوءِ بہ هوءَ پنهنجي ڪمري کي عيش ۽ آرام واري حالت ۾ رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندي هئي، چاڪاڻ اهو ئي ڪمرو هو جيڪو هن جي آمدني جو واحد ذريعو آهي.

گهڻي سوچ ويچار ڪان پوءِ هن نيٽ پردن ۽ پلنگ جي چادر لاءِ ڪوڙ ميٽر گلابي رنگ جو ڪپڙو ورتو هن دل نموني وهاڻا بہ ورتا ۽ انهن جي چَوَ بہ انهيءَ ڪپڙي منجهان ناهي، جنهن بعد ڪمرو چٽو ۽ پُر ڪشش نظر تي آيو. ڪشمير بازار جي هڪ سازوسامان (Furniture) جي دڪان تان هن ڪافي بحث مباحثي ڪان پوءِ هڪ سينگار ميز (Dressing table) ورتي، جنهن جي قيمت بہ مڙئي هئي جيئن ان ۾ هوءَ پنهنجي ويهن سالن جي جوانيءَ کي ننهن ڪان چوٽيءَ تائين ناز سان ڏسي سگهي. اجا هن پراڻي مغل شهر ۾ بجلي نہ پهتي هئي، ان ڪري هوءَ شام جو شمعدان ٻاريندي هئي، هن کي جنسي

ڪشش ۽ نجي روشني ڏيڻ واري شمعدان جي ضرورت هئي. شاهنواز کي انهن شين جو شوق هو جيتوڻيڪ اهو سڀ هن لاءِ نہ هو جڏهن هو گهر ۾ هيڪلو هوندو هو تہ پلنگ تي چڙهي ويندو هو ۽ وهاڻن مان نڪرندڙ جادوئي خوشبوءَ منجهان لطف وٺندو هو جيڪا خوشبو هن جي ماءُ جي ڪنڌ منجهان بہ ايندي هئي جنهن کي هو صبح جي وقت ڳراٽي پائي سگهندو هو ۽ ان خوشبو ۾ وڃائجي ويندو هو هن جي بقايا زندگي ۾ اها چنبيلي جي خوشبو واحد يادگيري هئي جيڪا کي عورت جو احساس ڏياريندي هئي.

نسيم جي ماءُ جي لاڏاڻي کان پوءِ هوءَ پنهنجين ماسين ۽ انهن جي ڇوڪرين سان گڏ رهڻ لڳي، جيڪي پهرين ۽ ٽئين منزل تي رهنديون هيون. پڇاڙيءَ واري طبقي جي ڇت تي هڪ ٿلهو هو جنهن تان بادشاهي مسجد چٽي نظر ايندي هئي، سانجهي ويل عورتون ڇتين تي اچي گڏ ٿينديون هيون ۽ آزاد هوا جو سرور ماڻينديون هيون. خاص ڪري گرميءَ ۾ جڏهن ڪمرن ۾ گهُٽ تي ويندي هئي ۽ عورتن وٽ سمهڻ کان سواءِ ٻيو ڪم نہ هوندو هو ان مند ۾ ڪاٽن جا سنهڙا ڪپڙا پهريا ويندا هئا, جيڪي پگهر ۾ شَلُ تي جسم سان چُهٽي ويندا هئا. گرمي جي ٽُڙِ (مند) نارين لاءَ آزمائش هوندي آهي هڪ تہ ججهي گرمي هوندي آهي ۽ ٻيو وري هنن کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ننهن کان چوٽيءَ تائين چادر ويڙهي ٻاهر نڪرڻو پوندو آهي.

سموري خاندان ۾ شاهنواز اڪيلو مرد هو جڏهن هو ٻار هو سڀ هن سان پيار ڪندا هئا, ڳراٽڙي پائي ۽ ڀاڪر منجهان هن سان ڳالهائيندا هئا, منجهند جو جڏهن سڀ عورتون سجاڳ ٿينديون هيون تہ گهر چڙيا گهر جا منظر پيش ڪرڻ لڳندو هو عورتون هڪ منزل کان ٻي منزل ڏانهن ٽَپَ ڏينديون وينديون هيون، ڏاڪڻ تي گڏبيون ۽

لاڳيتيون ڪچهريون ڪنديون رهنديون هيون. هن جون لوپي نظرون چوڪرين کي تڪينديون هيون، اهي ڇوڪريون جيڪي سندس ماءُ کان ڪجهه ننڍيون هيون، هنن جا ملوڪ مانڊا، جوالا مُکي جهڙيون ڪاريون اکيون، وڏا ڪارا وار جيڪي هنن جي ويڪرن ڪلهن تي لمندا رهندا هئا، هنن جا جنسي اشارا، شهوت ڀريندڙ مرڪ ۽ خوش طبعي... اهي سيئي اُهي لاڏ هئا جيڪي سج لهڻ کان پوءِ هو وڃائي ويهنديون هيون.

هڪ پاسي شاهنواز جون ماسانيون هيون جيڪي ڪنهن مصور جي دلڪش تصويرن جهڙيون لڳنديون هيون ۽ هن کي مدهوش ڪري ڇڏينديون هيون ته وري ٻئي پاسي هن جون ٻي ڍوليون ماسيون هيون جيڪي شاهنواز کي زهر لڳنديون هيون. شاهنواز کي لڳندو هو ته انهن پوڙهين جي اکين ۾ زندگي جو ڪو اُهڃاڻ ئي باقي نه رهيو هو ايتري قدر جو جڏهن هاڻ هو ڪلنديون هيون ته شاهنواز کي سندن مرڪ به حقيقي نه لڳندي هئي، جنهن دوران هنن جا اڇا ڏند نظر ايندا رهندا هئا جڏهن هو وات ڦاڙينديون هيون ته انهن جي ڏندن جي وچ ۾ وڏا ڪارا ۽ ڳاڙها ڇُتا هوندا هئا ۽ سندس سمورو وات پان جي ڳاڙهي تڪ سان ڀريل هوندو هو. هو سندن جسم جي چربيءَ کي حيرت وِچان ڏسندو هو ته ڪپڙن منجهان سندن جسم جو گوشت هر ان جاءِ کان ٻاهر لڙڪندو هو جتي خال هو پيو وري اهي پوڙهيون به هن سان تلخيءَ سان پيش اينديون هيون. ڪڏهن به ڪو پيار وارو جملو هن لاءِ سندن وات مان نه نڪرندو هو هو هميشه هن کي دڙڪا ڏينديون هيون. جڏهن هن جي ماءُ گهر کان ٻاهر ويل هوندي هئي ته هو هن کان گهر جا ننڍا وڏا ڪم به ڪرائينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن هن جو نالو وٺي هن کي سڏينديون هيون ته هو ڪن لنوائي ڇڏيندو

هو ڄڻ ٻڌندو ئي نہ هجي.

”شاهنواز! شاهنواز! هيڏانهن اچ.“ هُو سڏ ڪنديون هيون.

۽ هنن جو آواز ٻڌي شاهنواز جا ڳڻ اُڀا ٿي ويندا هئا. هو ڪمري ۾ چپ هنيو انتظار ڪندو رهندو هو تورڙي جو هو واقف هيو تہ هو انهن جي پيٽ ۾ ڏيرو آهي. دير يا سوير ماسيون ٿلهي نوڪرياڻي ڇوڪريءَ کي مٿي اماڻينديون هيون جيڪا پڻ ساڳي قابل رحم حالت ۾ هئي، ڪو بہ اختيار نہ رهڻ جي حالت ۾ نيٺ هو هيٺ پهرين منزل تي اچي ويندو هو جتي ٻئي جھُور گهر جو ڪاٻاڙو جمع ڪيل هونديون هيون، اهڙي پوڙهي عورت جيان جيڪا گهر جي ٻهرَ ڳليءَ ۾ اچلڻ بدران پنهنجي ئي گهر ۾ ڪنڊائي ڇڏيندي هجي، هو هن کي ڪجھ پئسا هٿيڪا ڪرائي گهر جي پير ۾ دڪان هجڻ جي باوجود چونديون هيون تہ گهٽيءَ جي ڪُڙڄ تي جيڪو دڪان آهي اُتان کان ڦلاٽي شي وٺي اچ. هر وار جڏهن هو هن کي ٻاهر اماڻينديون هيون تہ اها اميد ڪنديون هيون تہ هو رستو ڀلجي وڃي ۽ ڪڏهن بہ موٽي نہ اچي.

۽ گهڻو ڪري ائين ئي ٿيندو هو تہ هو رستو ويساهجي ويندو هو ۽ ويجهڙن علائقن ۾ وڃي نڪرندو هو جتي گهٽيون ٻچڙيون، گهر خراب حال، اٿلندڙ ناليون ۽ بدبوءِ ڪيڏنديون هيون. انهن گهٽين ۾ تقريبن پٽيون جهونيون ٿي چڪيون هيون. چٽسالي ڪيل ڇڄهريون (Balcony) زبون حال ٿي چڪيون هيون... انهن گهرن جا پٿر ٻيري ڳليءَ ۾ پيا ڪندا هئا. انهن گهٽين ۾ هلندڙ هل چل کي ڏسي آڳاٽي دور جي ڪنهن شهر جو تصور ذهن ۾ اچي ويندو هو... ان سموري تباهہ حالي، تنگدستي ۽ قابل رحم حالت باوجود بہ هيءَ دنيا درياهہ دل هئي. دڪانن تي تنگ تنگ تي چاڙهي ويٺل دڪاندار، جڏهن شاهنواز جي اکين ۾ ڏپ سمايل ڏسي هن کي هيڏانهن هوڏانهن

ويندي ڏسندا هئا ته ڪو هن کي ميوا ڏيندو هو ڪو ڪٽ منڊو، ۽ هن کي گهر جو رستو ڏيکاريندا هئا يا ڇڏي ويندا هيس. پنهنجي ماسين جي مهربانين سان شاهنواز تمام ننڍي ڄمار ۾ ئي پنهنجي چوگرد موجود دنيا کي دريافت ڪرڻ سکي ورتو ۽... ان دنيا ۾ رهڻو ڪيئن آهي. ان فن ۾ به مهارت حاصل ڪندو ويو ان سموري پيڙا کان پوءِ جڏهن هو گهر ورندو هو ۽ پنهنجي ماسين کي اهو سمورو سامان ۽ پاڃي پئسا هٿ ۾ ڏيندو هو جنهن جي وٺڻ لاءِ هو ويو هو ۽ نماڻين اکين سان هو انهن ڏانهن نهاريندو هو ته متان ذرو هن کي به ملي، پر هو کيس ڪجهه به نه ڏينديون هيون.

ماسين جي پيٽ ۾ هن جي ماءُ ڏاڍي ڀاڃهاري هئي، هن پنهنجي رانديڪي ۾ هڪڙو ننڍڙو ڳُڙڪو ڪري رکيو هو جنهن ۾ هو ڪجهه سِڪا جيڪي سندس ماءُ جي طرفان ملندا هئا, وجهندو رهندو هو ۽ منجهند جو دير سان جڏهن گهٽيءَ ۾ گهورڙيا هوڪا ڏيندا هئا ته هو ڊڪندو دري ڏانهن ايندو هو جتي هڪ رسي ٻڌل بالٽي موجود هوندي هئي... هُو ان ۾ سڪا وجهي هيٺ اماڻيندو هو ۽ ڦيريءَ وارو هن جي چاهه مطابق انب جي ذائقي واري ملائي ان ۾ رکي پئسا ڪڍي وٺندو هو. اهو هن جي عيش جو وقت هوندو هو اها گهڙي هن معصوم جي زندگي ۾ خوشيون آڻيندي هئي، ان ويل هو پنهنجي هيڪلائي وساري ويهندو هو رات جو پنهنجي ماءُ جي ڪمري مان ايندڙ دانهون ٻڌائي ڇڏيندو هو گهر جو اڱڻ وٽندڙواس سندس ذهن منجهان نڪري ويندو هو ۽ هو پوري لطف سان برفيلي ملائي منجهان مزو وٺڻ ۾ رڌل رهندو هو. جيڪا سندس وات جي پيٽ ۾ هن جي هٿن ۾ تمام جلد ڳرندي هئي، پوءِ به هو ڪوشش اها ئي ڪندو هو ته ملائي جو هڪ به ڦڙو ضايع نه ٿيڻ ڏئي، هو پنهنجي آڱرين، هٿن ۽ چنبن تي لڳل انب جي

ذائقي واري ملائيءَ جي قطرن کي چوسيندو هو ۽ فرش تي پيل پنهنجي گدي تي چيله ڏگهي ڪري ڇت کي تڪيندو هو ۽ جيسين ملائي جو ذائقو سندس زبان تي موجود هوندو هو ان جو مزو وٺندو رهندو هو ۽ پوءِ ننڊ جي هنج ۾ غش ٿي ويندو هو

جڏهن اڪ ڪلنڌي هيس تڏهن سڄ لهي چڪو هوندو هو هن جي ماءُ اوڪڙو ويهي پاڀر پاڀر مانيون، ٿِڪن مسالن واري ڀاڄي ۽ ڪڏهن ڪڏهن گوشت پئي ٺاهيندي هئي. ٻاهر هوا جي ٽڪائيءَ ۾ ڪا ٻ گهٽتائي نہ آئي هئي، زمين جي تپش جيڪا ڀاڦ بڻجي اڏي پئي هئي، ان منجهان مکين جي ڀون ڀون جهڙو آواز ايندو رهندو هو. گرمين ۾ سنجها ويل بہ هن علاقي ۾ گرمي گهٽ نہ ٿيندي هئي، هن جي ماءُ نسيم گهڻو ڪاڏو نہ ڪائيندي هئي، هن جو ڪونئرو مماندو رات جي وقت ڪوماڻجي ويندو هو هوءَ پنهنجون ديدون دڳ ڏانهن جامد ڪري ڇڏيندي هئي. هن جو ڌيان ڪنهن ٻي دنيا ڏانهن هليو ويندو هو هڪ وار ٻيهر هوءَ شاهنواز کان ڏور ٿي ويندي هئي. شاهنواز پنهنجي ماءُ جي مک منجهہ نظرون ٽڪائي ويهي رهندو هو پوءِ هوءَ هن ڏانهن ايندي هئي، هن ڏانهن هڪڙي من ريجهائيندڙ مرڪ مرڪندي هئي پر هو ڄاڻيندو هو تہ اها مرڪ هن جي اندر منجهان ناهي اٿلي پر اها مصنوعي مرڪ هئي، ان کان پوءِ هوءَ هن کي ڀُراٽڙي پائي مٺي ڏيندي هئي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويندي هئي. شاهنواز جي نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪا شي اڙيل هوندي هئي ۽ ڳوڙها سندس اکين ۾ ڦٽڪندا رهندا هئا ۽ پوءِ سندس ماءُ هن جي رسائيءَ کان پري ٿي ويندي هئي، هن جي ذهن ۾ بي ترتيب خيال ايندا رهندا هئا... اهڙا خيال دماغ ۾ ڦرندا رهندا هيس جن کي لفظن جي پوشاڪ بہ پارائي نہ سگهجي.

جڏهن هن جي ماءُ ٻيهر ظاهر ٿيندي هئي، تڏهن هن جي دل جو

دورو تڪڙو ٿي ويندو هو هُو پنهنجي ماءُ کي هڪ شانائتي عورت جي صورت ۾ ڏسي، رڳو ڪيس تڪيندو رهجي ويندو هو. عاليشان نيري رنگ جي ريشمي ساڙهي پهريل، پيرن ۾ گنگهرو پيل، ڳلي ۽ ٻانهن ۾ زيور پاتل، ڪنن ۾ لمندڙ جهمڪا ۽ مک تي اهڙو تيل ڦُليل (Make up) جو هوءَ پنهنجي چمار ڪان چڱي وڏي پر سندر لڳندي هئي، جڏهن هوءَ ڪمري مان نڪرڻ واري هوندي هئي تہ سدائين هڪ ئي جملو چوندي هئي،

"پنهنجو خيال رکجانءِ... مان جلدي موٽي ايندس."

هوءَ مرڪندي هن ڏانهن نهاريندي هئي تہ هن جا ڏند مٽين جيان پيا ٻرندا هئا. شاهنواز کي پنهنجي ماءُ ان هار سينگار واري شڪل ۾ ڪڏهن بہ نہ وڻي....۽ پوءِ هوءَ هلي ويندي هئي، ڏاڪڻ تان لهندي هن جو آواز هن جي ڪنن تائين پيو ايندو هو. هن جي ماءُ هيٺ لهندي هئي ۽ پنهنجي ماسات کي ساڻ ڪندي هئي، جيڪا پڻ هُن وانگي سدائين سينگاريل هوندي هئي ۽ هن جون پوڙهيون ماسيون هاٿيءَ جهڙو پنهنجو پورو جسم ڪٽي ڏاڪڻ تان غاليچو پيون ويڙهينديون هيون ان ڪان پوءِ هو سڀ هليون وينديون هيون. رات جي پهر هو ڪيڏانهن وينديون هونديون؟... شاهنواز باقي وقت ۾ اهو ئي پيو ويچاريندو هو هن جي ماءُ ڪڏهن بہ هن ڪان اها ڳالھ ڳجهي نہ رکي تہ هوءَ طوائف آهي، پر هوءَ ڪٿي رقص ڪندي آهي؟.. ۽ ڪنهن لاءِ؟...انهن سوالن جا جواب هن کي ڪڏهن نہ مليا هئا.

نسيم گهر جي ڪرڙ ۾ ڏاکڻ جي پر ۾ شمعدان ٻاريندي هئي، شاهنواز هورڙيان گيسڙندو پنهنجي ماءُ جي ڪمري ۾ ويندو هو ڪمرو صاف سٿرو ۽ سنواريل هوندو هو. سمورو ڪمرو خوشبوءِ سان واسيل هوندو هو جيڪا هر شي ۾ جذب پئي ٿيندي هئي، پاڻي سان

پُر ٽيل هڪڙو ٽبُ (Tub) هوندو هو جتي توال پيل هوندو هو ڇا جڏهن سندس ماءُ ورندي آهي تہ وِهنجندِي آهي؟ هن جي پيٽ ۾ عجيب گُرڪو ٿيندو هو جڏهن هو ان پُر اسرار ماحول کي ڏسندو هو جنهن جي ڳُجهہ تائين هو پهچي نہ سگهندو هو.

ڪمري منجهہ تڙيل شهوت ڏيارينڊڙ گلابي رنگ... گلابي پوشَ ۽ خوشبودار هنڌ هن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٻڌائيندو هو تہ ڪيئن سندس ماءُ ٻين کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪاٽيندي آهي، ۽ ان ۾ ڪهڙيءَ طرح هوءَ هوريان هوريان پنهنجو جوڀن وڃائي پئي، ان بابت هن جي شُبن کي ان ڏينهن هٿي ملي جڏهن هڪ منجهند جو هن جي ماءُ اوڪا ۽ ٿڪل پير پريندي اندر آئي. هن جون اکيون ٽوٽاريل ۽ منهن هيبڊو ٿيل هو. شاهنواز کي صاف صاف ڏسجي پيو تہ سندس ماءُ وقت کان پهرين پوڙهي ٿي زندان جي ٻين عورتن وانگر ڏسجڻ لڳي آهي، ڇا هوءَ بہ جلد ماسين جيان ڏسجڻ لڳندي؟ نہ... هو مڃڻ کان نفي وارينڊو آهي.

هڪ رات شاهنواز جي اک کلي تہ ڪمري جي ورهاڱي واري ٻئي حصي منجهان ڳرو مرداڻو آواز ٻڌڻ آيس، ان کان پوءِ نسيم جو سنهڙو آواز آيو. هو پنهنجي گدي تي ڦٿڪڻ لڳو گدي تي رکيل چادر کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ پڪوڙي ڇڏيائين، هو ائين پئي ڏڪيو ڄڻ برفاني هوائن جي مُٺ ۾ هجي، ٻئي طرف ڏانهن تُندُ مڪالمو ٿي رهيو هو جڏهن هن ٻڌو تہ مرد سندس ماءُ کي ڌڪ هنيو آهي ۽ هوڏانهن سندس ماءُ جي دانهن اُٿي آهي تہ هُو پنهنجي ماءُ جي مدد ڪاڻ ڊڪيو دروازو کولڻ کان پوءِ جيڪو ڪجهہ هن ڏٺو اها هڪڙي اهڙي يادگيري آهي جيڪا سندس ذهن منجهان ڪڏهن بہ نہ ميساربي، اڌ اگهاڙي حالت ۾ موجود نسيم جنهن جي ساڙهي بہ ڦاٽي وئي هئي هڪ

متاري ۽ وزني مرد هيئان موجود هئي، جنهن کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، مرد جو هڪ هٿ هن جي ڳچيءَ ۾ ٻيل هو ۽ ٻئي هٿ سان نسيم جي منهن ۾ چماٽون پئي وهايائين.

"نہ نہ."

شاهنواز ڊڪندو ۽ دانهون ڪندو ان شخص ڏانهن ويو ۽ هن جي سلوار منجهان جهلي ڪيس هٽائڻ لڳو هو پنهنجو پورو وس لڳائي پيو تہ ڪنهن ريت ان شخص کي ڪمري منجهان ٻاهر تڙي سگهي. ان شخص کي ڪجھ سمجھ نہ ٿي آيو تہ ڇا پيو ٿئي، هن جي منهن تي تعجب هو. ان کان پوءِ هُو ڦڪائپ منجهان ڪڙو ٿيو ۽ پنهنجا ڪپڙا ٺاهيندي گجندي چيائين،

"مان توکي اُڦٽ ماري ڇڏيندس، بيڪار، بدبخت، رنڊي!"

ائين چوندو اُهو شخص ڪمري منجهان نڪري ويو. شاهنواز خوف وچان پنهنجي ماءُ ڏانهن ڏٺو هن جي ماءُ جي واتان رت پيو وهي ۽ هنڌ تي بہ رت جا داغ هئا جيڪي گلابي پوش تي الڳ قسم جي گلن جيان ٿي لڳا. نسيم پنهنجي ٻچي کي ديوانن وانگر سيني سان لڳايو ۽ سوڳهو ڪري ڇڏيو هن جي وات منجهان ڏاڍي ڏکيائيءَ سان پئي آواز نڪتو

" او شاهنواز شاهنواز!"

ٻيو ڏينهن نسيم پنهنجي پٽ سان گذاريو هوءَ هن جي مٿي تي پاڻيءَ جون پٽيون پئي رکي، ٻار کي بخار اچي ورايو هو هن جون اکيون ڏري هڪ هنڌ منجمد ٿي ويون هيون ڄڻ تہ پٿر جون هجن. ماسيون، ڀر واري منڊي... حڪيم منڊي... منجهان ڪجھ عجيب قسم جا ڪک وٺي آيون. خدا جي ٻاجھ ٿي ۽ ٽئين ڏينهن ڇوڪر ٺيڪ ٿي ويو ٻئي ڏينهن کان نسيم جون ناجائز سرگرميون شروع ٿي ويون.



جيئن ئي ٿڌ جي مند پڇاڙي تي پهتي، شاهنواز پنهنجي ڪمري کي ڇڏي ڏنو ۽ سڄو ڏينهن ڇت تي گذارڻ لڳو. ان سيءَ هن جي رت جي دوري کي بہ ڍلو ڪري ڇڏيو جيڪو هاڻي هوريان هوريان موڪلائي رهيو هو گرم گهميل هوائون آسمان ۾ اڄاڻ پيدا پيون ڪن جيڪو گذريل ڪجھ مهينن کان پوري طرح نيرو هو هي اهو وقت هوندو آهي جڏهن زمين جي اندر موجود تپش ٻاهر نڪرندي آهي ۽ لاهورين جي زندگي ۾ خوشي ۽ ساهہ ڦوڪي ڇڏيندي آهي، هيءَ معجزاتي مند آهي، زندگيءَ ڏانهن ٻيهر موٽ جي مُندَ. ان موقعي تي لاهوري بهار جي ڀرين ڏينهن کي ڇتين تي گڏ ٿي بسنت جي ڏڻ طور ملهائيندا آهن، پراڻي مغلن جي لاهور جي ڇتين تي هر هٽ ۾ لغڙ جي ڏوري ڏسجندي آهي ۽ زندگي روان دوان ۽ پنهنجا رنگ وکيريندي پئي آهي.

صبح ويل موذن جي آذان ساڻ چوڌاري پوپٽ پنهنجي رنگن جو مينهن وسائڻ شروع ڪندا هئا، سانجهي تائين لاهور ڪنهن اهڙي وايو منڊل جو ڏيک ڏيندو رهندو هو جتي وک وک تي ڏار ڏار رنگن جون روشنيون پيون اپرنديون هيون. شاهنواز بہ انهن ڏينهن ۾ پنهنجي لغڙ ۾ رڌل رهندو هو هن جي مُک تي گهاٽي سرهائي هوندي هئي، مٿي آسمان ۾ گهڻ رڱا لغڙ پيا اڏندا هئا، جن جا هن نالا رکيا هئا ۽ زور زور سان دانهون ڪندو چوندو هو تہ ڦلاڻو لغڙ سيني منجهان مٿي ٿو اُڏي، لغڙ کُليل هوا ۾ اڏندا پيا هئا، هن جي پرپاسي واريون عورتون بسنت مهل نرالا ڪاڏا پچائينديون هيون، شام جي وقت جڏهن رت جي رنگ جهڙو سج اولهہ ڏانهن لهندو هو ۽ شمعدان روشن ڪرڻ جي مهل ٿيندي هئي تہ مرد هٽن ۾ هٽ بتي (Torch) کنيو ڏسبا هئا.

هزارن جي تعداد ۾ ننڍين ننڍين هٽ بتين جو رخ آسمان ڏانهن هوندو هو ائين پئي لڳندو هو ڄڻ ڪو بحري جهاز آهي، جيڪو نيري سمنڊ ۾ رات جي وقت سفر ۾ هجي.

////////

ڪجھ مهينن کان پوءِ شاهنواز پنهنجي ماءُ جو ڏيان سان مشاهدو ڪرڻ جو هيراڪ ٿي ويو. هن پنهنجي ماءُ ۾ خلاف معمول بدلاءُ محسوس ڪيو. هن جي ماءُ جو پيٽ سراسر سنئون هوندو هو هاڻي ان ۾ چاڙهه محسوس ٿيڻ لڳو هو ڄڻ هن پنهنجي ساڙهي پٺيان ڪو بال لڪايو هجي. جڏهن هوءَ هن کي پاڪر پائيندي هئي ته هو پيٽ جي ان گولائيءَ ۽ چاڙهه کي محسوس ڪندو هو ۽ هن جي اندر ۾ خوف پرجي ويندو هو. هن کي لڳندو هو ته سندس ماءُ به ڪنهن اهڙي بدلاءَ جي مرحلي منجهان گذري پئي جنهن کان پوءِ هن جو پيٽ به انهن ماسين جهڙو ٿي ويندو جن جا پيٽ تمام وڏا ڪنهن ديوَ وانگر لڳندا هئا. هن جي ماءُ پنهنجي ماساتين ساڻ ٻاهر نه ويندي هئي ۽ سمورو وقت هن سان گذارڻ لڳي، هو پنهنجي ماءُ سان ايترو ته خوش هو جو هو ان ٻال کي به پسند ڪرڻ لڳو جيڪو هوريان هوريان پنهنجي ٿوله وڌائي پيو اهو ٻال هن جي نئين زندگي ۾ خوشين جي آمد جو سبب بڻيو. هاڻي ڏينهن توڙي رات هر ويل هن جي ماءُ هن سان گڏ هوندي هئي، ۽ اها خوشي شاهنواز ڪاڻ سيني خوشين کان مٿانهين هئي، هاڻي ته هن کي ان ڳالھ جو به فڪر نه هو پل هن جي ماءُ جو پيٽ ماسين جيان ڇو نه ٿي وڃي، بلڪ حقيقت اها آهي ته جيئن جيئن هن جي ماءُ جو پيٽ وڌي پيو هوءَ هن جي اڃا ويجهو ٿيندي ٿي وئي، هن جو سماءُ ڪرڻ لڳي هئي ۽ هن کي وڏيڪ مٺيون ڏيڻ لڳي هئي. شاهنواز

جي نصيب ۾ اها خوشي آئي هئي جيڪا زندگي جي ڳچ عرصي ۾ هن کي ٻيهر ملڻ واري نہ هئي, بهرحال هن کي مستقبل جي ڳڻتي ڪٿي هئي؟ هو انهن خوشين ۾ الوٽ ۽ مخمور هو جيڪي ان ويل هن جي زندگيءَ ۾ هيون, هو ان واسطي ۽ ان رشتي جي سحر ۾ ورتل هو جيڪو هن لاءِ ابدي هو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ.

هڪ ڏينهن دانهن تي هن جي اک کلي, هن جي ڪمري کي ڪنهن تالو لڳائي هن کي واڙي ڇڏيو هو. ڪمري جي ٻئي حصي ۾ هن کي عورتن جي هلڻ ۽ سُس پُس جا آواز پيا ٻڌجن, هو ڊڪندو دروازي ڏانهن آيو ۽ در کي ٺڪون وهائڻ لڳو ۽ پنهنجي سموري طاقت سان دانهون ڪرڻ لڳو.

”مون کي ٻاهر ڪڍو, امان مون کي ٻاهر اچڻو آهي, امان دروازو کول!“

ڪنهن بہ هن جي دانهن ڏانهن ڌيان نہ ڏنو هو پٽ تي ڪيترا ئي ڪلاڪ اوڪڙو ويهي سڏڪندو رهيو ۽ وري يڪدم هن جي ايذاءَ ۾ تڏهن واڌارو ٿي ويو جڏهن هن پنهنجي ماءُ کي ڪنهن زناور جيان دانهيندي ٻڌو. هن ڪمري کي الڳ ڪندڙ پٽ کي مڪون وهائڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ پوري سَگهَہ سان رڙيون ڪرڻ لڳو هن جي ٻاراڻي سوچ اها هئي تہ ٻئي پاسي هن جي ماءُ جي ڪُوسَ پئي ٿئي, نيٺ جڏهن دروازو کليو تڏهن ڳوڙهن سان تر اکين سان هن پنهنجي ماسات کي ڏٺو جيڪا هن ڏانهن نهاري مرڪي پئي, هن هيٺ نِوڙي هن جو هٿ جهليو ۽ هوري هوري چيائينس,

”اڄ, تنهنجي ماءُ وٽ تولاءِ هڪڙي سوکڙي آهي.“

هُو ذڪ ۾ ورتل پر ان اميد سان مطمعن بہ هو تہ هن جي ماءُ حيات آهي. هو ڪڙو ٿيو ۽ هوريان ان ڪمري ۾ آيو جتي سمورو خاندان گڏ

هو. هن جي ماءُ ڪمري جي وچ ۾ رکيل پلنگ تي ويٺل هئي ۽ ڪيس هٿن ۾ ننڍڙو ٻار هو.

”هي ٻار ڪٿان آيو؟“

هن جي ماءُ ڌيري آواز ۾ چيو

”ويجهو اچ، شاهنواز!“

ماءُ جي سجاڳ ڪان ٻاهر مُک تي پگهر جا ڦڙا هئا. هن جو حسن جهڪو ٿي ويو هو ۽ اندلٽ جهڙا رنگ اڏامي ويا هيس.

”اچ، ويجهو اچ ۽ پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ ليلا کي لاڏ ڪراءِ!“

ڀيڻ؟ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ هو پلنگ جي هڪ ڪنڊ وٽ بيهي رهيو هو ان وقت اچرج جي درياهہ ۾ ٻُڏلُ هو.

پر هن جي ماسين ۽ ماساتين زور آوريءَ سان ننڍڙي کي هن جي آڏو ڪري ڇڏيو ۽ هن کي مٺي ڏيڻ لاءِ لاچار ڪري ڇڏين. شاهنواز کي ڪجھ وقت لڳو ان کي سمجهڻ ۾ تہ ڇا ٿيو هو پر ان واقعي هڪ ڪن ۾ هن جي زندگي مٽائي ڇڏي هئي... چڱو! هن جي ماءُ جي اپريل پيٽ جو اهو سبب هو هوءَ ننڍڙي روئيندڙ... اُئان اُئان ڪندڙ ٻارڙي جنهن جي سمورو خاندان ائين پرستش ڪندو هو ڄڻ تہ هوءَ ڪو خزانو هجي، هر سک جي ڪنجي... ۽ جنهن جي ڪري شاهنواز کي سدائين لاءِ ٿڏيو ويو هو.

ليلا جي ڄمڻ سان ڪوڙ مهينن تائين گهر جو معمول اگتي پوئتي ٿي ويو هو. لاوارث ٻارن جي هن دنيا منجھ هر ناريءَ جو خواب اهو ئي هو تہ هوءَ وڏ ڪان وڏ ڏيئرن کي جنم ڏئي تہ جيئن هنن جي پيشي جي بقا ٿي سگهي، پاڪستان جي ٻين علائقن جي پيٽ ۾ هتي ڇوڪريءَ جي ڄمڻ کي خدا جي خاص نعمت سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪٿي ڪو ڇوڪرو پيدا ٿيندو هو تہ ان جي موت جي ڏک جهڙي

آجيان ڪئي ويندي هئي، ھيءَ اها حقيقت هئي جيڪا شاھنواز ان ويل پروڙي، ۽ هاڻي هن جي اهميت ۾ جيڪا گهٽتائي آئي هئي، اها سدائين رهڻ واري هئي.

ليلا جڏهن ڇئن بهارن کي پڳي تڏهن نسيم هن کي ساڙهي ۽ پدمڙن پيرن ڪاڻ ڇير وٺي ڏني، هن هڪڙو باجي نواز مقرر ڪيو جيڪو باجو وڄائي تہ جيئن ليلا رقص ڪري سگهي. هن جي ماءُ هن سان گڏ ئي رقص ڪندي هئي ۽ ننڍڙي ليلا سُر ۽ لئي تي پنهنجي ماءُ جي آهل ڪندي هئي. ليلا رقص ڪندي ڏاڍي وڻندڙ لڳندي هئي ۽ اهو لڳندو هو تہ هوءَ مستقبل جي بهترين ناچڻي ٿيندي، جهڙي دل کسيندڙ اتڪل سان هوءَ رقص دوران پنهنجو نظرون هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندي هئي. هن طوائفن جي ان خاندان کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هئا ڇاڪاڻ تہ مستقبل جي هڪ باڪمال ناچڻي هاڻي سندن ملڪيت هئي.

شاهنواز ڪنهن ڪنڊ ۾ ويٺو هن کي نچندي ڏسندو هو ۽ سوچيندو هو تہ انهيءَ جي ڪري هن کي ٽڏيو ويو هو ۽ سڀ هن کان ڪراهت ڪرڻ لڳا آهن. هينئر هن جي حياتي نامراد ۽ سُورن سان ٽُپ هئي... ۽ هن جي ڇمار جو ڏهون سال بہ شروع ٿيڻ وارو هو.

2

شاهنواز لاءِ چمار جو ڏهون سال حادثن سان ڀرپور ۽
اڻ وسرندڙ ثابت ٿيو. جڏهن رتو ڇاڻ جي اها آوي
تپي ۽ ڀڙڪي، جنهن ۾ سمورو ملڪ ڀڙڪي پيو 1947ع آگسٽ جي
ان ڏينهن، جنهن مهل انسان پنهنجا حواس وڃائي ويٺو ۽ انسانيت
جي عظيم رتبي تان پاڻ کي ڪيرائي ڇڏيائين.

ڀاٽي گيٽ سينما هال ويجهو شديد بم ڌماڪو ٿيو جنهن سبب
چوڌاري ٿرٿلو مچي ويو. گهر ڏڏي ويا ماڻهو ٻاهر گهٽين ۾ نڪري آيا.
شاهنواز به ڪندو گهٽيءَ ۾ آيو ۽ ڀاٽي گيٽ ڏانهن ڊوڙڻ لڳو. جيئن
جيئن هو حادثي واري جاءِ ڏانهن وڌي پيو ته ماڻهن جي پيڙهه ۾ واڌارو
ٿيندو ٿي ويو. ماڻهن جي منهن تي دهشت پنهنجا پير کپائي ڇڏيا هئا،
ائين پيو ڀاسجي ته ماڻهو جڻ ڪنهن عزرائيل سان ملي آيا هجن.
جيئن جيئن هو سينما جي عمارت جي ويجهو ٿيندو ويو ته رستو
سوڙهو ٿيندو ويو ۽ اڳتي وڃڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿيس، عمارت کي وچان
وڏو ڏار پئجي ويو هئو. انساني عضون جا ٽڪرا هيڏانهن هوڏانهن
پکڙيا پيا هئا. خوف وچان هن جا پير زمين تي ڄمي ويا. پوليس ترت
اتي پهچي وئي ۽ انهن ماڻهن کي پوئتي ترڻ لڳي جيڪي گهايلن جي

پرگهور پيا لهن. تانگا جوٽيا ويا تہ جيئن واڊورٿيلن کي شفا خاني (Hospital) پهچائي سگهجي، جڏهن تہ 50 کان وڌيڪ مسلمانن جا لاش اتي پيا هئا جن جي لانڍ رستي جي ٻنهي تي پيل هئي، ماڻهو ان جاءِ تي نعرا پيا هڻن.

”پلاند، پلاند!“

هڪ ڪلاڪ پهرين ان علائقي کان ڪجهہ پريرو 150 هندن کي ڪاٽيءَ سان ڪُهي ماريو ويو هو ۽ انهن جي گهرن کي باهہ ڏني وئي هئي.

بر صغير جو ورهاڱو شروع ٿي ويو هو.

هاڻي پراڻي لاهور جي رهواسين جو سانجهيءَ کان پوءِ گهرن کان ٻاهر نڪرڻ بند ٿي ويو هو ۽ گهرن ۾ واڙجي ويا هئا. ماڻهو ڇتين تي سمهڻ واري پنهنجي آڳاٽي پنجابي روايت بہ تياڳي چڪا هئا تہ نہ چاڻ ڪٿان فسادي اچن ۽ سندن حياتين جو انت آڻي ڇڏين. جڏهن اهي حالتون ڏکئي مرحلي ۾ پڳيون تہ نسيم ۽ هن جي ماساتين ٻاهرين گراهڪن سان ملڻ لاءِ وڃڻ ڇڏي ڏنو. گهر جو اڳيون دروازو ڳچ وزني هو ان کي سانجهي ويل ئي ڪلف لڳايو ويندو هو. جنازن، مصيبتن ۽ ڏکن جي هن لهر ماحول کي دکدائڪ بڻائي ڇڏيو هو. هڪ پاسي 'الله اڪبر، الله اڪبر!' جا نعرا هئا تہ ٻئي پاسي 'ست سري اڪال'جون صدائون. جڏهن تہ رات جو باهہ لڳائڻ وارن واقعن سبب باهہ جا شعلا آسمان ۾ اڏاندا نظر ايندا هئا. شهر ۾ ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو هو ۽ هر پاسي پوليس جا اٿالا ڦرندي نظر ايندا هئا. شاهنواز جي گهري ۽ سڪون ڀري ننڊ اڏامي وئي هئي. ڇاڪاڻ هو جيئن ئي اکيون ٻوٽيندو هو تہ سڙيل جسم ۽ باهہ جا شعلا هن جي اکين آڏو تري ايندا هئا. انساني ڏمر جي رهزن شڪل، انسانن جا ڏڏريل عضوا ۽ انسان

جي اندر ۾ لڪيل بربريت جا نظارا هن ڪي سڪ سان سمهڻ نہ ڏيندا هئا. هُو سڄو ڏينهن پاڻ کان پڇندو رهندو هو تہ.

"ڇا ٿي رهيو آهي؟"

خاندان منجهان ڪنهن بہ هن جي ان سوال تي ڌيان نہ ڏنو هو پنهنجي پريشاني ۾ مبتلا هئا ۽ هنن ڪي ڪا ڳل ئي نہ هئي تہ ملڪ جي اندر ڇا ٿي رهيو آهي؟ آس پاس جا مسئلا انهن لاءِ مٽي جو سور هئا. هنن کي ڪمڙي ضرورت هئي جو هو سياست جي فتني تي سوچن. پر حالتن جيڪو پاسو ورايو هو هاڻي هنن جو بہ ان کان منهن متائڻ اهنجو هو. علحدگي ۽ ورهاڱي جا نعرا. اهي ماڻهو پيا هٽن جيڪي صدين کان گڏ رهندا ٿي آيا. اهي ڳالهيون ٻڌي پين هندوستانين جيان شاهنواز جي گهر جون عورتون بہ حيرت ۾ هيون. هندو مسلمان ۽ سڪ صدين کان گڏ رهندا هئا. هاڻي هن عام ڪوس ڪي ڏسي علائقي جون عورتون حيران هيون تہ هنن ماڻهن ڪي ڇا ٿي ويو آهي؟.... شاهي پاڙو اهڙي جاءِ هو جتي ايتري تائين جو اتي اينڊڙ وينڊڙ انهن انگريزن ڪي بہ وڏي فراخ دلي سان پليڪار ڪيو ويندو هو جيڪي رات جي پيٽ ۾ ناچ ڏسڻ ايندا هئا. هوڏانهن شاهنواز اهو سڀ سمجهڻ جي ڪاوش ۾ رڌل هو. هو ڏهن سالن جي عمر ۾ ئي غلط ۽ صحيح جي تفاوت ڪي سمجهڻ لڳو هو هن جو پوساٽيل ننڍپڻ هن جي ماءُ جي غير موجودگيءَ ناس ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي اڃا بہ منجهيل معاملا هن جي آڏو اچي ويا هئا.

"خدا جي حڪمن ڪي باهہ لڳائي ڇڏي اٿن." پران چوڌري، شاهنواز جي پاڙيسري گهر جو مالڪ واقعن جي تشريح ڪندي اهو چوندو هو.

پران چوڌري هندو واپاري هو جيڪو انهيءَ قلعي واري شهر ۾ پيدا

ٽيو هو جنهن جي ڪوٽ جي اڏاوت مغل بادشاهہ اڪبر ڪرائي هئي. هو ڪڏهن ان قلعي واري شهر کان ٻاهر نہ ويو هو هو ان ڀائيچيءَ جي پڄاڻيءَ ۾ انسانيت جي تذليل جي واقعن تي پڇرندو هوءِ چوندو هو

"انگريزن اسان جي آزاديءَ جو فيصلو ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڏيڻ مقرر ڪيو آهي، نيٺ اها چريائي ڇا لاءِ جڏهن تہ اسين صدين کان گڏ رهندا ٿا اچون؟"

پران جهڙن ماڻهن کي ڪو شبهو نہ هو تہ انهن مڙئي ڊرامائي بدلائن پٺيان انگريزن جو هٿ آهي. ان الف ليلوي بادشاهت جي تخت گاهہ ۾ مسلمان بادشاهن هڪ هزار سال تائين حڪومت ڪئي پر انهن کي هندن کان ڪا بہ اوڪائپ نہ ٿي پر هنن انگريزن جو فضول منطق هو تہ ٻنهين قومن ۾ فرق ايڏو آهي جو سندن گڏجي رهڻ محال ٿيندو. هندستان تي قبضي ڪرڻ کان پوءَ هنن "ورهاست ڪريو ۽ حڪومت ڪيو" واري حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ اها حڪمت عملي هنن جي اميدن کان وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿي. اوڻويهين صديءَ ۾ هنن سکن ۽ هندن جي وچ ۾ دشمني جي باهہ کي هوا ڏني، جنهن جو نتيجو ٻنهين قومن جي ڇڪتاڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ان کان پوءِ هند جي نائب شاهہ (Viceroy) بنگال کي الڳ ڪيو جيڪو اوڀر وارن صوبن ۾ سڀني کان وڏو صوبو هو ۽ جنهن مسلمانن ۽ هندن جا اڪثريتي صوبا قائم ڪري ڇڏيا, جيتوڻيڪ اهو منصوبو ائين بيڪار ويو جو ڇهن سالن کان پوءِ ان جوڙجڪ کي ختم ڪرڻو پئجي ويو، پر ان جو اثر انهن لکين مسلمانن تي ٿيو جن کي هندو ڏڪار منجهان ڏسندا هئا, ان کان پوءِ ٻنهين قومن وچ ۾ اڻبڻت وڌندي وئي، صلح جي ٽَلهن نعرن جي باوجود اهو خال ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهيو.

پران سمورو ڏينهن اخبار پيو پڙهندو هو هن کي لڳي پيو تہ وڏو

ڏيرو اچڻ وارو آهي پر پوءِ به اهو اجايو خيال هن جي ذهن ۾ اٽڪيل هو ته لاهور جو هي ڪوٽ ڏنل قلعو هيٺيڪو رهندو، ۽ اها لُٽ ڦُر ۽ تباهي جنهن سڄي خطي کي آگسٽ 1946ع کان پنهنجي مُٺ ۾ سڪ ڪيو هو هتي پهچي نه سگهندي. مسلمان سموري هندوستان ۾ احتجاج پيا ڪن ته هندن ۽ انگريزن جي ورهاڱي واري رٿا جي خلاف آهن. ورهاڱي جي رٿا تحت هندوستان کي ٻن حصن ۾ ورهائڻو هو. هڪ حصو مسلمانن جو ۽ ٻئي ۾ هندو ۽ سک شامل هوندا. ان بنياد تي ڏيندڙ احتجاجن رتوڇاڻ کي جنم ڏنو مسلمانن هڪ سياسي جماعت جوڙي جنهن جو نالو مسلم ليگ هو ۽ ويساهه ڏنائون ته هو پنهنجي آزاديءَ لاءِ ڪنهن به انت تائين وڃي سگهن ٿا پوءِ ڀل ان لاءِ هنن کي طاقت جو استعمال ئي ڇو نه ڪرڻو پوي.

گانڌي، جنهن کي پيران ۽ ٻيا، هندن جي استحصال خلاف امن جي هٿيار سان وڙهڻ جي ڪري ديوتا مڃندا هئا، ان صورت حال تي ڳڻتي ۾ هئا، هن بنگال جي ڳوٺن جو دلي طور دورو ڪيو جتي مسلمانن... ڪجهه فسادين جي ورغلائڻ سبب ۽ انهن ڪوڙين ڳالهين ٻڌڻ بعد ته ڪهڙيءَ ريت ڪلڪتي ۾ مسلمانن جي آبادين کي تلوارن جي منهن ۾ وڌو ويو... پنهنجي پاڙيسري هندن کي بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏيو انهن جي عورتن جي لڄ لٽيائون، انهن جي گهر جي سُڄ ڪرڻ کان پوءِ سندن جهڳا ساڙيا ويا ۽ هنن کي مقدس ڳئون جو گوشت کائڻ لاءِ مجبور ڪيائون. انهن واقعن ضعيف گانڌيءَ جي ڇيله ڀجي ڇڏي، جيڪو گذريل ٽيهن سالن کان رت جو هڪ به ڦڙو وهائڻ سواءِ جاکوڙي رهيو هو هو اهو سڀ ڏسي دلگير ٿيو ته هن جا ئي ڪجهه دوست ان آويءَ کي دکائڻ پيا سو به ان ويل جڏهن انگريزن جي غلاميءَ وارو پنو لهڻ وارو هو.

رت جي راند لاهور کان سواءِ سموري پنجاب ۾ پکڙجي وئي هئي، پر پوءِ مارچ 1947ع جي هڪ صبح بي شمار هندو ۽ سک ترارون لوڏيندا، انار ڪلي منجهان انبوهه جي شڪل ۾ لنگهيا جيڪي نعرا پيا هڻن،

"پاڪستان مرده باد."

انهن انار ڪلي جي دڪانن تي لڳل مسلم ليگ جي جهنڊن کي به لاهي اڇليو ۽ ساڙي ڇڏيائون، چڪتاڻ وڌي وئي، 6000 گهر ساڙيا ويا ۽ هزارين ماڻهو ماريا ويا. انهن ڏينهن ۾ اخبارن ۾ اها خبر شايع ٿي ته هندوستان جو آخري وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن بر صغير اچي رهيو آهي، جنهن کي برطانيا جي حڪومت بر صغير جي ورهاڱي ۽ ان جي آزاديءَ بابت اُپاءَ وٺي توڙ تائين پهچائڻ جو اختيار ڏنو هو. 3 جون 1947ع جي آزاديءَ واري منصوبي جي اعلان کان پوءِ تشدد جي هڪڙي نئي ڇولي سموري برِ صغير ۾ پکڙجي ٿي وئي، لاهور ويجهو هڪڙي ڳوٺ ۾ 90 نارين مسلمان ٿيڻ جي خوف کان کوهه ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو.

شاهنواز کي پنهنجي مذهب بابت فقط هڪ ڳالهه ئي ياد هئي ته سندس طوهر ٿيل آهي، هن جي ليکي سندس گهر وارن ۽ پاڙيسري هندن ۾ ڪو فرق نه هو اها الڳ ڳالهه آهي ته ٻنهين قومن جا ماڻهو هڪ ئي کوهه منجهان پاڻي نه ڀريندا هئا، نه ئي هڪ جهڙا کاڌا کائيندا هئا، نه ئي انهن وچ ۾ شاديون ٿينديون هيون، پر اهي ڪهڙا سبب هئا جيڪي انهن کي هڪ ٻئي جو ڪٽر دشمن ڪري ٿي سگهيا؟ پر هاڻي ته ڳالهه ورهاڱي تائين وڃي پهتي هئي، ڪجهه ئي ڏينهن ۾ مذهبي جوش جو دٻاءُ ٻيڻو ٿي ويو هو ۽ اها حالت مندر ۽ مسجد ٻنهين جاين تي هڪ جهڙي هئي. گهٽين ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهو هڪ ٻئي

ڏانهن شڪي نهار سان ڏسڻ لڳا. هاڻي ڪو به ڪنهن جو دوست نه هو پر صرف امڪاني دشمن آڏو هئا. شاهنواز پنهنجي گهر جي دريءَ منجهان نوجوانن جي ٽولن کي ڏسندو هو جيڪي سندس گهر جي پنيان گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽ گڏ ٿيندا هئا. اهي نوجوان ڪرفيو نافذ ٿيڻ کان پهرين گڏبا هئا ۽ بلند آواز ۾ هن ريت نعرا لڳائيندا هئا.

"اسان هندن کي وڏي ڇڏيندا سين."

"اسان هندن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا سين."

"اسان هڪ به هندوءَ يا سک جي ٻار کي زنده نه ڇڏيندا سين."

پران ۽ سندس خاندان ڊپ ۾ ورتل هو شاهنواز هاڻي به انهن ساڻ له وچڙ ۾ هو هن کي ان خاندان جي ننڍي ڇوڪري وڻڻ لڳي هئي، ان ڇوڪريءَ کي ڏسي شاهنواز جي دل ڇڙواڳ ٿي ڌڙڪڻ لڳندي هئي. ڇوڪريءَ ليلا جي هم عمر هئي، ۽ ٻنهين ڇوڪرين جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هئي پر هاڻي نسيم ليلا کي منداڪنيءَ سان ڪيڏڻ کان روڪي ڇڏيو هو هوءَ ڇوندي هئي،

"هر ڪو پنهنجي گهر ۾ رهي، اهو ئي بهتر آهي."

شاهنواز هاڻي پنهنجي ماءُ جو ڇيو گهٽ مڃيندو هو جڏهن پنجن سالن جي ڇمار کان هن کي نظرانداز ڪيو ويو ته هن به پنهنجو پاڳ پاڻ ناهڻ جو فيصلو ڪري ورتو هوءَ به شاهنواز هينئر چڱو وڏو ٿي ويو هو. هُو جسماني طرح ڏهن سالن کان گهڻو وڏو لڳندو هو بس پنهنجي منهن منجهان ننڍو ۽ معصوم ڏسبو هو هن جي ڇهري تي سندن ماءُ جهڙي پوررڙائي هوندي هئي، سندس اکيون ڪاريون اکڙ، خماريل ۽ پرون ڊگها ۽ گهاٽا. جيڪي هن جي اکين تي ڇانوبرائي ڪندا هئا. هن وڏا وار ڇڏيا هئا. وار سنئوان هجڻ ڪري هو ساڄي پاسي ڏانهن سينڌ ٺاهيندو هو ۽ هن جا وار مُک مٿان لمندا رهندا هئا.

سندس خيال هو تہ وڏا وار هن جي مردانگي رعب جي عڪاسي ڪن ٿا، هن ڪي اها بہ پڪ ٿي وئي هئي تہ جيڪڏهن هن دنيا ۾ رهڻو آهي تہ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ واجب آهي ۽ حياتيءَ جي واٽن جو تعين پاڻ ڪرڻو آهي.

پران، هن ڪي محمد علي جناح جي باري ۾ بہ ٻڌايو تہ هُو مسلمانن جو عظيم اڳواڻ ٿيڻ گهُري ٿو ۽ هندن کي ڏيڄارڻ چاهي ٿو پران چوندو هو تہ محمد علي جناح جيڪو هڪ وڪيل آهي. سو پنهنجي تقريرن جي بنياد تي گانڌيءَ جهڙي شخصيت ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو هي ڏٻري سڪل منهن وارو شخص جنهن جي چپن تي سدائين هلڪڙي مرڪ رهندي هئي، گهڻو ڪري هيئنءَ چوندو رهندو هو

”يا اسين پارت جو ورهاڱو ڪرائيندا سين نہ تہ ٻي صورت ۾ ان کي ڇٽ ڪري ڇڏينداسين.“

ان ڏٻري شخص جي پختي ارادي نيٺ هن جي ويرين کي جهڪائي ڇڏيو گهڻي ٻڌتر ڪان پوءِ ٻيو ڪوئي اختيار نہ هجڻ سبب هندن ۽ انگريزن مات قبولي، ۽ اولهہ ۽ اوڀر وارن صوبن جو اختيار هن جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيُن. انهن حصن کي نئون نالو ڏنو ويو ’پاڪستان‘ جنهن جو مطلب هو

”پاڪ ماڻهن جي ڌرتي.“

پران هراسيل هو هن کي اهو ڊپ هو تہ هاڻي ڪيس اها جاءِ ڇڏي ڪنهن ٻي جاءِ وڃڻو پوندو جتي هن جو ڪو بہ واقفڪار نہ هوندو. هن کي اهو بہ پتہ هو تہ هن کي ايذاءَ ملندا ۽ هُوان نفرت جو ڪاچ ٿيندو جيڪا انهن ماڻهن جي جهالت سبب وڏي وڻ تي وئي آهي. اندر جو احوال اهو هو تہ هي جيڪو بدلاءُ ٿي رهيو هو ان جي پاڙ پٽڻ ضروري

هئي ان ڪان اڳ جو اها سڀ ڪجھ نابود ڪري ڇڏي، ڇنڻ ۽ پڌري وضاحتن ڪي پڌندي، جيڪي پران شاهنواز جي آڏو ڪندو هو شاهنواز يقين ۽ صاف نيت سان هن کي اعتماد ڏياريندو هو

"اهڙو ڪجھ به نه ٿيندو."

شاهنواز ان گهڙيءَ ۾ بيقرار هو ته جيڪڏهن هي خاندان هتان هليو ويو ته هو ننڍڙي سونهن جي ديوي منداڪنيءَ کي ٻيهر ڪڏهن ڏسي نه سگهندو، هو وڏي يقين سان پران کي چوندو هو

"اسان اوهان جي حفاظت ڪنداسين، مان وچن ڪريان ٿو ته اوهان سان ڪجھ غلط ڪين ٿيندو، اوهان جي پنهنجي گهر منجهان پلا اوهان کي ڪير ڪيندو؟"

مار ڪُٽ، قتلن ۽ انسانيت جي خلاف ڏوهن ۾ واڌارو ايندو ويو.

۽ پوءِ آگسٽ 1947ع اچي ويو هندن ۽ سکن سان جيڪا روش رکي وئي انهيءَ خلاف بغاوت ڪندي هنن مذهبي ۽ پاڪ جاين تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. بادشاهي مسجد جيڪا لاهور جي مسلمانن لاءِ تمام پاڪ ۽ مذهبي جاءِ آهي، سا به هاڻي پلاند جي آويءَ ۾ پچڻ لڳي. ورهاڱي جي ان چريائپ واري عمل بابت پران شاهنواز کي هڪڙو تصو ٻڌايو. هن ٻڌايو ته هندن هڪڙي اشاعتي اداري جي جڳھ کي باھ لڳائي ڇڏي، جتي مسلمانن جو پاڪ ڪتاب قرآن پاڪ شايع ٿيندو هو اها جڳھ هڪ هندو خاندان جي هئي جيڪي اتي ئي رهندا هئا. انهيءَ هندو خاندان جو پُٽ به پاڪ ڪتاب جي سڙڻ واري باھ جي شعلن ۾ سڙي مري ويو پر جڳھ جي ٻاهران بيٺل هندو ۽ مسلمان باھ وسائڻ بجاءِ هڪ ٻئي سان نفرت جو اظهار ڪندا رهيا.

جنهن ڏينهن بر صغير ۾ ان جي ماڻهن جي ورهاڱي جو باقائدي اعلان ٿيو ان ڏينهن به هندو ۽ مسلمان چپ چاپ بيٺي اهي نظارا

ڏسندا رهيا. 14 آگسٽ جي رات لڳ ڀڳ اڌ رات جو جنهن ويل شاهنواز جي سالگرهہ جو ڏينهن پورو ٿيڻ وارو هو ريڊيو تان هي اعلان نشر ٿيو

”آزادي، آزادي، اسين انگريز سامراج جي غلاميءَ کان آزاد آهيون“

هوڏانهن گهٽيءَ منجهان اهو آواز اچڻ لڳو.

”الله اڪبر، الله اڪبر!!“

ٻئي پاسي کان نعرا هئا.

”ست سري اڪال، اسين آزادي نٿا گهُرون، جيئڻ چاهيون ٿا، هيءَ آزادي تہ اسان جو موت آهي.“

سياستدانن جي منشا سان ملندڙ اها آزادي عام عوام لاءِ ڪنهن سانحي کان گهٽ نہ هئي، جناح ۽ نهرو جيان ٻيا سياستدان بہ اهو پيا سمجهن تہ آزادي ۽ ورهاڱي جي هٿرادو سرحدن کان پوءِ ٻنهي قومن جي وچ ۾ موجود نفرت ميسارجي ويندي پر بعد ۾ هو بہ انهيءَ وهڪري ۾ وهڻ لڳا، جنهن ۾ سمورو ملڪ لڙهي پيو. هيڏانهن ٻن نڪور ملڪن جي گاديءَ جا هنڌ دلي ۽ ڪراچي ڪنوار جيان سينگاريا ٿي ويا تہ هوڏانهن لاهور جي گهٽين ۾ ڏوڙ ۽ رت جي راند کيڏي پئي وئي، باقائدا نسل ڪشي جي جنگ جاري هئي. انهن ماڻهن جا ارمان لوڙها ويا، جن کي اميد هئي تہ آزاديءَ کان پوءِ لاهور جهڙي ديومالائي ۽ خوابن جي شهر ۾ سون جون گهٽيون هونديون ۽ کير جا درياهہ وهندا پر جيڪا شيءِ آڌو هئي، اهو رت جو درياهہ هو.

آگسٽ جي پڇاڙيءَ وارا ڏينهن اچي پهتا، پر لاهور جا رهواسي اڃا بہ غير محفوظ هئا. روزمره جي زندگيءَ جو پري پري تائين ڪو ڏس نہ ٿي پيو. لاهور جي قلعي واري شهر ۾ ايترا تہ گهر ساڙيا ويا هئا جو

گهٽين منجهان لنگهه اڙانگو ٿي ويو هو هر پاسي تباهي هئي. رتوڇاڻ هوريان هوريان جهڪي ٿيندي وئي پر لاهور جا سک ۽ هندو اها ڳالهه سمجهي ويا ته 'پاڪ ماڻهن جي ڌرتي' ۾ ان جي دل لاهور ۾ انهن جو رهڻ محال آهي. جيڪو 'خدا جا عاشق' اعلان ڪري رهيا هئا. پران ۽ سندس گهر وارن پنهنجو سامان ٽيلهن ۾ ڀڏو ۽ ڏڪايل دل سان پاڙي وارن کان موڪلائي ڪيائون. پيڙهين کان هلندڙ پران ۽ شاهنواز جي خاندانن وچ وارو تعلق هاڻي ختم ٿي ويو اهي ٻئي خاندان هڪ ٻئي جو ڏاڍو خيال رکندا هئا. توڙي جو ٻنهين خاندانن جي وچ ۾ وهانءَ شادي وارو تعلق ڪڏهن نه رهيو هو پر هر ڏکيءَ ويل ۾ هڪ ٻئي جا هڏڏوکي ٿي رهيا هئا ۽ ٻنهين گهرن ۾ پنهنجائپ جو گهاٽو رشتو هو شاهنواز کي به دلي صدمو رسيو ڇاڪاڻ ته ساماٽيل منداڪني سان شاهنواز جو تعلق دوستيءَ جو ڇيڙو ٽپي محبت جي حد ۾ پُڄي ويو هو شاهنواز جي خوابن جي دنيا جو مرڪزي ڪردار منداڪني هئي ۽ رات جي پهر ۾ جڏهن هُو هن جي قد ڪاٺ کي ذهن ۾ آڻيندو هو ته سندس جسم ۾ ٿرڪڻ لڳندو هو هن جي اندر منجهه طلب جا ڪاريهر ڪر کڻڻ لڳندا هئا، جنهن بعد هو پنهنجي هيٺين ڌڙ کي تيزيءَ سان گدي ساڻ گسائڻ لڳندو هو ايتري تائين جو سندس عضوو تناسل منجهان گرم پاڻياٺ نڪري اچي، جنهن بابت هو پاڻ به نه پيو ڄاڻي ته نيٺ اِها ڇا آهي، هن کي صرف اهو ياد هو ته انهن پهرن ۾ هُو سرور جي چوٽيءَ تي هوندو هو ۽ سندس جسم ۾ ڇوليون پيون چلنديون هيون، جنهن کان پوءِ هُو قرار ۾ ايندو هو ۽ ننڊ جي هنج ۾ سمهي پوندو هو. ويندي ويل پران پنهنجي گهر جون ڪنجيون نسيم جي حوالي ڪيون. ٻين ماڻهن جيان هن کي به اعتماد هو ته ڪجهه ڏينهن ۾ حالتون بهتر ٿي وينديون. حيوانيت جو هي وقت پڄاڻيءَ تي

ڦچندو ۽ هو موٽي ايندا، زندگي ٻيهر پنهنجو سفر جاري ڪري ڇڏيندي.

پر پران چوڏري ٻيهر ڪڏهن به موٽي نه آيو.

////////

سيپٽمبر ۾ به ماحول مرڻين سان ڀريو پيو هو لڳاتار مينهن اُن سبب شهر ٻوڏ جو ڏيک ٿي ڏنو رابطا ڪٽجي ويا، هندوستان ڏانهن ويندڙ ريلن جي رفتار ڍري ٿي وئي هئي، ڀيرين پنڌ ٽولن کي بيمارين اچي ورايو ورهاڱي سبب هڪ ڪروڙ 20 لک ماڻهو بي گهر ٿي ويا، جن منجهان 10 لک موت جو کاڄ بڻجي ويا.

آڪٽوبر ۾ ٿڌڙي هوا گهلڻ شروع ٿي، ڇڪتاڻ به گهٽجي وئي پر لڏ پلاڻ جاري هئي، پاڪستان جا مهاجر جيڪي مهاجر ڪئمپن ۾ ترسيا انهن لاءِ اها زندگي ڪنهن ڀوائتي خواب جيان هئي جيڪا سموري حياتي انهن سان گڏ رهي. سواءِ ڪنهن مهلت جي ٻنهين ملڪن ڏانهن ريلون اينديون وينديون رهيون، پيڙا، ڳٽتي، مڙهه ۽ بيماريون ستي هڪ ٻئي جي حدن ۾ داخل ٿين پيون، امرتسر کان گُدي ڀرجي آيل ريلون لاهور اچي رهيون هيون، هڪ سمنڊ هو ڀارتي مسلمانن جو جنهن جو وهڪرو پاڪستان ڏانهن ٿي آيو ماڻهن جي منهن مان ٽڪ نظر ٿي آيو نئين زندگيءَ جو آغاز ڪرڻ لاءِ هنن وٽ ڪجھ به ڪين هو شاهنواز پسگردائيءَ ۾ گهمندو ڦرندو انهن ماڻهون کي ڏسندو رهيو.

هڪ ڏهاڙي نسيم هڪڙي ڪٽنب کي بي يارو مددگار حال ۾ ڏٺو ان ڪٽنب جا ٻه ٻار ڏاڍي خراب حالت ۾ هئا، انهن جي ماءُ کي ڏسي لڳي پيو ته چڻ مري ويندي. اُهي دڳ جي وچ ۾ پيل گند جي ڍير تي

اڏ مٿل حالت ۾ پيا هئا. هلڻ جي حاجت نه هين نه اٿڻ جي سگهه. نسيم انهن کي ڪجهه ڏينهن لاءِ پران جي گهر ترسڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، پر ان کان اڳ هن انهن کان وچن ورتو ته جڏهن پران موٽي ايندو ته هو اهو گهر خالي ڪري ڏيندا. گهر جي سربراهه نسيم جا ٽورا مجيندي سندس هٿ چميو اهو خاندان گڏريل ڪيترن ڏينهن کان پيرين پنڌ ڪري رهيو هو. ان کان اڳ هنن ماڻهن ڳتيل ريل ۾ سفر ڪيو هو جتي ماڻهو هڪ ٻئي کي پيهين رهيا هئا.

ريلن جي حالت اها هئي جو ٻار ساهه ٻوساتجڻ ڪري مرن پيا ۽ ماڻهو بينچ تي ويهڻ لاءِ هڪ ٻئي کي قتل پيا ڪن. هنن وٽ کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهه به نه هو. هڪ پيرو جيڪو ريل ۾ چڙهيو ان لاءِ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ يا غسلخاني ڏانهن وڃڻ جو به وارو نه هوندو هو. ماڻهو هڪ جاءِ تي ويٺي ويٺي ئي پنهنجون سلوارون پيا وڃائيندا هئا. ريل جڏهن هلڻ شروع ڪندي هئي ته گاڏا ڪاڪوس ۽ پيشاب جي ڏپ سان ڍاپجي ويندا هئا. مصطفي ۽ عائشه جو تعلق گجرات سان هو اها ڌرتي جتي گانڌيءَ پنهنجا شروعاتي ڏينهن گهاريا هئا. گهر ياتين کي اجا تائين ويساهه نه ٿي ٿيو ته جنهن ماڻهوءَ کي هو هندو نه هجڻ جي باوجود پوڄيندا رهندا هئا ان ماڻهوءَ کهڙيءَ ريت پنهنجي پاڙيسرين کي ملڪ بدر ٿيڻ واري فيصلي کي قبول ڪيو ويو هو. وڏي ڳالهه ته هو صدين کان اتي رهندا ٿي آيا پر صرف ان ڪري جو هڪ ٻئي مذهب جا پيروڪار آهن انهن کي ڏاڍو ڏک پهتو مصطفي پنهنجا ماءُ پيءُ به پوئتي ڇڏي آيو هو چو ته اهي هلڻ ۽ هجرت جهڙا نه هئا. چاڪاڻ ته هندن جي بربريت سبب انهن جا هڏا ائين ٽٽا هئا جيئن ڪوڙڻ ٽٽندو هجي، هو انهن مڙني عورتن لاءِ به افسوس ۾ هئا جن کي سندن خاندان وارن پنهنجي لڄ بچائڻ لاءِ پنهنجن هٿن سان

قتل ڪري ڇڏيو هزارين شهيدن جا ڏڙ پنهنجي مذهب جي دفاع ۾ سسي ڪان ڏار ٿيا. هو انهن مردن جي لاءِ بہ سوڳوار ٿيو جن کي ناجائز نسل پيدا ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ خصي ڪيو ويو. آخر ۾ نسيم ۽ سندس ماساتين پاران ان خاندان جي جياپي لاءِ جيڪي جتن ڪيا ويا، ان تي ان سموري ڪٿنب جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون...

مصطفيٰ کي بہ ٻار هئا، هڪڙو ڇوڪرو هڪڙي ڇوڪري جن جا نالا عمر ۽ ثنا هئا، شاهنواز انهن ٻارن جي اکين ۾ تري آيل روشنيءَ کي ڏسي وائڙو ٿي ويو جڏهن هنن کي خبر پئي تہ سندن پُڇان پريو سفر توڙ پهچي چڪو آهي، اهي ٻار هتان جي ٻارن کان مختلف نہ هئا جيتوڻيڪ سفر جي سختيءَ کين لاغرض بڻائي ڇڏيو هو. هنن جي دماغ ۾ بہ ڪيچل پريل هئي، هُو کيڏڻ، خوش ٿيڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ چاهن پيا، هُو شاهنواز جا نوان ساٿي بڻجي ويا.

3

ورهاڱي کان پوءِ هڪ سال اندر محمد علي جناح ٽي بي سبب وفات ڪري ويو ۽ هو نئين قوم جي واڳ ويجهه نہ ڏسي سگهيو. ٽن سالن بعد ملڪ جي وزير اعظم لياقت علي خان کي بہ گولي هڻي ماريو ويو. انهن ٻنهين حادثن نئين قوم لاءِ ڏاڍيون ڏکيائيون پيدا ڪري ڇڏيون. شروع کان غير مستحڪم پاڪستان ۾ ٽرٽلو مچي ويو ۽ هوريان هوريان موت ڏانهن وڌڻ لڳو. شاهنواز 13 سالن جو ٿي ويو هُن ورهاڱي واري حادثي دوران جيڪا رت جي راند ڏٺي، انهيءَ هن جو حياتيءَ تي ويساهہ پورا ڪري ڇڏيو هاڻي هُو گهر کان ٻاهر گهٽ ويندو هو.

هن کي ان ڳالهہ جي ڄڻتي هئي تہ هاڻي هي لاهور پنجاب جي دل ناهي رهيو جيڪو پنهنجي زرخيري ڪري سموري بر صغير ۾ مقبول هو. هو ان ڳالهہ کان بہ اڻ واقف هو تہ انهيءَ زوال جا اصل ڪارڻ اهي ئي هئا جن پاڪستان ۽ هندوستان وچ ۾ رتوڇاڻ جي ليڪ اُڪري هئي، شاهنواز جي يادگيرين ۾ سر سيرل ريڊڪلف جهڙن ماڻهن اهو زهر پريو هو. شاهنواز کي تہ اهو بہ علم نہ هو تہ ڪنهن زماني ۾ لاهور عظيم مغلن جو رومانوي ۽ الف ليلوي شهر هوندو هو پر هن کي اها

چاڻ هئي تہ هن شهر کي ڦريو ويو هو هن شهر جو حسن جيڪو ان جي زينت هو.

گهڻو ڪري جيڪي گهر ۽ جايون پراڻي شهر جي سونهن هئا، سڙي رَکُ ٿي ويا هئا، اهي ڪنڊر شاهنواز جي هانوَ کي وڍ پيا ڏيندا هئا، جڏهن اهي گهر ٻيهر جڙيا تہ نون مالڪن انهن کي پختو ۽ پيسي جي اُٽاٽ سبب انهن کي ڪاٺ جي جاءِ تي گچ (Cement) ۽ ريتي سان ٺهرايو. مغل دور جي اڏاوت جي طريقي واري سونهن، صفائي، ڪاريگري ۽ اخلاقي قدر هوريان هوريان ڏنڊلا ٿيندا ويا.

جيڪي ماڻهو ورهاڱي کان پوءِ پارت منجهان هتي آيا انهن کي هتان جي پوشاڪ ڏاڍي عجيب لڳي، آزاديءَ کان پوءِ حڪومت سڀ کان اول جيڪو ڪم ڪرڻ لازمي ۽ اٽل سمجهيو ۽ بنا ڪنهن ويرم جي ان کي رائج بہ ڪيو ويو. اهو هي هو تہ مملڪت کي اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو نالو ڏنو ويو ساڙهي کي ناپاڪ ۽ غير اسلامي لباس قرار ڏئي ختم ڪيو ويو ڇو جو ان منجهان نارين جي بخملي چيلھ ليئا پائيندي رهندي هئي.

عورتن جي عزت جي نالي تي لڳ ڀڳ ان لباس تي بندش پئجي وئي، عورت ۽ مرد ٻئي هتان جي عام رواجي پوشاڪ سلوار قميص پهرڻ لاءِ لاچار ٿي پيا، پوشاڪ گهرگهلي ۽ ڍري هوندي هئي، سلوار ڪليل پاجامي وانگر هوندي هئي جيڪا ٽِڙين تائين ايندي سوڙهي ٿي ويندي هئي، ان مٿان عورتن کي برقعو پارايو ويو جنهن ڪري قد ڪاٺ ۽ جسماني اڏاوت سڀ ڍڪجي ويا. عورتن جي پوشاڪ جو ضروري حصو پوتي جو بہ ظهور ٿي ويو جنهن بعد اهي عورتون بي بي مريم جي هڪ تصوير (Madonna) جهڙيون ٿي لڳيون، پر نسيم کي اهو لباس بلڪل بہ سٺو نہ لڳو ڇاڪاڻ تہ ان سان سندس سونهن

۽ اُپاميل جسم پوري طرح ڍڪجي ويا هئا. ايتري تائين جو پاڙي ۾ روب به ختم ۽ بيڪار ٿي ويو هو.

هڪ ناچڻيءَ کي لباس جي اها تبديلي ڳري پلئه پئي، جنهن کي هر شام سونهن ۽ سوپيا جو مظهر هجڻ جي ضرورت هئي. ان ڳالهه جي وڌ ۾ وڌ خوشي انار ڪلي بازار جي دڪاندارن کي ٿي جيڪي جوش وچان پيا پنهنجا هٿ مهٽيندا ها. پوشاڪ ۾ ڦيرو ته ٻين تبديلين جي ڀيٽ ۾ ڪجهه به نه ٿي لڳو جيڪي ملڪ ۾ اسلام جي اچڻ سان گڏوگڏ معاشري ۾ گهر ڪنديون ويون. جسم فروشي کي گناهه ڪبيره چئي ڪري غير اسلامي ۽ غير قانوني قرار ڏنو ويو. ان عمل پراڻي لاهور مٿان ڳوڙها اٿر ڇڏيا. ڏئي وٺي به ناچ جي مهلت ملي ۽ ڪجهه موسيقار ساڻ کڻڻ جي منظوري ملي. ٻين وهنوارن ۾ طوائفن کي تمام گهڻي هوشياريءَ سان ڪم وٺڻ لاءِ لاچار ڪيو ويو.

////////

شاهنواز اسڪول جو منهن هينئر تائين نه ڏسي سگهيو هاڻي هو پنهنجي جوان وجود جي بقا لاءِ اهو سڀ ڪرڻ لڳو جيڪو شاهي پاڙي جي انهن ڇوڪرن جو نصيب هو مطلب ته سڄو ڏينهن گهٽين ۾ رولاڪي... سماج جي ڏتڙيل طبقي جو هڪڙو اهڙو مهرو جيڪو سنيگاريل بازار منجهه ڪا به ٻما نه لهي، هو جنهن علائقي جو رهواسي هو ان جي خاص سڃاڻپ هئي... هيرامنڊي، شاهي پاڙو، بازار حسن... رات جي پهر ۾ هن پاڙي جي پاسن کان سُست ۽ مخمور سُس پُس ٻڌڻ ۾ ايندي آهي، ڏينهن ۾ هتان جو ماحول الڳ ٿئي ٿو. شاهنواز کي خبر پئي ته هن علائقي ۾ چار گهٽيون اهڙيون آهن جن جي گهرن جون دريون سڄ جي روشني ۾ بند رهنديون آهن، صبح جي پهرين پهر بقايا

شهر ۾ گوڙ گهمسان، رنگن جو وسڪارو، اچ وڃ، هجومن جا ميڙ هوندا هئا پر هن علائقي ۾ ان وقت ماٺار رهندي هئي. هوريان هوريان ڪيس ڪل پوڻ لڳي تہ ان علائقي ۾ سندس گهر جي عورتن جي وچ ۾ ڪو ڳانڍاپو موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس گهر جون عورتون بہ سڄو ڏينهن ستيون پيون هونديون هيون ۽ ڇوڪرو هجڻ ڪري هن کي ان ڳالھ جي اجازت نہ هوندي هئي تہ هو رات جو ٻاهر وڃي هوئين بہ هن کي رات جي پهر ڪيڏانهن وڃڻ جي گهُرج نہ پوندي هئي، ان هوندي بہ هوريان هوريان پنهنجي خاندان جي سرگرمين بابت سندس تجسس وڌڻ لڳو هن کي فطري طور ائين لڳو تہ هن کي پنهنجو پاڻ عورتن جي انهن ڳجهين سرگرمين کان پري رکڻ گهُرجي. عورتون پنهنجون ڳجهيون ڳالهيون هڪ ٻئي سان سُس پُس ڪري اوريندڀون هيون، حادثن سان پريل هر نئين رات بابت هڪ ٻئي کي تسلي ڏينديون هيون، هڪ ٻئي کي آٿتون ڏينديون هيون، اهي هڙئي عمل شاهنواز کي سدائين منجهائي ڇڏيندا هئا ۽ هو سڪون سان سمهي ڪين سگهندو هو.

جيئن جيئن هن جو تجسس وڌندو ويو هو پنهنجي اندر ۾ ايرندڙ سوالن جا تسلي بخش جواب ڳولڻ لاءِ بيقرار ٿيندو ويو هن جي اندورني ذات ۾ سمجھ کان بالاتر ڦيرا بہ اچڻ لڳا هئا. هن جي جسم ۾ ايندڙ بدلاءُ بہ هن لاءِ حيرت جو سبب هو خاص ڪري سندس عضوو ۾ ايندڙ لڳاتار واڌارو سندس ڌيان جو مرڪز هو هو ان ويل ڏاڍو وائڙو ٿي ويندو هو جنهن وقت هن جي ماءُ نسيم سندس ڀيڻ ليلا کي نانگو ڪري هن جي آڏو تڙ ڪرائيندي هئي ۽ هن جو ڊري عضوي ۾ اهڙي تہ ڇڙواڳ ڇڪ ۽ سختي اچڻ لڳندي هئي... هن کي چٽي طرح ياد آهي تہ ان پيڙا جي شروعات ڪڏهن ٿي هئي... ورهاڱي

واري واقعي کان ڪجھ وقت اڳ ئي اهي بدلاءَ هن ۾ اچڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ گھٽو ڪري اها ڇڪ ان پهر ٿيندي هئي جڏهن رات جو هن جي خوابن ۾ سندس خوابن جي راڻي منداڪني ايندي هئي، شاهنواز اجا بہ گھڻو ڪري منداڪني بابت سوچيندو رهندو هو تہ ڇا لاءِ منداڪني ۽ ان جو ڪٽنب واپس نہ وريو.

پر هوريان هوريان انهن پاڙيسرين جون يادون ڌنڌليون ٿينديون ويون. شاهنواز نئين آيل پاڙيسرين جي ڇوڪريءَ سان دل لائڻ ۽ دوستي رکڻ جا جتن ڪيا پر اهي ڪوششون سجايون نہ ٿيون. هڪ تہ ٿنا اهڙي ڪا سهڻي نہ هئي جيتوڻيڪ شاهنواز سدائين سهڻين عورتن جي وچ ۾ گذاريو هو جن جي ناچ لاءِ دنيا ديواني هئي، ٻيو وري ٿنا تيزفهم بہ نہ هئي، ان لاءِ هن جي محبت ۾ هن جو من نہ اڙيو.

هڪ ڏينهن شاهنواز پنهنجي گھر جي عورتن جو تعاقب ڪرڻ جو پڪ ڪيو هو هر ڳالھ کي پڌري پٽ پروڙڻ پيو چاهي، هو ڄاڻڻ چاهي پيو تہ هو ڪيڏانهن وڃن ٿيون ۽ ڪنهن جي سامهون ناچ ڪن ٿيون، اهو سمورو لڪاءُ ڪهڙيءَ ريت ٿئي ٿو. هن عهد ڪري ڇڏيو تہ هُو اها ڄاڻ حاصل ڪري رهندو تہ نيٺ سندس گھر جون عورتون ڪيڏانهن وينديون آهن؟

هن جيڪو ڪجھ ڏٺو ان تي هو حيران هو اهو سڀ تمام عجيب هو. چار خاموش بتيون هن جي گھر پٺيان ائين روشن ٿيون جڻ عيد هجي پر اهو عيد جو موقعو نہ هو ميرانجهڙين اليڪٽرڪ بتين لالٽين جي جاءِ والاري ورتي هئي، انهن جي روشني تمام گھٽي ۽ اهڙي غير معمولي هئي جيڪا شاهنواز جي اکين پهريان ڪڏهن نہ ڏٺي هئي. تقريبن رات جي ٻارنهن وڳي مردن جو انبوهہ هٿن ۾ هٿ ڏيون ملاقات وارن ڪمرن ڏانهن اکيون کپايون ٿي آيو جيڪي گھٽي جي

هن پر ۾ ٻئي پاسي موجود هئا. جڏهن هڪڙو گراهڪ اندر ويو ته در دريون بند ٿي ويون، ٻاهر ٿورو پرڀرو ڪٺمڙن ۾ هلڪي روشني واري بتين هيٺان چوڪريون بيٺل نظر آيون. ماٺهن جي ميڙ جو آواز ۽ طبلي جي تال جا آواز هڪ ٻئي سان ملي ٿي ويا.

ان تجسس پري ڳولا ۾ هن جيڪو ڪجھ ڏٺو انهيءَ ڪيس وائڙو ڪري ڇڏيو. وڏي بي حيائيءَ وارو منظر سندس آڏو هو هن جون اکيون حيرت وچان ڦاٽي ويون. ڏسندي ئي ڏسندي شاهنواز انبوھ جو حصو بڻجي ويو پر هجوم ۾ هجڻ باوجود بہ هو اها ڪوشش ڪري رهيو هو تہ پنهنجي ماءُ تي هن جي نظر هجي. هن ڏٺو سندس ماءُ هڪڙي جڳھ ۾ اندر هلي وئي، هو لڪي ڇپي ان جاءِ جي ويجهو پهتو هن ڏٺو سندس ماءُ ٻن موسيقارن سان هڪڙي ڪمري ۾ اندر هلي وئي، موسيقارن منجهان هڪ مصطفي هو جنهن ڪي ان جاءِ تي ڏسي شاهنواز دنگ رهجي ويو مصطفي هارمونيم وڄائي پيو ٻيو موسيقار هڪڙو ٺلهو ۽ بي ڊولو شخص هو جنهن جي مٿي تي مڙئي وار هئا جن ڪي هن بي ڍنگي نموني مٿي تي چمبڙائي رکيو هو. هن جي هڪڙي ماسي بہ اچي انهن سان گڏ ٿي، هن جي ماسي گوشت جو غير متوازن جبل هئي جيڪا ننڍڙي ميز پٺيان ويهي پان پئي ٺاهي، پان ڪاٺڻ ڪري سندس وات اندران ڳاڙهو هو ۽ هر هر ٿُڪ ٿُڪ پئي ڪندي هئي، چانديءَ جو ٿُڪدان هن جي ويجهو رکيل هو جنهن ۾ ٿوري ٿوري ويرم بعد هوءَ نوڙي ۾ ٿڪ اڇلي پئي.

اڃا سمورو ٿولو ويٺو ئي مَس هو تہ هڪڙو شخص اندر داخل ٿيو.... شاهنواز کي خبر ئي نہ پئي تہ ڪنهن مهل هو هجوم منجهان نڪري اتي اچي پهتو ان شخص جي پٺيءَ شاهنواز ڏانهن هئي، هن جو جسم ڀريل هو ۽ هو اُتم قسم جي ڪپڙي منجهان ٺهيل سلوار ۾

تميص پهريل هو. جهڙي ريت هو سڌو سنواٽو اندر آيو ۽ سيئي هن سان مليا ان منجهان لڳي پيو ته هو انهن لاءِ ڪو اوپرو نه هو اتي ٽينڊڙ هر ڪم ڪي شاهنواز ڏيان سان ڏسي پيو شاهنواز جي ماسيءَ نئين آيل مهمان ڪي سينگاريل وهاٽن تي اچي ويهڻ جو اشارو ڏنو ۽ موسيقارن کي در دريون بند ڪرڻ جو چيائين. ان کان اڳ جو دروازو صفا بند ٿئي ها, شاهنواز معتبر مهمان جو منهن ڏسي ورتو هو اهو ئي شخص هو جنهن جي مار کان هن پنهنجي ماءُ کي پنجن سالن جي ڄمار ۾ بچائڻ لاءِ مدد ڪئي هئي. ايترن سالن کان پوءِ اهو شخص هتي ڇا پيو ڪري؟ هو ڪاوڙ منجهان ان جاءِ تان اٿيو جتي هو چپ هنيو ويٺو هو ڇاڪاڻ ته هاٽي هو اندر هلندڙ سرگرمين کي نه ٿي ڏسي سگهيو هاٽي موسيقارن جي موسيقي وارن ڪَلَنُ جو آواز هن تائين پهچي پيو جيڪو هوريان هوريان بي ترتيبي سان لئي ۽ سُرَ ڏانهن وڌي رهيو هو. ان کان پوءِ هن هڪڙي ناريءَ جو آواز ٻڌو, مٺو ۽ سريلو ناريءَ سُر لڳائڻ لاءِ وڌو ساهه کنيو تمام ٿڌن سازن وچ مان ايندڙ اهو عورتاڻو آواز وڌندو ويو ۽ انتهائي ترنم واري گيت ۾ منتجڻ لڳو اهو نسيم جو آواز هو. شاهنواز جي ماءُ گيت پئي ڳائي, زندگي ۾ پهريون ڀيرو هن پنهنجي ماءُ جو آواز ٻڌو هو تمام سريلو تمام مٺو ڄڻ ته جنت جي حور پئي ڳائي.

انهيءَ رات پنهنجي ڪمري ۾ بيقراريءَ وچان ڦرندي ڦرندي هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته جنهن شخص هن جي ماءُ کي مار ڏني هئي سندس ماءُ جو ان شخص سان پيار ڪري ٿي.

///////

ليلا جو يارهون جنم ڏهاڙو وڏي زور شور سان ملهايو ويو نسيم

ليلا سان گڏ وينئي هئي ۽ ڏاڍي خوش پئي نظر آئي. راڳ اُچارو موسيقار ۽ درزي ڪيترن ئي ڏينهن کان گهر جا لاڳيتا ڦيرا لڳائيندا رهيا. عمارت جي سيني طبقن کي هن جي ماساتين گلن ۽ گلن جي هارن سان سجايو سموري گهر ۾ سهڻو واس ۽ اگر بتيون ٻاريون ويون.

ان وڏي خوشيءَ واري ڏينهن نسيم صبح جي ويل اُٿي. رواج مطابق هن کي پنهنجي ڏيءَ کي سينگارڻو هو پهرين هن کيس سڄو پاڻي سان چڱو وهنجاريو تہ جيئن هوءَ پاڪ ٿي وڃي پوءِ هن جي جوان بدن تي عطر لڳايا ويا. ليلا ڪجهہ دير پنهنجي ماءُ جي ڪمري ۾ وينئي هئي جتي سندس ماءُ پنهنجي پيشي ۾ پيش ايندڙ تڪليفون ۽ هلاڪيون هن کي سمجهائي رهي هئي. ليلا جي مستقبل جو باقائده آغاز ٿيڻ وارو هو نسيم پنهنجي ڏيءَ کي ان منزل تي پهچائڻ لاءِ انهن مڙني سالن ۾ شاهنواز کي نظر ۾ نہ رکيو نہ هن کي تعليم ڏيارڻيائين. هو ڏڏُ جو ڏڏُ هو.. ۽ اهو سندن خاندان جو رواج هو هن جي ماءُ بہ هن تي ائين پنهنجو وقت وقف ڪيو هو بهرحال شاهنواز ڪنهن کي ڏوراپو ڏئي؟ هن کي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ڪين هئي ڇاڪاڻ تہ جيسين سندس ماءُ هن جي سار سنڀال لهي پئي تيسين هن کي ڪمائڻ جي ڪهرج نہ هئي، ان کان پوءِ هن جي ذميواري ليلا کي سنڀالڻي هئي، پر ان کان پهرين ليلا کي اهي گُر سکڻا هئا. جيڪڏهن هن کي پنهنجي مستقبل کي ڪاميابيءَ سان هيرامنڊي ۾ برقرار رکڻو آهي تہ هن کي طوائفن وارا سليقا ۽ اخلاق سکڻا پوندا جيڪي مغل دور جي روايتن کان هلندا ٿي آيا.

مغلن جي دور ۾ اهي طوائفون تمام لطيف ۽ مهذب ڍنگ سان سينگاريون وينديون هيون. هنن کي بهترين سکيا ڏني ويندي هئي، ادب ۽ شاعريءَ سان واقفيت ڪرائي ويندي هئي تہ جيئن حاڪم

شهزادا انهن عورتن جي سنگت منجهان سرور حاصل ڪري سگهن.

وقت پاسا مٽائي رهيو هو....هاڻي هيرا منڊي ۾ شهزادا نہ پيا اچن پر انهن جي جاءِ ڪجهہ ٻين طبقن وٺي ڇڏي هئي......امير، سياستدان، ڪاروباري ۽ شريف طبقي جا ڪجهہ ٻيا ماڻهو اسلام ۾ اعليٰ تهذيب يافتہ ۽ ادب ۽ فن جا ماهر هاڻي هن هنڌ عورتن جي سنگت جو مزو ماڻڻ لاءِ ايندا هئا. تمام ننڍڙي ڄمار کان ليلا جي ماءُ هن کي سمجهايو هو تہ مرد ڏانهن ڏسي کهڙي ريت مرڪڻو آهي، انهن جي آجيان ڪيئن ڪرڻي آهي، انهن کي دل جاءِ ڪيئن ڏيڻي آهي، پنهنجي سونهن سان هنن کي قابو ڪيئن ڪرڻو آهي، هنن کي لالچائڻو ڪيئن آهي، اکين جا اشارا ۽ ادائون ڪيئن ڪتب آڻڻيون آهن، پنهنجي اخلاق ۽ عقلمنديءَ سان هنن جي دل ڪيئن وندرائڻي آهي؟... اها انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن ڳائڻ ۽ ناچ فرحت ۽ سڪون جو ذريعو هوندا هئا.

نسيم جي گهر ۾ مهمانن جي لاٿ لڳل هئي، ساٿي، سيڻ، رشتيدار پاڙيسري ۽ موسيقار سڀ موجود هئا. نسيم جون ماساتيون مهمانن جي خدمت ۾ رڌل هيون، گهر جي ويجهو گهٽي جي ڪنڊ وٽ شاميانو لڳايو ويو هو جتي سڀ ماڻهو گڏ ٿيل هئا، ان وڏي شامياني ۾ جيڪو ڪنهن خاص گڏجاڻيءَ وقت لڳايو ويندو هو. ڪجهہ مهمان ڪرسين تي ويٺل هئا تہ ڪجهہ پٽ تي وڇايل بهترين قالينن تي وڏن وهاڻن سان ٽيڪ لڳايون ويٺا هئا، هڙئي مهمان سوکڙيون ۽ گلاب کڻي آيا هئا، سينئي مهمانن کي رسمي کاڌا کارايا ويا، ڪباب، پلاءُ، گوشت واري برياني..... ۽ جيڪو کاڌو بچيو اهو فقيرن ۾ ورهايو ويو جيڪي شاميانې جي مهڙ واري دروازي تي اڳ ۾ ئي پتنگن جيان گڏ ٿيا ويٺا هئا. اسٽيج کي اڇي ڪپڙي سان سجايو ويو هو جتي هاڻي موسيقار

ويھي رھيا ھئا. ھڪ تہ ساھہ نپوڙيندڙ گرمي ۽ ٻيو سندر ۽ سائي تڙپيل
تاري ليلا جو انتظار ٻنهين ملي ماحول کي ويتر گرم بڻائي ڇڏيو ٿيٺ
ھوءَ چنڊ جھڙي پيشانيءَ واري ليلا ظاهر ٿي، پنهنجي خاندان جي
عورتن جي وچ ۾ نخري سان هلندي اسٽيج تي پهتي، جنهن وقت
سيئي اسٽيج تي پهتا تہ عورتون هوريان هوريان ان ٻارڙيءَ جي پاسي
منجهان پري ٿي ويون جيڪو ان ڳالھ جو اعلان ھو تہ ليلا جوان ٿي
وئي آھي. ھن جي سونهن کي ڏسي پهرين تہ هجوم ۾ سانت ٿي وئي،
۽ پوءِ ساراھہ ڀريا جملا سُس پُس جي شڪل ۾ گونجندي ڪپڙي جي
انهن ڇتين ۽ ڀتين کان ٻاھر ٻڌجڻ لڳا.

ليلا سجاٽپ کان ٻاھر ھئي، ھن جي پوشاڪ مغل راڻين جھڙي
ھئي، ڏگھو ڳاڙھو ريشمي وڳو سونھري رومال، ڇاري وارو بخمل جو
نقاب جيڪو سندس وارن منجهان گذري ھن جي ڪلهن تائين ٿي
آيو ھن جو مھانڊو فلم جي ڪنهن اداڪارڻ جيان سينگاريل ھو....
ڳاڙھو منهن، اکين ۾ ڪجل ۽ نڪ ۾ سون جي نٿ.

جيتوڻيڪ ھڏڪاٽ ۾ ھوءَ ننڍڙي ھئي پر ڏسڻ ۾ ويهن سالن جي
پئي لڳي، موسيقارن ليلا جي اسٽيج تي ايندي ئي ساز وڄائڻ شروع
ڪري ڏنا ھئا، گھبرايل ليلا اسٽيج تي اچي گوڏن ڀر ويھي رھي ۽
پنهنجا ھٿ پڪي جي پرن جيان پنهنجي مک آڏو آڻي کولي ٿي ڇڏيا.
ھن جي پُر ڪيف اکين ھورڙيان ھيڏانهن ھوڏانهن ويڙل ماڻھن کي
ڏٺو ھن جي نهار ۾ لالچ ۽ ناز سمايل ھئا. ھن جي اکين ۾ ھاٺي ڪو
الڪو ھو نہ ئي ڪو فڪر.... دھشت سبب ٿوري گھبرايل ھئي
ڇاڪاڻ تہ ھڪ ننڍڙي مکڙي نسرڻ واري ھئي، ھوءَ اٿي ۽ موسيقارن
ڏانهن وڌي وئي، پوءِ پنهنجون ٻانهون پکيڙيائين ۽ باقائده ناچ جي دنيا
۾ پهريون پير پاتائين. گنگھرن سان جڪڙيل سندس پير ٿڙڪڻ لڳا.

هيرامنڊيءِ ۾ ڇوڪريءَ منجهان عورت ٿيڻ جي اها رسم هئي، جنهن کي مقامي عورتون ’نٿ لاهڻ جي رسم‘ سڏينديون آهن.

نٿ ڪنوارپ جو اهڃاڻ سمجهي ويندي آهي، ۽ اڄ اها نٿ اهو شخص لاهيندو جيڪو سڀ کان گهڻو اگهه لڳائيندو... ليلا جي ڪنوارپ جي قيمت... اهڙيءَ ريت هيرامنڊيءَ جي هڪ ٻي ڇوڪريءَ جو مستقبل باقائدي شروع ٿيڻو هو.

ان سموري ڏمچر کان شاهنواز کي پري رکيو ويو هو سچ تہ اهو آهي تہ ڪنهن کي بہ هن جو خيال نہ آيو هو عام مهمانن جيان هجوم ۾ ان سموريءَ سرگرميءَ کي ڏسي رهيو هو هو ان پارٽيءَ جي سونهن ڏسي وائڙو ٿي ويو هو. جنهن سان هن سمورو وقت گذاريو هو. جنهن کي هن ڪڏهن بہ پيڻ جي حيثيت سان نہ ڏٺو هو هو قدرت جي ان خوبرو ڪاريگريءَ کي پيڻ ڪري ڏسڻ بہ نہ پيو چاهي. هيءَ اسرندڙ جواني جيڪا اڄا عورت ۽ ساماٽيءَ جي وچ واري ڏاڪي تي بيٺل آهي، جنهن جي مضبوط ڇاتي شاهنواز جي خاص عضويءِ ۾ جنبش پيدا ڪندي هئي ۽ جيڪا اڄ رات ڪنهن غير مرد جي بستري جو سينگار بڻجڻ واري هئي.

ان رات شاميانيءِ ۾ مردن جو ڪجهہ تعداد موجود هو جيڪي ليلا جو سڀ کان گهڻو اگهه لڳائي اڳ ٿيڻ چاهين پيا. رسم موجب اسٽيج جي هڪ پاسي ڇوڪري ناچ ۾ وچايل هئي تہ ٻئي پاسي هن جي ماءُ تماشائين سان ڇوڪريءَ جي پهرين همبستريءَ جو ملهہ مقرر ڪري سودو پڪي طئي ڪري. شاهنواز ڪروڌ ۽ اچرج جي سمنڊ ۾ غرق هو ڇاڪاڻ تہ ان رات دعوت جي پڄاڻيءَ تي جيڪو شخص ليلا کي پاڻ سان وٺي ويو اهو ساڳيو ئي شخص هو جنهن ننڍپڻ ۾ سندس ماءُ کي سٿيو هو.



ان رات هيرامنڊي جو جادو شاهنواز مٿان حاوي ٿي ويو هاڻ هو ان دنيا کان پري نہ ٿي رهي سگهيو هو مصطفي جي پٽ عمر سان گڏ سڄو ڏينهن هيرا منڊي جي گهٽين ۾ رلڻ لڳو ٻئي ڇوڪرا لڳ ڀڳ هم عمر هئا ۽ ان وقت دوست بڻجي ويا هئا جڏهن نوان پاڙيسري پراڻي پاڙيسري پران جي سُڃي گهر ۾ اچي آباد ٿيا هئا. ڪافي مدت تائين عمر کي اها خبر پئجي نہ سگهي تہ شام ويل سندس پيءُ ڪيڏانهن ويندو آهي، ان ڳجھ جي پروڙ هن کي ان رات پئي جڏهن شاهنواز هن کي پاڻ سان وٺي ويو ۽ هن کي ٻڌايائين تہ شام جو هن جو والد هر روز ڪيڏانهن ويندو آهي، عمر کي پنهنجي پيءُ کي ان حالت ۾ ڏسي صدمو ٿيڻ بجاءِ خوشي ٿي، هو پنهنجي پيءُ کي ان دل لبائيندڙ دنيا ۾ ڏسي فرحت ۾ هو ڇاڪاڻ تہ هن کي انديا جا اهي ڏينهن چڱي ريت ياد هئا جڏهن سندس پيءُ جو واحد جنون، ڇڙو شوق هڪ هارمونيم هو. جڏهن سندس پيءُ ٿڪو ٽٽو سموري ڏينهن جي ٿڪاوٽ، ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ۽ ڪاروباري زندگي جي بيزاري ساڻ ڪيون گهر پهچدو هو تہ پوءِ هارمونيم ڪڻندو هو ۽ ڪنهن ٻي دنيا ۾ هليو ويندو هو سيني ڏکن، تڪليفن ۽ ٿڪاوٽن کان بي نياز ٿي ويندو هو. هارمونيم وڄائڻ ويل هو پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيندو هو ۽ مستيءَ واري ڪيفيت ۾ اهڙي دنيا ۾ وڃائجي ويندو هو جتي ڪا اک هن کي پسي نہ سگهندي هئي. مصطفي جي مڙئي مال ملڪيت ۾ هارمونيم بہ شامل هو جيڪو هو پارت منجهان ڪٽي آيو هو مصطفي کي جڏهن نسيم هارمونيم وڄائيندي ڏٺو تہ هوءَ واڻڙي ٿي وئي، اندبيا ڏانهن ويل موسيقار جي جاءِ ان وقت خالي هئي تنهن ڪري نسيم ترت ئي هن کي موسيقار جي نوڪريءَ جي آڇ

ڪئي. مصطفي ڪاڻ اهو خدا جو خاص اجر هو ڇاڪاڻ تہ هن ڪي ڪائي ڳالهہ نہ هئي تہ هن کي هتي پنهنجي خاندان جي گذر سفر لاءِ ڪمڙو ڪم ڪرڻو پوندو. هو ان ملوڪ ميزبان جو دل سان شڪر گذار هو جنهن پهرين تہ هن کي ٻرندڙ سج جي تپش کان بچائي، ڪيس ۽ سندس گهر وارن کي رهڻ لاءِ گهر ڏنو ۽ وري ملازمت جو بندوبست بہ ڪيائين. مصطفي کي نئين زندگي گذارڻ جو موقعو ڏيڻ سان گڏوگڏ نسيم هن کي زندگيءَ جو گاڏو ڌڪڻ لاءِ وري نوڪريءَ جا اپاءَ بہ ورتا. مصطفي تہ خواب بہ انهيءَ قسم جا لهندو هو تہ هو هڪ ڏينهن موسيقار ٿيندو. هن جي زندگيءَ جو گاڏو سرڻ لڳو هو. هو هر روز بادشاهي مسجد وڃي خدا آڏو سر نمائيندو هو ۽ انهيءَ مٿي کي چمندو هو جنهن جي محبت واري پاڪر هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڀڪي ڇڏيو هو.

عمر وٽ پنهنجي پيءُ وٽان ورثي ۾ موسيقي جو فن نہ آيو هو. ٻارت ۾ هو اسڪول ويندو هو پر هتي لاهور ۾ ڪنهن کي بہ هن جي تعليم جي ڳڻتي ڪين هئي. شاهنواز جيان سمورو ڏينهن هو بہ رولاڪيون ڪندو هو ۽ هيرامنڊي جي عورتن کي تڪيندو رهندو هو. ٻئي ڇٽا سڄو ڏينهن شاهنواز جي ڪمري ۾ پيل گدي تي اهليا پيا هوندا هئا. ڇت ڏانهن تڪيندي هو سڄو ڏينهن انهن واهيات خيالن تي ڳالهائيندا رهندا هئا جيڪي هو پنهنجي چوڌاري ماحول منجهان سکندا هئا. هنن جي زندگي ۾ رات کي ڏينهن ۽ ڏينهن کي رات ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪجھ بہ نہ هو.

هڪجهڙي بيزاريءَ واري زندگي ٻنهين جو مقدر هئي. ٻنهين جي زندگي ۾ اهو خال هو. ملائيءَ وارو جنهن ويل شاهنواز جي ڪمري جي دريءَ وٽان گذرندو هو انهيءَ وقت شاهنواز جي احساساتي

زندگيءَ ۾ ڪا لهر اڀرندي هئي، ان ذرڙي سڪون ڪاڻ هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪندو هو. ان دور ۾ ملائيءَ واري جو آواز هن لاءِ سريلي ۾ سريلو آواز هوندو هو اهو دور جڏهن هن جي سموري حياتي پنهنجي ڪمري جي دريءَ جي رنگين شيشي تائين محدود بڻيل هئي، اها ئي ملائيءَ جي عياشي هن لاءِ واحد چاهه هو هوڻ ڀ جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته شاهنواز پنهنجي علائقي ۾ رهندڙ ٻين ڇوڪرن کان مختلف زندگي نه پيو گذاري، هن کي پنهنجي دريءَ منجهان ويجهڙائيءَ ۾ موجود دنيا صاف نظر ايندي هئي. هو ڏسندو هو ته ڪهڙي ريت عورتن جي ڪمائيءَ تي هلندڙ ان گهٽيءَ جا مرد سڄو ڏينهن ڪمرن ۾ پيا هوندا هئا.

هيرامنڊي جهڙي علائقي ۾ ڇوڪري جو جمڻ ۽ زندگي گذارڻ سڀ کان وڏو اڀاڳ سمجهو ويندو آهي، نيٺ اهڙي ماحول ۾ هڪ ڇوڪرو ڇا ٿو ڪري سگهي؟ اهو ڀ ان حالت ۾ جڏهن هن وٽ ڪا تعليم ڀ نه هجي؟ هن جي ماءُ هن کي ڪاڏو پيتو ڏيندي هئي، رهڻ لاءِ گهر ڏنائين ۽ کيسي ۾ رکڻ لاءِ ڪجهه پئسا ڀ... ماءُ جي اهڙي غلبي هن ۾ بيقراري پيدا ڪري ڇڏي هئي، جيڪا عورتن سان ڳالهائڻ وقت مٿس طاري ٿي ويندي هئي.

پنهنجي خاندان کان علاوه ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان جڏهن هو ڳالهائيندو هو ته هن کي لڳندو هو سندس ذهن ۾ ڄڻ ته ڪوهيڙي گهيرو ڪري ورتو آهي، اهڙو ڪوهيڙو جنهن ۾ هر شي ڏنڌلي نظر ايندي هجي.

اڄ ڏينهن تائين هو شاهي پاڙي کان ٻاهر نه ويو هو. هن جي زندگي آڳاٽي قلعي واري شهر جي تيرنهن دروازن جي وچ ۾ قيد ٿيل هئي، هن کي هاڻي ائين لڳندو هو ته دنيا ۾ صرف هيءُ هڪ شهر آهي ان

ڪان سواءِ ٻي ڪا دنيا ئي نہ آهي، ان جو سبب اهو نہ هو تہ هن کي ٻاهرين دنيا سان لڳاءُ نہ هو پر اهو هو تہ هو هن دنيا ڪان سواءِ ڪنهن ٻي دنيا بابت ويچاريندو ئي نہ هو هونءَ بہ هُو ڪنهن اهڙي دنيا بابت ڪيئن ٿي سوچي سگهيو، جنهن متعلق هن سان ڪنهن ڪڏهن ذڪر بہ نہ ڪيو هجي، ماضي جا سورنهن سال هن ائين گذاريا هئا جيئن تلاءَ ۾ قيد مڇي بي مقصد هيڏانهن هوڏانهن گهمندي گذاريندي آهي. هو ڪنهن طرف بہ هليو ويندو هوءِ نيٺ وَري ساڳئي شاهي پاڙي جي زندگي سان اچي گڏبو هو ان اذيت واري ماحول سان جتي عورتن کي ڏسي هن کي چڙ ايندي هئي، جتي شام جي پهر ۾ مردن جا هجوم ڇتن ڪتن جيان ڪاهي پوندا هئا، موسيقي ۽ شهوت انگيز جملن جا پڙلاءَ هن جي سماعتن تائين پهچندا رهندا هئا.

هو اهڙا خواب بہ ڏسندو هو تہ ڪنهن ڏينهن هو بہ سڳنڌ ڀريل ڪپڙن سان، گول وهاڻن سان سجايل ڪنهن محفل ۾ تماشائين جي حيثيت سان ويهي، انهن سهڻين عورتن جي سنگت ۾ انهن سان همبستري ڪري سگهي، ناچ ڏسي سگهي ۽ راڳ ٻڌي سگهي پر سندس خالي کيسو هن جي انهيءَ خواب کي بہ پوائنتو خواب بڻائي ڇڏيندو هو هن جي اندر ۾ جذبن جو جيڪو طوفان رات ڏينهن اُٿلون پيو کائي، ان جو پورائو ڪٿان بہ نہ ٿي ٿيو رات جي وقت هن جي ماءُ جون آهون ۽ دانهون هاڻي هن جي سمجهہ کان مٿي ٿينديون پيون وڃن، هن جا پاڳ پلا هئا جو هو پنهنجي پيءُ جا اهڙا آواز پنهنجي ڪمري ۾ ٻڌي نہ سگهندو هو ڇو تہ هن جي پيءُ جا گراهڪ مٿئين منزل تي هن ڏانهن ويندا هئا. هيڏين سارين عورتن جي وچ ۾ بہ هو اڃارو هو ۽ انهيءَ اُساٽ هن ۾ بي حيائي پري ڇڏي هئي جنهن جو شاهد سندس هڪ بستر هو.

نيٺ هڪ ڏينهن عمر هن جي ان مسئلي جو حل ڪڍيو هو هن
کي ساڻ ڪيون گهٽي ۾ وٺي ويو جتي هن ڏٺو تہ رات جي وقت انهن
اونداهين گهٽين ۾ چا چا ٿئي ٿو. اونداهي گهٽي ۾ هلندي هو اهڙي
جاءِ تي پهتا جتي نوجوان مدهوش ۽ خماريل اکين سان ٽانڊن تي
موجود ان شي کي سنگهن پيا، ان کي ڏسي هو تعجب ۾ هو انهن
منجهان هڪ شخص جيڪو عمر جو سڃاڻو هو ان چيو

”چا توهان کي بہ گهُرجي؟“

”اهو چا آهي؟“

”آفيم.“

عمر سواءِ ڪنهن گهبراهٽ جي چيو

” ها، چو نہ.“

پوءِ هو انهن سان ويهي رهيو هڪ ڇوڪري ان کان بہ ربيا گهريا
جيڪي عمر لاءِ تمام گهڻا هئا پر هن کيسن ۾ هٿ هنيو ۽ کيسا خالي
ڪري هن آڏو رکيا، ڇوڪري ان شي جو چمچو پري هڪڙي نڙي ۾
وڌو ۽ هن جي حوالي ڪيائين، پهريون ڪش پرڻ سان ئي هن جي نڙيءَ
۾ ڦاسي پيو ۽ هن پنهنجي زبان تي هڪڙو ڪڙو ذائقو محسوس ڪيو
هو نشي وارا پرائڻ جو هيراڪ نہ هو جڏهن پهرين ڪش سان ئي هن تي
ڪنگهہ حملو ڪيو تہ ويجهو بيا ڇوڪرا کلڻ لڳا پر هو ڪش لڳائيندو
رهيو ۽ پنهنجي عيوضي رقم اوڳاڙڻ تي گهُري. جهجها پيرا هن نڙي
منجهان ڪش لڳايا پر هن جي اندر ۾ ڪائي هلچل پيدا نہ ٿي
جيتوڻيڪ هو ڇوڪري جي ٻڌايل طريقي مطابق ڪش هڻي پيو. پوءِ
ڪجهہ دير بعد هن تي نشو پنهنجي مڪمل زور سان اثرانداز ٿيڻ لڳو
هن جو مٿو ڦرڻ لڳو هر شي ائين ڏنڏلي پاسجڻ لڳي جيئن سياري ۾
برف ۽ ڪوهيڙي وسڻ سان ٿيندو آهي. هن کي اُلٽي تي آئي جنهن

ڪان لنوائيندي هو اتي ئي سمهي پيو ۽ پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيائين ته جيئن اها ڪيفيت گذري وڃي، ۽ پوءِ هوريان هوريان هن تي پاڳلپڻو حاوي ٿيڻ لڳو ۽ اها ديوانگي هر گذرندڙ پهر سان سگهاري ٿيندي ٿي وئي، هن جي حواسن تي هڪ اهڙي بيخودي غالب هئي جيڪا اڄ ڪان پهرين هن ڪڏهن به محسوس نه ڪئي هئي. هُو گهڻي دير اتي پيو رهيو؟ هڪ منٽ؟ هڪ ڏينهن يا ازل ڪان؟... هن کي ڪا ڪل نه پئي. جنهن ويل هو پنهنجي ان تجربي جي باري ۾ شاهنواز کي ٻڌائي پيو ان وقت به هن کي اهي لفظ هٿ نه ٿي آيا جيڪي ان ڪيفيت کي بيان ڪري سگهن هان. انهيءَ سرور ۽ وجد کي لفظن جي شڪل ڏئي سگهن هان جيڪا هن تجربي ۾ آندي هئي.

شاهنواز کي به اهو سڀ وڻڻ لڳو هو ته ان جو هيراڪ ٿي ويو هو نه نقط اهو نشو ڪرڻ لڳو پر ان جون پڙيون به وڪڻڻ لڳو... هن کي ٻڌايو ويو هو ته هي اصلي آفيم آهي جيڪو سڌو افغانستان ڪان آيو آهي، جيتوڻيڪ شاهنواز کي اها به خبر نه هئي ته افغانستان نالي اهو علائقو دنيا جي نقشي ۾ ڪهڙي هنڌ آهي. هن جي زندگي مڪمل طور تي متجي وئي، عمر جي سنگت ۾ هن جي راتين ۽ ڏينهن ۾ ڦيرو اچي ويو هن جي زندگيءَ ۾ هاڻي ويڳاڻپ ۽ تنگيءَ جي جاءِ تي رنگ ئي رنگ هئا. هن جي ستل شهوت پڙڪو کائي اٿي پئي، هن جي زندگيءَ تي پيل دز ائين اڏي وئي جيئن صبح جو سج رات جي اماس کي ڳيهي ويندو آهي، هاڻي هو پنهنجي اڪيلائپ جي اذيت جي ڪري ڪوڪون نه ڪندو هو هن جي اندر جي موسم متجي وئي هئي، هن جا ڏورا ايري آيا هئا ۽ جوڀن پري سِڪ ڪرَ ڪنيو بيٺي هئي، پر هن جي عورت سان سمهڻ واري خواهش اڃان اساٿيل هئي.

هڪڙي رات جڏهن نشي جو اثر هن جي دماغ تي حاوي هو، هن

عمر کي پنهنجي ڪمري ۾ ننڍ پيل ڇڏيو ۽ پاڻ ٻي منزل تي چڙهي ويو سوڙهي ورانڊي ۾ پهتو جيڪو ليلا جي ڪمري ڏانهن ويندو هو ۽ هورڙيان دروازو کڙڪايائين.

”ڪير؟“

”مان اندر اچان؟“

”اها بہ ڪا پڇڻ جي ڳالهہ آهي!“

هو ڪمري ۾ اندر آيو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. وچ ڪمري ۾ پيل پنهنجي پلنگ جي وچ تي ويٺي هوءَ پنهنجي ڪپڙن کي تاڪي رهي هئي، هو هن جي پر ۾ويهي رهيو اڄ پهريون ڀيرو جهڙي طرح هو ليلا جي ڪمري ۾ داخل ٿيو هو تنهن ليلا کي وائڙو ڪري ڇڏيو هو جيئن ليلا جي ماءُ کي گلابي رنگ عزيز هو تيئن ليلا کي ساڳيو لڳاءُ نيري رنگ سان هو... پردا، هنڌ جي چادر وهاڻن جا پوش ايتري قدر جو ڪمري ۾ وڇايل قالين بہ هلڪي نيري رنگ جو هو. نسيم هن کي نج پلنگ وٺي ڏنو هو جنهن جا پاوا لوهہ منجهان ٺهيل هئا. ڪمرو هڪ بالغ عورت جي عورتاڻي جذبن سان سرشار هو. ايتريقدر جو ان ڪمري ۾ جيڪو عطر ڦهاريل هو سو بہ ايترو تکو هو جو ڪنهن ٻارنهن سالن جي ڇوڪريءَ جو دماغ ڳورو ٿي وڃي ها.

ڏينهن جي ان پهر ۾ ننڍڙي چورس رنگين شيشن منجهان، جيڪي دريءَ تي لڳل هئا، گهٽيءَ جي هلڪي پيلي روشني ليئا پائيندي اندر ٿي آئي، ليلا پنهنجي ڪپڙن جي مرمت ۾ رڌل هئي پر جلد ئي شاهنواز ان ۾ دخل اندازي ڪئي... آفيم جي نشي سبب هن جو آواز ڳرو ۽ جنسي حرص سان پُر ٿيل هو. هن پڇيو ڇا هوءَ ڏکهن اوجاڳن جي هيراڪ آهي، هو اڃان اها همٿ نہ واري سگهيو هو جو هو بنا ڏڙڪ جي هن کي ان باري ۾ چٽي سگهي جيڪو ڪجهہ هن

جي دماغ ۾ ڦري رهيو هو. هو انهن مردن جي باري ۾ پڇڻ گهري پيو جن سان هوءَ سُتي هئي؟ هو ڄاڻڻ چاهي پيو ته هوءَ مردن سان ڇا ڪندي آهي؟ هو ڄاڻڻ چاهي پيو ته ان شخص سان هن جو پهريون تجربو ڪيئن گذريو جنهن سان هو بيحد نفرت ڪندو آهي؟ ۽ ڇا هو اڄان روزانو ايندو آهي؟ هو ڄاڻڻ چاهي پيو ته ڇا ان شخص کي تو ماءُ کان ڪسي ورتو آهي؟ پر هو...

شاهنواز جو هٿ هوريان ان ڪپڙي ڏانهن وڌيو جيڪو ليلا ٽاڪي پئي. هن ان ڪپڙي کي ڪنيو ۽ پٽ تي ڦٽو ڪري ڇڏيو. ليلا جون اکيون وائڙائپ منجهان کُلي ويون پر هن مزاحمت يا احتجاج نه ڪيو... شاهنواز هن کي ڪلهن کان جهلي سڪايل نهارن سان ڏٺو پوءِ هن هوريان هن کي پاڻ ڏانهن سوريو ۽ پنهنجو منهن ليلا جي ڪنڌ تي رکي ڇڏيائين. هو ہڏي تي سگهيو ته ليلا جو ساهه ساهه ۾ نه پيو ماپي پر هوءَ پنهنجي جاءِ تان نه چُري. ليلا کي هن سان محبت هئي، پنهنجي پاءُ سان جيتوڻيڪ نندپڻ ۾ هن ڏمريل شخص، هن ڏانهن هڪ نهار به نه ڏٺو هو پر هوءَ سموري زندگي انهيءَ آس تي هئي ته ڪنهن ڏينهن هو هن ڏانهن ڏيان ڏريندو... نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو. شاهنواز هن کي سوڙهو ڪرڻ لڳو هن جي جسم ۾ جيڪا لرزش پيدا ٿي ان ليلا کي هر شي کان بي نياز ڪري ڇڏيو ته هن جي وارن ۾ هٿڙا ڦيرڻ وارو شخص ڪير هو.

هن جا هٿ ڪسڪندا ليلا جي ڇاتيءَ ڏانهن وڌڻ لڳا. ۽ تمام سلوڻي نموني هن ان کي جهليو ليلا وساري ويٺي ته هو ان جو پاءُ آهي. ڪنهن قسم جي رَنڊَڪَ کي نه ڏسندي شاهنواز ليلا جي ڇاتيءَ ڏانهن نوڙيو ۽ ان کي چمڻ لڳو ليلا به سندس ساٿ ڏئي پئي. ان کان پوءِ شاهنواز هن کي هنڌ تي ڦٽو ڪيو ۽ هن کي ڪپڙن کان آجو ڪرڻ

لڳو هن جي ريشمي بدن کي ڏسي شاهنواز جي دل ڌڙڪڻ وساري ويٺي، ۽ پوءِ هو اونداهين جي پيٽ ۾ بغير سوچڻ جي لهي ويو.

هن شاهنواز کي مزو ماڻڻ ڏنو ۽ هن کي ڪپڙن کان آجو ٿيڻ ۾ به مدد ڪيائين. نيٺ جڏهن هو بهئي ڪپڙن کان آجا ٿي ويا ۽ به اساٽيل جوان جسم پاڻ ۾ مليا ته هن اها ڳالهه محسوس ڪئي ته هوءَ هن جي لاءِ سندس زندگي جي پهرين عورت هئي. هن شاهنواز جي مدد ڪئي ۽ هن جي رهنمائي ۽ مونجهاري کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڄنگهون ايتريون کولي ڇڏيون ته جيئن هو اڻ ڏٺي، نفيس ۽ سوڙهي منزل تائين پنهنجو رستو ڳولهي سگهي جنهن جي ڪري هو راتين جو بيقرار رهندو هو. هو بغير ڪنهن هٻڪ جي ان رستي ۾ گم ٿي روح جي اونهاين ۾ لهي ويو ان کان پوءِ سمجهڻ لاءِ ڪجهه به نه بچيو هو نه ئي ڪو سوال باقي رهيو هو.



ان کان پوءِ ليلا شاهنواز جي سُريت بڻجي وئي، باقائده هن جي رنڊي... ائين ڪٿي چئجي ته هن لاءِ ايتري اهم ٿي وئي جو ٻين لاءِ هن وٽ ڪجهه به نه بچيو هنن جون ٻن پهر نواريون رانديون فحاشي ٿينديون ويون. شاهنواز جي آفيم واري عادت جي به ڄاڻ ليلا کي پئجي وئي، ۽ پوءِ ٻئي ان منجهان ورونهن ڪرڻ لڳا. هو سگريٽ جا ڪجهه ڪش هڻندا هئا ۽ پوءِ بي حيائيءَ سان ڪنهن ٻي دنيا ۾ پهچي ويندا هئا. شايد ڪين رسمن ۽ رواجن جي عمارت کي مسمار ڪرڻ ۾ لطف پيو ملي.

اهي شاهنواز جي زندگيءَ جا تمام سهنجا ڏينهن هئا. دنيا کان ڳجهي خوشي... جڏهن شام ويل ليلا ناچ لاءِ ويندي هئي ته هو پاڻ کي

ڪمري ۾ واڙي ڇڏيندو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي نشي ۾ محو ڪري بي حس بڻجي ويندو هو ته جيئن هن کي ان ڳالھ جو احساس نه ٿئي ته هيئنئر هن جي پيڻ هن وٽ نه آهي.

هڪڙي رات ليلا واپس نه وري، ٿيو ائين جو هڪ رات ڪوٺي تي هڪڙو عاليشان شخص آيو هن جو ديدپو ڏسي موسيقار ساز وڄائڻ ڇڏي هن ڏانهن ڏسڻ لڳا. هو نواب محمد نواز خان هو جنهن جي ڄمار لڳ ڀڳ ٽيه سال هئي، ۽ شاهي پاڙي جو هر ڀار هن جي رتبي کان واقف هو. نواب محمد نواز خان پنجاب جي آخري مغلن جو هڪ شهزادو هو شراب، عورت ۽ موسيقي هن جي وندر هئي، تمام مهذب ماڻهو ۽ اجان تائين پنهنجي محل جي ساڳي ٺاھ ٺوھ برقرار رکيون تي آيو جو هن جي محل کي ڏسي مغلن جي دور حڪومت جا شاهي محل اکين آڏو تري ايندا هئا. بهترين طوائفون، موسيقار درٻاري ۽ غلامن جي مڪمل فوج هڪ ئي وقت محل ۾ حاضر رهندي هئي، هڪ ڏينهن هو ڪوٺي جي اڳڻ منجهان گذري رهيو هو ته اڏ ڪليل دريءَ منجهان هن جي نظر ليلا جي سونهن تي پئجي وئي.

هن جي طور طريقي ۽ سوڀيا نواب کي قابو ڪري ڇڏيو جيئن ئي ليلا ناچ ۽ ڳائڻ ختم ڪيو نواب هن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لاءِ طلب ڪيو. ليلا ناڪار واري نه سگهي، پهريون ڀيرو هن کي قلعي واري شهر منجهان ٻاهر وڃڻ جو موقعو ملي رهيو هو ٻيو ته نواب جي شخصيت به هن کي وڻي وئي هئي، ان لاءِ هوءَ ترت وڃڻ لاءِ راضي ٿي وئي. هيل تائين هن جو جن به تماشائين سان تعلق رهيو هو ڪوئي به نواب محمد نواز خان جهڙو مزو هن کي ڏئي نه سگهيو هو هن پنهنجو ڪم ايمانداريءَ سان ڪيو گراهڪن کي راضي ڪرڻ ۽ انهن جو ڌيان رکڻ جي پوري ڪوشش ڪيائين...

اڄ هوءَ ڪنهن شهزاديءَ جيان رخصت پئي ٿئي، سمورو منظر الف ليلوي داستان پيو ڀاسجي. محل ڏسي هوءَ وائڙي ٿي وئي، هن جو ڪمرو اڇي مرمر جي فرش سان سينگاريل هو شاهي پردا ۽ شانائتو هنڌُ... هن لاءِ چانديءَ جي پيماني ۾ شراب آندو ويو ان کان پهرين هن ڪڏهن شراب نه پيتو هو جيئن ئي هن شراب جو هڪ ڍڪ ڀريو هن جي حواسن تي حاوي ٿي ويو ان کان پوءِ نواب هن کي چمڻ لاءِ اڳتي سُريو ته ليلا مرڪندي، انگل آرا ڏيکارڻ لاءِ نواب کي هوريان پٺتي ڌڪيو نواب پنهنجو پاڻ سنڀالي نه سگهيو ۽ ٿاڦا کائيندو پلنگ جي پائي سان وڃي هيٺ ڪريو ليلا اهو سڀ ڏسي هيڪاري کلڻ لڳي، نواب کي لڳو ته ڇوڪري هن تي ٺٺول ٿي ڪري، هو اٿيو پنهنجي وهاڻي هيٺان رکيل بندوق ڪنيائين ۽ گولي هلائي ڇڏيائين.

اڇي ريشمي چادر تي هڪڙو ڳاڙهو داڳ ظاهر ٿيو ليلا ڪِري ۽ بنا ڪنهن دانهن ڪوڪ جي مري وئي.

4 شام جي ويل شاهنواز پنهنجي گهر جي ڇت وارڙي ڇڄهريءَ وٽ وڃي ويهي رهندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اتي ويهي سج جي روشنيءَ کي تڪيندو رهندو هو. هڪ ڏينهن سندس نظر بادشاهي مسجد تي پئي. هن کي ائين لڳو ڄڻ هو ان کي پهريون ڀيرو ڏسي رهيو هجي، ڄڻ ته اها مقدس جاءِ هاڻي هاڻي آسمان منجهان نازل ٿي هجي، حالانڪ هيٺ موجود باغ، گهٽين ۾ گهمندڙ ماڻهو ۽ بجلي جي پول جيان اها مسجد به سندس گهر جي ڇڄهريءَ منجهان ڇٽي نظر ايندي هئي ۽ ان سموري نّظاري جو حصو هئي پر ان ڏينهن شاهنواز لاءِ ان نظاري ۾ مسجد پهريون ڀيرو پنهنجو پاڻ ڏانهن هن جو ڌيان ڇڪايو هو. جيئن جيئن هو مسجد ڏانهن نهاريندو ويو تيئن تئين ان جي سونهن ۾ قابو ٿيندو ويو. لهندڙ سج جي روشني مسجد جي قبن تي ٿي پئي. سرمائي شام ۾ قبن جو رنگ اڇو ڏسڻ ۾ ٿي آيو شاهنواز جي آڏو موجود منظر، ڀٽن رنگن ۾ ٻڏل شام بادشاهي مسجد جو دل کي وڻڻ، اهو سڀ هن لاءِ نئين ڪوجنا هئي، جيڪا شاهنواز ڪري رهيو هو اهو سڀ جيڪو تقريبن ان ڪان اڳ هن ڌيان ۾ نه آندو هو لاهور جي اسلامي سڃاڻپ لاهور جي اُپ ۾ ديرو

لائي ڇڏيو هو هر ڏسا لائوڊ اسپيڪر منجهان اينڊز پڙاڏا پڙلاءُ ڪري رهيا هئا.

لاهور جيڪو ڪڏهن ڪو ديومالائي شهر هوندو هو هاڻي لائوڊ اسپيڪر جو شهر بڻجي ويو هو. جتي ڏينهن ۾ پنج ڀيرا مومنن کي الله جي گهر ڏانهن اچڻ لاءِ موذن جو آواز گونججندو رهندو هو. ۽ بادشاهي مسجد جي مينارن تي لڳل لائوڊ اسپيڪر ته ائين لڳندا هئا ڄڻ سموري لاهور مٿان اُڀا لڳا بيٺا آهن. هاڻي هُو شاهنواز جي معمول جو حصو بڻجي ويو. جيئن ئي شام جي پهر موذن کي مينار جون ڏاڪڻون چڙهندو ڏسندو هو ته هُو نماز لاءِ مسجد ڏانهن هليو ويندو هو. موذن جيڪو مينار جي بلنديءَ تي چڙهي قهار رب کي ڳلو ڦاڙي رڙيون ڪري سڏيندو هو ۽ هن جو آواز چئني مينارن منجهان گونججندو لاهور وارن تائين پهچندو هو. شاهنواز حضوري باغ منجهان تڪڙو ٿيندو، ماڀيل پير پريندو، تازي تعمير ڪيل پاڪستان جي باني شخصيتن منجهان نمايان شخصيت ۽ شاعر علامه اقبال جي مزار وٽان گذرندو، ان کان پوءِ مسجد جي عاليشان ۽ ڪشاديون ڏاڪڻون ٽپي، داخلي دروازي منجهان مسجد جي وسيع آڱر ۾ پهچي ويندو هو. هو پنهنجا جوتا مسجد جي دوازي وٽ لاهي ايندو هو ۽ پوءِ صحن جي گلابي سرن تي، جن ۾ اڃان ڏينهن جي تپش باقي هوندي هئي، اگهاڙي پيرين اڳتي وڌندو هو. اڱڻ جي وچ ۾ موجود تلاءَ جي پر ۾ ويهي وضو ڪرڻ کان پوءِ هو مسجد جي محراب ڏانهن وکون کڻندو هو شاندار قبن هيٺان موجود محراب جيڪي گلن ساڻ سجايل هئا. مسجد جون نڪون نمازين لاءِ منتظر هيون، هتي ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ خدا، رسول ۽ الله جي ولين کي دلي پيتا پيش ڪرڻ ايندا هئا.

ڪنڌ، گوڏا ۽ جسم جهڪائي شاهنواز نماز ادا ڪئي، جهڙي ريت اڄ هن نماز پڙهي هئي ان کان اڳ ڪڏهن به نه پڙهي هئائين.

اهڙيون نمازون ان وقت ڪان هن جو معمول بڻجي ويون جڏهن ليلا جي وفات ٿي هئي، هن ليلا لاءِ دعا ڪئي، هن جي بخشش لاءِ خدا در ايلاز ڪيائين، هن نسيم جي لاءِ بہ دعا ڪئي جيڪا ليلا جي موت ڪان پوءِ لاچار بڻجي ۽ اجڙي وئي هئي.

ليلا کي گذريئي پورو سال ٿي ويو نسيم ۽ شاهنواز اجا تائين اڻپورا هئا، نا قابل برداشت اڪيلائي جو ڪاڄ بڻيل، جيڪا ليلا سندن مقدر بڻائي وئي هئي. هڪ سال گذري چڪو هو پر ان ڏينهن جو اهو منظر اجا تائين ائين ياد هو چڻ ڪلهه جي ڳالهه هجي...... جڏهن ليلا کي آخري رسمن پورين ٿيڻ ڪان پوءِ هن جي جسم کي ڪفن پارايو ويو. ان ڏينهن پوليس وارا تانگي ۾ اچي چادر ۾ ويڙهيل ڳنڍ کي جڏهن هنن جي گهر ڪٽي آيا تہ صبح جو وقت هو اها ڏيري ڇوڪري جنهن کي نسيم گذريل رات آخري ڀيرو پنهنجي هٿن سان تڙ ڪرايو هو. جڏهن هن جو لاش آندو ويو تہ نسيم اهڙي تڪِي رڙ ڪئي جو سندس هانءُ ڦاٽندو رهجي ويو، هن جي محبوب ڌيءُ جو لاش، سهڻي ۽ سندر ساماٽي... نسيم ڏاڍي ڏکيائيءَ سان ٿي ساهہ کنيا... سور سهڻ ڪان ٻاهر ٿيو پئي ويو اهڙي حالت ۾ بہ هن ليلا جون آخري رسمون ڪنهن ٻئي کي ڪرڻ نہ ڏنيون، پنهنجن هٿن سان هن کي غسل ڏنائين پوءِ روايتي اڇي ڪفن جا ڪپڙا پارايائين. هوءَ اهو سوچي سوچي مري ٿي وئي تہ ڪلهہ ئي تہ هن پنهنجي شهزاديءَ کي ڪنوار واري خوبصورت ڳاڙهي جوڙي ۾ هتان اماڻيو هو. ميت جو منهن ڪنهن ڏانهن ڪيو ويو تہ جيئن ليلا جي روح کي سڪون ملي سگهي، دل نموني هڪ وهاڻو سندس پير ۾ رکيو ويو ۽ انهيءَ شام لاش کي دفن ڪري ڇڏيائون. تانگي تي ليلا جو سندر جسم لاش جي صورت ۾ پيل هو جڏهن تہ لاش جي مٿان گلن جو مقبرو سينگاريل

هو عورتون تانگي جي پٺيان ماتم ڪنديون پيون هلن، موسيقار بہ ساڻ هئا، جيڪي طبلو وڄائي رهيا هئا، ۽ موت جا پُر سوز گيت ڳائي رهيا هئا، شاهنواز هجوم جي پويان ائين ڪنڌ جهڪايون ۽ ڪلها لڙڪائي هلي پيو جڻ ڪو اسي سالن جو پوڙهو هجي.

اينڌڙ ڪيترن ئي ڏينهن تائين هنن جي گهر ۾ ماتم وارو ماحول رهيو در دروازا بند رهيا، رات جي چُپ ۾ ڪنهن ڪنهن ويل رڙين ۽ ريهن جا آواز اٿندا هئا، اهي آهون جيڪي رات جي ماٺ ۽ اماس جو هاڻ ڏارينڌڙ هيون. سمورا پاڙيسري ان ڏک ۾ شريڪ هئا، ان وڏي حادثي هڙني پاڙي وارن کي متحد ڪري ڇڏيو هو ڪيتريون راتيون، هيرامنڊيءَ جي شامن ۽ راتين تي ڏک جي ڪيفيت هاوي رهي، حادثو ايڏو تہ وڏو هو جو ڪو بہ ماڻهو ڪيترا ئي ڏهاڙا ڪم تي نہ وڃي سگهيو پر زندگي ڪٿي ٿي جهلجي، بهرحال انهن ماڻهن کي پيٽ جي پوڄا بہ ڪرڻي هئي، ان لاءِ ڪجھ ڏينهن جي ساهيءَ کان پوءِ هڪ دفعو ٻيهر هيرامنڊي ۾ گيت ڳائجڻ لڳا.

نواب محمد نواز خان ثابت ڪري ڇڏيو تہ هو پنهنجي ابن ڏاڏن جيان فراخ دل نہ هو. هن ثابت ڪري ڇڏيو تہ هو جهانگير وانگي زنده دل نہ هو جنهن جو انار ڪلي سان ڪيل عشق اڄ بہ عاشقن جا جذبا جاڳائي ڇڏي ٿو جهانگير پليءَ پٽ واقف هو تہ هن جي والد اڪبر بادشاهہ جي پسنديده لونڊي ڏانهن ۽ حرم جي ڪنهن بہ عورت ڏانهن اک کڻي نهارڻ بہ هن لاءِ ناجائز هو پوءِ انهن ٻنهين جي محبت جو قصو ڪيئن برداشت ڪيو وڃي ها، نيٺ هڪ ڏينهن هو ٻئي پيار جا پڪيئڙا، جنهن ويل عاشقاڻي ۽ محبت ڀريل ديدن سان هڪ ٻئي ڏانهن نهارين پيا، عام جي نظرن ۾ اچي ويا. اڪبر بادشاهہ جي نظر انهن تي پئي، اڪبر بادشاهہ پلا پنهنجي دربار جي آبرو ۽ روايت جي خواري

ڪيئن برداشت ڪري سگهي ها.

اڪبر بادشاهه جي خودي مجروح ٿي ۽ سندس وڏائي ڪي ڇيهو رسيو ان لاءِ هن پنهنجي پٽ جي ٻي ڏوهه محبت جي پرواهه نه ڪندي انار ڪلي کي زنده دفن ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. اڪبر بادشاهه جڏهن گذاري ويو ته سندس پٽ جهانگير ان خوبرو ڇوڪريءَ جي ياد ۾ هڪ عاليشان مقبرو اڏايو انهيءَ جاءِ تي جتي انار ڪلي زنده دفن ٿي ابدي ننڊ ستل هئي، ان مقبري مٿان هڪ تختي لڳائي وئي، جنهن تي ڪاريگرن جهانگير جو سوز انهيءَ جي هڪ شعر جي صورت ۾ چٽي ڇڏيو اها تڪليف جهانگير ڪڏهن به وساري نه سگهيو شعر ڪجهه هن ريت هو.

”اي ڪاش! ڪہ اس دلبر جاني کا چهرا اک بار پهر ديکهہ سکتا اور پهر اس عنايت پر قيامت کي دن تک خدا کا شکر ادا کرتا رهتا!“

نواب محمد نواز خان ليلي جي قبر تي هڪ گل به نه رکيو. عدالت جي مقدمي سبب ذلت هن جو مقدر بڻجي وئي ۽ انهي ذلت هن کي آپگهات ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هن جو آپگهات، هيرامنڊي جي ناچڻين لاءِ خوشي جو سبب ثابت ٿيو.

مهينا وهامي ويا. نيٽ هن گهر منجهان به ماٺهو ڪم تي وڃڻ شروع ٿي ويا. پهرين ڪم تي ماسـاتيون ويون. انهن سان گڏ وات ۾ پان چٻاڙيندڙ خالائون به هيون. نسيم لاءِ ڏاڍو اڙانگو هو ته هوءَ پنهنجي شهزاديءَ لاءِ تيار ڪرايل ڪپڙا پائي ۽ ڪم تي وڃي. هن جي منهن جو رنگ به پيلو ٿي ويو هو جيڪو سندس ڏنڌي ڪاڻ تمام برو سنوڻ هو. تيل ڦليل ۽ سينڌ سرمو هاڻي هن جي سونهن وڌائڻ بجاءِ هن جي منهن تي موجود گهنجن کي ويتر ظاهر ڪرڻ لڳا. مصطفي هر روز هارمونيم کڻي ايندو هو ۽ سندس پير ۾ ويهي وڄائڻ شروع ڪندو هو

تہ جيئن هوءَ ٻيهر ڳائڻ شروع ڪري سگهي. هن تمام تحمل سان نسيم جو ساٿ ڏنو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي هڪ ئي ڏن ورجائي ورجائي وڃائيندو هو جنهن ڪي نسيم جون آهون ۽ سڏڪا ٻيهاري ڇڏيندا هئا.

جڏهن نسيم ٻيهر ڪوٺي تي ويهڻ جو ارادو ڪيو تہ جيڪو پهريون شخص هن سان ملڻ لاءِ آيو سو شخص اُهو ئي هو جنهن هن کي مار ڏني هئي، هن جو نالو جعفر هو هو امير وڏجارو قلعي بند شهر جي ٻئي پاسي رهندو هو. جعفر شهر جي جنهن حصي جو رهواسي هو اوڏانهن لاهور جي پراڻن رهاڪن جو وڏي مڙئي ڪو ٿيندو هو. جعفر ۽ نسيم جي تعلق ۾ تشدد جو عنصر هجڻ جي باوجود هو نسيم سان ايتري تائين ڳنڍيل هو جو هن ليلي جي "نٿ لاهڻ" واري رسم ۾ شامل ٿيڻ بہ قبوليو هو. نسيم نہ ٿي چاهيو تہ پهرين رات هوءَ پنهنجي ڌيءَ ڪنهن اڻ واقف کي ارپي، هيرامنڊي جون ٻيون نائڪ عورتون اهڙن موقعن تي سدائين پنهنجون ڇوڪريون سڀ کان وڌيڪ ٻولي لڳائيندڙ جي حوالي ڪنديون هيون، پر نسيم ان معاملي کي صرف دولت جي نظر سان نہ پئي ڏسي پر نسيم چاهي پئي تہ هن جي ڌيءَ سان پهرين رات سٺو سلوڪ ڪيو وڃي، ڪا بہ ڏاڍائي نہ هجي، هن کي پهرين رات ئي ڪو اهڙو وحشي نہ ملي وڃي جيڪو هن جي حالت ابتر ڪري ڇڏي ۽ پوءِ هوءَ سموري زندگي جنسي عمل کان بيزار ٿي وڃي.

جعفر چاليهہ سالن جو هئڻ باوجود هڪ متارو مڙس هو هن جو تعلق سٺي خاندان سان هو ۽ رنگ جو ڀورو هو روايتي طريقي سان جعفر جي شادي بہ هڪ اهڙي عورت سان ٿي هئي جيڪا سندس خاندان هن لاءِ چونڊ ڪئي هئي، ان عورت منجهان جعفر کي ٽي ٻار بہ

هئا. پر هو انهن سان گهٽ وقت گذاريندو هو. هُو سڄو ڏينهن پنهنجي ڪپڙي جي ڪاروبار ۾ مصروف رهندو هو ۽ پوءِ شام جو سڄي ڏينهن جو ٿڪ لاهڻ لاءِ هيرامنڊي جي سرهائي بخش گلين ۾ رنگ رلين جي لاءِ هليو ويندو هو. پهرين ڏينهن کان نسيم هن جي پسنديده ناچڻي هئي. جڏهن هوءَ نچندي هئي ته جعفر کي بي انت سرور ملندو هو جڏهن هن جو بدن ريشمي ڪپڙن اندر ڦٽڪندو هو ته ڪو ڇڙواڳ احساس جعفر جي رڳن ۾ گهڙي ويندو هو.

اهو ئي سبب هو جو هُو جڏهن نسيم جي ناچ کان پوءِ هن سان گڏ بستر ۾ سمهندو هو ته انهيءَ ڇڙواڳ جذبي سبب ڪڏهن ڪڏهن مارڪٽ تي لهي ايندو هو ان تشدد تي نسيم به ڪڏهن ڪڏهن هن کي چنبڙ پئيندي هئي، جنهن تي هو باهه ٿي ويندو هو. ان رات جڏهن شاهنواز پنهنجي ماءُ کي مار کائيندو ڏٺو هو ۽ هن کي بچائڻ لاءِ ويو هو. تنهن رات به ساڳيو ئي سڀ ڪجهه ٿيو هو. ان رات جعفر پنهنجي ڪاوڙ تي ضابطو رکي نه سگهيو ۽ نسيم کي واهيات گاريون ڏيندو، اتان کان هليو ويو هو بعد ۾ ان تي شرمسار به ٿيو.

ليلا جي موت واري واقعي کان پوءِ جعفر نسيم تائين پهچي نه ٿي سگهيو ڇاڪاڻ نسيم پنهنجي گهر جا دروازا بند ڪري ڇڏيا هئا. جعفر پڻ ليلا جي باري ۾ سوچي پريشان ٿي ويندو هو ان رات... جيڪو عمل صرف هڪ ڀيرو ٿيو جڏهن جعفر ان ٻارڙيءَ سان رات گذاري. ليلا جي عمر سندس ڌيءَ جي عمر کان ڪا گهٽي وڌي نه هئي، ان رات جعفر عجيب ڇڪتاڻ ۾ ورتل هو ته نيٺ هن سان ڪيئن همبستر ٿئي جيئن سان هن کي ايذاءُ نه ٿئي؟ پر ليلا تمام بردبار ثابت ٿي. جڏهن هن ڏٺو ته مرد پريشان آهي ته هن پاڻ ئي اڳرائي ڪئي هن پاڻ ئي جعفر جا ڪپڙا لاٿا. وري پاڻ کي ڪپڙن کان آجو ڪيائين، ۽

هن جي پر ۾ سمهي پئي، پوءِ هن جي جذبن کي ڀڙڪائڻ لاءِ چميون ڏيڻ شروع ڪيائين. ڇا نسيم هن کي هي سڀ ناز ۽ انداز سيکاريا هوندا؟ هوءَ تمام سهڻي ڏانءَ سان پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئي، هن جي منهن تي ذري به هٻڪ يا هٺ ۾ ڏکڻي نه هئي، ان کان پوءِ جعفر هن کي پاڻ سان سوگهو ڪيو ۽ 'نٿ لاهڻ' واري رسم پنهنجي اختتام تائين پهتي، جينوٽيڪ همبستري دوران جعفر سنو سلوڪ ڪيو پر ٻارنهن سالن جي ڇوڪري لاءِ پهرين جنسي تجربي ۾ ايذاءَ جو اچڻ ته اٽل هو جنهن کي ليلا همٿ سان برداشت ڪيو. هن هڪ وڏو ٽڏو ساهه ڀريو. جعفر کي ڪل نه پئي ته اهو دم لطف جو هو يا اذيت جو. ان رات جعفر کي لڳو ته اها ڇوڪري محبت لاءِ ٺهي آهي ۽ هوءَ ڪنهن به مرد کي ديوانو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

انهيءَ شام جو جعفر کي پنهنجي گهر ۾ ڏسي نسيم کي فرحت ٿي، ڇاڪاڻ هن کي نه پيو لڳي ته ڪو هوءَ ڪنهن اٽواقف آڏو ناچ ڪري سگهندي پر جعفر جي آڏو ڪري پئي سگهي. جعفر جي اچڻ سان هن کي همٿ ملي، هن ناچ دوران اهي سڀ ڪنايا ۽ اشارا ڪيا جن جي ڪيس ڄاڻ هئي ته جعفر کي وڻندا آهن. ان رات هن فيض احمد فيض جو مقبول نظم ڳايو.

فيض به انهن ڏينهن ۾ پاڪ ماڻهن جي ان نئين ڌرتيءَ تي جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پيل هو جتي هيرامنڊيءَ جي مشهور ترين طوائف الماس هن لاءِ سوڪڙيون ڪٽي ويندي هئي.. ان رات جعفر نسيم سان رحمدلي وارو سلوڪ ڪيو ڇاڪاڻ ته ليلا جي موت کان پوءِ هوءَ پهريون ڀيرو ڪنهن سان ٻيهر سمهي رهي هئي، جعفر تمام هوريان هن جي ويجهو آيو... نسيم جو هانءُ ڌڙيو ٿي، هوءَ اهڙي آويءَ ۾ پئي پچي جنهن هن کي ڪائي ڇڏيو هو.



شاهنواز لاءِ آسان ڳالهه هئي تہ هو وڃي آفيم جي نشي ۾ پناهہ ڳولي. پر شاهنواز ان تي مذهب کي ترجيح ڏني. اها چونڊ عمر کي عجيب لڳي ۽ هو شاهنواز سان گڏ مذهب ڏانهن نہ لڙيو پر ساڳي ريت نشي ۽ ان جي وکري ۾ مصروف رهيو سليس رستو بہ اهو ئي هو ڇاڪاڻ تہ هن جي سنگت ۽ واسطي ۾ حد کان وڌيڪ نشئي موجود هئا ۽ آفيم جو ملڻ معمول جي شين جي استعمال وانگي سولو هو.

ان علائقي ۾ ڪيترا ئي نشئي ائين راتين جو رستي جي پير ۾ پئي پئي موت جي منهن ۾ هليا ويا. اها ڳالهہ شاهنواز کي ڏاڍي ڪريائتي لڳندي هئي، موت هن کي ڪا پريشان حال مخلوق ٻڌائي ڇڏيندو هو. موت جا خيال هن کي ڏنگڻ لڳا، هن جو نشي کي تياڳڻ هن کي بيقرار ڪرڻ لڳو ذري ذري هن جو جسم ڏڪندو هو هن کي پگهر اچڻ لڳندا هئا ۽ هو ٿڌو ٿي ويندو هو. هن کي لڳندو هو تہ سندس دماغ اهڙن خوابن جو مورچو ٻڻجي چڪو آهي جن هن کي خاڪ ڪري ڇڏيو آهي. هو هر وقت گم سم رهڻ لڳو هن جي زندگيءَ ۾ هر شي جي رفتار سست ٿيڻ لڳي، گوڙ هن کي ڪن وڏين بازارن جو ديؤ ياسڻ لڳو جيڪو هن کي هيسائڻ جي تاڙ ۾ آهي، پر هو اهو سڀ سهندو آيو ۽ پوءِ هوريان هوريان هن جون گهرجون محدود ٿيڻ لڳيون ۽ هن کي روحاني سرور ملڻ شروع ٿي ويو هن الله سان لونءِ لڳائي ڇڏي، هاڻي هو اڪيلو نہ هو.

هن جي سموري ڄالپڻ ۾ مذهب ڪٿي بہ موجود نہ رهيو هو هن جي زندگيءَ ۾ واحد مذهبي تقريب هن جو طوهر هو جنهن جي اڳواڻ سندس ماءُ هئي. هن کي لڳ ڀڳ قرآن، نبي ۽ مذهب جي باري ۾ ڪا بہ خبر نہ هئي، ڪڏهن ڪڏهن الله جو نانءُ هو بہ وٺندو هوندو پر

مذهب بابت هن جي حيرت ڀريون پيرو ننڍي کنڊ جي ورهاڱي دوران وڌي ويئي جڏهن انسانن جي بربريت عروج تي پهتل هئي. اها سموري رت جي راند خدا جي نالي تي کيڏي وئي، ان جو ڇا مطلب هو؟ آخر هندو ۽ مسلمان ٽنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ انهن ڏينهن ۾ اهو سوال هن کي منجهائي ڇڏيندو هو عام طور تي هو مؤذن جي آذان کي بي دليو ٿي ٻڌندو هو ۽ وري رمضان جو مهينو ته هن لاءِ ڏاڍو ڪَڪ ڪندڙ هوندو هو جڏهن مسجد جي امام ۽ قاري جا آواز هن کي سڄي رات سڪون سان سمهڻ نه ڏيندا هئا. پر پوءِ انهن مڙني شين بابت هن جي چاڻ ۾ واڌارو ٿيو انهيءَ دوران هن کي خبر پئي ته هندو ناپاڪ آهن، بت پرست آهن، جيڪي ڪيترن ئي خدائن جا پوڄيندڙ آهن ٻئي طرف مسلمان هڪ خدا جي عبادت ڪن ٿا، ان واحد خدا جي جيڪو عبادت جي لائق آهي.

پر ڪجهه مونجهارا ته اڃا به موجود هئا جڏهن هو ڏسندو هو ته هن جي پنهنجي مذهب جي مڃيندڙن جي وچ ۾ به ڏقيڙ، ڪلفت ۽ ويڙهه موجود آهن، ۽ اهو فطري آهي، ڇاڪاڻ ته عملي طور اهو ناممڪن آهي ته انسان ڪنهن به هڪ شي تي، هڪ ئي تخيل سان، هڪ ئي تصور، هڪ ئي نظرئي تي متفق ٿي وڃن. پوري اندروني لاهور جي رهواسين وانگر هو به شيعو هو پر باقي ملڪ جي ٻين حصن ۾ سنين جي اڪثريت هئي.

انهن ٻنهين جي وچ ۾ اختلاف جو سبب نيٺ ڪهڙو هو؟ هن کي ٻڌايو ويو ته عراق جي شهر ڪربلا ۾ سنين حضرت محمد جي ڏهٽي ۽ علي جي پٽ امام حسين کي شهيد ڪيو هو ۽ هُو امام حسين کي حضور جن جو جانثار مڃيندا هئا. هن کي ٻڌايو ويو هو ته امام حسين، ان جي ساٿين ۽ اهلبيت کي يزيد... جيڪو غاصب هو... ۽

ان جي لُچن گهيرو ڪري شهيد ڪري ڇڏيو. ان حملي ۾ ڪو ٻه ٻچي نه سگهيو. ايتري تائين جو معصومن کي به قتل ڪيو ويو. حسين جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي وئي ۽ هن جي شريڪ پيڻ کي گهلي دربار تائين آندو ويو. جتي يزيد ميز تي سندس پاءُ جي ڪٽيل سسي سان مؤذن ڪيڏندو رهيو. ان سموري عمل زينب جي حوصلي کي پست ڪرڻ بجاءِ ويتر پختو بڻائي ڇڏيو ۽ هوءَ پنهنجي مڃيندڙن سان گڏ جدوجهد ڪرڻ لڳي. ان کان بعد ۾ ايندڙن ان هانءُ ڏاريندڙ واقعي کي نه وساريو ۽ ڪربلا شيعن جي لاءِ هڪ مقدس شهر بڻجي ويو.

شاهنواز کي به ان ڳالهه تي ناز هو ته هو علي جي وارثن منجهان آهي ۽ انهن ماڻهن سان ٿو وڙهي پيو جن نبي جي اولاد کي قتل ڪيو هو.

هن کي لڳندو هو ته هن جي زندگي بامقصد آهي، هن پنهنجي بڻياد ۽ پنهنجي مذهب کي قبولي هڪ بامقصد زندگي گهارڻ جو پهه ڪري ڇڏيو هو. هو باقائدي عبادت ڪرڻ لڳو پر هن کي لکڻ پڙهڻ ڪين ايندو هو. ويهن سالن جو هجڻ جي باوجود هن جو جاهل هجڻ نه فقط مذهب کي سمجهڻ ۾ هن لاءِ رڪاوٽ هو ڇاڪاڻ ته هو قرآن کي نه پيو پڙهي سگهي پر ان رڪاوٽ هن کي ٻي دنيا کان به الڳ تي ڪيو هو اخبار پڙهي نه ٿي سگهيو. هن سوچيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ان محدود ۽ ڪوهه جي ڏيڏر جهڙي زندگي گهارڻ جي عمل کي ختم ڪري ۽ نئج زندگي جيئڻ شروع ڪري. هو ان بي حسي جي زندگي ۽ ڪاهلي کان ڪڪ تي ويو هو جيڪا اڄ ڏينهن تائين هن جو طريقيڪار ٿي گذري.

سماج بابت هن جو خيال هو ته سيئي سماج هڪ جهڙا ٿيندا آهن. هن جي ان تصور ۾ ڪا به گهرائي نه هئي. هن کي لڳندو هو ته هر سماج ۾ اهڙيون ئي گهٽيون، هڪ جهڙا ماڻهو هڪ جهڙا قصا ۽

ڪهاڻيون هونديون آهن. واءَ جا ڪجھ تازا جهوٽا هن کي توانو ڪري ٿي سگهيا. هاڻي ته هن جي اها حالت هئي جو هو آئيني کان به لڪي ٿيڻ لڳو. خوشين جو زمانو لنگهي ويو هو. ليلا پاڻ سان هر شي قبر ۾ کڻي وئي هئي.

هو اڪثر ويچاريندو هو ته ليلا کان سواءِ زندگي جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي ۽ جيڪڏهن هن کي اهوئِي نه هجي ها ته هن جي ماءُ جيئري ئي مري ويندي ته هو پنهنجي هٿن سان پاڻ ئي حياتي جو ڏيئو اجهائي ڇڏي ها... هاڻي بيو ڪو واقعو نه ٿو گهرجي... ڇاڪاڻ ته هاڻ به چوگرد بي انت اهنج هئا. عورتن کي سرعام ڪُٽيو ٿي ويو. بد سلوڪي پئي ٿي، ۽ انهن کي ڪم کان روڪڻ لاءِ ڪوڙا هنيا ٿي ويا.

جناح انهن سان ڏوهه ڪيو هو ته پاڪستان ۾ اوهان سان سٺو سلوڪ ڪيو ويندو ۽ هتي مسلمان آزادي ۽ عزت سان زندگي گذاريندا. پر انهن اڀاڳين عورتن سان هتي به ساڳيو سلوڪ ٿي ٿيو اها ئي ڏڪار پر هاڻي اها ڏڪار اسلام جي پاڪ نالي تي ڪئي ٿي وئي. اسلامي رياست ۾ جسم فروشي کي ناجائز ۽ مڪمل طور تي غيرقانوني قرار ڏنو ويو هو.

پوءِ هڪ ڏينهن شاهي پاڙي ۾ پوليس جا جوان آيا. جن هڪ گهر خالي ڪرائي اتي پوليس چوڪي ٺاهي. طوائفن لاءِ ڏکيا ڏينهن شروع ٿي ويا. ڪرنگهي تائين بي ايماني ۾ ٻڏل انهن رياستي نمائندن طوائفن سان وڏيون وڏيون رشوتون طئي ڪيون. شاهنواز سوچيندو هو ڪجھ به ته ناهي مٽيو ۽ نه ئي مٽجندو.

هن کي ائين لڳندو هو ته هاڻي هن کي ڪو به ائين مفت جي ماني نه ڏيندو جهڙي ريت ماڻهو پنهنجن گهرن جي ڇتين تي پکين کي داڻو ڏيندا آهن. هوڏانهن هو ان ڇڪتاڻ جو اسير بڻيل هو ته

ڪمڙي نموني پنهنجو پاڻ کي جسم فروشي ۽ نشي جي ان ڪڌ منجهان آجو ڪري، هتي جن ماڻهن کي هو سيڃاڻيندو. هو انهن منجهان ڪو به هن جي مدد ڪري نه ٿي سگهيو هو ته پاڻ ان آوي ۾ سڙن پيا، پنهنجي مائن، ڀيڻن، ڌيئرن ۽ مائٽياڻين جي ڪمائي جي آڌار تي گٽر جي ڪوئي جيان زندگي گذارين پيا.

////////

هاڻ شاهنواز سوچيندو هو ته اصل زندگي ته هن قلعي ۾ بند احاطي ڪان گهڻو پري آهي. هڪ ڏينهن هو ٽانگي تي سوار ٿيو ۽ نئين شهر ڏانهن روانو ٿيو هن جو ارادو هو ته هو ٻاهر ڪا نوڪري ڳوليندو ۽ پڙهڻ لکڻ به سکندو. هن جي من ۾ بس هڪ ئي آس هئي ته اهڙي ڪا ملازمت ملي وڃي، جنهن منجهان ايترا پئسا ملي وڃن جو استاد جو معاوضو ڏئي سگهي ۽ تعليم پرائي سگهي.

لاهور گيٽ وٽان ٽانگو گذريو ته آڏو هڪ ڪشادو رستو هو جنهن جي ڪنڌين سان عاليشان گهر ترتيب سان ڳاٽ اوچو ڪيون بيٺل هئا. اهي گهر انهن گهرن ڪان بلڪل مختلف هئا، جن کي هو پنهنجي چوگرد ويهن سالن کان ڏسندو آيو هو. هن جون اکيون ائين کلي ويون جيئن ڪو ٻار جادو جو ڪرتب ڏسي حيرت جي آسمانن ۾ وڃائجي ويندو آهي. جنهن به گهٽي منجهان هو گذريو اتان جي طرز زندگي ٻين گهٽين ڪان منفرد هئي، هر علائقي جي گهرن جو پنهنجو الڳ مرتبو هو هر گهٽي ٻي گهٽي ڪان بهتر پئي لڳي.

وڏا ڪشادا، وسيع سائي ڇپر سان ڀريل باغيچا هئا، وڏا وڏا وڻ، زبردست ميدان، دٻدٻي سان ڀرپور گهر جتي هندو، مسلمان، سک، پارسي بغير ڪنهن گهٽ وڌائي جي رهن پيا، انهن جون عورتون

عاليشان لباس پائي رات جي ويل تنگو (رقص جو هڪ مخصوص قسم) رقص ڪنديون هيون. شاهنواز جي اکين جيڪي منظر ڏٺا سي سندس خواب خيال ۾ به نه هئا. هن ته اڄ تائين پيگل رستا، پراڻا پٿر، اُڏوهي ورتل ڪاٺ، سرمائي سيمنٽ، اٿلندڙ گٽر، ساهه ٻوساتيندڙ بدبوءِ، تباهه حال شهر ۾ ڏپ وارين گهٽين کي ڏٺو هو.

آهه! ڇا ته شهر آهي، هتان جي هوا ڪيڏي تازي آهي، ان ۾ ساهه کڻڻ ڪيڏو نه مزيدار آهي! هتي برابري ۾ حسن جي حڪومت آهي، هتي جا ته پنڌ هلندڙ ماڻهو به هُتان جي ماڻهن کان مختلف آهن. هنن جا ڳاٽ غرور ۾ اُڀا آهن. شاهنواز جيڪو ان گند سان ڀريل دنيا منجهان بچي نڪتو هو تنهن هتي اچي اها جنت پنهنجي اکين سان پاڻ ڏٺي جنهن جو جناح واعدو ڪندو رهندو هو.

"پاڪ ماڻهن جي ڌرتي."

اها هئي اسلام جي سچائي ۽ ٻي دنيا تي ان جي فتح جو دليل... ايتري مختصر وقت ۾ هن پهريون ڀيرو ايتري تعداد ۾ خوشحال ماڻهو ڏٺا هئا. ٽانگي شهري ليڪو عبور ڪيو هي اهو علائقو هو جيڪو انگريزن پنهنجي لاءِ ٺاهيو هو جتي اتان جي ڪنهن به رهواسي کي اچڻ جي اجازت نه هئي. ان علائقي ۾ ڪٿي به اٿلندڙ گٽر نه هئا، ڪٿي ڪو گند نه هو، ڪٿي ڪا ڪرفتي نه هئي. نيٽ ٽانگو ان نئين شهر جي پهرين عمارت جي آڏو پهتو جتي هڪ تعليم يافته سماج ۾ مهذب معاشري جو بنياد رکيو ويو هو.

هُو من ۾ ڪيترا ئي ارمان سانڍيندو ٽانگي تان لٿو اها ئي اها جاءِ هئي جتان کان هو پنهنجي نئين زندگي شروع ڪرڻ وارو هو ۽ ان نئين آغاز لاءِ هو پُر اميد هو. شاهنواز سوچيو ته هو پهرين ڇو نه ان بيڙي علائقي کي ڇڏي هيڏانهن آيو پڪ سان هن کي ڪم ملي

وڃي ها. چاڪاڻ ته هتان جا ماڻهو پڙهيل ڳڙهيل، مهذب ۽ ٻين جو احساس رکڻ وارا پيا لڳن.

هُو هڪ ويڪري گهٽي ۾ اڳتي وڌڻ لڳو جنهن جي پاسن سان وڏا وڏا ورڻ ۽ دڪان موجود هئا، هتي ته گرمي جو زور به گهٽو نه هو. هو چڱي دير هلندو رهيو ۽ چوڌاري ٿيندڙ سرگرمين کي ڏيان سان ڏسندو رهيو ۽ دڪاندارن جا منهن پڙهندو پئي ويو. هن کي ڪا ڄاڻ نه هئي ته ڪهڙي ريت هو دڪاندارن سان ڄاڻ سڃاڻ وڌائي ۽ انهن کان ڪم طلب ڪري؟ اهي ماڻهو جيئن ته ڏسڻ ۾ سادا ۽ خوش طبيعت ٿي لڳا، ان ڪري هن ۾ همت برقرار رهي، پڪ سان اهي ماڻهو هن جي جهالت کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا.

جنهن پهرين دڪاندار سان هن جي ڳالهه ٻولهه ٿي، سو ڊگهي قد جو هڪ سٺو شخص هو جيڪو اڇي رنگ جي سلوار قميص پهريل هو. جنهن ويل شاهنواز هن جي آڏو آيو ته هن ننهن کان چوٽي تائين هن کي ڏيان سان ڏٺو.

شاهنواز ڳالهايو.

"سر! مهرباني ڪري مون کي ڪم ڏيو."

دڪاندار شاهنواز جي پنيان ڏسڻ لڳو شاهنواز کي لڳو ڄڻ پنيان ڪا شي آهي، جيڪا دڪاندار هن کي ڏيکارڻ گهُري ٿو ان لاءِ هن پوئتي ڪنڌ ورائي ڏٺو پر هن کي ڪجهه نظر نه آيو. جڏهن هن ٻيهر پنهنجو ڪنڌ ورايو ته ڏٺائين دڪاندار ان جاءِ تي موجود نه هو ۽ پنهنجي ڪم سان لڳي ويو... شاهنواز هڪ ڀيرو ٻيهر هن ڏانهن ويو ۽ چيائين،

"محترم! مون کي ملازمت گهُرجي، ڇا اوهان وٽ منهنجي لاءِ ڪو ڪم آهي؟"

شاهنواز ان شخص جي اکين ۾ ڪاوڙ جا پاچا ڏٺا. هن ڪجھ ڳالهائڻ کان سواءِ هٿ جي اشاري سان هن کي چيو تہ هو هتان هليو وڃي، هو ان کي پينو فقير پيو سمجهي. شاهنواز سوچڻ لڳو تہ ان صورتحال منجهان بغير شرمسار ٿيڻ جي ڪيئن نڪرجي. هو اچا ان بي راهہ رويي تي حيران هو جيڪو دڪاندار هن سان اختيار ڪيو. هن سمجهيو تہ هو هن اسلامي شهر جي سنجيده ترين ماڻهو جي منهن پيو آهي پڪ سان ٻيا ماڻهو ائين نہ هوندا.

پر سمورو ڏينهن هن کي اهڙا ئي ماڻهو ملندا رهيا. سڀ جا سڀ دڪاندار جن سان هُو مليو انهن هن کي انڪار ئي ڪيو پر هن کي تعجب ان ڳالھ تي هو تہ ڪنهن بہ هن سان ڳالهائڻ مناسب نہ ڄاتو "ٿي سگهي هن کي انهن جي ٻولي نہ ايندي هجي؟" هن ويچاريو.

ان حقيقت جي خبر شاهنواز کي بعد ۾ پئي تہ هن جو لهجو اهڙو آهي، جنهن کان شهر جي شاهي علائقي جا ماڻهو واقف هئا ڇڻ تہ سندس نرڙ تي لکيل هجي تہ هو هيرامنڊي منجهان آيل آهي. جهڙي ريت جانورن جي نرڙ تي لوهہ سان داڳ ڏاهي انهن کي سڃاڻبو آهي، پاڪستان ۾ طوائف جو پٽ هجڻ ايترو ئي داڳدار هو جيئن ڀارت ۾ اڇوت هجڻ ۽ ان داڳ کي ميسارڻ لڳ ڀڳ اڻ ٿيڻو هو. ڪو بہ شاهي پاڙي جي پوئتي پيل علائقي منجهان پاڻ بچائي نہ ٿو سگهي. شام ويل جڏهن هو ٻيهر شاهي پاڙي جي ڀتين ڏانهن وريو تہ هن جا سڀ ارادا چڪناچور ٿي چڪا هئا. مايوسي جي حالت اهڙي هئي جو هو فقط گهر پهچي بس هڪ ئي ڪم ڪرڻ پيو چاهي، عمر ۾ ان جي ٻالن دوستن کي هٿ ڪري ۽ نشي جي سمنڊ ۾ ٻڏي وڃڻ.

پر ان بجاءِ هو سڌو بادشاهي مسجد ڏانهن نماز ادا ڪرڻ لاءِ نڪري پيو. شاهنواز جنهن ماحول ۾ پرورش ورتي اتي يا تہ عورتن

جي خوشبوءِ هئي يا مرداڻن نطفن جي تيز بدبوءِ... پر ماڻي هو چاهي پيو بلڪ هن فيصلو ڪري ورتو هو ته وقت اچي چڪو آهي ته هو پاڻ کي پاڪ بڻائي، هن عهد ڪري ورتو هو ته هو پنهنجو پاڻ مٽائي پوءِ ساهه پٽيندو.

امام حسين جي ياد ۾ ملهائجندڙ عاشوره محرم جو چنڊ نظر اچي ويو هو. هي اهو مهينو آهي جنهن ۾ شاهي پاڙي ۾ ٺهڪ ڏيڻ يا لطف ڏانهن ٻوڙڻ رڳو ممنوع ئي نه هو پر باقائدي ڏوهه مڃيو ويندو هو اهي ڏينهن امام حسين جي ياد ۾ ماتم ڪاڻ منسوب هئا. امام بارگاهن ۽ شيعن جي گهرن تي ڪارا ماتمي علم لڏڻ لڳا. ٻارڙا گهٽين ۾ پاڻيءَ جون سبيلون لڳايون ويٺا هئا. اهي سبيلون ان عظيم اُسات جي ياد ۾ لڳايون وينديون هيون. جنهن کي ڪربلا جي رڻ پٽ ۾ امام حسين منهن ڏنو هو. شاهنواز هڪ مجلس ۾ ويٺي ذاڪر کي غور سان ٻڌي رهيو هو جيڪو امام حسين جي قصي کي بهترين انداز ۾ ٻڌائي رهيو هو ۽ ٻڌائي پيو ته ڪهڙي ريت امام حسين جي زندگي اسان لاءِ زندگي گذارڻ جو بهترين نمونو آهي، جنهن ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف محاذ اٿڪائي واضح ڪري ڇڏيو ته سچائيءَ لاءِ جيڪڏهن جان به وارڻي پوي ته پوئتي نه هٽو. پهرين رات پاڙي جا لوهار چاقون ڇريون ۽ بليڊ تکا ڪندا رهيا.

صبح جو سوير پراڻي شهر منجهان عزادارن جو جلوس روانو ٿيو ته شاهنواز به انهن سان گڏجي پيو. عزادار پنهنجن اگهاڙن پٺن تي زور زور سان زنجيرزني ڪرڻ لڳا، وڌيڪ جذباتي عزادارن جي منهن ۽ پيٽ جي ڪجهه حصن تي زخم به هئا. شاهنواز پهرين ته ٿورو ڊنو پر انهن عورتن آڏو شرمسار نه ٿيڻ چاهي جيڪي ڳوڙهن سان ڀريل اکين سان ان جلوس کي ڏسي رهيون هيون. هر ڏسا ڏانهون ڪوڪون

هيون، آهون دانهون ۽ رت هو. هن پاڻ کي آئت ڏني ۽ پنهنجي سموري طاقت هٿ ڪري زنجيرزني ۾ شامل ٿي ويو هو ان محل تائين زنجيرزني ڪندو رهيو جيسين ايذاءَ جي احساس جي جاءِ وجد جي ڪيفيت نہ ورتي. هر پاسي رت وکريل هو شاهنواز جي پٺي، ڪلهن ۽ هٿن منجهان رت پيو وهي، هن جي وجد ڀريل اکين ۾ چمڪ هئي جيڪي هن جي ڳاڙهي منهن سان ملي سحر طاري پيون ڪن. وڏن وارن وارا درويش ۽ رت ۾ وهنتل عزادار سنين جي خلاف نعرا پيا لڳائن، وري يڪدم ماٺ ٿي وئي پٺي ۽ شهادت، بدلو ۽ اهڙن ٻين جذبن تي مبني روح راڙو شروع ٿي پئي ويو. هڪڙو ميڙ جيڪو علي جي گهوڙي جي پٺيان هلي رهيو هو جنهن کي شاندار نموني سينگاريو ويو هو ويچارو جانور وڏي مصيبت ۾ هو ۽ جنهن لاءِ پنهنجو پاڻ کي تحمل ۾ رکڻ ڏاڍو اڙانگو هو ائين پئي لڳو تہ هر پاسي ٽڙيل رت هن تي بہ وجد جي حالت طاري ڪري ڇڏي هئي، هن جي وات منجهان گگ پئي نڪتي، جهڙيءَ ريت هو منجهي منجهي هلي پيو ان کي ڏسي ائين پئي لڳو ڄڻ تہ هو ڪو بوتو هجي، جنهن جون رسيون ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ هجن.

اهو منظر ٽيهہ ڏينهن ۽ ٽيهہ راتيون جاري رهيو، ماتم، گوڙ سڏڪا، روج، دانهون، رت ۽ پٺيان ماتم جو اهڙو آواز ڄڻ ڪو وڏو دهل وڄي رهيو آهي، پاڙي وارا عزادارن جي کائڻ پيئڻ جي بندوبست ۾ رڌل هئا.

جڏهن نيٺ شاهنواز واپس گهر وريو تہ ٻيهي بہ نہ پئي سگهيو. هن جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا هئا، ۽ زخمن ۾ ڦاٿل هئا. هو پهرين پنهنجين ماسين آڏو بيٺو تہ جيئن انهن کي جهاد تان موٽندڙ ڪنهن مجاهد وانگر سلام ڪري سگهي. پان جي هڪ ڍڳهي ڳاڙهي ٽڪ خالا جي وات منجهان نڪتي ۽ سڌي وڃي چانڊائيءَ جي ٽڪدان ۾

پئي، هنن هن کي غور سان ڏٺو هن جي افعالن تي انهن کي ڪا به حيرت نہ ٿي، پر هن اڃي جيڪو ڪجھ ڇيو ان تي هو حيران ٿي ويون. پوءِ شاهنواز پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

ڪمري ۾ پهچڻ شرط سندس ماءُ هن جي اهڙي خدمت ڪئي جهڙي ريت تڏهن ڪندي هئي جڏهن هو اڃا ٻالپڻ ۾ هو. ماءُ ڪپڙي سان شاهنواز جا زخم صاف ڪيا، ۽ ٻاٻوهہ ڀريل اکين سان پنهنجي پٽ کي ايذاءَ جي حال ۾ ڏٺائين ٿي. نسيم مذهب جي ويجهو ڪڏهن بہ نہ رهي هئي، پر اڄ هوءَ پنهنجي پٽ کي نبي ۽ ولين جي رستي تي هلندو ڏسي سرهي هئي.

ان ڏينهن شاهنواز مذهب جي راهہ ونڻ جو پڪو پهہ ڪيو جنهن ڏينهن هن قرآن ۾ پڙهيو تہ نبي جو قرب تہ فقط انهن ماڻهن کي ملندو جيڪي مومن هوندا ۽ پرهيزگار هوندا. انهن ڏينهن ۾ سندس ڏينهن ۽ راتيون ايترا تہ ڪڪ ڪندڙ هئا ۽ زندگي ايڏي تہ سست رفتار ٿي وئي هئي، جو هُو خونخوار عزاداري ذريعي ابدي حياتي ماڻڻ واري عقيدي کان تائب ٿي ريو. هاڻي اسلام بہ هن کي قيامت جي ڏهاڙي جيان ڪا ڏورانهين شي لڳڻ لڳو.

شاهنواز ۽ نسيم پاڻ ۾ مڙئي ڪو ڳالهائيندا هئا. ڳچ سال پهرين هن ماءُ جو اعتماد ٽوڙيو هو ۽ آخري ڀيرو جڏهن سندس ماءُ جو شفقت ڀريو هٿ جڏهن هوءَ هن جي زخمن تي ملم لڳائي پئي تہ هن کي مڙئي آٿت ٿي تہ هو پنهنجي ماءُ جي اکين جو تارو آهي، جيتوڻيڪ هوءَ پنهنجي عورتن واري دنيا ۾ رڌل هئي پر شاهنواز ۽ ليلا جون اهي بہ پهريون هن جي نظرن کان لڪل نہ هيون، جنهن ۾ هو شهوتي حرڪتون سرانجام ڏيندا هئا. پنهنجن ٻارن جي اهڙي چرڪائيندڙ ۽ ڏڪائيندڙ عمل جي ڄاڻ کان پوءِ هن کي سمجھ ۾ نہ

پئي آيو تہ هوءَ ڇا ڪري، ڪهڙي طرح هنن کي محفوظ رکي، پر پوءِ هن جي ڏيءُ جو موت، هن کي پٽ ڏانهن ڇڪي ويو. تڏهن ئي هن کي پنهنجي پٽ جي زندگي ۾ موجود مايوسين، ۽ هيرا منڊي جي ماحول ۾ هن کي پيش ايندڙ آزارن کان ڇوٽڪاري جو خيال آيو. هڪ ڏينهن هن شاهنواز کي چيو

”منهنجا ٻچا! تون هتي ڇائو آهين، توکي هتي ئي مرڻو آهي.“

اهي لفظ شاهنواز جي هانوَ کي ائين چيري ويا ڄڻ هن جي سيني ۾ چاڪو لڳو هجي، اها هڪ ڏهڪائيندڙ ۽ برداشت جوڳي اڳڪٿي نہ هئي، ۽ جڏهن نسيم هن کي مجائڻ ۾ سڦل ٿي تہ هن جي حياتي هتي ئي گذرڻي آهي تڏهن هن پنهنجي پٽ جي شادي جو فيصلو ڪيو.

5

اپريل جي سج کي دزيءَ ميرانجهڙو ڪري ڇڏيو
گرمي جي ڇڪ هئي، ڏينهون ڏينهون ۾ هر گذرندڙ
پهر سان گرميون پنهنجي عروج ڏانهن وڌن پيون. ڪنهن بہ شخص
۾ گرمي جي ان پيڙا کان بچڻ جي سگهہ نہ هئي، جيڪا ايندڙ ڇهن
مهينن لاءِ سنڌن نصيب ٿيڻ واري هئي. اپريل 1953ع جو ڏينهن هو
هڙني کي ائين ٿي لڳو تہ اڄ جو ڏينهن بہ گرم ٿيندو، پر اُتر جي
موچاري هوا ماحول کي وٽندڙ بڻائي ڇڏيو جيتوڻيڪ مند جو اهو ڦيرو
عارضي هو. سج جي اڀرڻ کان ڇگهو وقت پهرين 1947ع واري لڏپلاڻ
جيان ماڻهن جو هڪ ميڙ شهر ۾ داخل ٿيو جن ٽانگن تي اهي سوار
هئا انهن تي حد کان وڌيڪ سامان سٽيل هو بسيون مسافرن سان ٽمٽار
هيون جو انهن ۾ تر جيتري جاءِ جي بہ گُنجائش نہ هئي، هر پاسي کان
ماڻهو هئا.

بسين جي بغير شيشن واري درين منجهان انسانن جا هٿ ڇتين،
گهٽين جي پاسي ۽ پٽين جي اوٽ ۾ موجود ماڻهن کي سلام ڪري
رهيا هئا. 1947ع جي لڏپلاڻ جي برعڪس هن ڀيري ماڻهن جي منهن
تي دهشت بجاءِ اطمينان نظر ٿي آيو انهن جي منهن تي اميد جو ڏيئو

روشن هو ان ڏينهن سرحد تي بيٺل دربان جيڪي هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ داخل ٿيندڙن کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ جا هيراڪ هئا، انهن ٻہ سهڻي مرڪ سان ماڻهن جي آجيان ڪئي، انهن جي منهن تي موجود فرشتن جهڙي مرڪ پنهنجي هندو ۽ سک ڀائرن کي ڀليڪار ڪيو جن کي هاڪي جي ٽورناميٽ جي آخري مرحلي ڏسڻ لاءِ پاڪستان اچڻ جي اجازت ملي هئي.

لاهور ۾ هندوستان منجهان جيڪو ميڙ ان ڏينهن داخل ٿيو انهن منجهان ڪو هڪ ٻہ اهڙو نہ هو جيڪو راند ڏسڻ جي چاهہ ۾ اتي آيو هجي. انهن لاءِ تہ اهو تاريخي موقعو هو تہ هو پنهنجا وڃايل سيڻ ڳولهي سگهن، يارن کي ڀاڪر ۾ ڀري سگهن، پنهنجين گهٽين جو ٻيهر ديدار ڪري سگهن. پنهنجو گهر ڏسي سگهن ۽ ماضي جي ياد کي تازو ڪري سگهن، انهن کي پنهنجي ماضي قريب جي يادگيرين جي زيارت ڪرڻ جي آس هئي. جڏهن تانگن جي ڊگهي صف پراڻي شهر جي دروازي تي پهتي تہ مسافر انهن گهٽين ۽ گسن ۾ تڙي پکڙي ويا.

لاهور وارن فراخ دلي سان انهن جي آجيان ڪئي ۽ صدين جي سنگت ۽ گڏ رهڻ جي تاريخ ورجائي وئي. هر پاسي ماڻهو هڪ ٻئي کي ڀاڪر پيا پائن، هڪ ٻئي کي مٺيون پئي ڏنائون، ان ڏينهن هندن ۽ سکن کي هر پاسي کان ڪاڏي جون دعوتون پئي مليون، مهمان نوازي اهڙي جو ايندڙن کي پنهنجي کيسي منجهان هڪ رپيو ٻہ خرچ ڪرڻ نہ ڏنو ويو مهمانن لاءِ هر دروازو کليل هو ۽ لطيف کاڌا ۽ چانهن تيار هئي. علائقي ۾ ان ڏينهن جيڪا خوشي تي تاريخ ۾ اهو ڏينهن هڪ بهترين ڏينهن جو درجو والارڻ وارو هو. نسيم ۽ شاهنواز سمورا ڏينهن پنهنجي ڀاڙيسري پران چوڌري ۽ سندس ڪٽنب جي اچڻ جو اکيون وڇائي انتظار ڪندا رهيا، ڀارت کان ايندڙ هر مسافر کان هو ان جي

خاندان بابت پڇا ڪن پيا. پر ڪير به انهن بابت نه پيو ڄاڻي.

چڱي دير بعد انهن کي هڪ ماڻهو مليو جنهن کان هو پليءِ پٽ واقف هئا. ان شخص جو اتي ئي پاڙي ۾ دڪان هوندو هو جڏهن هو ان شخص سان مليا ته هن کين موٽ سان پُر انهن ريلن جي ڏکئي ۽ ڏکهي سفر جا قصا ٻڌايا. هن ٻڌايو ته ڪيئن انهن ڏهاڙن ۾ هندو ۽ مسلمان رت جا پياسي بڻجي ويا هئا. هن ٻڌايو ته جنهن ويل امرتسر کان هڪڙي ريل مسلمانن کي کڻي لاهور ڏانهن اچي پئي ته سرحد جي ويجهو هندو فسادين جي هڪ گروهه ريل روڪرائي، اهي ريل ۾ چڙهيا ۽ هر ان ماڻهو کي قتل ڪيائون جنهن جو ختنو ٿيل هو. هوڏانهن مسلمانن انهن کي قتل ڪيو جن جو ختنو ٿيل نه هو هڪ اهڙي ئي مقدر جي ماريل ريل تي ٿيندڙ حملي ۾ پران به ماريو ويو هن جو ڪنڌ هڪ تلوار سان وڍي اڇليو ويو هو ۽ اهو سمورو منظر هن جي گهر واريءَ آڏو ڪنهن ناٽڪي انداز ۾ ٿيو هو هن مائيءَ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان لڪي پنهنجي جان بچائي هئي، ۽ ٻارن کي به بچائي ورتائين. بچي ويندڙن جون دانهون عرش پيون ڏارين. قاتلن جي ٽولي کي جڏهن لڳو ته ڪو به زنده ناهي بچيو ته هو ريل منجهان لهي ويا. ۽ پوءِ ڪجهه ماڻهو رضاڪارن جي صورت ۾ رت ۽ پاخاني جي بدبوءِ سان ڀريل ڏبن ۾ چڙهيا ۽ انهن ماڻهن کي قتل ڪيائون جن جا پساهه باقي هئا. جنهن شخص اهو سمورو لڪائي ڏٺو اهو غسلخاني ۾ لڪل هو شاهنواز ۽ نسيم اهو واقعو ٻڌو ته سندن اکين منجهان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

هاڻي هنن کي سرحد جي ٻئي پار کان ايندڙن کي ڏسي ڪا به خوشي ڪا نه پئي ٿي ۽ هو چاهين پيا ته اهي سڀ مسافر هتان کان واپس هليا وڃن. انهن کي ڏسڻ لاءِ ايندڙ ميڙ ٻئي پاسي وري ويو فراخ

دلي، حب ۾ سڪ جا جذبا سست ٿي ويا. ائين ئي جيئن ميڻ بتي جي وٽ پنهنجي ميڻ کي ڳيهي ويندي آهي، سرحد ڏانهن موٽي ويندڙ قافلي تي سانت ڇانئيل هئي. اهي دربان به هاڻي نه پيا مرڪن جن کلي کلي انهن جو استقبال ڪيو هو ۽ پوءِ سرحد جا دروازا ايندڙ ڪيترن ئي سالن لاءِ بند ٿي ويا.



شاهنواز ڪيترا ئي ڏينهن پريشان هو ته آخر ڇو سندس ماءُ شاديءَ جو پاڪ ڳُهه هن جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ ضد تي اڙيل آهي؟ هن چاهيو ته هو بغاوت ڪري پر هو صرف سوچيندو رهجي ويو جڏهن هن کي خبر پئي ته سندس شادي ڪنهن سان ٿيڻ واري آهي ته هو بيٺو پريشان ٿي ويو... نه... ڪڏهن به نه... هن تڪليف وچان دانهن ڪئي، پنهنجي ماءُ سان وڙهيو به پر هوءَ پنهنجي ضد تي اڙيل هئي، ۽ هن وٽ پنهنجي ماءُ جي ڳالهه مڃڻ کان سواءِ ٻي ڪا راهه نه هئي، ڇاڪاڻ ته سماج ۾ پُٽ جي حيثيت سان هن جي ذميداري هئي ته هو پنهنجي ماءُ جو چيو مڃي.

هن جي حالت ڏاڍي رحم جوڳي هئي، ڪير به هن جي بدن ۽ دل ۾ ليلا جي جاءِ والاري نه پيو سگهي، ۽ هاڻي هو ان عورت جي باري ۾ سوچي سوچي پريشان ۽ اڌ مئو ٿي پئي ويو جيڪا سندس زال بڻجي هن جو اڌ بستر ونڊڻ واري هئي. هن کي شديد ڏک سبب بخار ٿي پيو. بخار منجهان ڏڪندي ڏڪندي هن فلمي اداڪارن جيان پنهنجي ماءُ کي سيني لائي چيو ته آخر ڇو هوءَ هن کي جيئڻ نٿي ڏئي، پر ان گهر ۾ موت بابت مذاق جي ڪا به گنجائش باقي نه بچي هئي تنهنڪري نسيم جي طرفان ڳري چماٽ شاهنواز جي ڳٽي تي لڳي. پريشاني جي

حالت ۾ هن دل کي تسلي ڏيڻ لاءِ مسجد جو رخ ڪيو ڇاڪاڻ سندس گهر هن لاءِ هاڻي اذيتناڪ بڻجي چڪو هو. هُو مسجد ۾ وچي نمازون پڙهندو رهيو ۽ دعائون گهرندو رهيو.

گهر ڏانهن موٽندي هو مصطفي جي گهر آڏو بيٺو ته جيئن پري کان ئي پر هن جي ڌيءَ ثنا کي ڏسي سگهي، ثنا اڄ به ان موهه کان وانجهيل پئي لڳي، هن جا ڳنڀيون ڳنڀيون وار گوشت ۽ چربي جي تهن سان ڀريل جسم. هنداڻي جيان وزني به ارهه. بدصورت مرڪڻ جيڪو ان وقت غائب ٿي ويو جنهن ويل هن ڏٺو ته شاهنواز هن ڏانهن نهاري رهيو آهي. ثنا سدائين چپ رهندي هئي ۽ شاهنواز اڪثر سوچيندو هو ته ڇا هوءَ ڳالهائيندي به آهي، هوءَ ئي اها ڇوڪري هئي جيڪا هن لاءِ چونڊي وئي هئي، هوءَ سست رڍ جهڙي، هن جي منهن مان ئي لڳندو هو ته عقل نالي ڪا شي هن جي دماغ ۾ موجود نه آهي، هن جي ڳڻتي اجا وڌي وئي ۽ هو پنهنجي ڪمري ۾ هنڌ تي اونڌو منهن ڪيون ليٽي پيو.

شاهنواز جي دل ۾ اجا به وڏا وڏا خواب هئا. اجا به هن تعليم حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجو روزگار پاڻ ڪرڻ جو فيصلو رد نه ڪيو هو پر هن کي هيل تائين ڪو به دڳ نظر نه آيو هو ته محمد علي جناح جي هن معاشري ۾ ڪيئن پنهنجو مقام ٺاهي، آخر اها همٿ هن کي ڪٿان ملندي جنهن سان هو پنهنجي بي مقصد زندگي کي ڪو مقصد ڏئي سگهي؟ هن لاچاريءَ وچان پنهنجي چوگرد ديد ڊوڙائي پر آزدي جي واٽ ڪٿي به موجود نه هئي، اڄ به هو هڪ طوائف جو پٽ هو هيرامنڊي جو اڀاڳو وجود... معاشري جو اڇوت.

شادي جي سنبت ڪيترن ئي مهينن تائين جاري هئي، ٻنهين خاندانن جي وچ ۾ ڏاج بابت ڳالهه ٻولهه ٿي، مصطفي هڪ غريب

شخص هو هيرامنڊي ۾ هڪ باجو وڄائيندڙ گهڻو ڪمائي نٿو سگهي، ان ڪان وڌيڪ تہ ٻالا ۽ پنگي ڪمائن ٿا. هتي فنڪارن جي بي قدري ظاهر ڏسجي ٿي ۽ هنن کي پنهنجي هنر منجهان فقط ايترو ملي ٿو جو پنهنجي گهر جي چلهہ ٻاري سگهن. پاڪ ماڻهن جي هن ڌرتيءَ تي هيرامنڊي جي موسيقارن جي حيثيت نہ هجڻ جي برابر آهي، پر نسيم ڏاج نہ ڏيڻ تي راضي ٿيڻ لاءِ تيار نہ هئي. گهر جي وڏي هجڻ جي ڪري هن گهٽي ڪان گهڻو ڏاج وٺڻ لاءِ هر حربو هلايو هن کي سڀ ڪان وڏو فائدو ان ڳالهہ ۾ پئي نظر آيو تہ شاهنواز جي زال هن کي ڏيءَ ڇٽي ڏيندي، جيڪڏهن هن وٽ ڪا ڇوڪري نہ هوندي تہ هن جي پڇاڙي ڪيئن گذرندي؟ شاهنواز جي باري ۾ هن کي پڪ هئي تہ هو لاپرواهہ ماڻهو آهي ۽ خوابن جي دنيا ۾ ئي جيئڻ وارو شخص آهي، يا هو لائق آهي ڪنهن مسجد جي، جتي هن جو وقت پنج وقت نماز پڙهي ۽ الله الله ڪرڻ ڪان سواءِ ڪو ٻيو مستقبل نہ هوندو. هن کي ڪنهن طوائف سان پرڻائڻ جو خيال بہ هن جي ماءُ جي ذهن ۾ نہ هو جيڪا ڀمريان ئي ٻار ڇٽي ڇٽي يا انهن کي ضايع ڪري ڪنهن لائق نہ بچي هجي، گهٽ ۾ گهٽ جن ڪان هوءَ واقف هئي انهن ۾ تہ ڪا بہ اهڙي نہ هئي.

هر ماءُ جيان هن جي خواهش هئي تہ پنهنجي پٽ جي لاءِ ڪنواري ساماٽي ئي پرڻائي اچي، ۽ نئين ساماٽي بہ اهڙي جنهن جو مٽ ان پوري علائقي ۾ نہ ملي سگهي، جيتوڻيڪ مصطفي جي ڌي اهڙي ڇوڪريءَ هئي پر ان جو خاندان تمام مسڪين هو. هن کي ان ڳالهہ جي ڪا بہ ڳڻتي نہ هئي تہ شاهنواز ان رشتي تي راضي نہ آهي، ڇاڪاڻ هن کي ائين ٿي لڳو تہ جيڪڏهن شادي ڪان پوءِ بہ شاهنواز جيڪر عياشيون ڪرڻ چاهي تہ علائقي ۾ عورتن جي گهٽتائي نہ

آهي. هن جي نظر ۾ شادي ٻن خاندانن جي وچ ۾ مفادن جي معاهدي کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي. نيٺ اهڙي عمل ۾ احساسن جي گنجائش باقي ڪٿي رهي ٿي؟ هتي ڪو به محبت جي لاءِ شادي ناهي ڪندو، پيو ته هن علائقي ۾ محبت جو ڪمڙو ڪم؟ هڪ اهڙو سماج جتي زندگي جي واحد سرگرمي بقا هجي، اتي محبت جو ڪمڙو ڪم؟ ايتري تائين جو هيرامنڊي جي تماشگاهه ۾ ڊيڪاريو ويندڙ ناٽڪ ۾ به اهو سڀ ڏنو ويندو هو نيٺ عقل محبت تي حاوي ٿي پوي ٿو اها تماشگاهه نسيم جي ڪوٺي جي بلڪل ويجهو هئي جتي هن ان موضوع تي ڪيترائي ناٽڪ ڏٺا هئا.

سياري جي هڪ وٽندڙ ۽ ٿڌي ڏينهن ۾ شادي جي تقريب ڪوٺائي وئي. ڪجهه مانيلا ڪڪر آسمان جي نيري فرش تي ائين ترن پيا. چڻ ته اڇي نرم ڪپهه جهڙا گل فضا ۾ اڏي رهيا هجن. گهر جي پوئين پاسي واري گهٽيءَ ۾ هڪ دفعو ٻيهر ڳاڙها ۽ سونهري شاميانا لڳايا ويا. ڪنوار لال جوڙي ۾ ويڙهيل هئي ۽ سندس جسم جو جيڪو حصو ظاهر هو ان تي زيور پهريل هئا. ثنا جي تخليق ۾ فطرت جيڪا ڪشش جي ڪوت رکي هئي، ڍير سينگار باوجود ان ۾ ڪو به فرق نه آيو. شاهنواز گهوٽ جي لباس ۾ پنهنجي گهر واري سان گڏ وڏي صوفي تي ويٺل هو پوشاڪ بابت هن جو خيال هو ته هن جي اها پوشاڪ چڱي خاصي مزاح جوڳي آهي، گهوٽ جي لباس ۾ هو ڪنهن شهنشاهه جيان پئي لڳو... اڇي سلوار قميص تي وڏي پڳ جنهن جو سِرو پڪي جي پرن جيان هوا ۾ لڏي پيو. بيزاري جا ماريل ماڻهو گهوٽ ڪنوار کي ڏسي سستي وچان پنهنجين جاين تي ويٺي اوٻاسيون پيا ڏين. ڪاهل، بيزار ۽ ماٺ ٿيل ماڻهن جو سمنڊ بس ان ڪاڏي جي انتظار ۾ هو جنهن کي کائي هو اتان هليا وڃن ها. ڪاڏي جي

اچڻ ۾ بہ دير ٿي وئي هئي.

تقريب ۾ بي مزي وقت گهارڻ کان پوءِ شاهنواز لاءِ اڳين مصيبت اهو جنسي عمل هو جيڪو هو ان بدشڪل عورت سان گڏجي ڪرڻ وارو هو. شاهنواز ڊنل هو ۽ هن جو جسم بخار ۾ ٽٽڪي پيو. هر نئين آزمائش تي هاٿي هن سان ائين ٿيندو هو هن جي وجود جي اڪيلائيءَ منجهان ليلا جي پڪار پئي آئي. جنهن جو اتي هجڻ هو سولائي سان محسوس ڪري ٿي سگهيو. ليلا جي وفات کان پوءِ شاهنواز ڪڏهن ڪنهن عورت کي هٿ نہ لاتو هن دل ئي دل ۾ پئي سڏيو "ليلا منهنجي مدد ڪر." جڏهن هو پنهنجي ڪنوار جي پٺيان هلندو پنهنجي ڪمري ڏانهن پئي آيو تہ هن جي اندر ۾ ليلا جي يادن مچ مچائي ڇڏيو هو. ڪمري ۾ پهچڻ کان پوءِ هن مڙئي ڪوان غريب ۽ لاچار ڇوڪريءَ ڏانهن هڪ پيرو بہ ڏنو هوندو. ڇوڪريءَ جي بدصورتي اڃا وڌي وئي هئي، هار سينگار سندس منهن تان مکڻ جي چاٽن جيان وِگهري رهيا هئا، تيل قليل جي ننڙڻ سبب هن جي منهن تي ليڪا ٺهي ويا هئا، هوءَ ننهن کان چوٽي تائين بي ربط وجود پئي لڳي، هوءَ هراس ۾ ورتل هئي... اٽڃاٽي جو پئہ... تہ هاٿي ڇا ٿيندو.

خوش قسمتي سان ڪمري جي ڪنڊ ۾ رکيل بتيءَ جي روشني ايتري تہ گهٽ هئي جو ڪمري ۾ موجود ماڻهن جي حالت جو پتو ڪو نہ پئي پيو. نيٺ شاهنواز پنهنجي سموري سگھ گڏ ڪئي، ڊگهو ٽڏو ساهہ کنيائين ۽ پنهنجي زال ڏانهن وک وڌايائين. قبر جهڙي ماٺ ۾ هن نئين نڪور ڪنوار جو لال لباس لاهڻ شروع ڪيو ائين پئي لڳو تہ ڄڻ هُو ڪنهن بيڪار گل کي پٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي، ڇوڪري بي حس بٺي بت جيان ويٺل هئي، پنهنجن وڏن وڏن ارهن کان ڊنل ڇوڪريءَ جي پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ لڳا. شاهنواز بس ضروري

ڪپڙا لاٿس ۽ ساڳيو عمل پاڻ سان به ورجايائين، ۽ جڏهن بئي ستا ته شاهنواز کي سمجھ ۾ نه پئي آيو ته هو بئي جماع ڪيئن ڪري سگهندا. هن جو نازڪ عضوو نريل هو هن اکيون ٻوٽيون ۽ شدت سان ليلا کي سارڻ لڳو. هن جي جسم جي ڪشش، چڪ ۽ هن جي ننڍين ننڍين ارهن بابت. هن کي حيرت پئي لڳي ته اڄ به ليلا هن کي چٽي طرح ياد آهي ۽ انهيءَ ياد جادوئي ڪم ڪري ڊيڪاريو پنهنجي اندر ۾ لڳل باه کي ٻيهر جهڪي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هو هڪ سائت به وڃائڻ بجاءِ ٿنا ڏانهن وڌيو جيڪا دوزخ جي سفر لاءِ تيار هئي، شاهنواز پنهنجا باقي ڪپڙا به لاٿا ۽ ڪنهن وحشي جانور جيان ان چوڪريءَ تي چڙهي ويو. پڪ سان هوءَ پهريون ڀيرو اهري عمل منجهان گذري پئي، ٿنا جون دانهون ائين هيون، جيئن ڪو جانور ذبح ٿيڻ وقت رڙيون ڪندو آهي، پر شاهنواز ڪنهن ٻي دنيا ۾ هو اهڙي دنيا ۾ جتي ٿنا جون دانهون هن کي ڪٿي پري کان اينديون پئي محسوس ٿيون.

نئين پر ٽيل جوڙي کي هيٺيون طبقو رهائش لاءِ ڏنو ويو هو گهر جو اهو حصو انهن جائز زالن جي لاءِ هو جيڪي ڏنڊو نه ڪنديون هيون. ٻن ماسائين اڳ ئي ڏنڊو ڇڏي گهريلو زندگي گهارڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو انهن جو گهر اڳين گهٽيءَ ۾ هو هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماءُ سان ملڻ گهر اينديون هيون ۽ ان ڏاڏ ۽ ظلم جا داستان ٻڌائينديون هيون، جيڪي شادي کان پوءِ سندن نصيب بڻيا هئا، جن ماڻهن جي لاءِ هنن ڏنڊو ڇڏيو انهن ئي هنن تي ظلم ڪيو هاڻي هنن جون شڪلون بدصورت ٿي چڪيون هيون، هنن جا جسم سُڄي ٻوٽر ٿي ويا هئا، چيلھ وٽ چار چار انچ چربي چڙهيل هئي ۽ لاڳيتا ٻار ڄڻڻ سبب سندن جسم ٿلهو ٿي ويو هو.

شاهنواز جنهن انهن کي ننڍي هوندي کان جواني تائين ڏٺو هو جيڪو انهن جي سونهن کان واقف هو تنهن هنن کي هاڻي جو ڏٺو ته سڃاڻ کان ٻاهر ٿي لڳيون، عورتون پنهنجي وزن هيٺ دٻيل هيون، ٿلهي چيله، پوري چمڙي، اٽيا وار، هر شي منجهان سندن بدحالي پئي ڏسجي.

نسيم پنهنجون چاليهه بهارون پوريون ڪري واري هئي، ۽ هن کي خبر هئي ته هاڻي هن کي پنهنجو ڪوٺو بند ڪرڻو پوندو ۽ ناچ به ڇڏڻو پوندو. مردن کي صرف نوجوان ۽ ساماڻيون ئي وڻنديون آهن، پوڙهن طوائفن ۽ ناچڻين جو نصيب ماضي جي ٻين مشهور طوائفن جيان اڪيلي ڪمري ۾ زندگي گذارڻ هو جنهن ۾ يادون راتين جون ننڊون ڦٽائي ڇڏينديون آهن. شاهنواز کي هر وقت پنهنجي ماءُ جي ڳڻتي هوندي هئي، هو پنهنجن ٻن ماسين کي ڏسندو هو ۽ پنهنجي ماءُ جي مستقبل جو سوچيندو هو ته سندس لڱن مان ڇرڪ نڪري ويندا هئا. هن جون ماسيون هاڻي ايترون ته پوڙهيون ٿي ويون هيون جو هنن جا ڪل ئي ڏند ڪِري پيا هئا، انهن جا وار ڪُسي ويا هئا ۽ چيله چٻي ٿي وئي هئي، انهن جي جسم مان هر وقت ڏپ ايندي هئي، اهي عورتون ان وقت تائين جسم وڪڻنديون آيون جيسين پوري وجود جي بيهڪ ڦٽي نه وئي هئن، هاڻي انهن جي حالت اها هئي، ڄڻ ڪنهن تباهه ٿيل جهاز جو ڍير هجي.

شاهنواز شادي کان پوءِ گهڻو وقت گهر کان ٻاهر گهارڻ لڳو شام جو هو ان وقت گهر ويندو هو جنهن ويل ٻيا سڀ مرد ويندا آهن جن کي پنهنجين زالن کي ٻڌائڻ لاءِ ڪجهه به نه هوندو هو ڪا ڳالهه ونڊ ڪرڻ لاءِ نه هوندي هئي. جڏهن هُو گهر پهچندو هو ته هن کي هڪ ئي ڳالهه خوشي ڏيندي هئي ته ثنا سٽل هوندي هئي، هن کي ان عورت

تي قياس بہ پوندو هو تہ هن کي اهو سڀ نہ مليو جيڪو ڪيس ملڻ گهرجي ها ۽ پوءِ ٿوري دير ۾ هو سمهي پوندو هو ايندڙ صبح جو هو ڪوشش ڪندو هو تہ سوير اٿي ۽ هن جي جاڳڻ کان پهرين گهران نڪري وڃي.

هُوءَ گهٽيءَ ۾ نڪرندو هو تہ اتي گند ڪٺڻ وارن ڪجھ ڇوڪرن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نظر نہ ايندو هو. هو پنڌ هلندو بادشاهي مسجد جي سامهون موجود باغ منجهان گذرندو هو ۽ روشني دروازي ڏانهن ويندو هو. روشني دروازو لاهور جي مشهور تيرهن دروازن منجهان هڪ آهي. روشني دروازي جي آڏو راوي درياهہ سانت سان پيو وهندو هو جنهن جي ڪنڌيءَ سان موجود وڻن تي پکي ٻوليون پيا ٻوليندا هئا. صبح جي سج جي پهرين لاٽ سان ڀرپور اهو منظر شاهنواز جي دل کي ڏاڍو وڻندو هو. هُو مسلسل ان سونهن ڀري منظر ۾ ايندڙ رنگن جي ڦير جو مشاهدو ڪندو رهندو هو. ڪڏهن اهو منظر پيلي روشني ۾ ويڙهيو پيو هوندو هو تہ وري ڪڪرن جي اچڻ سان بلڪل ٻيو ٿي ويندو هو. هُو قدرت جي انهن سهڻن نظارن کي ڏسندو اتان گذرندو هو تہ سندس اندر ۾ عجيب باهہ ڀڙڪو کائيندي هئي، سندس من گهرندو هو تہ جيڪر هو اهڙي سونهن تخليق ڪري سگهي، ڪاش هُو رنگن جو جادوگر ٿي وڃي، هو ان بابت اڪثر سوچيندو هو ۽ هاڻي تہ هن وٽ نوڪري بہ هئي، هاڻي هر ڳالهہ ٺيڪ هئي.

جي ها! نيٽ هو روزگار سان لڳي ويو هو. هن جي زندگيءَ ۾ گذريل ڪجھ مهينن کان جيڪي ڦيرا آيا هئا، انهن ۾ اها بهترين تبديلي هئي. هاڻي هن وٽ نوڪري هئي، ان لاءِ هُو جعفر جو احسانمند هو. اهو جعفر جنهن سان ننڍپڻ ۾ هن سيني کان گهڻي نفرت ڪئي هئي، نيٽ هڪ ڏينهن ٻنهين جي واقفيت ٿي وئي، جعفر

گهر واري ڊاڪٽڻ لهي ٻاهر پئي ويو تہ ان ئي وقت شاهنواز ڊاڪٽڻ تي پهتو زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ٻنهين جي وچ ۾ جملن جي ڏي وٺ ٿي، جعفر کي خبر هئي تہ شاهنواز ڪم جي ڳولا ۾ آهي ۽ بي قرار آهي، هن شاهنواز کي چيو تہ هن جي ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ چاهي تہ اچي سگهي ٿو ۽ شاهنواز ٻئي ڏينهن پهچي ويو.

ان کان پوءِ هن جي زندگي مٽجي وئي هاڻي هو هڪ نئون ماڻهو ٿي ويو هاڻي هو مستقبل بابت منصوبا جوڙڻ لڳو جڏهن هو ٽيپهري جو گهر ورندو هو تہ محترم بروهي ڏانهن هليو ويندو هو محترم بروهي اردو جو ماهر استاد هو جيڪو پنهنجي عهدي تان هٽ ڪٽي چڪو هو جيڪو ڪجھ پئسن عيوض هن کي اردو سيکاريندو هو. اها ٻولي جيڪا محمد علي جناح ان شهر مٿان مڙهي هئي، جڏهن تہ سمورو شهر پنجابي ڳالهائيندو هو پر اها حقيقت هئي تہ صدين تائين مغلن جي دربار جي ٻولي هجڻ ڪري اردو ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي ٻولي بڻجي وئي هئي، سنسڪرت سان ملندڙ جلندڙ هيءَ ٻولي وڏن ماڻهن جي ٻولي هئي، ان کان سواءِ قرآن سان بہ ان ٻولي جو جذباتي ڳانڍاپو هو پر اوپر پاڪستان وارا پهريان ئي ان ٻولي کي ٺڏي چڪا هئا انهن بہ پنجابين جيان پنهنجي ئي ٻولي ۾ ڳالهائڻ کي ترجيح ڏني. محمد علي جناح ان ڳالھ تي باھ ٿي ويو هن جو چوڻ هو تہ صرف ۽ صرف اردو ئي هن ملڪ جي قومي ٻولي آهي، ماڻهو ان ڳالھ تي زور ڏيڻ لڳا، شاگردن جي جلوسن کي طاقت جي زور تي ماٺ ڪرايو ويو انهن مڙني سچاين باوجود محترم بروهي جو خيال هو تہ اردو سندس نوجوان شاگرد جي آئيندي لاءِ ضروري آهي. شاهنواز اردو سکڻ تي ايتري تہ محنت ڪئي جو هن جو استاد ڪيس ڏسي دنگ رهجي ويو هُو جھٽ اردو لکڻ ۽ ڳالهائڻ سکي ويو.

ضعيف ماهر استاد جڏهن نوجوان جو لڳاءُ، اڻ ڪٽ جستجو فن ۽ فڪر جي حوالي سان حد کان وڌيڪ وڌندڙ دلچسپي کي ڏٺو ته هن فقط ان کي ٻولي سيکارڻ تي ئي ڌيان نه ڏنو پر هن کي فن جي دنيا کان به آگاهه ڪيائين. جتي رنگ ۽ نور جا معجزه انسان کي تعجب جي سمنڊ ۾ وٺي وڃن ٿا. ماهر استاد جي نظر ۾ روشني ۽ سج جي هر لاٽ خدا جي نور جي عڪاسي ڪري ٿي، پوڙهي ماهر استاد جو شين کي ڏسڻ جو پنهنجو ئي ڍنگ هو. هونءَ به هو هاڻي عمر جي ان ڏاڪي تي هو جتي موت جو ڊپ ڪا شي نه هو هو هاڻي ان مقام تي هو جتي هر شي چٽي ۽ نظر انداز ڪرڻ جوڳي هئي پر ان هوندي به سندس معلومات وسيع هئي.

هو هر هر چوندو هو ته ٿرپارڪر جي رڻپٽ ۾ عجيب و غريب واقعا ٿيندا رهندا آهن. هو چوندو هو ته ٿرپارڪر جا رهواسي فطرت سان واسطو رکڻ جي ڪري نانگ، بلائن ۽ وڇن سان گڏ آرام سان گذاري سگهن ٿا. هو شاهنواز کان پڇندو هو "خبر ٿئي ائين ڇو آهي؟، ڇاڪاڻ ٿرپارڪر جا رهاڪو ڪڏهن به وڇون، نانگ ۽ ڪيڙن ماڪوڙن کي ماريندا نه آهن. جانور ان ڳالهه کان واقف آهن ان لاءِ هو به اتي انسانن جو احترام ڪندا آهن.

شاهنواز حيرت منجهان اکيون ڦاڙي سڀ ڪجهه ٻڌندو هو محترم بروهي هڪ شاعر پڻ هو ۽ نهايت سخي ۽ روشن روح وارو ماڻهو هو. هن جي خيالن جي اڏام ڏاڍي بلند هئي ۽ جيڪي ماڻهو هن کي ويجهي ٻڌندا هئا، انهن کي به آسمان جو سير ڪرائيندو هو. هن جو ڪتبخانو پاڪستان ۾ انهيءَ اهميت لائق هو جيئن پرتگال لاءِ نلورڊيلامار... محترم بروهي جا ڪتاب تخليقي خيالن سان ڀريل هئا. هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هوندو هو ۽ هن جي ڪمري ۾ ان ويل

ساهہ پئجي ويندو هو جڏهن اتي مهمان ايندا هئا. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ شاهنواز جي آڏو ويٺي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندا رهندا هئا. دهلي دروازي ڀرسان موجود هن جو صاف سٿرو ڪمرو شاهنواز لاءِ هر وقت کليل رهندو هو جتي محترم بروهي پنهنجي هڪ پوڙهي ملازم سان گڏ اڪيلو رهندو هو هن جي گهر واري وفات ڪري چڪي هئي ۽ ٻار هن کي ڇڏي پنهنجي الڳ دنيا آباد ڪيون ويٺا هئا.

جيتوڻيڪ محترم بروهي پورو پورو مسلمان هو پر هو ان ڳالهه جو ڏاڍو حمايتي هو تہ دستور قرآن ۽ رياست بہ الڳ الڳ شيون آهن، ڪجهہ سال پهرين پاڪستان جي گهٽي شايع ٿيندڙ اخبار ڊان ۾ هن جو هڪ مضمون ڇپيو هو جيڪو ڇڳي پلي چتاپيتي جو سبب بڻيو هو. ان مضمون ۾ هن لکيو هو تہ قرآن جي ڪا بہ آيت نہ ئي رياست جو بنياد ٿي سگهي ٿي نہ ئي ڪنهن قسم جي قانونسازي ۾ مددگار ٿي سگهي ٿي. انهيءَ اختلاف کان پوءِ محترم بروهي سياسي معاملن ۾ دلچسپي صفا ڇڏي ڏني، ڇاڪاڻ تہ هن کي پنجن وقتن جي نماز جي وچ ۾ پريشان ڪيو پئي ويو. ان کان پوءِ هن جو معمول هو تہ هو صبح جو ڇهين وڳي اٿندو، ٻن ڪلاڪن لاءِ عبادت ڪندو ۽ پوءِ پنهنجي ننڍڙي ميز جي پنيان ويهي ڪهاڻين تي تحقيق ڪندو هو. عمر سٺ سيارن کان وڌيڪ ٿي وئي هيس پر پوءِ بہ هن جي سلوار ۽ قميص سدائين سٺي نموني استري ٿيل هوندي هئي. جنهن وقت شاهنواز ايندو هو تہ هنن جي سبق جو آغاز ڏکهي ٿلهہ ٻڌڻ سان ٿيندو هو. جنهن ۾ محترم بروهي ڪنهن خالص فلسفي يا مذهبي معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هو. ڳالهائڻ جو انداز ايترو تہ اثرائتو هوندو هئس، جو شاهنواز بلڪل ماٺ ڪيون پوري ڌيان سان ويهي سندس چيل ڳالهيون ٻڌندو

رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ هن کي اهي ڳالهيون اهڙيون تہ دل سان لڳنديون هيون جو هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا. شاهنواز جيڪو ڪڏهن ڪڏهن تہ ان پوڙهي مفڪر جون ڳالهيون سمجهي بہ نہ سگهندو هو پر اها ڳالهہ ميڃيندو هو تہ هن ماڻهو جا خيال واقعي اهميت جوڳا آهن ۽ هي ڪو عام انسان نہ پر ڪو صوفي بزرگ آهي. شاهنواز هن معجزاتي ماڻهو بابت پڪ ڄاڻندو هو تہ هن جي ٽين اک روشن آهي جيڪا هن پار ۽ ٻئي پار جي مڙني سچاين کان واقف هئي، اهڙي ماڻهو سان تعلق شاهنواز جي شخصيت کي سنوارڻ ۾ ڏاڍو اهم ڪردار نڀايو. انهيءَ واسطي شاهنواز جي دل ۾ فخر جو احساس پيدا ڪيو ۽ ماضي جا سمورا ڏک. تہ هُو هن دنيا جو حصو نہ آهي، انهيءَ احساس سبب ميساري ويا. هاڻي هن کي چُر جي ٻرين ۾ چِٽو ڏيئي ڏيڻهن ۾ روشن زندگي نظر ٿي آئي، پر لڳي ٿو اجا اياڳ هن جو تعاقب نہ ڇڏيو هو.

////////

هڪڙي رات جو جڏهن هُو گهر واپس وريو ۽ ڏاڪڻ جا ڪجهہ ڏاڪا مس چڙهيا هوندا جو ڪيس پنهنجي ماءُ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ماءُ جي دانهن هن جي رت جو دورو تيز ڪري ڇڏيو هو ڊوڙندو ويو ۽ زِمَ سان دروازي کي ڌڪو ڏئي کوليائين اندريون منظر شاهنواز جو پهرين بہ ڏٺل هو. هڪ شخص نسيم کي ڪُٽي پيو اهو شخص شاهنواز لاءِ اڻڄاتل هو شاهنواز ان اڻڄاتوءَ کي جهليو هنڌ تان مٿي ڪري ڪيس ۽ منهن ۾ مڪ وهائي ڪڍيائين. هو ٿاٻڙيو پر جيئن تہ هو بہ جوان شخص هو ان ڪري پنهنجي مات برداشت نہ ڪري سگهيو هو بہ شاهنواز سان وڙهڻ لڳو ٻئي ڄڻا چڱي دير وڙهندا رهيا نيٺ شاهنواز

گوءِ ڪٿي ويو ان شخص جو منهن رتو رت ٿي ويو هو هو قسم ڪٽندو اتان هليو ويو تہ هو پوليس ڏانهن ٿو وڃي ۽ هو ويو بہ.

شاهنواز لاهور جيل وڃي پهتو ۽ انهيءَ ڏينهن هن قسم کنيو تہ هو پنهنجي ماءُ کي ڏنڊو ڪرڻ نہ ڏيندو.

هو هڪ سال تائين جيل ۾ رهيو هڪ سال تائين هن جو وجود جيل جي گهيري ۾ قيد ٿي رهيو. هن جي ڪولي ۾ چڱي تعداد ۾ ڏوهاري موجود هئا ۽ هُو هڪ ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجن گوڏن کي پيو زور ڏيندو هو گهٽ ساهہ پئي نپوڙيندي هئي، سمهڻ لاءِ تڏي هئي، نہ وهنجڻ لاءِ پاڻي ۽ هڪ عجيب ڏپ هئي، جيڪا هر وقت جيل جي ان ڪمري ۾ پئي ايندي هئي.

ثنا هڪ مثالي زال هئي، نہ ڏوراپو ڏيندڙ نہ ئي روڏن ڪرڻ واري... جيل دوران هوءَ هر هفتي شاهنواز سان ملڻ ويندي هئي، پاڻ سان اهي ڪتاب ۽ رسالا بہ کڻي ويندي هئي، جيڪي محترم بروهي هن ڏانهن اماڻيندو هو. محترم بروهي کي اها خبر هئي تہ جيل ۾ شاهنواز کي جيڪو سڪون ڪتاب ڏئي سگهن ٿا سو سڪون ڪا بي شي ڏئي نٿي سگهي. ڏوهارين جي وچ ۾ شاهنواز ڪائي ڪنڊ ڳولهي، اتي سڪون سان ويهي اردو ٻولي سکڻ، ڪتاب پڙهڻ ۽ ملڪ جي حالتن کان باخبر رهڻ ۾ مصروف ٿي ويندو هو هُو هڙئي اخبارون ڏيان سان پڙهندو هو ملڪ جون حالتون ڏسي هن کي بي چيني ٿيندي هئي، اڳوڻي صوبي بنگلاديش جو اوڀر وارو حصو اوڀر پاڪستان هو جتان جون حالتون خراب هيون ۽ اتي آزاديءَ جا نعرا لڳايا پئي ويا. 1906ع ۾ مسلم ليگ بہ انهيءَ بنگال ۾ ٺهي جيڪا ترت جناح جي جماعت بڻجي وئي، 1954ع ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ اوڀر پاڪستان کي مثالي مات کي منهن ڏيڻو پيو. حڪومت پنهنجي ناڪاميءَ تي ضابطو

آڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي وئي. بنگال ۾ لڳل باھ جو تاءُ ملڪ جي ٻين حصن ۾ به محسوس ٿيڻ لڳو آزادي جي ڏهن سالن کان پوءِ به پاڪستان زميني طور ٻن الڳ حصن ۾ ٻڌل ڪنهن رسي جي وچ تان پئي هليو ملڪ ۾ ڪا به اهڙي قادر شخصيت نظر نه پئي آئي. جيڪا ملڪ کي اڳتي ڪٺي هلي سگهي.

هڪ ڏينهن ثنا جي حالت ڏسي شاهنواز عجب ۾ پئجي ويو هوءَ پيلي ٿي وئي هئي ۽ جيتوڻيڪ وڏي سلوار ۽ قميص، جنهن ۾ هن جو سمورو جسم ڍڪيل هو سندس پيٽ نظر پئي آيو هن جڏهن ان بابت ثنا کان پڇيو ته هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هن شرمائيندي اکيون هيٺ ڪري ورتيون ۽ لڱ ڀڳ نه ٻڌجندڙ آواز ۾ چيائين ته هوءَ اميد سان آهي، شاهنواز کي جڻ وڄ جو جهٽڪو لڳي ويو.

هو ڏينهن رات پيءُ ٿيڻ جي باري ۾ سوچيندو رهيو هن پيءُ ٿيڻ جو ڪڏهن سوچيو به نه هو ان وقت به نه جڏهن نسيم هن کي چيو هو ته هوءَ چو ان جي شادي ڪرائڻ گهري ٿي، عورتن جي اها مجبوري آهي، جبلتي مجبوري ته هوءَ ماءُ ٿيڻ چاهيندي آهي، گذريل هڪ سال دوران شاهنواز سان ايترا ته حادثا ٿي چڪا هئا جو هو پريشان ٿي ويو هو ته پيءُ ٿيڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو ۽ هڪ ٻيو خيال جيڪو کيس پريشان پيو ڪري ته ٻار ڇوڪري هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ نسيم ته ڇوڪريءَ تي سرهي ٿيندي.

جڏهن هو جيل منجهان آزاد ٿي گهر آيو ته ٻارڙي ڇئن مهينن جي ٿي وئي هئي، هوءَ ڇوڪري هئي ۽ نانيءَ جي نالي تي هن جو نالو عائشه رکيو ويو هو شاهنواز ٻارڙيءَ کي ڏٺو ۽ هُن پهرين ئي دفعي ۾ هن ۾ ليلا جا مهانڊا ڏسي ورتا. سندس رڳن ۾ وهندڙ رت ڄمي ويو ٻارڙيءَ کي ڏسي هو صدمي ۾ پئجي ويو ٻيون ٻيرو جڏهن هن ٻارڙيءَ کي ڏٺو

تڏهن هوءَ پنجن مهينن جي هئي... بلڪل ليلا جهڙي... هن کي عائشہ کي ڏسي سيني ۾ عجيب تڪليف محسوس ٿي.

شاهنواز زندگي ٻيهر شروع ڪئي، پر اتان کان نہ جتي ڇڏي ويو هو هن جو ماهر استاد ۽ عزيز محترم بروهي وفات ڪري چڪو هو هن کي سدائين ان ڳالھ جو ارمان رهيو تہ هو ان عظيم هستي جا ٽورا نہ مڃي سگهيو جنهن هن کي نئين زندگي ڏني هئي. زندگي جي نئين مفهوم کان هن کي آگاهہ ڪيائين، جهالت ۽ اونداهين جا ڪکر هٽايائين، علم جي روشني سان هن جو سينو پري ڇڏيائين، فن ۽ فڪر سان هن جي چاهہ کي اجا وڌيڪ هٿي ڏنائين. محترم بروهي جي وفات شاهنواز لاءِ آفت کان گهٽ نہ هئي، هو محترم بروهي جي شاعراڻي دنيا کان الڳ ٿي ويو هو ۽ پوءِ هن کي جعفر جي صحبت ملي، هُو هن جي ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ ملازم هو اتي هن کي ان ماڻهو جي محبت ۽ دوستي ملي، جيڪو امڪان جي حد تائين هن جو پيءُ ٿي ٿي سگهيو. پر هو هن جو پيءُ آهي؟ اها ڳالھ ڄاڻڻ جو ڪو طريقو نہ هو هيرامنڊي جي ٻارن جا پي ناهن ٿيندا؟ ويچارن جون ڪٿي بہ پاڙون ناهن هونديون جن منجهان پوساڻ ڪٿي زندگي جو بنياد رکي سگهن.... ڪا پڪي شاهدي....انهن جي زندگي بيمقصد ۽ بيڪار هجڻ کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي، هي اهي بدنصيب ماڻهو آهن جن جا پير زمين تي اچڻ کان اڳ سندس پيرن هيٺان زمين نڪري ويندي آهي، سستي، ڪاهلي ۽ بي مقصد زندگي روز اول کان سندن مقدر بڻجي ويندي آهي. شاهنواز جڏهن بہ جعفر کي ڏسندو هو تہ هن جي پيٽ ۾ عجيب وڪڙ پوڻ لڳندا هئا.

هڪ ڏينهن جي ڳالھ آهي، شاهنواز ان خوش شڪل، سهڻي ۽ زندهہ دل شخص ڏانهن نهاريو تہ هن کي لڳو جڻ تہ هو پاڻ کي آرسي

۾ ڏسي رهيو آهي، پر پوءِ هن ترت ئي ان خيال کي ٽڏي ڇڏيو ۽ هن پاڻ کي سمجهايو تہ ان کان وڌيڪ اهم اها دوستي آهي، جيڪا هنن ٻنهين جي وچ ۾ پيدا ٿي چڪي آهي. جعفر اهڙو ماڻهو هو جنهن تي هو اعتبار ڪري سگهي پيو هي اها انساني صفت هئي جيڪا ان وقت جي پاڪستاني معاشري ۾ اڻلڀ هئي.

هن جا جيل جا ڏينهن ڪجهہ خاص بيڪار نہ رهيا. جيل جي اڪيلائي ۽ محرومي ۽ سواءِ هن کي اتي سياسي قيدين سان ملڻ جو موقعو بہ مليو. تمام پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو جن هن جون اڪيون ڪولي وڌيون تہ سماج ڪهڙي طرح ڪم ڪندا آهن. ڪهڙي ريت جوڙيا ويندا آهن ۽ رشتا ڇاڪاڻ وجود ۾ اچن ٿا. اتي هن کي خبر پئي تہ هيرامنڊي کان ٻاهرين دنيا ۾ رشتا ڪيئن ٺهن ٿا.

ڪجهہ سال پهرين هڪ فوجي جنرل ايوب خان ملڪ ۾ مارشلا لڳائيندي اقتدار تي قبضو ڪيو هو جنرل اقتدار تي قبضي کان پوءِ ترت سياسي جماعتن تي پابندي مڙهي ڇڏي ۽ انهن مڙني مخالفن کي جيڪي حڪومت تي تنقيد ڪري رهيا هئا. ڪال ڪوٺڙين ۾ وجهرائي ڇڏيائين. ڪوڙ سارا اهڙا قيدي ان ڪوليءَ ۾ بہ آيا جتي شاهنواز قيد هو انهن جي سياسي نظرين کان شاهنواز کي واقفيت ٿي ۽ هن کي خبر پئي تہ آمريت جو راڄ ڇا ٿيندو آهي ۽ هو ڇو ان طرح جي حڪومت جا مخالف هئا؟ جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ سياست جو طريقو عام هوءِ ان ۾ وڌيڪ مونجهارا نہ هئا. تڏهن بہ شاهنواز ڏاڍي حيرت ۾ هو تہ اهي حڪمران اميرزادا جيڪي هن ملڪ جي اقتدار تي قابض آهن انهن جي ذهني ڪيفيت کان آگاهي حاصل ڪري، انهيءَ وقت ۾ شاهنواز کي ان ذهني رويي بابت ڪجهہ ڄاڻ پئي پر هن کي اهو احساس بہ ٿيو تہ جيڪڏهن انهن ماڻهن کي ڄاڻڻو ۽ پرکڻو

آهي ته ان لاءِ لازمي آهي ته انگريزي ڳالهائي سگهجي. انهن ڏينهن ۾ هن جي ذهن تي انگريزي ڳالهائي سگهڻ جو جنون سوار ٿيو. گڏوگڏ اها خواهش به هن جي اندر ۾ گهر ڪري وئي ته هو مصوري ڪري، تصويرون ٺاهي...

ٻئي خواهشون هڪ ئي وقت هن جي اندر ۾ ٽٽڪنديون رهيون. جعفر هن لاءِ هڪ درسگاهه جو بندوبست ڪيو ۽ هُو هر روز شام جو ڪم کان فارغ ٿي، اوڏانهن وڃڻ لڳو. اردو ڳالهائي سگهڻ کان پوءِ هن کي انگريزي ڳالهائي سگهڻ سولي لڳڻ لڳي، حالانڪ اها ڳالهائي اچارڻ هن کي عجيب لڳندي هئي ۽ ان ۾ هو اهو ترنم ۽ ڳانڍاپو محسوس نه ڪندو هو جيڪو اردو منجهه هن کي ملندي هئي. هن کي ڏک ان ڳالهه جو هو ته شاهي پاڙي جو ڪو هڪ ماڻهو به اهڙو نه هو جنهن سان هو انگريزي ۾ ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.

عائشه جي پيدائش نسيم لاءِ ڏکائيندڙ هئي، هن کي لڳو ٿي ته ماضي جي پاڇن منجهان ليلا جو سايو موٽي آيو آهي، جيڪو هن کي پريشان ڪندو رهي ٿو. شاهنواز ڏيءُ ڏئي هن سان ڪيل واعدو ته پورو ڪري ڇڏيو هو پر ان ڇوڪريءَ جو تمام گهڻي حد تائين ليلا جهڙو هجڻ نسيم کي پريشان ڪندو رهندو هو. هن کي لڳندو هو ڄڻ ليلا ٻيو جنم ورتو هجي. هن کي مقدر جي ان بي رحمائي عمل تي روئڻ ايندو هو ته آخر ڇو ان هن سان اهڙو مذاق ڪيو آهي، جنهن ننڍڙي عائشه کي ڏسي محبت ۽ شفقت جو احساس جاڳڻ گهرجي ها بجاءِ ان جي ڏک ۽ ماتم جا جذبا ايرڻ لڳن ٿا. شاهنواز به ان قسم جي مشڪل کي منهن تي ڏنو جڏهن به ننڍڙي عائشه هن کي ڏسندي هئي ته هن کي لڳندو هو ته ڄڻ ٻي دنيا منجهان ليلا ڪيس ڏسندي هجي هُو ان حالت ۾ ايذي تڪليف محسوس ڪندو هو جو نيٺ هن پنهنجي

ڏيڻ سان هر تعلق ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو صبح جو سوير گهر کان ٻاهر هليو ويندو هو ۽ رات جو ان وقت واپس وريندو هو جنهن ويل هرڪي گهر وارا ننڊ جي هنج ۾ ٻڏي ويندا هئا.

مهينا گذري ويا هن جي انگريزي هاڻي سڌرڻ لڳي، پر آمدني اچا ٻه ايتري نه هئي جو هو پنهنجي پوري گهر جو گاڏو هلائي سگهي، نسيم ڏنڌو بند ڪري ڇڏيو هو. ڪوٺي کي تالا هڻي ڇڏيا هئائين ۽ موسيقارن کان موڪلائي ڇڏيو هئائين ڇاڪاڻ ته ڪيترن ئي مهينن تائين هن ڏي اڙيا ٽڙيا گراڪ ئي آيا هئا. ايتريقدر جو جعفر ٻه. شاهنواز کي ملازمت ڏيڻ کان وٺي هيل تائين مڙئي ڪو آيو هجي. پنهنجي عمر جي چاليهين ڏاڪي ۾ نسيم کي احساس ٿيو ته هن کي ٽڏيو ويو آهي. اڪيلائي هاڻي هن جو مقدر هئي هن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ڪمري تائين محدود ڪري ڇڏيو هن ڪمري جو رنگ ٻه مترائي ڇڏيو جيڪو هن کي جوڀن جي ٻاجهه جي ياد ڏياريندو هو. هاڻي جڏهن هوءَ آرسي آڏو بيهندي هئي ته هن کي پنهنجي منهن تي جواني جي سونهن بجاءِ پوڙهائپ جا گهنج نظر ايندا هئا. هاڻي هن جي منهن جا نقشا جواني جي ڏينهن جيان واضح نه رهيا هئا. هن جي منهن تي ٿڪاوٽ، سستي ۽ بيزاري جا آثار وڌي ويا هئا. هن جي اندر اهو ساهه نيوڙيندڙ احساس جاڳي پيو هو ته جواني هاڻي ناهي رهي، ايتريقدر جو جنهن جسم تي هن کي غرور هو جنهن جو هن ڏاڍو خيال رکيو هو اهو ٻه هن کي دوکو ڏئي ويو. هن جو پيٽ وڌي ويو هو هن جي ڇڙن تي ڪجهه انچ چربي وڌي وئي هئي، ان جو اهو سبب نه هو ته هوءَ پنهنجي جسم جو خيال نه رکندي هئي بلڪ هوءَ ته بس ايترو ڪائيندي هئي جيترو جيئرو رهڻ لاءِ ضروري هوندو آهي پر ڪو فرق نه پيو... عمر... هر طوائف جو گوندر... وڌندڙ عمر ۽ اڪيلائپ

جو احساس. انهن ٻن مصيبتن نسيم کان جيئڻ جو شوق کسي ورتو
اهي ٻئي ڏک نسيم کي اڌوهيءَ جيان کائڻ لڳا.

هڪ ڏينهن شاهنواز پنهنجي ماءُ کي لڳ ڀڳ اڌ مئل حالت ۾ پنهنجي ئي رت ۾ ٻڏل ڏٺو نسيم پنهنجي رڳ وڍي ڇڏي هئي، رڳ وڍڻ جي رسم هيرامنڊي ۾ شروع کان رائج آهي. نسيم جي حالت ڳڻتي جوڳي هئي، هن کي يڪدم ترت علاج لاءِ ڊاڪٽر ڏانهن کنيو وڃي ها پر بد قسمتي سان نظر انداز ڪيل هن انساني آبادي ۾ ڊاڪٽر ته ڇا پر ڪا نرس به موجود نه هئي. شاهنواز ڀڄندو ڊوڙندو جعفر وٽ پهتو جنهن ترت هڪ ٽانگو هن سان گڏائي اماڻيو تمام ڏکيائيءَ سان نسيم جي جان بچي وئي. پنهنجي ماءُ جي خودڪشي جي ان ڪوشش شاهنواز کي لوڏي ڇڏيو ليلا جو عڪس هن جي آڏو ڦرڻ لڳو رت، ٽانگو گلن ۾ ويڙهيل هن جو مڙهه ۽ قبر جي ڪڏ جنهن ۾ هوءَ سدائين جي لاءِ دفن ٿي وئي، هن کي لڳو ته اهو ڏک ڪڏهن به هن جي يادن منجهان نه ويندو.

هوڏانهن هن کي اهو به احساس هو ته هن جي ماءُ جي حياتي هن جي لاءِ بار ٿي وئي آهي. هن جي ماءَ انهيءَ قلعي واري شهر ۾ پيدا ٿي، اتي ئي پرورش ورتائين، اتي ئي زندگي گذاريائين ۽ شاهي پاڙي جي چار گهٽين کان سواءِ ڪڏهن ٻيو ڪجهه نه ڏٺائين. هن جي زندگي ڪنهن رحم جوڳي حدن اندر قيد هئي، جتي هن جا خوشي وارا يادگار پهر اهي هيا جڏهن هوءَ رقص ڪندي هئي ۽ گيت ڳائيندي هئي، جن کي ڏسي ۽ ٻڌي مردن جي دلين جي رفتار وڌي ويندي هئي، جڏهن هوءَ پنهنجي مٿان گهور ٿيندڙ ٻئسن جي ڇانو هيٺان پنهنجون ادائون ڏيکاريندي تماشاين جون دليون ڪَدي وٺندي هئي، سوءِ ۽ غلبي جا پهر جيڪي هن جا هوندا هئا... سي پهر هاڻي سندس

يادگيرين ۾ زهريلن نانگن جيان اچڻ لڳا... اهي يادون ۽ هاڻي... هن جو جسم، جنهن کي ڏسي مرد منهن ۾ پاسي ڪري ڇڏين ٿا... هڪ مرحوم ڏيءُ جو ڏک، هڪ پٽ جنهن جي زندگي هن کي وڏيڪ ڏک ڏيندي هئي. شاهنواز جيڪو اڃا به مصور ٿيڻ جي چاهه ۾ پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ پيو گهمي.

مصور؟ ڪيڏو نه اڇوت خيال آهي؟ نسيم سدائين سوچيندي هئي ته ٻيهرين مذهب هاڻي فن، خبر ناهي هاڻي ڪهڙو جنون هن تي سوار ٿيندو.

شاهنواز اردو ۽ انگريزي ٻوليون سکڻ کان پوءِ برش ۽ رنگ ورتا. انهن ڏينهن ۾ شاهنواز شام جي ويل پنهنجي گهر جي ڇت تي ويهي بادشاهي مسجد جي تصوير ناهڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو.

هن جو خيال هو ته بادشاهي مسجد جو فن تعمير ڪنهن نظر نه ايندڙ خدا جي وجود جو يقين ڏياري ٿو پر بادشاهي مسجد جي گهاٽن رنگن کي تصوير ۾ قيد ڪرڻ ڏاڍو اڙانگو ڪم هو سڀ کان وڏيڪ ڏکيو ان جو گلابي رنگ آهي، جيڪو ڪڏهن هڪ جهڙو ناهي هوندو. روشني جي گهٽ وڌائي ان رنگ کي به متائي ڇڏيندي آهي، ڪڪر ايندا آهن ته رنگ ٻيو سج نڪرڻ سان رنگ ٻيو. هوائون لڳنديون هيون ته رنگ اڃا ڪجهه ٻيو نظر ايندو هو. شاهنواز کي ائين مصوري ڪندي ڏسي اوسي پاسي وارا پاڙيسري وائڙا ٿي ويندا هئا ۽ پنهنجن گهرن جي ڇتين تان زور سان، لڳ ڀڳ دانهون ڪندي ۽ ٺٺ ڏيندي شاهنواز کان پڇندا هئا.

"شاهنواز تون اهو ڇا پيو ڪرين؟"

فرمانبردار ۽ مائيلي ثنا پنهنجي ٻار سان گڏ ڇت تي آئي، ننڍڙي عائشه ماءُ جي ڪڇ ۾ چڙهيل هئي ۽ ان جي نظر پيءُ ڏانهن هئي

جيڪو هڪ ڪاغذ ۾ مصروف هو. هڪ ڏينهن پري کان شاهنواز ثنا کي ڏٺو جيڪا هڪ ڪرسي تي ويٺل هئي، هن بادشاهي مسجد کان منهن ورايو جنهن جي ڪنڌ ڪڙڇ هن کي چڱي طرح ياد هئي. برش کنيائين ۽ ثنا جي تصوير ٺاهڻ شروع ڪيائين. انساني بيهڪ جي ڏنگاين باوجود هن کي اهڙي قسم جون تصويرون ٺاهڻ ۾ سرور ملڻ لڳو. هُو هر روز ثنا کي انهيءَ جاءِ تي ويهاريندو هو ۽ سندس تصوير ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ ثنا ڪجھ ڪڇڻ کان سواءِ ايترا ڏينهن ماٺ ڪيون اتي ويهندي هئي جيسين تصوير ٺهي نه وئي، جيڪا تصوير ٺهي راس تي هئي سا لڳ ڀڳ ثنا جي عڪس جهڙي هئي.

پهرين عورت جي تصوير شاهنواز لاءِ نون ڳجهن جا دروازا کولي ڇڏيا... ها... هاڻي مان عورتن جون تصويرون ٺاهيندس... پر هيرامنڊي جي طوائف عورتن جون. انهن عورتن جي دنيا چٽيندس، انهن جا ڏک تصوير ۾ قيد ڪندس، دنيا کي خبر هجڻ گهرجي ته هن علائقي جون عورتون ڪيئن زندگي گذارين ٿيون. ڪهڙيون تڪليفون سهن ٿيون. سماج کي انهن عورتن سان اڻ برابر وارو سلوڪ ڇڏڻو پوندو. اهي ماڻهو جيڪي نظر انداز ڪيل هيرامنڊي اندر پيا پيسجن ٿا. هن سماج کي ان عورت کي بي عزت ڏيڻي آهي جهڙي ريت هو ٻين عورتن کي ڏئي ٿو.

جڳھ جو پهريون طبقو ماسين جي وفات کان پوءِ خالي پيل هو شاهنواز ان منزل کي سالن کان گڏ ڪيل ڪچري کان آجو ڪيو. سيڪ ڦٽل پيتيون ۽ زبون حال سامان، سڀ ڪجھ ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪيائين، گند ميڙيندڙ ٻارن جو ڊنب گهر ٻاهران گڏ تي ويو جن اهو سمورو ڪباڙو ڪڍي مروڙي سروڙي ٻاچڪن ۾ وجهي ڇڏيو جڏهن

پهريون طبقو پوري طرح خالي ٿي ويو خاص ڪري ٻن ڪمرن کي صاف ڪيو ويو. ڪاٺ جو پٽ صاف ڪيو ويو ان ۾ پنجي ويل ڏارن کي پريائون ۽ پتين کي سيڙهي ڪئي وئي. شاهنواز کي پڪ هئي ته مغل طرز جي آڈيل هن شاندار گهر کي هڪ ڏينهن هو دنيا وارن لاءِ کولي سگهندو. پنهنجن محدود ذريعن باوجود شاهنواز هاڻي خوش هو ته هاڻي گهٽ ۾ گهٽ هن وٽ هڪ اهڙي جاءِ آهي جتي هو تصويرون ناهي سگهي ٿو هڪ اهڙي جاءِ جتي اوسي پاسي جي ماحول جو گهٽ کان گهٽ اثر آهي.

اوڙي پاڙي ۾ اها ڳالهه ترت پکڙجي وئي ته شاهنواز هاڻي مصوري، جو ڪاريگر آهي، انهن منجهان گهڻا ته اهو ٻڌي کلن پيا. ڪن چيو ته چڱو آهي گهٽين ۾ ائين آوارا گهمڻ کان ته اهو ڪم پلو آهي نه ته سندس حشر به عمر جهڙو ٿئي ها جيڪو نشي جي عادت سبب تباهيءَ جي ان ڏاڪي تي آهي جو سئيءَ ۾ ڏاڳو وجهڻ جهڙو به ناهي رهيو هن جا هٿ ڏڪندا رهن ٿا. نسيم شاهنواز جي ان تازي جنون کي به سندس مزاج جوئي حصو سمجهي ڪجهه گهڻو ڌيان نه ڏنو ۽ ڏسي اڻ ڏٺو ڪيو هن جي نظر ۾ اهو هن جي پٽ جو تازو جنون آهي، جيڪو ڪجهه ڏينهن هلندو. ڪير هن دنيا ۾ هيرامنڊي جي عورتن جون تصويرون ڏسڻ گهرندو؟ گهڻو ڪري صرف انهن مذهبي ماڻهن جي تنقيد ئي ان جو مقدر بڻجندي جيڪي هر ويل اهڙين تصويرن تي لعنت ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اسلام ۾ فحاش عورت جي تصوير هن سماج ۾ گڏوگڏ نه هلي سگهنديون. پر شاهنواز ان معاملي ۾ نه ختم ٿيندڙ ارادي جو مظاهرو ڪندو رهيو ڪجهه سالن جي عرصي ۾ هن جي شخصيت پوري ريت مڃجي وئي هئي، هن جي اندر جا جوهر ظاهر ٿي پيا هئا ۽ هن جي اندر جي اونداهي هاڻي روشني سان پُر

ڪرڻا تخليق ڪرڻ لڳي، هاڻي ڪا بہ شيءِ هن کي روڪي نہ پئي سگهي.

هاڻي هو ڄاڻي پيو تہ سندس منزل ڪهڙي آهي، منزل جي چونڊ واري ان ويساهہ کان پوءِ هن ماڻهن جي چٽڻ، ٽوڪ ۽ طنزيہ جملن کي نظر انداز ڪرڻ شروع ڪيو.

هن جون حالتون اڃا بہ اهڙيون نہ هيون جو هو اُيو چوڪٺ (Easel) خريد ڪري سگهي، هن هڪ ڪرسي کي ڪينواس (Canvas) پڏڻ لاءِ استعمال ڪيو اهو ڪينواس بہ هن پاڻ پلنگ جي پراڻي چادر منجهان ناهيو هو هاڻي هن لاءِ خرچ ڪرڻ واري هڪ ئي شي هئي، برش (paint brush) ۽ رنگ. ان لاءِ هن کي سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي پر هڪ ڳالهہ ضرور آهي تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي خوابن کي جيئڻ چاهيندا آهن انهن کي قرباني ڏيڻي پوندي آهي. هن جي تصويرن جا پهريان بہ نمونا هن جون ماساتيون هيون جيڪي اڄ بہ مٿين منزل تي نسيم سان گڏ رهنديون هيون، انهن بہ هن جي تصويرن کي سنجيده نہ ورتو هو هو هن جي آڏو ڪرسي تي ويهي تہ رهنديون هيون پر سمورو وقت ٿڪن ۾ پوريون هونديون هيون، پيون ڪلنديون ۽ ڳالهيون ڪنديون هيون، هڪ پهر بہ ڪنهن هڪ جاءِ تي ڄمي نہ ٻيهنديون هيون، جنهن سبب شاهنواز جو ڌيان مٽجي ويندو هو هن کي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي پر هن وٽ سواءِ صبر جي ٻي ڪا واٽ نہ هئي، ائين ئي هو نيٺ ان تڪليف جو بہ هيراڪ ٿي ويو.

ڪيترن ئي ڏينهن جي سخت محنت ۽ ماساتين جي ايذائيندڙ حرڪتن کان پوءِ تصوير تيار ٿي وئي، ماساتيون پنهنجي تصوير ڏسڻ لاءِ آتيون هيون پر جڏهن هنن پنهنجون تصويرون ڏٺيون تہ پهرين

عجب وچان هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺائون ۽ ان کان پوءِ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳيون ۽ شاهنواز کان کلندي کلندي پڇڻ لڳيون ته هي بدشڪل عورتون ڪير آهن؟ پر شاهنواز پنهنجي ڳالهه تي اڙيل هو ته تصوير ۾ اهي ئي آهن. شاهنواز جي نظر ۾ اهي تصويرون انهن عورتن سان تمام گهڻي ويجهڙائي رکن ٿيون. بيشڪ هڪ نئين سيڪڙاٽ مصور جي لڪيرن ۾ اجا پختائي نه هئي ۽ رنگ به کُلي نه بيٺا هئا. اهو سڀ مڃيندي شاهنواز چيو... پر اڪيون... اڪيون بلڪل حقيقت جيان آهن. زندگي سان پريل ۽ ڳالهائيندڙ باقي جيڪڏهن سموري جسم جي ڳالهه ڪجي ته هن اهو سڀ چٽيو هو جيڪو هن کي اڏو نظر آيو هو. شاهنواز سوچيو هي عورتون ڪيتريون نه بي ايمان آهن هنن ان سچائي کي قبولڻ کان ئي بيزاري ڄاڻائي ڇڏي ته تصوير ۾ اهي آهن... وڏا ڏيڍ ۽ بي مزي شڪليون... اها ئي سندن حقيقت هئي.

///////

ثنا کي ٻي ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو روبي رکيائون. نسيم لاءِ اها خدا جي بهترين عطا هئي، جنهن مٿان هوءَ سڄو ڏينهن مکين وانگر پئي ڀون ڀون ڪندي هئي. نيٺ هن کي هڪ اهڙي ڇوڪريءَ ملي وئي هئي، جنهن ۾ ذري برابر به ليلا جهڙي مشابهت نه هئي... ويچاري معصوم قدرت جي ڪا غلطي پئي ڀاسڻ لڳي، پڪ سان شاهنواز به اطمينان ۾ هو پر ٻئي ٻار جي اچڻ سان به ڪائي خوشي هن جي چهري تي نظر نه آئي پر هن مڙس هجڻ جون سڀ ذميواريون نڀايون جيتوڻيڪ اهو سڀ ڪرڻ هن لاءِ دقيق هو.

شاهنواز جي يادن تي دز چڙهڻ لڳي، هو ڪنهن شي کان متاثر نه پئي ٿيو. هڙئي نقش جيڪي هن جي ذهن ۾ هئا. جن بابت هُو

ويچاريندو هو تہ انهن کي چٽيندو، سي سڀ ختم ٿي ويا. هاڻي هن کي اتساهہ وٺڻ لاءِ پيچ ٻڪ ڪرڻي ٿي پئي، ثنا هن لاءِ هاڻ بلڪل بہ قابل غور نہ رهي هئي، هوءَ ان ٽاريءَ جيان هئي جيڪا رستي جي پر ۾ لڳل وڻ منجهان ڇڄي پئي هجي ۽ ڪنهن ڪم جي نہ هجي. هڪ ڏينهن جڏهن هو تمام ٿڪل هو اڻ ٿڪ محنت باوجود پنهنجي تصوير تي ڪم نہ پئي ڪري سگهيو هن ثنا کي چيو

”ڇا تون هلي سگهين ٿي؟“

”ڇا مطلب هلي سگهين ٿي، ڪيڏانهن وڃان، تنهنجو ڇا مطلب آهي؟“ هن بي اعتمادي منجهان چيو تہ شاهنواز گهبرائجي ويو.

”منهنجو... منہ، منہ، منهنجي چوڻ جو مقصد... ڇا تون ٻين عورتن جيان هلي سگهين ٿي...“

اهو ٻڌي ثنا جي اکين منجهان نير وهڻ لڳا ۽ هوءَ روئڻ لڳي هن کي چپ ڪرائيندي شاهنواز جا پگهر نڪري آيا. ثنا کي ائين لڳو جيئن ڪنهن اڻ وڻندڙ ڪتي کي هڪل ڏئي ڀڄايو ويو هجي. هن جي اندر ۾ ذلت جو احساس اڏاما پيو ڪائي. شاهنواز کي بہ ڪل پئجي وئي تہ ثنا کان اهڙين جسماني حرڪتن جي اميد رکڻ اجائي آهي جيڪي ڇتي سگهجن. ڇاڪاڻ انهن اندازن ۽ حرڪتن ۾ هن کي بي حيائي ۽ فحاشي نظر ايندي هئي.

شاهنواز اهو ٿي گهريو تہ هو هڪ مثالي مڙس جيان پنهنجي زال سان فقط جسماني تعلق ئي رکي پر چوگرد موجود سهڻيون عورتون، جيڪي هن سان تعلق رکڻ لاءِ تيار هيون، نيٺ هن کي ان گس کان پري ڪري ويون. نسيم خاص طور تي هن جي پٺڀرائي ڪئي تہ هُو صرف زال جي پلنگ تائين محدود نہ رهي، شاهنواز لاءِ اهو نئون دور وڌيڪ بهتر ثابت ٿيو هاڻي هو وڌيڪ توانو رهڻ لڳو ۽ پنهنجي

تصويرن لاءِ هن کي اتساهه ملڻ لڳو ڏينهن جو هو الف اگهاڙين عورتن جي جسماني بيهڪ جون تصويرون ٺاهيندو هو ۽ رات جو انهن سان ئي همبستري ڪندو هو جيڪي اهڙي ڪنهن به ماڻهو کي پنهنجو بدن اربڻ ڪان نه ڪيٻائينديون هيون جيڪو پيار ڪرڻ ڄاڻندو هجي.

هن جون تصويرون زندگيءَ سان ڀرپور ٿينديون ٿي ويون ۽ ڏسندڙن تي پنهنجي ڇاپ ڇڏينديون ٿي ويون. هن جا گندرف گڏيل هلڪا رنگ. هڪ ئي وقت ۾ زندگيءَ جون سڀ گرميون، سرديون، ڏک. خوشيون ڏسندڙن تائين پهچائي ڇڏيندا هئا.

اهو شاهنواز جي زندگيءَ جو تخليقي دور هو. هُو هڪ ڏڪاريل ۽ ٽڙيل انسان جيان هر شام جو ويهندو هو ۽ تصوير ٺاهيندو هو. هو اوير جون راتيون ڪينواس تي ڇٽيندو هو. هن جي ڪمري ۾ ڪينواسن جا ڍير ٿي ويا هئا. جن بابت هن کي خبر ئي نه هئي ته ڇا ڪرڻو آهي.

6

مغل دور جون ٻه عمارتون پراڻي شهر جي سڃاڻپ هيون، عاليشان ڳاڙهو بادشاهي قلعو ۽ بادشاهي مسجد... ٻئي عمارتون هن دنيا کان منفرد لڳنديون هيون، جن جو هن دنيا سان ڪو تعلق ئي نه آهي. انهن اڏاوتن جي پٺيان گهٽ پوسٽ واريون گهٽيون آهن، وڏيل آبادي، هل هنبس، غير موزون ماحول جتي ساهه کڻڻ به ڏکيو ٿي وڃي، ۽ اهڙي حالت باوجود هي علائقو پنهنجي تاريخ کي تسلسل ڏيڻ ۾ رڌل آهي. شاهنواز کي ماضي جي ان علائقي ۽ جڳهين جي ڪا خبر نه آهي، هو انهن عاليشان جاين جا نالا نٿو ڄاڻي، نه ئي ان دور جي رهڻي ڪهڻي ۽ تاريخ کي بيان ڪري سگهي ٿو لاهور جهڙي شهر جو ماضي ايڊائينڊڙ يادن سان ٽمٽار آهي، جتي هندو بادشاهن حڪمراني ڪئي، جنهن جي تخت تي مغل بادشاهه حاڪم ٿيا، جنهن جي تخت تي سک بادشاهه رونما ٿيا ۽ جتي انگريزن حڪومت ڪئي.

1947ع ۾ جڏهن نندي ڪنڌ جو ورهاڱو ٿيو ته پنجاب صوبي ۾ لاهور انگريز بادشاهت جي گادي جو هنڌ هو انهن ڏينهن ۾ لاهور کي بادشاهت جو قلعو يا اوپر جو پئرس چيو ويندو هو اهو شهر هوريان

هوريان رجعت پسند اسلامي آپيشاهي جي دونهين ۾ لڪي ويو.

مغلن جي دور جي عمارتن واري هن شهر جي وچ ۾ انگريزن جي جڳهين سان پُر ٽيل رستو مال روڊ جنهن جي پير ۾ موجود تاريخي باغ منجهه موجود ڪتبخانو شاهنواز جي مَنُ پسند جاءِ بڻجي وئي جتي هُو پنهنجو پاڻ کي ڪتابن جي مطالعي ۾ وڃائي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن صبح صادق کان پهرين شاهنواز اٿيو ۽ پنڌ هلندو دهلي دروازي ڏانهن هلڻ لڳو. دڪان اڃا کلن پيا، ماڻهو پاڻي پيرڻ لاءِ سرڪاري نلڪن تي پئي گڏ ٿيا. پنهنجي گهر کان پنڌرنهن منٽن جي پنڌ تي موجود ان جاءِ تي شاهنواز پهريون پيرو آيو هو هو اتي ان مسجد جي ڳولا ۾ آيو هو جنهن بابت هن هڪ ڪتاب ۾ تازو پڙهيو هو ته اها ان خطي جي سڀ کان سهڻي مسجد آهي. هن کي ان ڳالهه تي يقين نه ٿيو ڇاڪاڻ هن جي نظر ۾ دنيا جي سهڻي ۽ عظيم مسجد ته اها هئي جيڪا سندس گهر آڏو هئي جنهن کي هو ننڍپڻ کان ڏسندو آيو هو مسجد وزير خان ان کان وڌيڪ سهڻي ڪيئن ٿي ٿي سگهي، انهيءَ جي پڪ ڪرڻ لاءِ هو پاڻ اتي هلي آيو هو.

مسجد وزير خان شاهجهان جي گورنر پنجاب، وزير خان جوڙائي هئي، اهو ئي شاهجهان جنهن جو ٺهرايل تاج محل انساني تاريخ جو سڀ کان وڏو يادگار آهي، جيڪو هڪ عورت جي محبت ۾ ٺهرايو ويو. مسجد وزير خان جي اڏاوت ۽ سونهن ڏسي شاهنواز وائڙو ٿي ويو اهو فن ڪاريءَ جو عمدو ۽ بي عيب شاهڪار هو جيڪو انسانن سوچيو هو.

شاهنواز جُتي لاهي، مسجد جي سونهن کي ويجهي کان ڏسڻ لاءِ مٿي چڙهڻ لڳو. مسجد جي آڳر ۾ وڙهندڙ ڪبوترن هن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. هو ڏانهن مسجد جي منارن جي سونهن شاهنواز لاءِ

حيرت ۾ وجهندڙ هئي، هُن مسجد ۾ پهريل نماز واري تڏي تي پُر سڪون ڪيفيت ۾ نماز ادا ڪئي، جڏهن هو مسجد منجهان ٻاهر وڃڻ لڳو ته هن جو اندر مطمئن ۾ هو.

جڏهن ڪان شاهنواز جي فن جي وجداني دنيا سان روشنائي ٿي آهي، هن جو دنيا کي ڏسڻ جو انداز مٽجي ويو هو ان ڪان اڳ هن جي زندگي ۾ جيڪي ٻه ماٺهو يا شيون هيون انهن ۾ اٿپورائي هئي، انهن جو ڪو مقصد نه هو پر هاڻي جڻ هر شي ۾ معني اچي وئي هئي، هاڻي هُو فن جي دنيا ۾ داخل ٿي ويو هو فن جي دنيا سان وابستگي نه هجڻ جي باوجود ٻه، هڪ اهڙو معاشرو جتي پراڻي دور جا عقيدا موجود هئا، اتي شاهنواز کي اجا ڏکهي منزل طئي ڪرڻي هئي.

فرا سيبسٽن مينرڪ (Fra Sebstain Manrique) جي گهري مطالعي ڪان پوءِ، جنهن سترهين صدي واري لاهور جي نقش نگاري ڪئي هئي، شاهنواز لاهور کي هڪ الڳ نَظر سان ڏسڻ شروع ڪيو. سيبسٽن مينرڪ وارو لاهور حويلين ۽ جاگيردارن جي محلن تي مشتمل هو جڏهن ته شاهنواز جي آڏو جيڪو لاهور هو سو گهاٽي شهري آباديءَ تي ٻڌل هو. ان ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل جيڪي پراڻيون حويليون هيون انهن مڙني کي شاهنواز پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، انهن منجهان گهڻين جي حالت ضعيف هئي، اهڙي ئي هڪ پراڻي حويلي هيرامنڊي ۾ ٻه موجود هئي جيڪا سئنيما جي بلڪل ويجهو هئي، جنهن جو نالو بارود خانو آهي. ٻاهران ڪان ڏسجي ته هيءَ ڪا قديمي عمارت نه ٿي نظر اچي، صرف ڪاٺ جا دروازا ئي هڪ اهڙي نشاني آهن جيڪي ڪنهن قديمي جاءِ جو پتو ڏين ٿا.

ان حويليءَ ۾ هڪ عورت رهندي آهي جيڪا ان گهر ۾ پنهنجن

ڪجھ وفادار خادمن سان گڏ رهندي آهي، اها عورت هڪ مشهور شاعر جي زال آهي، جنهن جا سيئي ٻار هاڻي هتان ڪان نئين شهر جي جديد گھرن ڏانهن هليا ويا آهن پر هن عورت پنهنجي خانداني حويلي کي ڇڏڻ ڪان انڪار ڪيو. هوءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن حويلي ڪان ٻاهر نہ نڪتي، ان سموري عرصي ۾ جڏهن هوءَ ان حويليءَ ۾ اڪيلي رهي پئي هئي. هن سان ملڻ لاءِ ايندڙن ۾ هڪ ماڻهو نمايان هو ان عورت جو ويهن سالن جو ڏهٽو آصف صديقي.. آصف صديقي کي ان عاليشان ۽ جديد گھر ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي جيڪو سندس والدين ڪجھ وقت پهرين تعمير ڪرايو هو آصف صديقي کي پنهنجن جي وچ ۾ رهڻ سنو لڳندو هو.

شاهنواز آصف صديقي کي نالي سان سڃاڻندو هو ٻنهين جي ڪڏهن دوبدو گڏجاڻي ٿيل نہ هئي، آصف صديقي جو قلعي واري شهر منجهان وڃڻ ڪان پوءِ اوڏانهن گهٽ اچڻ ٿيندو هو پنهنجي ناني سان هو انهن ڏينهن ۾ ملڻ ايندو هو جڏهن يونيورسٽي جون هفتي وار موڪلون هونديون هيون، حويلي ۾ هو هيٺئين طبقي ۾ رهندو هو جتي هو صبح جو ٻانگي جي ٻانگ مهل اٿندو هو ۽ گھر جي ڏکهي آڱر ۾ صبح جو سرور پريو پهر گذاريندو هو.

ان گھر جي چوديواري ۾ عجيب قسم جي فرحت ۽ سانت هئي، آصف صديقي ڪلاڪن جا ڪلاڪ آڱر ۾ ويٺو سگريٽ پيئندو هو ۽ موسيقي منجهان حظ حاصل ڪندو هو ۽ پوءِ ٻپهري جي ماني پنهنجي ناني سان گڏ کائي اٿين ئي ماڻ سان هليو ويندو هو جھڙي ماڻ سان هو ايندو هو ان ڳالھ کان بالاتر ٿي تہ پر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي شايد انهيءَ سبب هن کي اها خبر پئجي نہ سگهي تہ پر ۾ هڪ اهڙو ڪاريگر بہ رهي ٿو جيڪو سماج کي هڪ الڳ انداز سان ڏسي ٿو.

شاهنواز جو ڳولائو روح اڃا به ڪارخاني کان موتي برش ۽ ڪينواس ۾ پناهه وٺندو هو. لڳاتار مطالعو هن جي ادراڪ ۾ اضافو پيو ڪري، هُو پنهنجي ملڪ ۾ موجود فنڪارن جو حال ڄاڻي حيران ٿيندو هو جيڪي ورهاڱي کان پوءِ عدم استحڪام جو شڪار بڻيل ملڪ ۾ ڏکين حالتن ۾ به فن سان چاهه رکندڙ روح جي خاطري لاءِ پاڻ پتوڙين پيا.

هڪ ڏينهن شاهنواز مغل نموني جي اڏاوت ۽ گاٿي اڏاوت (نوڪدار محرابن واري عمارت سازي جيڪا اولهه يورپ ۾ I2_I6 هين صدي تائين رائج هئي) جي گڏيل طريقي سان جوڙيل شاهڪار لاهور جي قومي عجائب گهر ويو. عجائب گهر جو پهريون محافظ جان لاڪ وڊ ڪپلنگ (John Lockwood Kipling) هو جيڪو جڳ مشهور ليکڪ رڊيارڊ ڪپلنگ (Rudyard kipling) جو والد هو جنهن جا ڪتاب اڄ به هر دڪان تي وڪرو ٿيندا آهن. سڀ کان پهرين هندوستاني ننڍين تصويرن هن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. ننڍين تصويرن جون به وڏيون قطارون هيون، ڇا ته ڪمال جي شاعري ۽ ڏاڻ هو جنهن کي ڏسي هو دنگ رهجي ويو. هڪ تصوير ۾ سلطان باز بهادر ڏيکاريل هو جيڪو پنهنجي اڇي گهوڙي تي حسين روپمتي کي هڪ خاص انداز ۾ کنيو ٿي ويو. ان سڀ کي ڏسي هن جون اکيون حيرت وچان دنگ رهجي ويون. هُو اڳتي وڌندو ان جاءِ تي پهتو جتي پاڪستاني همعصرن جي فن جا نمونا ٽنگيل هئا. شاهنواز کي ان انبوهه ۾ هر نموني جي تصوير ڏسڻ لاءِ ملي، اٽڪورين خلوتي تصويرن کان ويندي گهرن رنگن واري عاليشان تصوراتي منظر تائين، ان انبوهه ۾ سڀ ڪجهه شامل هو.

خالد اقبال جي تصويرن آڏو اچي شاهنواز وائڙو ٿي ويو. مصور

سائو رنگ ڪتب آڻيندي اهڙا تہ منظر تخليق ڪيا هئا جن کي ڏسڻ لاءِ شاهنواز آتو هو هڪ سرسبز دنيا جنهن ۾ فقط ساوا وڻ هئا هڪ اهڙي دنيا جنهن ۾ شاهنواز جيئڻ چاهي پيو.

هُو عجائب گهر ۾ موجود هر تصوير جي آڏو بيهندو رهيو توڻي جو اها تصوير سٺي هئي يا مٺي، پر هو هر تصوير آڏو بيهي اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش پيو ڪري تہ مصور ان ۾ ڪهڙي ڳالهہ ڪرڻ ٿو چاهي؟ انسانن جون تصويرون هتي گهڻ موجود هيون، جيڪي ڪجهہ تصويرون پيل هيون تن ۾ گهرا جذبا شامل نہ هئا. شاهنواز کي لڳو تہ هن جون تصويرون انهن تصويرن کان وڌيڪ گهٽيون وڌيڪ عميق ۽ بامعني آهن، هن کي لڳو تہ هو ڪو عام مصور نہ آهي ۽ فن جي دنيا ۾ هن لاءِ جاءِ موجود آهي.

////////

هاڻي شاهنواز انگريزي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڄاڻي پيو هن وٽ هڪ بهترين نوڪري هئي، وڏندڙ خاندان هو هن جي تين ڏي پيدا ٿي هئي ۽ هُو تصويرن مٿان تصويرون ناهيندو ٿي ويو. هاڻي تہ هن کي اها ڪل بہ نہ هئي تہ هو انهن تصويرن کي ڪٿي رکي؟ ڪوڙ سارين سرگرمين جي باوجود سندس حياتيءَ ۾ اهو نهراءُ اڄ بہ هو. زندگي جا سمورا در اڄا بہ شاهنواز لاءِ بند هئا، اوسي پاسي وارا اڄ بہ هن جا مخالف هئا، نيٺ اهڙو ڪير هوندو جنهن کي هن جي تصويرن ۾ دلچسپي ٿيندي، جيتوڻيڪ ان صورتحال کي ڏسندي هن کي ڪڏهن ڏک بہ ٿيندو هو پر هن جو ايمان هو تہ هڪ ڏينهن هو ضرور ڪامياب ٿيندو. ڇا اها ڪا گهٽ ڳالهہ آهي تہ هو پنهنجي مصوري جي مڪتب جو تخليقار پاڻ هو ۽ هاڻي تہ هير امنبدي جون ناچڻيون بہ هن سان گڏ هيون

جيڪي سڀ هن جون مداح هيون. ڪافي وقت اهي ناچڻيون هن کي ڏڏينديون رهيون پر هاڻي هر ناچڻي جي اها حسرت هئي ته هوءَ شاهنواز جي ڪينواس تي پنهنجي جاءِ جوڙي سگهي.

ٽيهن سالن جي عمر ۾ نيٺ شاهنواز کي شاهي پاڙي جي زندگيءَ ۾ اهميت ملڻ لڳي. طوائفن کي شاهنواز تي ڪوان ڏنو يقين هو ابتدا ۾ اهي عورتون شاهنواز کي ڏاڍو ڪڪ ڪنديون هيون. چاڪاڻ تصوير ٺاهڻ دوران هُو مسلسل ڳالهائينديون رهنديون هيون جنهن سان شاهنواز کي مرڪز ڳولهڻ ۾ ڏنگايون پيش اينديون هيون پر هوريان هوريان هنن جو ڳالهائڻ شاهنواز کي پاڻ ءِ پڄجي ويو پنهنجي مصوري دوران هن کي هتان جي طوائفن جي زندگي ۽ حالتن کي ويجهي کان ڄاڻڻ جو موقعو به مليو.

شاهنواز کوڙ سارين ڏکيائين کان ان لاءِ به بچي ويو ڇاڪاڻ ته خوش قسمتي سان هن جو خاندان اعليٰ ڪير ذات سان تعلق رکي پيو. هنن کي ان پيشي ۾ مڃيل مقام حاصل هو مغلن جي دور ۾ ادب ۽ فن جو بهترين شوق جيڪو عروج تي پهتو ان طوائفن ۽ گلوڪارن کي وڏن وڏن رتبن تي پهچايو. مغلن جي دور ۾ ئي شاهي پاڙي جا ڪوٺا عاليشان نمونې قائم ٿيا ۽ واڌ ويجهه ڪيائون پر وري انگريزن جو دور آيو ته هن عاليشان روايت کي تمام گهڻين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو.

انگريز پنهنجي اخلاقي حدن جا قيدي بڻيل هئا ۽ شاهي پاڙي جي ريتن رسمن کي سمجهڻ جي ڪڏهن ڪوشش نه ڪيائون. ان جو اثر شاهي پاڙي تي اهو ٿيو جو هتي جيڪو مرتبن جو نظام قائم هو سو پن پن ٿي ويو. انگريز شاهي پاڙي جي طوائفن سان صرف نفرت ئي نه ڪندا هئا پر انگريزن انهن تي تشدد به ڪيو هو ان جو نتيجو اهو نڪتو ته اعليٰ نسل جون طوائفون پيشو ڇڏي ويون ۽ گهٽ ذات

واريون طوائفون آڏو اچي ويون، وري اسلام آيو ته ان رهبل ساهه کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هزارين ڪوششن باوجود اهو پيشو دنيا منجهان ميسارجي نه سگهيو ڇاڪاڻ جو ان پيشي جون پاڙون تمام اونهيون هيون.

شاهنواز کي پنهنجن ڪردارن جي ڪهاڻين ۾ ڏاڍي دلچسپي هئي، شروعات ۾ ماڻ جي هڪ ساهي هوندي هئي جنهن کان پوءِ هو باقائدي ڳالهائڻ لڳنديون هيون. هڪ ڏينهن شاهنواز ڏي هڪ اهڙي اداڪاره آئي جيڪا انتهائي سطحي هئي. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب رنج هو. هوءِ هڪ گهٽ ڳالهائيندڙ عورت هئي، ڪيترن ئي ڏينهن جي ويهڪن کان پوءِ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"منهنجي لاءِ انهن ڳالهين کي ڇيڙڻ ڏاڍو اڙانگو آهي جن کي مون پنهنجي اندر ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي، هي اهي راز آهن جيڪي مان ڪڏهن پاڻ سان به نه وندينندي آهيان"

عورت فقط اهو ئي چيو هو ته هن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

پر وڏي احتياط ۽ گهڻي زور ڀرڻ کان پوءِ شاهنواز چندا کي ان ڳالهه تي راضي ڪري ورتو ته هوءِ هن سان پنهنجا ڏک ونڊي، هن جي ماءُ جميله جو تعلق شاهي پاڙي سان نه هو پر هن جو تعلق لاهور جي ويجهي علائقي جي هڪ ڳوٺ سان هو جميله جي پيءُ جي وفات کان پوءِ هن جي ماءُ لاءِ جوان ڌيءُ کي پالڻ لاءِ ڪو به ذريعو نه هو انهن ڏينهن ۾ چوڪرين جو ورڪرو به تيندو هو. جميله جي ماءُ هن کي لاهور وٺي آئي ۽ خانم نالي هڪ عورت جي حوالي ڪيائين جنهن بغير ڏاج جي جميله جي شادي پنهنجي پٽ سان ڪرڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي، جميله جي ماءُ خدا جو شڪر ادا ڪيو ته هوءِ هڪ نيڪ عورت سان اچي ګڏي آهي.

جهٽ ئي جميلہ کي خبر پئجي وئي تہ هوءَ ڪهڙي قسم جي خاندان ۾ اچي وئي آهي هن جي ماءُ کي بہ ان ڳجهہ جي ڄاڻ پئجي وئي جڏهن هوءَ ڪيترن ئي مهينن کان پوءِ پنهنجي ڌيءُ سان ملڻ لاءِ آئي، جميلہ جي ماءُ اهڙي ذلت برداشت نہ ڪري سگهي ۽ دم ڏئي حوالي ڪيائين. خانم کي ڪا بہ ڌيءُ نہ هئي صرف هڪ پٽ هو جنهن جو ڪم جميلہ کي ڳورهاري بڻائڻ هو جميلہ هر سال هڪ ڀار کي جنم ڏنو ڇهہ ڇوڪريون ۽ بہ ڇوڪرا، مڙني منجهان وڏي چندا هئي جنهن کي ڄمر کان وٺي جميلہ کان پري ڪيو ويو هو جيڪا هاڻي گهر ۾ نوڪرياڻي هئي. هن جي ڄمڻ جي خوشي ڍام ڌوم سان ملهائي وئي، چندا جي تربيت خانم پنهنجي اولاد جيان ڪئي جڏهن تہ هن جي اصل ماءُ سمورو ڏينهن رنڌڻي ۾ واڙجي مهمانن لاءِ ڪاڏو پئي پچائيندي هئي.

هن جي ماءُ کي خانم تاڪيد سان چئي ڇڏيو هو تہ هوءَ ڪڏهن بہ پنهنجن ٻارن کي اهو نہ ٻڌائيندي تہ هوءَ سندن اصل ماءُ آهي، هاڻي خانم جو ايندڙ وقت خوشحال هو ڇاڪاڻ ڌيءُ کان سواءِ هڪ طوائف جي پيڇاڙي اذيت ۾ گذرندي آهي. هن خدا جو شڪر ڪيو جو هن کي جميلہ جهڙي ڳوٺاڻي ڇوڪري عطا ٿي، جنهن هن کي ڇهہ ڇوڪريون ڄڻي ڏنيون، چندا کي پهرين اسڪول موڪليائون ۽ پوءِ ٻن سالن لاءِ هاءِ اسڪول موڪليو ويو هاڻي دنيا متجي پئي ۽ گراهڪ هاڻي انگل ڪرڻ لڳا هئا، هو پڙهيل لکيل طوائف جي گهر ڪندا هئا، جنهن کي انگريزي پاڻي جيان ڳالهائڻ ايندي هجي، پر گهڻي تعليم بہ نقصانڪار ثابت ٿيندي آهي ڇاڪاڻ ڇوڪريون ان ڳالهہ کان باخبر ٿي وينديون آهن تہ اهو پيشو مهذب نہ آهي، اهو سڀ چندا سان بہ ٿيو. هن کي نظر اچڻ لڳو تہ جيڪڏهن هوءَ شاهي پاڙي ڏانهن پيهر

موٽي ويندي تہ هن جو ايندڙ وقت ڇا هوندو. هن بغاوت ڪئي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ خانم جميلہ کي ائن ٻارن سميت گهر ان ڪڍي ڇڏيو ان ڏينهن چندا کي خبر پئي تہ حقيقت ۾ هن جي ماءُ ڪير آهي. اها خبر پوڻ تي چندا کي ڏاڍو افسوس ٿيو ڇاڪاڻ ته هن جميلہ سان سدائين نوڪرن وارو سلوڪ ڪيو هو ان سموري ذلت کي منهن ڏيڻ کان پوءِ چندا مجبور ٿي جسم فروشي جي ان ڌنڌي ۾ داخل ٿي وئي.

اهي سڀ قصا پنهنجو اثر شاهنواز تي ڇڏيندا ويا. هو پنهنجي ان ارادي کي اڃا پختو ڪندو ويو تہ هاڻي ڪنهن بہ ڇوڪري کي ڌنڌي ۾ نہ اچڻ گهُرجي. عائشہ جواني رسڻ واري هئي ۽ جلد ئي هن جي عمر نٿ لاهڻ جي ويجهو پهچڻ واري هئي. نسيم جوان ٿيندڙ عائشہ لاءِ هاڻي منصوبا جوڙڻ شروع ڪري ڇڏيا. هوءَ ليلا جي ذڪ تي ضابطو آڻي چڪي هئي. ان لاءِ هن ارادو ڪيو تہ هوءَ عائشہ جي تربيت ڪندي. عائشہ کي اسڪول موڪليو ويو ۽ چندا جيان هن کي بہ ٻن سالن لاءِ هاءِ اسڪول جي تعليم لاءِ موڪليو ويو تہ جيئن هوءَ انگريزي ڳالهائڻ سکي سگهي.

جيئن ئي هوءَ اسڪول کان واپس آئي. نسيم مصطفي جي ذمي اهو ڪم اربي ڇڏيو تہ هو ان کي ڳائڻ ۽ نچڻ سيکاري. عائشہ ۾ هڪ سٺي طوائف ٿيڻ جا سڀ ڳڻ هئا. هوءَ سهڻي، نازڪ نفيس ۽ چالاڪ اکين جي مالڪ هئي. سهڻي سيبتي ۽ عقلمند هئي. پنهنجي ڏاڏيءَ جي سرپرستيءَ ۾ هن کي ان پيشي ۾ اچڻ تي ڪو بہ اعتراض نہ هو ڇاڪاڻ تہ هن کي پڻ ڳائڻ ۽ ناچ جو شوق هو هن جو ڳلو بہ انتهائي سريلو هو ۽ جڏهن هوءَ ڳائيندي هئي تہ ٻڌندڙ شهوت اڀاريندڙ آواز مردن جو ساهہ مٿ ۾ ڪري ڇڏيندو هو.

نسيم عائشہ کي هيرامنڊي جي سڀ کان وڏيڪ اميد بهترين ۽ اعليٰ طوائف بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ڇاڪاڻ تہ نسيم لاءِ اهو بقا جو معاملو هو.

عائشہ شرميلي ۽ پنهنجي پيءُ کان خوفزده رهندڙ ڇوڪري هئي. شاهنواز جو رويو بہ هن سان ڪو گهڻو خوشگوار نہ هو ڇاڪاڻ جيئن جيئن هوءَ وڏي ٿيندي وئي تيئن تيئن هن جا معاندا ليلا جهڙا ٿيندا ٿي ويا. هن جي عمر هاڻي ايتري ٿي وئي هئي، جڏهن شاهنواز پنهنجي پيڻ ليلا ڏانهن پهريون پيرو ويو هو هاڻي هو پنهنجي ڌيءُ کان ايترو تہ ڊنل هو جو هن ڏانهن هڪ نظر بہ نہ نهاريندو هو ليلا جي باري ۾ عائشہ سان ڪير بہ ڪا ڳالهہ نہ ڪندو هو ڇاڪاڻ تہ هُو سمجهندا هئا تہ ڇتل ڦٽن کي کوٽڻ ڦلدائڪ نہ آهي. هن جي احساس محرومي ۾ اچا وڌيڪ اضافو ٿي ويندو هو جڏهن سندس پيءُ هن جي ننڍيين ڀيڻن سان پيار ۽ پاٻوهہ منجهان ملندو هو ان سموري اٽبڻت کان پوءِ بہ شاهنواز ڪڏهن بہ نہ چاهيندو هو تہ عائشہ ڏنڌي تي لهي، هن کي اها ڳالهہ منجهائي ڇڏيندي هئي تہ ڪٿي هن سان بہ ليلا جهڙو نہ سلوڪ ٿئي پر هن کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ هُو نسيم کي ڪيئن روڪيندو. ڪيڄرن جي خاندان ۾ عورتن جي حڪومت صدين کان هلندي ٿي آئي ۽ ان خاندان ۾ مردن کي سدائين ٻئي درجي جي حيثيت حاصل رهي آهي.

شاهي پاڙي جا رواج پنهنجا آهن ۽ ڪنهن کي انهن کان بغاوت جي طاقت نہ آهي، جيتوڻيڪ شاهنواز هڪ خود مختيار ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو هو هو احتجاج ڪري سگهي پيو پر پنهنجي ماءُ جي مخالفت نہ پيو ڪري سگهي، هونءَ بہ هن جي آمدني ايتري نہ هئي جو هُو پنهنجي ماءُ جي سار سنڀال بہ لهي سگهي، ڇاڪاڻ تہ هن جي

آمدني منجهان هن جو پنهنجو خرچ ئي مس هلندو هو سندس گهر جي حالت بہ زبون حال هئي ۽ ٿنا جي پيٽ ۾ بہ چوٽون پار هو.

7

آگسٽ، سانوڻ جي مند... جنهن جي ساهه ڪيندڙ گرمي ۾ معمولي ڪمر به ڏکيائي سان ٿيندو آهي، مينهن وسڻ کان سواءِ به ان مند ۾ ائين لڳندو آهي ڄڻ انسان ٻاڦ ۾ وهنجي پيو. اُٻ سان ڀرپور ماحول شهر کي منجهائي وڌو ڇاڪاڻ گهٽ ماڻهن جي گهرن ۾ پکا موجود هئا. شهر جون پيتيون ان اُٻ سان واسيل آهن جن منجهان اُٻت پيو نڪري، شهر جي ڪليل گٽرن منجهان ڌپ پئي اٿلي.

گهٽي کي ڏسجي ته ائين پئي لڳو ڄڻ ڪو عجوبو هجي، معذور پينو ليڙون لٽن ۾ ۽ پينو ٻار رستي تي رلندا وتن ٿا ۽ نشئي جن جي بدن تي نه ڪپڙا آهن نه ئي ان اُٻت کان بچڻ ۽ پناهه وٺڻ لاءِ ڪو آستانو اٿن. ان بي حسي، غربت ۽ لاچاري جو ڪو به حل نه آهي جنهن شاهنواز کي پريشان ڪري ڇڏيو. پراڻي شهر جي ٻاهران ڏسجي ته ائين لڳندو هو ڄڻ شهر جو هي حصو ڪاٻاڙو هجي جتي سماج جا محروم طبقا گڏ ٿيل آهن، دلال، جسم وڪڻندڙ عورتون، نشئي ۽ ها شيعا به جن کي ائين ئي ٿڏيو ويو هو جيئن عيسائين کي.

ٻاهران کان هتي اهي ئي ماڻهو ايندا هئا جيڪي ماديت پرست

طبقي سان تعلق رکندا هئا جيڪي پنهنجي عياشي جو پورائو ڪرڻ ايندا هئا يا اهي سياستدان جيڪي ذهن جي روشني ۾ قرآن ۽ اسلامي تعليم جي پرچار ڪندا هئا پر شام ٿيڻ سان بئنڪن منجهان ڪڙڪ نوٽ ڪيڊرايون ايندا هئا ۽ ناچڻين تي گهور ڪندا هئا.

چونڊن ۽ رمضان کان پهرين حڪومت اعليٰ اخلاقي قدرن کي لاڳو ڪندي نظر ايندي هئي ۽ شاهي پاڙي لاءِ حڪم ناما جاري ڪيا ويندا هئا. طاقت جيڪا فوج وٽ هئي يا وري عام انتظاميہ وٽ... شاهي پاڙي لاءِ بنهين طاقتور طبقن جو سلوڪ ساڳيو هو. تشدد ۽ سماجي دٻاءُ واحد ذريعو هو جيڪو انهن ماڻهن لاءِ ورتايو ويندو هو. نيٺ ان علائقي جا ماڻهو ان سماجي بي حسي ۽ اڻ برابري واري رويي کان بيزار ٿي ويا.

اوسي پاسي جي ڪجھ ممتاز شخصيتن هڪ ڏينهن اونداهي گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ گڏجي ۽ ان ڳالھ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي تہ ڪهڙي طرح معاشري ۽ رياست ۾ هنن کي عزتدار طريقي سان جيئڻ جو حق حاصل ٿي سگهي ٿو.

ان ٽولي ۾ پنهنجي دور جو مشهور بدمعاش محمود صاحب بہ شامل هو جيڪو قد جو ڊگهو ۽ ڏسڻ ۾ متارو مڙس هو. ان اجلاس ۾ شاهنواز بہ شامل هو هن جي هاڪ امتيازي سياسي نظام کي تباهہ ڪندڙ طور پهرين ئي هلي وئي هئي. ٽي ٽيھ سالن جي عمر ۾ بہ هن ۾ اها صلاحيت موجود هئي تہ هو پنهنجي سياسي شعور ۾ تبديلي آڻي سگهي، پاڪستان کي ٺهندي ٽي ويھ سال ٿي ويا هئا پر شاهنواز کي اڄ بہ لڳندو هو تہ هن جي قوم رياست کان بغير پئي هلي جڏهن تہ ان جي مقابلي ۾ يارت ۾ پارليامينٽري جمهوريت جو ٻوٽو وڏي وڻ ٿي ويو هو هنن کي اڃا تائين اها پڪ نہ هئي تہ پاڪستان زميني حدن سان

ڪمڙي طرح معجزاتي طور تي هڪ الڳ منظم ۽ ملڪي رياست بڻجي سگهي ٿو.

سچ ته اهو آهي ته ان حقيقت تي پراڻي شهر وارن ڪڏهن به ڌيان نه ڏنو هو ته ملڪ ڪمڙي ريت هلڻ گهرجي، عقيدي جي بنياد تي ملڪ ٺاهڻ ۾ ته ڪاميابي ماڻي ورتائون پر جناح کان پوءِ ڪا به حڪومت اهڙي نه آئي هئي جيڪا باقائدا ڪو نظام جوڙي سگهي هجي ۽ خواب کي حقيقت ۾ مٽائي سگهي هجي. هڪ اهڙو خواب جيڪو پاڪستان جي باني ڏٺو هو بر صغير ۾ هڪ مسلمان ملڪ جو خواب...... هڪ پاسي فوج هئي جيڪا ملڪ کي مارشل لا ۽ ايمرجنسي کان سواءِ ڪجھ نه ڏئي سگهي، ٻئي پاسي جمهوريت هئي جيڪا حقيقت ۾ اڄ به صحيح معني ۾ حاصل نه ٿي هئي، ٻئي طاقتون هڪ حقيقي رياست قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويون. ان تلخ حقيقت ۽ جبري مارشل لا جي وچ ۾ وڪوڙيل پاڪستاني قوم زنده رهڻ جي ڪوشش پئي ڪري.

پراڻي شهر ۾ محمود صاحب وک کڻڻ جو ارادو ڪري ورتو هن هڪ اهڙي تنظيم جوڙڻ جي صلاح ڏني جيڪا شاهي پاڙي جي ڪاريگرن ۽ فنڪارن تي آڌاريل هجي. جيڪي ان سماجي دٻاءَ خلاف جدوجهد ڪن جيڪو شاهي پاڙي وارن سان ڪيو ٿي ويو. ان کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي ان تنظيم جو صدر بنائڻ جي تجويز پيش ڪيائين ۽ شاهنواز کي منشي طور تجويز ڪيائين. ان تنظيم جو منشور شاهي پاڙي جي حقن جو تحفظ ۽ دفاع ڪرڻ طئه ڪيو ويو.

ٻڳري آواز ۾ پنهنجي آڏو موجود مجموعي ۾ محمود صاحب اعلان ڪيو

”پراڻي شهر جي ٻتين کان ٻاهريون سماج هجي يا اندر موجود

پوليس، اسين انهن کي ان توهين جي اجازت نٿا ڏئي سگهون جنهن سبب اسان جو اولاد پنهنجي وجود منجهان ئي شرمسار ٿئي“
شاهنواز بہ محمود صاحب جي ڳالهہ سان متفق هو. رمضان کان ڪجھ ڏينهن پهرين شاهنواز لاهور هاءِ ڪورٽ ويو جتي هن کي ان وڪيل سان ملڻو هو جنهن سان هن جو تعارف جعفر ڪرايو هو. هو اهو مقدمو کڻي آيو هو تہ موسيقارن ۽ ناچڻين کي بہ مزدورن جي حيثيت سان مڃيو وڃي ۽ انهن کي بہ اهي حق ڏنا وڃن جيڪي ٻين شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن کي ڏنا وڃن ٿا ۽ اهو بہ تہ رمضان مهيني ۾ انهن مٿان لڳندڙ پابندي کي بہ ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، اهو مقدمو قانون جي عدالت ۾ پيش ٿيو جنهن ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ قانون ۾ ڪو بہ اهڙو پهلو نہ آهي، جيڪو انهن فنڪارن کي رمضان ۾ ڪم ڪرڻ کان روڪيندو هجي، شاهنواز ان فيصلي جون هزارين ڪاپيون ڇپرايون ۽ انهن کي سموري شاهي پاڙي جي ڀتين تي چمبڙائي ڇڏيائين.
پوءِ جڏهن رمضان آيو تہ هزارين پوليس اهلڪار شهر جي اندروني حصي واري دروازي تي مقرر ڪيا ويا تہ جيئن ماڻهن کي شاهي پاڙي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي سگهجي، هٿيارن سان ڪجھ جوان شهر جي اندر داخل ٿيا ۽ انهن سيني ڪوٺڻ کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر انهن هٿياربند پوليس اهلڪارن کي خواب خيال ۾ بہ نہ هو تہ انهن جو مهاڏو هزارن جي ميڙ سان ٿيندو جيڪي احتجاج ڪاڻ گهٽي ۾ نڪري آيا هئا. هجوم ۾ جوش هو ۽ نعرا تي هنيائون ۽ ڪڏهن نہ جهڪڻ جا قول تي ڪيائون.
احتجاج ڪندڙ گهٽين ۽ رستن جي پاسن سان ڏرڻو هٽي ويهي رهيا ان کان پوءِ موسيقارن ساز وڄائڻ ۽ ناچڻين نچڻ شروع ڪيو.

احتجاج ڪندڙن جي هٿن ۾ عدالت جي فيصلي جا نقل هئا جيڪي هو پوليس وارن آڏو ڦڙڪائن پيا پر ان جو فائدو ڪجهه به نه ٿيو ڪوٺن کي بند ڪرڻ جو حڪم مٿان کان آيل هو ايترو مٿان کان جو قانون به ان جي هيٺان هو.

روزن جا ٽيهه ڏينهن اهو احتجاجي سلسلو جاري رهيو ڪيترا ئي پيرا ائين ٿيو جو احتجاج ڪندڙن ۽ پوليس جي وچ جو فاصلو گهٽجي ويو ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪري رهيا هئا ۽ جن جي هٿن ۾ عدالت جو فيصلو هو انهن کي ڏنڊا هنيا ويا ۽ انهن کي پوئتي هٽڻو پيو.

ان سموري عرصي دوران شاهنواز کي روپوش رهڻو پيو پوليس جيڪا شروع ۾ ميڙ کي ڏسي پانيولجي پئي هئي، جهٽ هوش سنڀالي ورتائين ۽ انهيءَ هڪ هڪ ڪري انهن مڙني ماڻهن کي سوگهو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو جيڪي ان سموري ڌمچر جا ذميوار هئا. انهن ماڻهن کي جهليو ۽ هر اهو ڏانءُ استعمال ڪري انهن کان پڇا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون ته ان سموري احتجاج جو مُک سربراه ڪير آهي، هو ڪجهه ماڻهن جا نالا ظاهر ڪرائڻ ۾ نيٺ ڪامياب به ٿيا، پر انهن سوڙهين ۽ اڻ ڏٺل گهٽين ۾ روپوش ٿيل ماڻهن کي هٿ ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه هو.

عيد جي موقعي تي مذهبي گڏجاڻين جي وقت شاهنواز پنهنجي گهر جي ڇت تي آيو ۽ بادشاهي مسجد ۾ هزارن جي ميڙ کي عيد جي نماز ادا ڪندي ڏٺائين. اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ جي مغل نموني جي شاهڪار بادشاهي مسجد جيڪا پيغمبر صلعم جي ڏاڙهي مبارڪ جي وار جي يادگار طور جوڙائي وئي هئي، سا ماڻهن سان ٽمٽار هئي. جيئن ئي امام جو پڙاڏو گونجيو سٺ هزار جي مجموعو جو رڪوع،

سجدن ۾ الله اڪبر جي نعرن ۾ هن جو آواز گم ٿي ويو عيد جي نماز ويهن منٽن ۾ ادا ٿي وئي پوءِ توپن جي سلامي بعد ماڻهو هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائڻ لڳا، ماڻهو هڪ ٻئي لاءِ نيڪ جذبن جو اظهار ڪري رهيا هئا ۽ دعائون ٿي گهُريائون ڇاڪاڻ ته اوڀر پاڪستان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي ٿي وئي.

اوڀر پاڪستان ۾ آزاديءَ جي گهر زور وٺي وئي هئي، حڪومت طرفان ضابطي آڻڻ جي ڪوشش ناڪام ٿي وئي، حڪومت ۽ پوليس جو ڌيان به ان طرف هو ان ڪري شاهنواز روپوشي ڇڏي ظاهر ٿي پيو.

16 ڊسمبر 1971ع تي بنگلاديش ٺهي ويو جيڪو پاڪستان لاءِ وڏو لوڏو هو ڀارتي فوج جي سرپرستيءَ بنگالي ماڻهن جي جيڪا مدد ڪئي ان پاڪستان جي ڪاوڙ کي اجا وڌائي ڇڏيو ملڪ جي اخلاقي حالت بدترين درجي تي پهتل هئي، ملڪ جي بڻياد جو پٿر لڏي ويو هو عقيدي جي بنياد تي اشتراڪ ۽ اتحاد جو ڀرم چور ٿي ويو ملڪ جون پاڙون ڪمزور ٿيڻ لڳيون، جناح جو خواب ڪنهن خوفناڪ خواب جهڙو ٿي ويو اهڙو خواب جيڪو حقيقت ۾ موجود نه هو ڇاڪاڻ ته اجا به ڀارت ۾ ڇهه ڪروڙ مسلمان رهن پيا.

ٽي وي تي پاڪستاني فوجين جي قيد هجڻ واري منظر پاڪستانين کي باهه ڏياري ڇڏي، تاريخي انداز ۾ دانهون ڪندي احتجاج ڪندڙ گهٽين ۾ نڪري آيا هئا، انهن جي عزت نفس، فخر ۽ غرور گهائل هئا جڏهن هنن جنرل نيازي کي بطور مفتوح ۽ جنرل اروڙا کي بطور فاتح شڪست نامي تي دستخط ڪندي ۽ ڀاڪر پائيندي ڏٺو. شاهنواز کي پنهنجين اکين تي يقين نه ٿي آيو جڏهن هن تلوارن جي اها روايتي متاستا ۾ ڀاڪر ڏٺا، هُو فڪر ۾ ورتل هو ڀارت جون اخبارون سرعام پيون لکن ته پاڪستان هڪ افسانوي قوم آهي، جنهن

جو حقيقت ۾ ڪو وجود نہ آهي.

ذوالفقار علي ڀٽو باغي خيالن جو مالڪ هڪ ڏاهو سياستدان هو جنهن ان بي اعتمادي جي ڪيفيت جو فائدو ورتو ۽ منتشر ملڪ جي صدارتي ڪرسي تائين وڃي پهتو. ملڪ ٽڪائي ۽ شرمساري جي احساس ۾ چور چور هو ان وقت ملڪ ۾ ڪو دستور نافذ نہ هو اهڙي صورتحال ۾ ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن عام ماڻهو بطور مارشل لا ايڊمنسٽريٽر حلف کنيو ڀٽي جي اچڻ مايوس قوم جي دل ۾ اميد جو ڏيئو ٻاريو. ان وقت ڀٽي جي عمر ٽيهہ سال هئي جڏهن هو ملڪي تاريخ جو نوجوان وزير بڻيو.

جنرل ايوب خان هن کي جيل ڀيڙو ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن هو اتان کان آزاد ٿيو تہ قومي اڳواڻ جي حيثيت ۾ اڀريو جڏهن هن پي پي پي، ’پاڪستان پيپلز پارٽي‘ جي نالي سان هڪ سياسي جماعت ٺاهي تہ ماڻهون ٽولين ٽولين ٿيان ٽوليون ٺاهي ان جماعت جو حصو ٿيڻ لڳا. ان وقت پي پي پي محروم ۽ پيڙهيل طبقن جي نمائندگي ڪندڙ جماعت بڻجي وئي هئي، پراڻي شهر جي لاهورين جون دليون بہ جذبن سان ڀريل هيون، ڪجھ عرصي کان پوءِ انهن جي دلين ۾ اها اميد جاڳي هئي تہ هاڻي انهن کي بہ عام پاڪستانين جهڙا حق ملندا ۽ هو بهترين زندگي گهاري سگهندا. ڇا اهو ٿي ٿي سگهيو تہ هي شخص سندس احساس سمجهندو ۽ انهن کي بهتر ۽ اطمينان واري زندگي گذارڻ جو موقعو ملندو؟ ڇا رعبدار شخصيت جو مالڪ ۽ ماڻهن جو هڏڏوڪي ٿي اڀرندڙ ڀٽو انهن ماڻهن کي محرومي ۽ ذلت واري زندگي منجهان ڪڍي سگهندو؟ ڇا جيڪو ڀٽو جناح جي موت کان پوءِ انهن جي ڪڇيءَ ۾ پيو آهي اهو لهندو يا بهتر مستقبل جو خواب ساڀيان لهي سگهندو؟

شاهنواز نئين سياسي ٽولي جوڙڻ کان پوءِ ڪنيل قدمن کي تمام گهرائي سان مطالعو ڪري رهيو هو هڪ سال کان پوءِ پنهنجي صدارت جي ڪرسي ڇڏي ڏني ۽ بطور وزير اعظم انهن ئي حقن سان اقتدار جي ڪرسي تي ويٺو ملڪ لاءِ هڪ نئون آئين جوڙيو ويو جنهن ۾ آزاد عدالتون، منظم معيشت، پارليماني حڪومت، آزاد ميڊيا، مذهبي آزادي ۽ سيني ماڻهن لاءِ هڪ جهڙن شهري حقن جي ضمانت ڏني وئي.



انهن سالن ۾ شاهي پارٽي جي زندگي ڪجھ پرسڪون ٿي وئي، دٻاءُ ٻه گهٽ هو ۽ عملدارن سان ٻه پارٽيسرين جا تعلق ماٺ ۾ هئا، ناچڻين کي پنهنجي پيشي ڪرڻ جي اجازت هئي، امير تماشائي، جيڪي ڪجھ وقت پهرين انهن اونداهين گهٽين ۾ اچڻ کان لنوائيندا هئا، سي هاڻي ٻيهر اتي اچڻ لڳا.

نسيم ان وقت اهو فيصلو ڪيو ته هي مناسب موقعو آهي ته پنهنجي پوٽي عائشه جي نٿ لاهڻ واري رسم ڪئي وڃي. پنهنجي ڌيءَ جي نٿ لاهڻ واري رسم جو خيال شاهنواز لاءِ آزارينڌڙ ٿي ويو هن جي ٻڪ، اُڃ ۽ ننڊون اڏي ويون، هن کي ڪنهن ٻه ڳالھ ۾ سڪون نه ٿي مليو ثنا ٻه وائڙي ٿي وئي، هن سوچيو ته هڪ پيءُ لاءِ شايد سندس ڌيءَ جي جوان ٿيڻ جو خيال ان ڳالھ جو سبب آهي، هن جي خواب خيال ۾ ٻه نه هو ته شاهنواز جي ان حالت پٺيان ليلا جون يادون هيون. هونءَ ٻه ثنا کي ليلا پسند نه هئي، سندن وچ جا تعلق ڪڏهن ٻه دوستاڻا نه هئا، ليلا وٽ ايتري واندڪائي ڪاٿي هئي جو هوءَ پارٽيسري ڇوڪريءَ جي حسد ڀريل نظرن کي ڏسي سگهي ها.

هونءَ بہ هو ٻئي الڳ الڳ دنيا سان واڳيل هيون. ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو هڪ ٻئي جي دوبدو ٿينديون هيون. ڇاڪاڻ تہ هڪ جي رات جاڳندي گذرندي هئي ۽ ٻيءَ جو ڏينهن. ثنا جي بدصورتي سدائين هن کي پاڙي جي رسمن کان ڪيس پري رکيو هو ۽ هاڻي هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي نٿ لاهڻ واري رسم ڏسڻ لاءِ بيتاب هئي. سچ اهو آهي تہ هن کي ان ڳالھ تي فخر هو تہ عائشہ سندس ڌيءَ آهي. هوءَ پنهنجي ڌيءَ کي حيرت جي نظرن سان ڏسندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين لڳندو هو تہ ڄڻ هن کي خبر ئي نہ هجي تہ ڌنڌي ۾ اچڻ جو اصل مطلب ڇا آهي؟ نسيم عائشہ کي ماءُ کان پري ڪيو ۽ هن کي سينگارڻ ۾ لڳي وئي، عائشہ شروع کان پنهنجي ڏاڏي سان گڏ گذاريو هو ۽ پنهنجن ننڍين ڀينرن کي ڪڏهن روئندو بہ نہ ٻڌو هئائين. ٻہ مهينا پهرين ئي هن جي ڀيٽن ۾ هڪ ٻي ڀيڻ جو واڌارو بہ ٿيو هو. جنهن جو نالو نائيڪ هو هيٺين طبقي تي جتي عائشہ جي ماءُ ۽ ان جون ڀينر رهنديون هيون، اهو حصو سدائين وڪريل ۽ ٻارن جي هل سان ڀريل هوندو هو.

پنهنجي حياتيءَ ۾ ٿيون ڀيرو نسيم پنهنجي گهر جي پٺيان ڳاڙهو ۽ سونهري شاميانو لڳندو ڏٺو شامياني جي اندران هزارين جي تعداد ۾ ننڍا ننڍا آئينا لڳايا ويا. جن سان ٽڪرائجندڙ روشني هڪ منفرد طلسمائي ماحول جوڙي ڇڏيو. نسيم موسيقارن ۽ مهمانن جي آجيان ڪئي، سيئي ماڻهو بهترين ۽ پوپٽن جيان ڪيترن ئي رنگن سان جڙيل پوشاڪون پهريل هئا. نسيم کي ڄاڻ هئي تہ شاهي پاڙي ۾ ان سموري رنگ ۽ رونق جي ڇا اهميت آهي، ڇاڪاڻ هتي ڳالھ واتان هلندي آهي جيڪا اميرن ۽ نوابن جو ڌيان هيڏانهن ڇڪائيندي آهي.

تقريب رات جي پوئين پهر ۾ ڪوٺائي وئي، انهيءَ ويل مينهن وسي پيو ۽ ٿوري دير پهرين وارو رنگ ۽ رونق ڀريو ماحول جنن جي حويلي جهڙو منظر پيش ڪرڻ لڳو پر شاميانې اندر هلندڙ تقريب جاري هئي. ميڙ ۾ بي قراري وڌندي ٿي وئي. نيٽ نقاب پهريل عائشہ ظاهر ٿي، سموري ميڙ ۾ سس پس جا آواز اچڻ لڳا، اهي ماڻهن جن ليلا کي بہ انهيءَ حالت ۾ ڏٺو هو تن آڏو ماضي بعيد جو ساڳيو ئي منظر ڦرڻ لڳو هوءَ هوبهو ليلا جو عڪس هئي، ماڻهن جي لڱن منجهان سيسرات نڪري ويا.

شاهنواز انهيءَ الميي کي ٻيهر ڏسڻ لاءِ اوڏانهن وڃڻ نہ پيو گهُري، پر نسيم جي ڳالهہ کي نتائڻ بہ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. شاميانې جي ڪنڊ ۾ بيٺل شاهنواز جو پورو بدن ڪنبي ويو جڏهن هن اهي اکيون ڏٺيون جن هن جي زندگي جي ان پهر کي اونداهو ڪري ڇڏيو هن جون اکيون انهن ٻن هٿن تي ڪيپيل هيون جيڪي اونده ۾ وڃائجي ويا. هن جو اندر ان ويل ڪنهن اهڙي گل جيان هو جنهن کي سج جي تپش ساڙي پئي، هن جي اندر ۾ باهہ ٻريل هئي ۽ پگهر جا ڦڙا هن جي جسم منجهان هر جاءِ تان پيا ڳڙن، هن جي آڏو عائشہ جو وجود گم ٿي ويو ۽ هن جي آڏو ليلا جو رقص ڪندڙ وجود اچي ويو هو. جڏهن ٻئي عڪس پاڻ ۾ ملڻ لڳا تہ شاهنواز جي بدن ۾ باهہ ڀڙڪي پئي، هو تيز ڪائيندو پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو هن ڪمري جو دروازو اندران بند ڪري ورتو ۽ پاڻ کي پلنگ تي ڦٽو ڪيائين. هن جي اندر ۾ ماتم متل هو هن جي وجود جون اونهايون هن جي اندر منجهان ايرندڙ ڪوڪن کي پاڻ ۾ گم پيون ڪري ڇڏين، ٿنا جڏهن پنهنجي مڙس کي ڏٺو تہ هو انهيءَ هنڌ تي سجدي جي حالت ۾ ستل هو جتي هو سمهندو هو. شاهنواز ڪنهن ڪان بہ نہ

پڇيو تہ هن جي ڏيهہ جي نت ڪنهن لاءِ، ٻئي ڏينهن نسيم جو ٻرندڙ منهن ان ڳالهہ جي نشاندهي پيو ڪري تہ رات واري تقريب هن جا ڪيسا ڀري ڇڏيا آهن.

وڏي گهاتي سج جي تپش هيٺان لاهور جي رڱن منجهہ گردش هڪدم تيز ٿي وئي. ذوالفقار علي ڀٽي جي منصوبن قلعي واري شهر جي ماڻهن جي دلين ۾ اهڙي اميد پيدا ڪئي جو ان علائقي جا ماڻهو دل ۾ جان سان هن جا حمايتي بڻجي ويا. آزادي ۽ جمهوريت جهڙا ڪتابي لفظ جيڪي گهڻي قدر پاڪستانين لاءِ غير حقيقي مجيا ويندا هئا، سي ماڻهن جي وات تي هئا. اخبارون روٽي ڪپڙا اور مڪان جي وڏين وڏين سرخين سان ڀريل هيون، هر جاءِ تي ڀٽو اهو نعرو لڳائيندو هو... عام ماڻهن جون اهي ٽئي بنيادي گهُرجون پي پي پي جو سياسي نعرو بڻجي ويون، اهي بنيادي گهرجون جيڪي پاڪستان جي گهڻي ڀاڱي جي پهچ کان پري هيون. ڀٽو هر جاءِ تي چوندو هو

"مسلمان صرف الله آڏو زير ٿيندو آهي پر پاڪستان ۾ غريب امير آڏو جهڪي ٿو ساٿيو پنهنجن پيرن تي بيهو ماڻهن جِي جِي حضوري نہ ڪيو توهان بہ انسان آهيو توهان جا بہ حق آهن."

انهن تقريرن ۽ نعرن ڀٽي جي شهرت کي آسمان جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو جناح کان پوءِ پهريون پيرو ائين ٿيو ڀٽي تہ شهرن ۽ ڳوٺن مان هر جاءِ تان ڀٽي جي جلسن ۾ ٽولين پٺيان ٽوليون ٺاهي ماڻهو اچن پيا. ڀٽو انهن پُر اميد ۽ خواب ساڻيندڙ ماڻهن کي خطاب ڪندو هو ۽ چوندو هو.

"اهو خدا جو لکيو نہ آهي تہ پاڪستاني غريب رهن."

پنهنجو حق وارو پيغام ڪٺي هي فرشتو پاڪستان جي ڪنڊ

ڪرڻ ۾ رهيو هاڻي نہ ماڻهن ۾ ڊپ هو نہ ڪو شڪ. پٽي ان پُر اميد ميڙ جي اکين ۾ مستقبل جا روشن خواب چٽا پئي ڏٺا.

شهر جي مکيہ تماشگاه آڏو ڪيترا ئي هفتہ هيرامنڊي ۾ احتجاج جاري هو. بارودخاني جي نالي سان مشهور پراڻي حويلي، جيڪا شاهنوار تي سدائين سحر طاري ڪري ڇڏيندي هئي، تازو ان جي مالڪ آصف صديقي جي ڏاڏيءَ جي وفات ٿي هئي جنهن ڪي متيءَ حوالي ڪيو ويو. ان وقت آصف صديقي جي عمر ٽيهہ سال هئي ۽ هن عهد ڪيو تہ هن جي ضعيف ڏاڏيءَ جيڪا موڙي ڇڏي آهي ان کي پيهر جيئاريندو. سندس خاندان جو ڪو بہ فرد هن جي ان فيصلي جي حمايت ۾ نہ هو تہ ان قتل گهر کي آباد ڪيو وڃي. انهن جو چوڻ هو تہ ان پورا پورا پڌ، ڏُڏَڙِءِ مغل دور جي قديمي عمارت ۾ ڪو چريو ئي رهڻ چاهيندو. پر آصف جو خيال انهن مڙني جي ابتڙ هو.

هڪ انتهائي مالدار ۽ انتهائي قدامت پسند خاندان ورهاڱي کان پوءِ بئنڪن ۽ وڏن ڪارخانن جو مالڪ هو انهن جي وچ ۾ آصف ڪارنهن جو ٽڪو هو. آصف ان شان مان کي ڇڏي پٽي جو ساڻاري ٻڌجي ويو هن پنهنجو پاڻ کي معاشري ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ پتوڙيندڙ طور آڏو آندو ۽ بارودخاني آڏو پي پي جو پهريون دفتر کوليائين. ڪجهہ ڏينهن ۾ ان پراڻي جڳهہ تي ڳاڙهي، سائي ۽ ڪاري رنگ جا جهنڊي لڏڻ لڳا، هتي هر وقت انهن ماڻهن جي رش هوندي هئي جيڪي جماعت جو اجازت نامو وٺڻ لاءِ اميدوار هوندو هئا. آصف هر روز هتي ايندو هو هن سان گڏ هن جا هٿياربند پهريدار هوندا هئا. جيڪي سمورو وقت ماڻهن کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوندا هئا آصف اتي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ايندو هو تہ سندس جماعت انهن ماڻهن لاءِ ڪهڙو ڀلائي جو ڪم ڪري پئي.

آصف جي شادي ٿيل نہ هئي، سندس ماءُ پيءُ هُن لاءِ جيڪي رشتا چونڊيا، هُن انهن کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهن امير عورتن جا روز رشتا ايندا هئا پر هو انڪار ڪري ڇڏيندو هو. انهن عورتن ۾ هن کي ڪا بہ دلچسپي نہ هئي، اهي عورتون بہ هن لاءِ ان دولت جيان هيون جنهن بابت هن کي ڄاڻ نہ هئي تہ ان جو ڇا ڪرڻو آهي.

هن جي ڏاڏي ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ هن کي ڪپڙي سازي جي صنعت ۾ داخل ڪري، هو ڪجهہ وقت ڪيڏي لاهور ۾ موجود هڪ شاخ ۾ وڃڻ بہ لڳو پر پهرين ڏينهن ئي پنهنجن مزدورن جي اهڙي حالت ڏسي هن جو ارواح ڪڇي ويو جيڪي غلامن جيان ٻارنهن ٻارنهن ڪلاڪ ڪم ڪندا هئا ۽ ڪجهہ پئسا مس ڪمائي سگهندا هئا جن منجهان هو پنهنجن ٻچن جو گذر سفر ڪندا هئا. هن جو فڪري نظريو جيڪو خوشحالي جا خواب ڏسڻ هو ڪيس ڏنگڻ لڳو جڏهن هو پيرن اگهاڙا ۽ اڌ انگ اگهاڙا پنهنجا صنعتي مزدور ڏسندو هو جيڪي بکن جا ماريل هئا. هن کي زندگي ۾ ڪڏهن ڏکيائين ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻو نہ پيو هو بهترين اسڪولن ۾ پڙهيو هو سدائين هن جي آڏو نوڪرن جا ٽولا هوندا هئا جيڪي سندس پير ڌوئيندا هئا ۽ مغلن جي روايت جيان پوئين پير واپس ويندا هئا تہ جيئن هن ڏانهن پٺي نہ ٿئي.

هُن پٺي جي اچڻ تي دل جي گهراين سان ڪيس پليڪار ڪيو هن کي ان ڳالهہ تي يقين هو تہ پٺي جي اڳواڻي ۾ پاڪستان بہ نيٺ انهن مهذب قومن جي قطار ۾ اچي بيهندو اهڙو سماج جوڙي سگهبو جنهن ۾ سيني ماڻهن جو احترام ڪيو ويندو. انهن کي سندن حق ڏنا ويندا. ثقافتي ورثن جي تعظيم ڪئي ويندي جن ڏانهن پاڪستاني حڪومتن جو رويو تمام اڏنگو رهيو آهي، اهي حڪمران جيڪي

اسلام جي مقابلي ۾ هر تهذيب ۽ ثقافت کي ڪمتر سمجهندا هئا. آصف کي خبر هئي ته جناح جي اسلامي رياست اڄا تائين اڌ غلامي ۽ پوري جهالت جي ور چڙهيل آهي، جنهن کي درسي ڪتابن ذريعي ڪوڙي تاريخ پڙهائي ٿي وئي، ۽ ان جي سياسي ثقافت کي زنگ لڳي ويو آهي، جيڪا تبديلي نه پئي آڻي سگهي. پنهنجي ناني ۽ نانيءَ جي ڇپر ڇانو ۾ آصف اعليٰ تعليم پرائي هئي جنهن ۾ فن ۽ ادب سان محبت سيکاري وئي هئي. هو جماليات جي احساسن سان ڀُر ٽيل شخص هو جيڪو ماضي جي نشانين کي مستقبل جي اڏڻ لاءِ ڪتب آڻڻ گهُري پيو جنهن جي اندر ۾ مهذب قوم جو خواب ساهه پيو کڻي.

پنهنجن خيالن کي حقيقت جو ويس پهرائڻ لاءِ هن جي پهرين وک پنهنجي حويلي جي پيهر اڏاوت ڪرائڻ هئي جيڪا وک هن کڻي. هن کي لڳو ٿي ته هن جو اهو قدم ٻين لاءِ مثال بڻبو پر هن کي جن ڏکائين کي منهن ڏيڻو پيو اهي ٿڪائيندڙ هيون، ڪين پوري ملڪ ۾ هڪ به ڪاريگر اهڙو نه مليو جيڪو ان حويلي کي ساڳي حالت ۾ آڻي سگهي جيئن اها پهرين هئي.

گذريل ٽيهن سالن کان ثقافتي ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪو به قدم نه کنيو ويو هو ۽ نڪ نرجائي سان ان معاملي ۾ غفلت ڪئي ٿي وئي. جتان کان اهي عمارتون ڏٺن پيون ان جاءِ تي سيمنٽ ۽ سرن سان پرائي ٿي ڪري ڇڏيائون، اهي ماڻهو جيڪي انهن عمارتن جي مرمت ڪري ٿي سگهيا، سي يا ته مري ويا هئا يا پاڪستان ڇڏي پارت هليا ويا هئا. آصف کي اها حقيت سمجھ ۾ اچي وئي ته صرف لاهور جون تاريخي جايون ئي خطري ۾ نه هيون پر بهاولپور جي تاريخي محلن کان وٺي سنڌ جي قلعن تائين هڙئي ثقافتي ورثا انهيءَ خطري کي منهن ڏئي رهيا آهن.

ڪيڏو نه ظلم هو جو جيڪا رياست پنهنجو پاڻ کي اسلامي ۽ مغل رياست جي وارث پئي سڏائي ان جو رويو مغلن جي تاريخي عمارتن ڏانهن ايترو جهالت ڀريو هو. قلعو، بادشاهي مسجد، شاليمار باغ، جهانگير جو مقبرو، اهي سڀ مغلن جو ورثو هو جيڪي جهالت سبب نظرانداز ڪيا ٿي ويا. انهن کي ڄڻ بيڪار سمجهيو ٿي ويو هاٽي ڪير ان ڳالهه لاءِ آواز اٿاري ته ائين نه ڪيو وڃي؟ هن انهيءَ اسلامي رويي خلاف احتجاج جو آواز اٿاريو جيڪو فقط عربستان جي واري جي ذرن جو پوڄاري هو.

پنهنجي ان جدوجهد کي هٿي ڏيارڻ لاءِ آصف پنجاب اسمبلي ۾ شموليت حاصل ڪئي، جيتوڻيڪ هو ڪنهن وهم ۾ ورتل نه هو ته هٿي هو ڪو وڏو ڪردار ادا ڪري سگهندو. هڪ اهڙو ملڪ جنهن ۾ هر شي کي مُنڍ کان تعمير ٿيڻو هو اُتي اها ڳالهه مشڪل هئي ته ڪو آثار قديمه تي ڌيان ڏنو ويندو. ايتري تائين جو پاڻ پتو به اهو ضروري نه پيو سمجهي ته آثار قديمه جي لاءِ، ثقافتي معاملن لاءِ وزارت ٺاهي وڃي، پر آصف همت نه ڇڏي هن کي جيڪا وات نظر آئي سا اها هئي ته هو پنهنجي گهر کان شروعات ڪري سگهي ٿو.

هن پنهنجي حويلي جي مرمت واري ڪم جي مهينن جا مهينا نگهباني ڪئي، مزورن جون صلاحيتون ڏسي انهن کي پاڻ چونڊ ڪيائين ۽ انهن کي تفصيل سان ٻڌايائين ته هو ڪهڙي قسم جو ڪم گهُري ٿو. جڏهن حويلي جي هيٺين طبقي تي ڪم ٿي رهيو هو ته هن پنهنجي رهڻ لاءِ سڀ کان مٿاهين طبقي تي موجود ڪمري جي چونڊ ڪئي جنهن ۾ جڏهن هن جي ذاتي حيات هئي ته رهندي هئي، ڪيترا ئي مهينا هن جي زندگي پي پي پي ۽ پنهنجي گهر جي مرمت ۾ گذري جيڪا سست رفتار پر پاڪستان جي حوالي سان مناسب

رفتار سان جاري هئي.

هو دنياوي حوالي سان اهڙي ماحول ۾ زندگي گذاري رهيو هو جيڪو ان ماحول کان بلڪل الڳ هو جيڪو هن کي پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ مليو هو. هاڻي هُو اڪيلو هو. ان علائقي ۾ هن جو ڪو به دوست هن سان ملڻ نه ايندو هو. ڪنهن کي به سنڌس منطق سمجهه ۾ نه ايندو هو. هو ماضي بعيد ڏانهن هن جي لاڙي کي چريائپ سمجهندا هئا. هو سمجهن پيا ته آخر ڇا لاءِ ايتري ڪثير رقم کي ان زبون حويلي جي مرمت ۾ سيڙايو وڃي. جڏهن ته ايترن پئسن منجهان باغ جي وچ ۾ هڪ عاليشان بنگلو جوڙائي سگهجي ٿو پر آصف جا ارادا متجڻ وارا نه هئا ۽ اجا ڪوڙ رنڊڪون به موجود هيون. جاگيردار خاندان جيڪي پٺي جي پاليسن کان ڊنل هئا. اهي مهذب ۽ انسان دوست سماج جي قيام واري راهه ۾ ڪئين رخنا وجهڻ وارا هئا.

8

پنهنجي ڪارگاهه ۾ گوڏن تي هٿ رکي شاهنواز انهن ڏنگائين تي ويچاري پيو جيڪي نج زندگي جو ضروري حصو آهن. هُو ذلت جو آخري درجو به ڏسي ويٺو هو سوچي پيو ته پٽي جي خوش ڪلامي ۽ اعليٰ اصولن ڪي پراڻي شهر جي پراڻي زماني واري ماحول تائين پهچڻ لاءِ اڃا صدين جي فاصلو آهي. هڪڙي شام سانجهي ڪان بعد ۾ هڪ نوجوان ڇوڪرو هانو ڏاريندڙ انداز ۾ دانهون ڪندو آيو ۽ هن جو در ڪڙڪائڻ لڳو هو مسلسل چوندو رهيو "حادثو حادثو!!"

ڇوڪري هن کي ترت پاڻ سان هلڻ لاءِ چيو ڇوڪري جي حالت اهڙي هئي جو هو ڊپ ۾ ڳالهائي به نه ٿي سگهيو ۽ صرف چوندو ٿي ويو ته حادثو ٿيو آهي.

ٻه گهڙيون هلڻ کان پوءِ شاهنواز هڪ اهڙي گهر جي ڏاڪن اڳيان پهتو جنهن کان هُو چڱي طرح واقف هو. هن جي چئن ماساتن منجهان هڪ هتي رهندي هئي، هن جي تمام ڏکيائين ۾ گذرندڙ زندگي کان شاهنواز سٺي ريت واقف هو گذهه جيان سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ سندس ماسات جو مقدر بڻجي ويو هو دروازي تي پهچڻ سان هن هڪ

عورت ڪي دانهون ڪندي روئيندي ٻڌو.

شاهنواز جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو ڇوڪرو جيڪو هراس ۾ ورتل هو ان دروازو جو کوليو ته اندر جو ماحول هن کي خوف ۾ وڪوڙي ويو. شاهنواز تڪڙو ان ڪمري ڏانهن ويو جتان ڪان روئڻ جو آواز ٿي آيو ڪوڙ ساريون عورتون هنڌ تي پيل بي جان جسم جي چوڌاري جمع هيون ۽ هاءِ گهوڙا ڪندي دانهون پيون ڪن. شاهنواز عورتن جي ان ميڙ ۾ پنهنجي ماسات کي ڏسي ورتو جڏهن هُو عورتن کي پاسي ڪندو اڳتي وڌيو ته آڏو موجود منظر کي ڏسي سندس اکيون ڦوٽجي ويون ۽ هن جي دل چاهيو ته جيڪر هو ڀيهر اکيون ئي نه کولي، هن جو جسم ٿڌو ٿي ويو ۽ ان منجهان پگهر تمڻ لڳو هن کي ائين ٿي لڳو ڄڻ سندس ڇيله جي هڏي منجهان وت ڇڏائجي ويو آهي، هن جي ماسات صدمي وچان دانهن ڪندي چيو مهرباني ڪري اسان جي مدد ڪر، مهرباني ڪري اسان جي مدد ڪر.

هن جي ماسات جي جوان ڌيءَ شرما جنهن جي سورهه سالن جي جوان جسم جون شاهنواز ڪيترين ئي تصويرون ڪاهيون هيون جيڪا هنڌ تي بي جان پئي هئي. هيءَ اها ئي ڇوڪري هئي جنهن جي تصوير ڪاهيندي شاهنواز عجيب ڪيفيت ۾ ونجي ويندو هو هن جو بخمل جهڙو بدن، هن جون راز نروار ڪندڙ نيريون اکيون هن کي اهڙو ته سنواري ڇڏينديون هيون جو سهٽيون عورتون به هن آڏو ڪجهه ڪين لڳن.

پر هاڻي شرما جو جسم جهڙي ريت اچي چادر تي رکيل هو ته ائين ٿي لڳو ڄڻ هن جي سونهن رجي وئي هجي، هاڻي جيڪا شي هن جي اکين آڏو هئي سا هئي منهن تي وڏو ڳاڙهو نشان.... هن جي هڪڙي اک جو پنبڻ گوشت جي ٽڪر جيان هن جي تاري مٿان پيل هو نڪ

جي هڏي ٽنٽل ٿي لڳي، جنهن ويل شرما ماٺ ۾ سڏڪا پئي ڀري ته هن جي اکين منجهان ڳوڙها ڳڙي ٿي آيا.

شاهنواز پنهنجو پاڻ سنڀاليندي ان صورتحال کي ڏيان سان ڏٺائين ۽ سمورو معاملو پنهنجي ٻلهي ڪنيائين.

هن ڏاڍيان آواز ۾ هڪ عورت کي سڏ ڪندي چيو

”ترت ٽانگو گهرايو اسان هن کي اسپتال وٺي ٿا هلون“

هن جي ماسات جلدي ۾ شرما جو منهن سنهي ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو ۽ ٻيون عورتون شرما جي وجود کي کڻي ٽانگي ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳيون. ٽانگي جي سواري ان نفيس بدن ڇوڪري لاءِ تمام گهڻو ايذائيندڙ هئي هوءَ وک وک تي ڪوڪون پئي ڪري ڄڻ ڪا پوڙهي عورت موت جي بستري تي هجي. تيماردار (Nurse) هن کي ڏولي ۾ وڌو ۽ پنجاهه ٻيا ماڻهو جيڪي اتي داخل هئا انهن جي وچ ۾ ڏولي کي وچي رکيائين. اسپتال جي هلڪي روشني ڏک جي ڪيفيت طاري پئي ڪري، هڪ ڊگهي قد جي عورت جنهن جو وزن به ڪافي هو اچي جبي ۾ ويڙهيل اتي آئي. اها عورت اتان جي جراح (Surgeon) هئي، هن ايندي ئي اها ڳالهه ڪئي جيڪي هڙني کي پهرين ئي معلوم هئي،

”تيزاب!“

هن شاهنواز جي ماسات ڏانهن منهن ڪندي چيو

”ڇا توکي خبر آهي ته اهو سڀ ڪنهن ڪيو آهي؟“

جيتوڻيڪ هو چوڻ چاهي پئي ته نه هوءَ نٿي ڄاڻي پر هن جي واتان ڪو لفظ نڪري نه سگهيو.

پر شاهنواز تڪڙ ۾ ڳالهايو.

”پڪ سان ڪنهن ناڪام عاشق جو ڪم هوندو. جيڪو هن کي

ماٺي نہ سگهيو.“
تيزاب جي حملن جا واقعا گذريل ڪجھ ڏينهن کان عروج تي هئا, اهو سڀ انهن وحشي ۽ بزدل جذبن جي غلام مردن جو آخري هٿيار آهي, جن کي اها خبر آهي تہ هنن کي ڪو بہ هٿ نٿو لائي سگهي, چاڪاڻ تہ پاڪستان جو قانون عورت جي معاملي ۾ تمام گهٽي اڻ برابري تي آڌاريل آهي, اهڙي قسم جا واقعا جيڪڏهن درج ڪيا بہ وڃن تڏهن بہ انهن جي پيشي ڪڏهن ناهي ٿيندي, پر حقيقت تہ ان کان بہ وڌيڪ ڇرڪائيندڙ آهي تہ جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جي وحشياڻي حملي جو ڪاڄ بڻجن ٿا اهي ڊپ کان مقدمو درج ئي نہ ڪرائيندا آهن. اچي طبيباڻي جبي ۾ ويڙهيل جراح عورت مايوسي واري لهجي ۾ چيو
”اسان طبيبن جي اها مجبوري آهي تہ اسان کي اهڙي قسم جي واقعن ۾ تصديق جي ضرورت هوندي آهي, پر هتي گهٽي قدر ماڻهو پنهنجو پاڻ بچائڻ لاءِ آڏو ئي ناهن ايندا. هتي پاسي پوليس آهي جنهن لاءِ اهو موقعو ڳري رشوت وٺڻ جو بهترين ذريعو آهي, جنهن کي ونڊي ورهائي هُو معاملي کي اپرڻ کان پهرين ئي دفن ڪري ڇڏيندا آهن. هن ملڪ جي عورت ڇڻ ڪو رانديڪو آهي, ڪو جانور آهي جنهن جا اهنج, ڏک ڏولاڻا ڪائي اهميت نٿا رکن.“
اها عورت ڏک, ڪاوڙ ۽ مايوسي وچان مريض جي وارن تي هٿ ڦيري پيئي.
”مهرباني ڪري ڪجھ ڪيو!“ شاهنواز جي ماسات روئيندي عرض ڪندڙ انداز ۾ عورت طبيب کي چيو هن جي اکين منجهان سمورو سرمو وهي سندس منهن تي وکري ويو هو.
”هاڻي اهو ئي تہ سگهي ٿو تہ ان جو علاج ڪيو وڃي تہ جيئن

جراثيم نہ وڌن، جيتري تائين هن جي ڇهري جي ڳالهہ آهي تہ اهو سدائين لاءِ تباهہ ٿي ويو آهي، پلاسٽڪ سرجري بہ ڪجهہ نٿي ڪري سگهي ۽ پيا بہ ان خوف جو شڪار ٿيندا، اهو ئي انهن ماڻهن جو مقدر آهي.“

شاهنواز بغير ڪنهن چرپر جي بيٺي دوائن ۽ قانون جي ان لاچاري کي ڏسندو رهيو شرما جو ان بدصورت مهانڊي سان گڏ جيئڻ موت مثل هو. شرما جي ڳلي منجهان هڪ دل ڏاريندڙ سڏڪو اڀريو ۽ڪاڻ هوءَ بہ ڊاڪٽر جون ڳالهيون ٻڌي پئي، شاهنواز سوچيو تہ هن وقت شرما جي دل ۾ مرڻ لاءِ ڪيڏي نہ شديد خواهش اڀرندي هوندي.

شاهنواز هوريان شرما سان ڳالهائيندي چيو

”اهو سڀ ڪيئن ٿيو؟“

پر جڏهن هن شرما جي حالت ڏٺي تہ سوال جو جواب ٻڌڻ بجاءِ هن پنهنجو منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو. شرما کي ساهہ کڻڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي، ساهہ جي شڪل ۾ جيڪا هوا هن جي اندر وڃي پئي اها هن کي تڪليف پئي ڏئي. جواب ڏيندي هن کي چڱي ڀلي تڪليف ٿئي ها... اهو ڏسندي شاهنواز جي ماسات هن کي جواب ڏنو.

”اسان ڏٺو تہ هيءَ گهٽي ۾ بيهوش پيل هئي، ماڻهن جو چوڻ هو تہ گهٽي منجهان سامهون کان هڪ شخص آيو جنهن جي هٿ ۾ تيزاب جو گلاس هو جيڪو هن سموري جو سمورو هن جي مٿان اڇليو ۽ ڀڄي ويو. ڪنهن کي بہ هن جو نالي جي خبر نہ آهي، شرما پاڻ بہ هن جو نالو نٿي ٻڌائي.“

ان دل ڏاريندڙ واقعي کان پوءِ شام جو شاهنواز جڏهن گهر واپس آيو تہ سندس گهر وارا پريشان حال هن جي اچڻ جون راهون پيا ڏسن. حادثي جي خبر اوڙي پاڙي ۾ هلي وئي هئي، اهڙو حادثو هتي پهريون

پيرو نہ ٿيو هو جيڪڏهن ڪا عورت ان جي خلاف ذرو بہ آواز اٿاريندي تہ ان کي معاشري ۾ اعلان بغاوت سمجهيو ويندو هو جنهن جي ان کي سزا ملندي هئي.

نسيم کي مردن جي ان فطرت سدائين خوف ۾ وڪوڙي رکيو هوءَ پلي پيت چاتي ٿي تہ جڏهن مرد جي تڪبر کي ڇيهو رسي ٿو تہ هو ڪنهن بہ ڳالهہ کان ناهي لهرائيندو. هن سماج ۾ تيزاب سستو ۽ سولو هٿيار آهي جيڪو ماڻهن کي وڏ کان وڏ نقصان پهچائي سگهي ٿو فقط ڪجهہ پئسن عيوض تيزاب جي شيشي عام جام ملي ٿي، هر ننڍي وڏي دڪان تان اهو تيزاب ملي ٿو. نسيم کي بہ پنهنجي سهٽي ۽ دلربا عائشہ جي ڳڻتي وڪوڙي وئي، جنهن جي ڪري مردن ۾ اڪثر جهيڙو ٿي ويندو هو اهڙي قسم جي حادثي کان بچڻ لاءِ نسيم حڪمتي انتظام جي آڙ ونڻ جو ارادو ڪيو عائشہ کي پنهنجي ڪوٺي ۾ جنهن جاءِ تي نسيم ويهاريو هو هن پنهنجن موسيقارن ۽ ٻين ماڻهن کي حڪم ڏئي ڇڏيو هو تہ ڪو بہ ايندڙ شخص جذباتي يا بي صبرو ڏسجي تہ ان کي يڪدم ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

شاهنواز پنهنجو پاڻ کي گهر جي پهرين طبقي تي موجود ڪارگاهہ ۾ واڙي ڇڏيو. هن جي ڪارگاهہ تصويرن سان ڀرجي وئي آهي، جن جو منهن پت ڏانهن ڪرائي هن ڍير لڳائي ڇڏيو هو هن کي اها بہ ڪل نہ هئي تہ انهن تصويرن جو ڇا ٿيندو مايوسي وچان هو اڪثر اهو سوچيندو هو اهي تصويرون انهيءَ ڪمري ۾ پئي پئي ڳري وينديون.

هن تصويرن جي انبار منجهان شرما جي تصوير ڪڍي ۽ ڪجهہ دير تائين ان کي تڪيندو رهيو پر هن جي ذهن ۾ شرما جو بگڙيل مهانڊو اهڙو تہ ويهي ويو هو جو هُو تصوير جي حسن منجهان جڙڻ راضي نہ ٿيو نيٺ هن کي هڪ تصوير ملي جنهن ۾ شرما پنهنجن سمورين ادائن

سان گڏ موجود هئي. هن سوچيو پئي تہ ڪيئن هڪ ئي پهر ۾ ان ابدي حسن ڪي سدائين لاءِ بگاڙيو ويو؟ هُو هڪ تصوير آڏو ويهي ڪوڙ دير تائين ان ڪي اهڙي حالت ۾ ڏسندو رهيو جڻ ڪنهن ويجهي عزيز جي وفات جو ڏک ملهائيندو هجي، شرما جي زندگي هاڻي تباه ٿي وئي هئي.

شرما هاڻي پنهنجي ماءُ جي لاءِ بيڪار عضوي جيان هئي....ان ڏينهن جيڪو هن جي ماءُ روئي پئي ان جو سبب بہ گهڻي قدر اها بد قسمتي هئي جيڪا اچي نازل ٿي. شرما ۾ هاڻي ڪنهن جي بہ دلچسپي نہ هئي، هاڻي هوءَ هڪ ٽڏيل شي بڻجي وئي هئي، هاڻي هن جي ماءُ هن جو ڇا ڪندي؟ شاهنواز وٽ ان سوال جو ڪو بہ جواب نہ هو هن سوچيو تہ ڇو نہ هو شرما جون هڙئي تصويرون وڪڻي ۽ انهن منجهان جيڪي پئسا ملن اهي ان بد نصيب ڇوڪريءَ ڪي ڏئي ڇڏي تہ جيئن هن جا ڪجھ ڏينهن تہ سک سان گذري سگهن. پر سوال اهو هو تہ نيٺ اهي تصويرون ڪير خريد ڪندو؟ ڪير اهي بدحال تصويرون خريد ڪندو جيڪي سيڪ سبب گهميل پئي لڳيون، ڪوئن انهن جون ڪنڊون ٽڪي ڇڏيون هيون، ۽ انهن جو سادو رنگ هينئر ڪان ڦهلجڻ لڳو هو اهو سڀ سوچيندي شاهنواز سست ٿي ويندو هو.

شاهنواز ساڳي ساڳي زندگي منجهان ڏاڍو تنگ ٿي ويو هو هڪ بئي ڪڪ ڪندڙ ڏينهن جي ابتدا ٿيڻ واري هئي. شاهنواز اهو سوچيندي پنهنجي هنڌ تان اٿيو اهو ئي صبح، اداس شام ساڳيون گهٽيون جيڪي ڏينهون ڏينهن ويتر سيڪ وٺنديون ٿي ويون، اهي ئي ڏپ پريا گٽر اهي ئي گهر اهي ئي ماڻهو... هو هاڻي وڌيڪ ان ريت رهي نہ ٿي سگهيو هو هڪڙي اهڙي گهر ڪان بيزار ٿي ويو هو جتي نالي ماتر بہ محبت ڪين هئي. ثنا پنهنجن ٻارن ۾ رڌل هئي، نسيم ڪي ان ڳالھ جي ڀڻڪ هئي تہ ڪيئن هوءَ عائشہ جي ذريعي وڌ ڪان وڌ ناڻو ڪمائي،

ان ڏينهن سچ اپڻ سان هُو گهران ائين نڪتو جيئن ڪو چور هجي، شام جو جڏهن هُو گهر ورندو هو تہ تصويرون ٺاهڻ جو ارادو نہ هجڻ جي باوجود پنهنجو پاڻ کي ڪارگاهہ ۾ پوري ڇڏيندو هو ۽ ان ويل پنهنجي هنڌ ڏانهن ويندو هو جڏهن سڀ ننڊ پئجي ويندا هئا. سندس محبت ڪان آجي زندگي جا ڏينهن رات ڇڻ ڪو خال پيدا پيا ڪن، هاڻي هو ناچڻين سان رات گذارڻ ڪان بہ پرهيز ڪندو هو پڪ سان هُو ان جسماني عياشي جو گهرجائو نہ هو جنهن بعد هن جي اندر موجود ڪروڌ اجا وڌي ويندو هو. هو جنسي ضرورت تحت جڏهن ڪنهن عورت جي ويجهو ويندو هو تہ هن جي رڳن ۾ هلندڙ رت ۾ سرور هجڻ بجاءِ بيقراري ٿيڻ لڳندي هئي.

نيٺ جڏهن هو ان خلا منجهان نڪتو تہ هن لاهور کي ڏسڻ جو ارادو ڪيو هن ويچاريو تہ ڇو عظيم مغلن جي اسلامي طرز جون اڏاوتون پنهنجي تباهيءَ کي روڪي ناهن سگهيون؟ هن وقت پاڪستان ثقافتي منزل جي هيٺين ڏاڪن ڏانهن پيو وڌي، هر شي ڪنهن خوفناڪ زوال ڏانهن ٿي وئي. هو شاليمار باغ جي پرسان جي ٿي روڊ وٽان گذري ٿو جيڪو هاڻي بس آلودگي پيو پکيڙي ۽ پاسي سان موجود گلن جون تاريون بي رونق ٿي لڳيون، ڪئين سال پراڻا وڻ سڪن پيا. سندن پاڙن منجهان واري پئي اُڏي، چار سؤ فوهارا سڪي ويا هئا ۽ شاليمار باغ جو اڇو پٿر هاڻي اجڙيل اجڙيل پئي لڳو.

مغل بادشاهہ شاهجهان جي فن تعمير تي پيپل دز کي شاهنواز تمام گهڻو ويجهي ڪان پئي ڏٺو. ورهاڱي ڪان پوءِ پاڪستان جي عام زندگي منجهان فن موڪلائيندو ٿي ويو فنڪارن کي هاڻي مذهبي جبر کي منهن ڏيڻو ٿي پيو ۽ مذهبي طبقو فنڪارن جي حوالي سان تمام گهڻي مخالف جذبن سان ڀرپور هو ملڪ کي ٺهندي پنجويهہ سال ٿي ويا هئا

۾ هاڻي ان جا باني به ان ملڪ جي تخليق تي ڳالهائڻ کان لهرائڻ پيا. مصور عظيم مغلن جي وراثت جو جڙ روح وڃائي ويٺا ۽ انهن مغربي فن جو نقل ڪرڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو.

شاهنواز جڏهن به عجائب گهر ڏسندو هو ته هن جي دل ۾ اهو خيال ايندو هو ته هن جون تصويرون ان عجائب گهر جي ڀتين کي پوڻ جي ڪم اچي سگهن ٿيون. لاهور جنهن جو شاندار ماضي رهيو آهي ان ترت ئي پنهنجو پاڻ کي ملڪ جي ثقافتي مرڪز طور پاڻ مڃائي ورتو پٺتي جي روشن خيال منصوبن منجهان اتساهه ماڻي ڪجھ فنڪارن اڳتي وک وڌائڻ جو پهه ڪيو ائين ڪٽي ڇئجي ته لاهور گهاٽي ننڍ کان پوءِ پاسو ورائڻ شروع ڪيو. اداڪارن ۽ موسيقارن ٽولين جي صورت ۾ الحمرا هال ڏانهن اچڻ شروع ڪيو جيڪو پنهنجي فن کي پيش ڪرڻ جو واحد ذريعو هو. الحمرا هال کي مال روڊ تي ڳاڙهين سرن سان ٺاهيو ويو هو جنهن جي اڏاوت جو نمونو مغلن جي شان ۽ پنهنجي وراثت جا اثر ڇڏيندي نظر ٿي آيو. هڪ ڏينهن شاهنواز مال روڊ تان گذريو ٿي ته هن الحمرا جي اڳيان هڪ وڏو اشتهار لڳل ڏٺو جنهن ۾ مشهور مصور خالد اقبال جي تصويري نمائش جو ذڪر ٿيل هو ان نالي کي پڙهندي هن جي ذهن ۾ يادون تحرڪ وٺڻ لڳيون. ان ماهر فنڪار جي محنت اها هئي ته هن ماڻهن ۽ گهرن کان سواءِ اهڙيون تصويرون ٺاهيون هيون جن ۾ لامحدود سائو رنگ پريل هو سر سبز سوچ جي مالڪ ان فنڪار جي دنيا ۾ نه ڊوڙ هئي نه ڪو شور... هڪ اهڙي دنيا جنهن کي ڏسڻ جو موقعو شاهنواز کي ڪڏهن نه مليو هو.

هو تڪڙو الحمرا هال ۾ اندر هليو ويو هن زندگي ۾ پهريون ڀيرو ايترو وڏو ڪمرو ڏٺو هو جنهن جي اڇين برف جهڙين ڀتين تي ڪجھ ڊزن تصويرون ٽنگيل هيون جن تي ڪنهن اڻ ڏٺي هنڌ تان روشني ٿي

آئي. هڪ اهڙو ماحول جنهن ڪمري کي سحر طاري ڪندڙ بڻائي ڇڏيو هو اڳتي وڌيو جتي ماٺهو ان شاندار مصور جون تصويرون ڏسي ۽ ان کي ساراهن پيا. هُو اندر ۾ هڪ عجيب اطمينان محسوس ڪندي هڪ هڪ تصوير ڏسندو اڳتي وڌندو ٿي ويو فن جي انهن شاهڪارن کي هن پورو پورو وقت ٿي ڏنو ته جيئن انهن جي جماليات جي روح تائين پهچي سگهي. هُو ان خاموشي جي ماحول ۾ جيڪو صوفياڻي رياضت ڪرڻ جوڳو ماحول هو تصويرن ڏسڻ ۾ ائين رڌل هو جو پاڻ ڏانهن ايندڙ ان ماڻهو جي پيرن جو آواز به نه ٻڌائين. جيڪو هاڻي هن جي بلڪل ويجهو بيٺل هو جڏهن هن جو ڌيان ان ڏانهن ويو ته ڳالهه ٻوله شروع ٿي. ان شخص هن کي سلام ڪيو ۽ چيائين.

”لڳي ٿو اوهان کي تصويرون وڻيون آهن.“

شاهنواز بنا ڪنهن هٻڪ جي تصويرن جي دل کولي تعريف

ڪئي ۽ چيو

”بيشڪ هي هڪ عمدو ڪم آهي، اهو هڪ غير معمولي پنڌ آهي، ان دنيا جو جيڪا مون ڪڏهن ناهي ڏٺي.“

سامهون واري ورائيندي چيو

”مون کي ڏاڍي خوشي ٿي جو اوهان کي منهنجو ڪم وڻيو.“

شاهنواز پهرِ ڪن لاءِ ته منجهي ويو ته هن مصور کي سڃاتو ئي نه هو پر جڏهن هُو ان مونجهاري منجهان نڪتو ته تڪڙو پنهنجو هٿ وڌايائين ۽ تمام جوش سان مصور جو هٿ لوڏيائين. هن ان ننڍي قد واري شخص ڏانهن نهاريو جنهن جي اکين منجهان ڏاهپ ۽ شفقت جو نور ٿي تميو. خالد اقبال هاڻي هن کان سوال ڪرڻ شروع ڪيا. ايتري وڏي مصور آڏو هن کي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي ڏکيائي ٿي محسوس ٿي ته هُو به هڪ مصور آهي پر جڏهن هن ڏٺو ته اهڙو موقعو

زندگيءَ ۾ ٻيهر شايد ئي ڪڏهن ملي ته ان لاءِ هن هڪ الڳ انداز ۾ ڇيو ته هُو به هڪ مصور آهي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن پنهنجن وڏن ڪان سواءِ ٻين آڏو پنهنجين تصويرن جو ذڪر ڪيو. هن کي خبر هئي ته شاهي پاڙي بابت ٻاهرين دنيا جي ماڻهن جي ڇا راءِ آهي؟ ان لاءِ هن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته ڪهڙي ريت هُو پنهنجي ڳالهه جي شروعات ڪري پر خالد اقبال جي اکين ۾ موجود نرميءَ اتساهه هن ۾ همت پيدا ڪئي ۽ هن پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي. هن جي نرڙ تي پگهر اچي ويو هن کي پنهنجو پاڻ هڪ طوائف جي پٽ جي حيثيت ۾ ٻڌائڻ تي شرمساري ٿي محسوس ٿي، بلڪل ان قسم جي شرمساري، جيڪا هن کي ان وقت محسوس ٿي هئي جڏهن هو پراڻي شهر جي گهٽين کي ڇڏڻ جي ارادي سان نئين شهر ۾ نوڪري جي ڳولا لاءِ ٻاهرين دنيا ۾ ويو هو.

خالد اقبال هن جو هٿ جهليو ۽ چيائين،

”اچو ڪٿي ويهي ڳالهه ٻولهه ڪيون ٿا.“

هو ٻاهر باغيچي ۾ پيپل هڪ بينچ تي وڃي ويٺا. هاڻي شاهنواز به چڱو پر اعتماد هو ان لاءِ هُو ڪجهه دير ڳالهائيندو رهيو جڏهن هن پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ته خالد اقبال هن کي تمام دلچسپيءَ ڌيان سان ڏٺو

”مان تنهنجون تصويرون ڏسڻ چاهيان ٿو. توهان ٻڌايو ته مان ڪهڙي وقت انهن کي ڏسڻ لاءِ اچي سگهان ٿو؟“

شاهنواز جو ساهه نڙيءَ ۾ اچي ڦاٿو هن کي پنهنجن ڪنن تي پڪ ڪين ٿي ٿي،

”ڪهڙي وقت... نه... جڏهن اوهان جي دل گهري...جنهن وقت به.“

9

جڏهن شاهنواز نمائش هال ۾ پهتو تہ هن ڏٺو تہ هن جي 34 تصويرن منجهان 9 تصويرون پٽ تان لاهي هيٺ اونڌيون ڪري رکيل هيون. اهي تصويرون ڇو هيٺ رکيون ويون آهن؟ ڄاڻڻ جي لاءِ هو محافظ ڏانهن ويو ۽ ان ڪان پڇيائين، محافظ جواب ڏنس،

"اهو سڀ الحمرا جي سربراهہ ڪيو آهي، هُو ڪالهہ شام جو هتي آيو هو انهن منجهان ڪوڙ سارا ڪاوڙيا ۽ انهن مون کي چيو تہ مان اهي تصويرون اتان لاهي ڇڏيان."

شاهنواز ظاهري طور تي تہ ماٺ رهيو پر اندران ڪاوڙ وچان باهہ ٿي ويو هن کي اها خبر هئي تہ هن جي تصويرن جي پهرين نمائش شديد ردعمل پيدا ڪندي پر هن کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ خود الحمرا جي انتظاميہ اهڙو فيصلو ڪرڻ وارن منجهان هوندي، هن جي تصويري نمائش شروع ٿيڻ ۾ بہ ڪلاڪ باقي هئا.

اڄ کان ڇهہ مهينا پهرين هن جي خالد اقبال سان ٿيل ملاقات هن جي زندگي کي مٿائي ڇڏيو هو. مصور پنهنجي واعدي جو پڪو ثابت ٿيو ۽ هن جون تصويرون ڏسڻ لاءِ هن جي گهر آيو هو. شاهنواز

پنهنجي ڪم منجهان چونڊ ڪري انهن تصويرن کي الڳ ڪري ڇڏيائين جيڪي هن جي مطابق ڪم جون نہ هيون. جن تصويرن کي هو پنهنجو شاهڪار سمجهندو هو انهن ۾ شرما جون ڪيترئيون ئي تصويرون شامل هيون.

خالد اقبال هن جي تصويرن کي ماٺ ڪيون گهڻي غور ويچار سان ڏٺو هن جي ماٺ شاهنواز کان برداشت ڪين پئي ٿي، هن جي حالت موت جي سزا يافتہ اهڙي قيدي جهڙي هئي، جيڪو سوريءَ تي اکيون پوريون انتظار ڪندو هجي تہ ڪڏهن هن جي پيرن هيٺان تاڪ سرڪندو. هن جي پوري جسم منجهان پگهر پئي تميو هن جا هٿ بہ پگهريل هئا، هن کي پنهنجين تصويرن ڪٺڻ ۾ بہ ڏکيائي ٿي ٿي، نيٺ اهو وقت آيو جڏهن خالد اقبال ڳالهايو. ان وقت شاهنواز جي حالت اهڙي هئي جو هو ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ وارو هو هن جي تصويرن خالد کي متاثر ڪيو هو خاص ڪري هن جي تصويرن ۾ جيڪي جذبا پريل هئا، سي هن جي من کي وڻي ويا ۽ هو سمجهي ويو تہ اهو ڪم ڪنهن ماهر فنڪار جو آهي.

پينٽرز ايسوسي ايشن پاڪستان جي صدر جي حيثيت سان خالد اقبال پنهنجن سائين کي صلاح ڏني تہ شاهنواز جي تصويرن جي نمائش ٿيڻ گهرجي، ايسوسي ايشن جي سمورن سائين ان ڳالهہ تي پُر جوش انداز ۾ اتفاق ڪندي ها ۾ جواب ڏنو الحمرا کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي جاءِ ٿي سگهي ٿي، جيڪا هاڻي ميڊيا جي نظر ۾ اچي چڪي آهي ۽ هڪ نئين فنڪار جي نمائش لاءِ بهترين جاءِ آهي.

خالد اقبال جي رهائي صرف ايتري تائين نہ هئي ، پر آرٽ ڪاليج، جتي هو فن جو ماهر استاد هو اتي اها تجويز بہ پيش ڪيائين تہ هن جي نوڪري جي مدت جڏهن پوري ٿئي تہ شاهنواز

کي ان جاءِ تي استاد طور مقرر ڪيو وڃي، اها تجويز منظور ٿي وئي. شاهنواز ترت ملازمت سان لڳي ويو هن جي زندگي اک ڇنڀ ۾ مٽجي وئي.

هاڻي هو صحيح معني ۾ هڪ حقيقي زندگي گذارڻ جو اهل ٿي ويو هو هن تي اهڙو خمار چڙهيل هو جيئن ڪڏهن هو آفيم جو نشو ڪري مخمور ٿي ويندو هو. چندن ڪان پوءِ جڏهن هن جي نمائش ويجهي اچي پهتي ته هو ڪجهه گهبرائجي ويو جيتوڻيڪ شاهنواز مصور هو انهيءَ حوالي سان هو اڪيلو نه هو جنهن کي نقادن جي چار ۾ اچليو ويو هو. هيرامنڊي جي عورتن لاءِ به اهو آزمائش جو وقت هو جو هو پهريون ڀيرو مهذب دنيا آڏو پيش ٿيڻ واريون هيون. شاهنواز لاءِ اها وڏي ڪسوٽي هئي، هن هڪ ڪري هڙني عورتن کان اجازت ورتي، جن جون هن تصويرون ٺاهيون هيون. هڙني پنهنجي خوشي سان اجازت ڏئي ڇڏي، شايد انهيءَ نموني هو دنيا آڏو پنهنجو ڏک ظاهر ڪري سگهن، جيڪو هينئر تائين ٻاهرين دنيا تائين نه پهتو هو. هن انهن عورتن سان واعدو ڪيو ته جيڪڏهن انهن تصويرن منجهان ڪا به ڪمائي ٿي ته هو ان منجهان سندن حصو ڏيندو.

شاهنواز کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته الڳ ڪيل تصويرن ۾ ڪهڙي خامي يا اوڻائي آهي، جو اهي نمائش جي لائق نه آهن؟ هن کي ان غير اخلاقي ورتاءَ تي ڏاڍي جڪ آئي، انهيءَ شام جو جڏهن هن جي تصويرن جي پهرين نمائش ٿيڻ واري هئي هن سان صلاح به نه ڪئي وئي. شاهنواز ڪروڌ وچان لاٿل تصويرون کنيون ۽ پاڻ ئي انهن کي پيهر ساڳي جاءِ تي لڳائڻ وارو هو ته آرٽسٽ ايسوسي ايشن جا رڪن هال ۾ اندر داخل ٿيا.

هڪ ننڪار سان ٿيندڙ اهڙي سلوڪ تي ڪين افسوس ٿيو انهن

الحمر جي سربراهہ سان ملڻ گهريو تہ سامهون موجود سرڪاري ملازم چيو تہ جيڪي تصويرون لاٿيون ويون آهن اهي اسلامي قانون جي خلاف آهن ان سان فساد ڦهلجي سگهي ٿو. ملازم جڏهن ڏنو تہ شاهنواز ٻيهر تصويرون پٽ تي لڳايون آهن تہ هن چيو مهرباني ڪري انهن کي اتان لاهيو. اهو ٻڌي ايسوسي ايشن جا رڪن ان شخص کي ورائي ويا ۽ چيائون تہ هڪ سرڪاري پگهاردار کي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي تہ هاڻي هو فن سان هٿ چراند ڪري؟ ملازم جڏهن اهو رويو ڏٺو تہ وائڙو ٿي ويو ۽ هن الحمرا جي وڏي عهديدار کي گهُرايو. ڳالهہ وڌي وئي. سربراهہ پنهنجي عمل جي دليل ڏيندي چيو تہ هڪ تہ انهن تصويرن ۾ طوائف ڊيڪاريل آهي ۽ ٻيو وري اڌ اگهاڙي آهي، الحمرا جي هڪ ملازم تہ هڪ عورت کي سڃاڻي بہ ورتو هو....اهي اعتراض بلڪ بي مقصد الزام ٻڌي شاهنواز ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ انهن 9 تصويرن کي لاهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

سربراهہ شاهنواز جون ڳالهيون ٻڌي چيو

"اڇا، تہ پوءِ ٺيڪ آهي، اها نمائش ملتوي ٿا ڪيون."

نمائش جي نہ ٿيڻ جو فيصلو نمائش شروع ٿيڻ کان ڪجھ پهر پهرين ڪيو ويو. ورانڊي کان ٻاهر تصويرن جي نمائش ڏسڻ لاءِ پهريون مهمان بہ پهچي ويو هو هڪڙو ملازم ٻاهر آيو ۽ سواءِ ڪنهن سبب جي اعلان ڪيائين تہ هتي ڪا بہ نمائش ناهي ٿيڻي، ماڻهو اهو اعلان ٻڌي حيران ۽ وائڙا ٿي ويا، انهيءَ وقت آرٽسٽ ايسوسي ايشن جو هڪ رڪن آڏو آيو ۽ الحمرا جي انتظاميہ جي ان اعلان کي رد ڪندي چيائين تہ صرف ورانڊي جو انتظام سنڀاليندڙ هڪ ملازم ڪنهن فنڪار جي ڪم جو منصف نٿو ٿي سگهي، ڦير گهير ڪرڻ واري لفظ ٻاهر موجود ماڻهن ۾ نمائش کي منظر عام تي آڻيندڙ ميڊيا جي

نمائندن کي ڪاوڙائي ڇڏيو ان ڏڪئي فيصلي جو شاهنواز کي انتهائي ڏک ٽيو انهيءَ تي ٿيندڙ تنقيد هن جي احساس واري نفيس پهلُو تي وڃي وار ڪيو انهي تنقيد ان شرم کي جاڳائي ڇڏيو جيڪي فنڪار جي عميق روح ۾ دفن هو پر ترت ئي شاهنواز جا ذهني خيال ان هل ۽ هنگامي ۾ دٻجي ويا. جيڪو شور ٻاهر موجود وڏندڙ ميڙ منجهان آيو ٿي. ميڙ ان ڳالهه تي ڪاوڙ جو اظهار ٿي ڪيو تہ جنهن نمائش کي ڏسڻ لاءِ هو آيا هئا, انهي نمائش کي ڏسڻ کان انهن کي روڪيو ٿي ويو. ماڻهن گهر ڪئي تہ جيڪڏهن وڙانديءِ ۾ نمائش جي اجازت نہ پئي ڏني وڃي تہ انهن تصويرن جي نمائش ٻاهر ڪئي وڃي.

شاهنواز ۽ ان جي ساٿين ترت تصويرون لاٿيون ۽ ٻاهر کڻي آيا ۽ هال جي ٻاهرين پٽ سان انهن کي هڻڻ شروع ڪيائون. هڙني ماڻهن شاهنواز جي فن جي وسعت ۽ دليري کي دل جي گهرائين سان ساراهيو هڪ ڪلاڪ تائين ماڻهن جو وڏو انگ اتي جمع رهيو ۽ انهن عورتن جي تصويرن کي ڏسندو رهيو جن کي اڄ تائين ڪنهن بہ مصور چٽڻ جي جرئت نہ ڪئي هئي. صحافي شاهنواز سان مڪامڪي ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان پئي اٽڪيا. الحمرا ٻاهران گوڙ ۽ اٿل پٿل اهڙي هئي جو اتي پوليس کي اچڻو پئجي ويو جن پهچڻ ساڻ ماڻهن کي ننڍڙي ڪنڍڙي وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ تصويرن کي اتا هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيون... ۽ ڪنهن بہ احتجاج نہ ڪيو.

پر ٻئي ڏينهن ميڊيا ان واقعي کي ڀرپور انداز ۾ منظرعام تي آندو ۽ الحمرا جي انتظاميہ کي سوڙهو ڪيائون. انهن انتظاميہ جي عدم برداشت, اياڻپ ۽ جهالت کي واضح ڪري لکيو. ٻئي ڏينهن مڙني اخبارون انهن رد ڪيل تصويرن ۽ مصور جي پنهنجي تصوير سان

پريل هيون، جنهن جي توهين ڪئي وئي، جيئن سمورو پاڪستان ڇانٽي سگهي ته ٿيو ڇا هو. ڏاهن ۾ دانائن کي اهو موقعو مليو ته هو بحث ڪري سگهن ته اسلامي ملڪ ۾ فن جي ڪهڙي صورت ٿي سگهي ٿي. ڪجھ صحافين الحمرا جي انتظاميه طرفان نمائش کي رد ڪرڻ تي تمام گهڻي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ انهن کي غير مهذب ۽ ڪند ذهن قرار ڏنو. انتظاميه هڪ تصوير تي اهو اعتراض ڪندي ان کي هٽايو هو ته ان ۾ بادشاهي مسجد کي دريءَ منجهان ڏيکاريو ويو آهي، ان تصوير ۾ بادشاهي مسجد کي خالي ڏيکاريو ويو هو ۽ جنهن ڪمري جي دري منجهان بادشاهي مسجد ڏيکاريل هئي اهو به خالي هو پر جنهن نموني اها تصوير ٺاهي وئي هئي اها لاهور وارن لاءِ هڪ سائٽ ۾ اها ڳالھ واضح ڪري پئي ڇڏي ته اهو ڪمرو هيرامنڊي جي ڪنهن طوائف جو آهي، ان لاءِ ان کي اسلام جي توهين ٿي سمجهيو ويو. فن جي هڪڙي نقاد ته وارا ئي وڃائي ڇڏيا، هن اٽلي جي هڪ مصور رافيل (Raphael) جو حوالو ڏيندي چيو جيڪو پنهنجي سريت کي ساماٽي مريم طور پيش ڪري ان جون تصويرون ٺاهيندو هو هن لکيو ته.

”هن جون بيبي مريم واريون تصويرون تمام شاندار آهن، جيڪي مذهبي جذبي سان پريل آهن. ڪنهن به ماڻهو جو رافيل مٿان اهو الزام لڳائڻ غلط هوندو ته هن سرعام پنهنجي زال سان دغا ڪئي. جن تصويرن کي لاٿو ويو هو سي هيرامنڊي جي عورتن جي اهڙي منظر نگاري نه ٿيون ڪن جيڪي شهوت کي اڀارين، پر انهن کي هڪ انسان جي حيثيت سان چٽيو ويو آهي، اهڙا انسان جيڪي پنهنجي حال کان واقف هجن. انهن تصويرن ۾ ڪو به فحاشي جو پهلو نه آهي نه ئي انهن منجهان جنسي جذبا ظاهر ٿين ٿا، اهي تصويرون ته ويڳاڻپ، بي معنيٰ ۽ ڏک سان پريل آهن.“

شاهنواز جي 37 سالن جي ڄمار تائين سندس ڇوڏاري اونداهيءَ جا وڪوڙيل ڪڪر فقط 24 ڪلاڪن ۾ ٽري ويا. ائين هڻڻي جي اڪ ۾ اچي وڃڻ، سو بہ ايترو جلدي جو ان جي اکين منجهان خوشي جا ڳوڙها بہ نہ نڪري سگهن. هڪ اڻڄاڻ ۽ اونداهين گهٽين جو رهواسي رات جي پيٽ ۾ اخبارن جي مرڪزي صفحي جي زينت بڻجي ويو. سمورو لاهور ان ماڻهو جي باري ۾ ڳالهائي پيو هن جي ڪهاڻي پاڪستان جي وڏين وڏين ۽ رنگين اخبارن جي زينت بڻجي وئي. اخبارن جا ادارا وڏي واڪي پيا چون.

”تصويرن جي نمائش جو موت!“

”ظالم بيوروڪريسي!“

”هڪ فنڪار جي تذليل!“

”نظر انداز ڪيل حقيقتون!“

شاهنواز ڏاڍو سرهو هو ان ڏينهن کان پوءِ هن کي آرام ڪرڻ جو وقت بہ نہ ٿي مليو ڪيترن ئي ڏينهن تائين صحافي ۽ تصويرون خريد ڪندڙ هن جي ڪارگاهہ ۾ ايندا رهيا. اهي منظر هن جي گهر ۽ پاڙي وارن لاءِ حيران ڪندڙ هئا، جيڪي هن کي ڏينهن جو خواب ڏسندڙ پنهنجي دنيا ۾ وڃايل هڪ عام ماڻهو ۽ جاڳ ۾ خواب ڏسندڙ مجنون سمجهندا هئا. پاڙي جا ماڻهو هن جي ڪارگاهہ ۾ ايندڙ ٻاهرين ماڻهن کي غور سان ڏسندا هئا. شاهنواز سان ملڻ لاءِ ايندڙ جڏهن هن کان پڇندا هئا تہ هو پنهنجين تصويرن جي لاءِ موضوع ڪٿان آڻيندو آهي تہ هُو اهو چوندو هو تہ بس پنهنجي اوسي پاسي ۾ موجود زندگي جون تصويرون ٺاهيندو آهيان. هاڻي شاهنواز کي ائين لڳڻ لڳو هو تہ هُو هڪ فنڪار آهي، هڪ اهڙو فنڪار جنهن جو هڪڙو عزم آهي ۽ ان جو عزم اهو آهي تہ پاڪستان ۾ سماجي سطح تي استحصال

جون جيڪي شڪليون موجود آهن، هو انهن کي بيان ڪري، هو وڏي جوش سان چوندو هو

” هيرامنڊي جي انهن طوائفن جي زندگي ۾ به اهي سڀ ڏک ۽ تڪليفون آهن، جيڪي پاڪستان جي نظرانداز ڪيل، غريب ۽ بيمار عوام جي نصيب ۾ آهن.“

معاشري جي وڏيڪ حساس ذهنن انهن تصويرن ۾ موجود سنجيده موضوعن تي ڳالهائڻ شروع ڪيو ته ڪهڙي ريت انهن عورتن کي پنهنجي جسم وڪڻڻ واري آڙاهه ڏانهن اڇليو ٿو وڃي ۽ انهن کي ان دوزخ ۾ وڃڻ کان نه ٿو روڪيو وڃي!؟ شاهنواز هڪ ئي ڏڪ ۾ اهڙي بحث کي ڇيڙي وڌو هو جيڪو تمام لازمي هو. هن جي اندازي کان به وڌيڪ ماڻهن جو ردعمل سامهون آيو هڪ طرف بطور استاد جي نوڪري هئي ۽ ٻئي پاسي هن جون تصويرون لڳاتار وڪجن پيون، دولت جي ديوي مهربان هئي پر هو پنهنجن واعدن تي پورو لٿو. هن پنهنجي تصويرن منجهان ملندڙ ناڻي مان انهن عورتن کي باقائده حصو ڏنو جنهن کان پوءِ اهي عورتون مکين جيان هن جي ويجهو پون پون ڪرڻ لڳيون، هاڻي ته اها حالت ٿي وئي جو هُو پريشان ٿي ويو ته انهن منجهان ڪيئن جان آجي ڪري. عورتون پنهنجي تصوير ٺهرائڻ لاءِ هن سان سمهڻ لاءِ به راضي هيون. هو هن جي خوش آمد ڪنديون هيون، تڏهن به هو انڪار ڪري ڇڏيندو هو.

گذريل ڪيترين ئي ڏينهن ۾ هو جن احساسن منجهان گذريو انهن منجهان سڀ کان وڌيڪ سرهو پهر اهو هو جڏهن هڪ وڏي شاهوڪار ماڻهو شرما جون تصويرون خريد ڪيون. انهن تصويرن مان ملندڙ آمدني منجهان شرما جي حصي ڏيڻ جو موقعو هن کي ٻيهر ان مقدر جي ماريل ڇوڪري جي گهر وٺي ويو جنهن وٽ هو ان ڏينهن

ڪان وٺي نہ ويو هو، جڏهن هوءَ اسپتال منجهان واپس وئي هئي.

شرما گهر جي هڪڙي ويران ڪمري جي ڪنڊ ۾ ويٺي پٽ ڏانهن ٿي نهاريو. هن پنهنجو منهن ڪاري سنهڙي ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو هو. هن جي ماءُ ڪيس گند جي ڍيري جيان الڳ ڪمري ۾ اڇلي ڇڏيو هو. شاهنواز هن ڏانهن ويو ۽ ساڻس سست آواز ۾ مخاطب ٿيو تہ جيئن هوءَ پريشان نہ ٿي وڃي. هن پل ڪن لاءِ پنهنجو منهن مٿي ڪيو ۽ وري اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون. پردي پٺيان سندس وساميل اکين ۾ اونهو ۽ گهرو ڏک صاف ظاهر هو جڏهن هن کي خبر پئي تہ هن سان ملڻ ڪير آيو آهي تہ هن جي نڙي منجهان ايذائيندڙ آهہ نڪتي.

هن شاهنواز کي هڪڙي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ هلڪي آواز ۾ ٻڌايو تہ جڏهن ڪو گراڪ ايندو آهي تہ هن جي ماءُ ڪيس هتان ڪان ٻئي هنڌ وٺي ويندي آهي ۽ ٻئي ڪمري ۾ پلنگ تي هن جا ڪپڙا لاهي هن کي سمهاري ڇڏيندي آهي، ڪيس سادي خوشبو هڻندي آهي ۽ سندس منهن تي ڪو ڪپڙو ويڙهي ڇڏيندي آهي. گراڪ جڏهن هن جي بهترين ۽ پريل جوان جسم کي ڏسندا آهن تہ اهو ڄاڻڻ کان سواءِ تہ ان ڪپڙي پٺيان ڪا ڀيانڪ شڪل لڪل آهي سندس جسم کي جانورن جيان چنبڙي ويندا آهن، ڏنڊو ڏاڍو سٺو پئي هليو ۽ ان مان ٿيندڙ ڪمائي منجهان هن جي ماءُ پيو گهر بہ ورتو هو، جتي هوءَ پنهنجي يار سان گڏ رهندي هئي، هڪڙي پاڙيسري کي اهو ڪم ڏنل آهي تہ هو هن کي ماني ڏئي ويندو ڪري.

شاهنواز سوچيو تہ هن جي تصويرن منجهان ٿيندڙ ڪمائي جو ذڪر ڪرڻ سان هن جا ستل سور جاڳي پوندا ان لاءِ هن ان ڪمائي جو ذڪر نہ ڪيو. هو ان کي اهو نہ ٻڌائي سگهيو تہ هن جو حسن

جيڪو ڪڏهن پنهنجي عروج تي هوان هن جي لاءِ ڏاڍو ناڻو ڪمايو آهي جيڪو هاڻ هن جو آهي، هاڻي اها دولت هن جي ڪمري ڪم جي ۽ هوءَ ان جو ڇا ڪندي؟ هن جي ماءُ اڳي يا پوءِ هن جي دولت کائي ويندي. شاهنواز کي ان ڊاڪٽر جو خيال آيو جنهن هڪ پيري پلاسٽڪ سرجري جي ڳالهه ڪئي هئي. شاهنواز سوچيو ته شايد سرجري سان هن جو منهن ڪجهه گهٽ خوفناڪ ٿي پوي.

هڪ پاسي جتي شاهنواز شهر جي اندرين ۽ ٻاهرين حصي ۾ ڪاميابيون ماڻي پيو ٻئي پاسي محمود صاحب ڪجهه ڇوڪرن جي ذمي اهو ڪم ڏنو ته هو ان ماڻهو کي ڳولين جنهن شرما تي تيزاب اڇليو هو جيتوڻيڪ محمود صاحب هڪ دلال هو پر تمام اصول وارو ماڻهو هو. هن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڪنهن طوائف سان حساب ڪتاب ڪرڻو هو ته هن کي اهو سڀ دليري سان ڪرڻ گهُرجي، باقي بزدلن جيان منهن تي تيزاب اڇلي ڀڄي وڃڻ نه گهُرجي ها، ان کان علاوه پاڙي جي عورتن ۽ ڏنڌو ڪندڙ طوائفن جي حفاظت ڪرڻ به ضروري هو ڇاڪاڻ انهن سان هن جو روزگار جڙيل آهي، جيڪڏهن هُو انهن جي حفاظت جي معاملي ۾ لاپرواهي ڪندو ته پوءِ ڪا به عورت پنهنجي ڌنڌي جي ڪمائي منجهان هن کي حصو ڇو ڏيندي؟

شرما تي ٿيندڙ حملي شاهي پاڙي کي پنهنجين سهڻين عورتن منجهان هڪ کان محروم ڪري ڇڏيو. ان جو اهو مطلب هو ته هاڻي دولت به گهٽ ايندي ۽ هن جي آمدني ۾ به گهٽتائي ٿيندي، شرما جهڙيون سهڻيون عورتون عرب ملڪن جي اميرن جي لاءِ به ڏيان ڇڪائيندڙ هيون، ائين هن کي ان آمدني تان به هٿ کڻڻو پئجي ويو. پيٽرول جي پئسن سان مالا مال دبئي، عرب عمارتون ۽ سعودي عرب جا

شهزادا انهن سهڻين عورتن جا قصا ٻڌي هيرامنڊي ايندا هئا. ڀٽي جي آزاد پاليسين سبب هاڻي نوان ڪوٺا به کلي ويا هئا. هيرامنڊي تي زوال کان پوءِ پيهر خوشين جا ڪڪر اپرڻ پيا. شاهنواز جي شهرت به لازمي ان جو سبب هئي. پريس وارن به مشهور طوائفن کي پنهنجن صفحن تي جاءِ ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي هئي.

محمود صاحب گهٽيءَ جي آخري ڇيڙي تي هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهندو هو. جتان کان ٽبي گلي جي بدنام زمانا دنيا شروع ٿيندي هئي، انهن گهٽين ۾ هر ويل ڏپ ئي ڏپ هوندي هئي. محمود صاحب ٽبي گلي، هيرامنڊي ۽ شاهي پاڙي جو بي تاج بادشاهه هو هو پنهنجي گهر کان گهٽ ٻاهر نه نڪرندو هو. ان پاڙي جا ماڻهو سدائين هن کان ڊڄندا هئا. محمود صاحب کي به ڀٽي جي پاليسين سان گهاٽو لڳاءُ هو پر هو تمام محتاط ماڻهو هو. آصف صديقي جو ان پاڙي ۾ اچڻ محمود صاحب کي ڏنگي پيو هو ان وڏ گهراڻي جي فرد جي انهن نعرن منجهان متاثر نه هو. هو پي پي جي پليٽ فارم تان غريب ماڻهن جي زندگي ۾ انقلابي تبديلين آڻڻ جي حامي هئندو هو. هو سدائين چوندو هو ته اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تي امير غريبن جي ڏکن کي سمجهي سگهن؟ ۽ ان کان به وڏيڪ اهم سوال ته امير اهو سڀ ڇا ڪاڻ ڪندا؟ محمود صاحب جو چوڻ هو ته ان امير سياستدان جو مقصد پنهنجي حڪومت کي اڃا اڳتي آڻڻ آهي، هن وٽ ايترا وسيلا ۽ طاقت هئي جو هو ڪنهن به قسم جي مداخلت کي روڪي تي سگهيو.

هڪڙي نوج جيڪا هن جي هر حڪم تي لبيڪ ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندي هئي، جيتوڻيڪ اهي سڀ عام ماڻهو هئا پر ميڙ جي شڪل ۾ هو وڏي طاقت بڻجي ويندا هئا. هُو اهي ئي ماڻهو هئا جيڪي

شرما تي حملو ڪندڙ ڪي ڳولڻ ۾ رڌل هئا، پر ايڏن جاسوسن هجڻ جي باوجود ڪنهن اهڙي ماڻهو کي ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو جيڪي لاهور جي سوڙهين گهٽين ۾ موجود جهنگ جي وڻن وانگر گهرن منجهان ان ماڻهو کي ڳولي اچن ها، پر اها ڳالهه به ظاهر هئي ته حملو ڪندڙ سدائين لاءِ لڪي نه ٿو سگهي. محمود صاحب جي فوج ڏاڍي تحمل واري، ڏنگي ۽ دلير هئي ۽ ايسيتائين ويهڻ واري نه هئي جيسين هو ان ماڻهو کي ڳولي نه وٺن.

۽ پوءِ هڪڙي شام جو اهو ماڻهو ملي ويو جنهن کي پڪڙي انهن ماڻهن قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندس لاش کي راوي درياهه جي ڪناري سان اڇلائي ڇڏيائون.

10

شاهنواز پنهنجي زندگي ۾ پهريون ڀيرو لاهور کان ٻاهر ٿي ويو. هُو ڪنهن خاص مناسبت سان ڪراچي وڃي پيو. ان سلسلي ۾ هڪ خاص گاڏي جو بندوبست بہ ڪيو ويو. هن جي شروع کان آس هئي تہ هُو پنهنجي ملڪ جو سير ڪري. ان لاءِ هن هوائي جهاز ذريعي ڪراچي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. خالد اقبال جون اهي تصويرون هن جي لاءِ هاڻي حقيقت بڻجڻ واريون هيون. اهو سوچڻ بہ هن لاءِ سڪون ڀريو هو هُو ان ساوڪ کي اکين سان ڏسي سگهندو جيڪا خالد اقبال جي تصويرن ۾ ذري ذري سمايل آهي. پر ان کان پهرين جو ساوڪ ڀريل ٻنيون اچن، هن جي نّظر لاهور جي اوسي پاسي تي پٿي جتي گهٽي آبادي هئي. هن جي نظر اسفالٽ واري رستي جي ٻنهين طرفن کان پوڪيل وڻن تي پئي ۽ هو گاڏي هلائڻ واري جي ڏانءِ کان متاثر ٿيو جيڪو تمام مهارت سان هيٺ مٿاهين هاءِ وي تي گاڏي هلائي پيو.

هن جون 66 تصويرون پهرين ئي شيرٽن هوٽل ڪراچي ڏانهن اماڻيون ويون هيون. الحمرا هال واري واقعي کان پوءِ فن پارن جي نمائش جي انتظاميہ خواهش ظاهر ڪئي تہ ڪنهن ٻي جاءِ تي هڪ

اهڙي نمائش رکي وڃي، جنهن ۾ صرف شاهنواز جون تصويرون هجن. ان سلسلي ۾ هنن فنڪارن کي به دعوت ڏني ته جيئن هو ان جي ڪم کي ڏسي سگهن.

شاهنواز بس ۾ ويٺي راوي جي ڪناري سان موجود رستي کي ڏڪندو ڏسي رهيو هو ان کان پوءِ رستو سنڌو درياهه سان گڏ هلندو رهيو. ڏاڪٽي پاسي درياهه کان ٿورو پري ملتان شهر آباد آهي، ان شهر بابت شاهنواز جي ذهن ۾ جيڪي تاثر ايريا انهن ۾ ڌوڙ گرمي، مزارون ۽ پينو فقير ئي هئا. ڪجهه دير کان پوءِ هاءِ وي پنجاب جي سرحد کان سنڌ ۾ داخل ٿي ويا، ان علائقي ۾ چڱي مفاصلي تائين ڦورن ۽ ڌاڙيلن جو خطرو هو جيڪي رستي تي هلندڙ گاڏين کي بيهاري، ڦر ڪري قتل ڪري ڇڏيندا هئا. هنن سکر ۾ رات گذاري، هنن جي ڪار جنهن جاءِ تي اٿن جي قافلي منجهان گذري پئي ته ان تاريخي شهر جا زبون حال گهر ڇڻ مٽي جي طوفان ۾ لڪي ويا، سمورو منظر شاهنواز جي ذهن ۾ ڇڻ ڇاپجي ويو هڪ فنڪار پنهنجي خيالن جي ڪاڻ ۾ نوان عجيب و غريب منظر ڪٿا پيو ڪري.

صبح ساڻ هو سيوهڻ شريف منجهان گذريا. سيوهڻ شريف ۾ ان ڏينهن لال شهباز قلندر جو عرس هو. لال شهباز ايران جو صوفي بزرگ هو جنهن پنهنجي سموري زندگي هتي گذاري ۽ ان جي وفات به اتي ئي ٿي. سج جيئن ئي ٿورو مٿي چڙهيو ته شاهنواز ڏٺو ته سيوهڻ جون گهٽيون ماڻهن سان ڀريل آهن. ڪو اٿاهه سمنڊ آهي، جيڪو گهٽين ۾ وهي ٿو پيو. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو ان صوفي بزرگ کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ جمع ٿيا هئا. هو ان بزرگ جي مزار جي ويجهو ٿوري دير ترسيا. جتي ماڻهو دهل جي تال تي ڌمال پيا هڻن جن تي وجد جي حالت طاري هئي. شاهنواز ٿوري دير لاءِ هيٺ لٿو ۽ هن ڏٺو

تہ انسان ڏاڍڻ منجهان ملي ڪري ٺميل ڪنمن قالين جيان وڇايل آهن. هر پاسي کان ٻرندڙ اگربتيون ۽ مٺان کان وسندڙ گلاب جا گل ماحول کي تازو پيا ڪن.

ٿوري ئي دير کان پوءِ شاهنواز ٻيهر ان گاڏين سان ڀريل رستي تي هو هيءَ ڪراچي جو شهر هو. ٽانگا ۽ گڏهہ گاڏا، چڙواڳ بسيون ۽ پنهنجي سهپ کان وڌيڪ سامان کڻندڙ ٽرڪون هر پاسي کان موجود هيون. شاهنواز سوچيو پئي تہ يا تہ هو خوف وچان مري ويندو يا وري منڇر ڍنڍ جي حسناڪ نظارن منجهان ملندڙ روحاني سڪون سبب مري ويندو. ان ڍنڍ ۾ ترندڙن ٻيڙيون صدين کان اهو سفر پيون ڪن ۽ ائين ٿي لڳو ڄڻ انهن ٻيڙين کي ڪناري سان ڪو چاهہ ئي نہ آهي. انهن ٻيڙين جا ملاح مهاڻن جي قوم سان تعلق رکن ٿا. هڪ پوڙهي هٽان جي مشهور لوڪ ڪهاڻيون بہ شاهنواز کي ٻڌايون. هي دراوڙي مهاڻا آهن جيڪي آرين جي اچڻ کان بہ ڪئين صديون پهرين سنڌ جي درياهي پٽي تي اچي آباد ٿيا هئا. مهاڻن جي صدين جي سڪون ڀري زندگي ۾ جيڪا مداخلت ٿي هئي، ساعربن جي سنڌ تي حملي کان پوءِ انهن کي زوري مسلمان بڻائڻ هو عربن انهن کي 'سنڌو درياهہ جي بي تاج بادشاهہ' جو لقب بہ ڏنو هو.

نيٺ هنن جو سفر پورو ٿيڻ وارو هو هي اها جاءِ آهي جتي سنڌ جو عظيم درياهہ پنهنجا آخري پساهہ کڻندو سمنڊ سان وڃي ملي ٿو. سخت گرمي واري ماحول ۾ شاهنواز دنيا جي سڀ کان وڏي ڏوهي گهاٽ تي ماڻهن کي غور سان ڪم ڪندي ڏٺو هتي ڪم ڪندڙ اهي اڇوت هئا. جيڪي ورهاڱي کان پوءِ هندوستان منجهان هيڏانهن آيا. ٿرپارڪار جي ريگستان جي ڪوسين هوائن ۽ تيز گرمي ۾ پچندڙ انهن ڏوٻين کي ڏسي شاهنواز کي لڳو تہ انهن جي زندگي بہ قلعي واري

شهر ۾ رهندڙ ڪان ڪا گهڻي الڳ نہ آهي.

هنن جو سفر عمارتن جي وچان جاري هو ڪراچي جو ڪو بہ مرڪز نہ آهي، انسانن جو هي جهنگ ڪنهن سامونڊي جانور آڪٽوپس جهڙو ٿي لڳو.

شيرٽن هوٽل ۾ مختصر آجياڻي ڪان پوءِ شاهنواز کي ڪمري ۾ آندو ويو. عيش عشرت واري ماحول سان هن جو پهريون پيرو اٿڻ ويهڻ ٿيو هو جنهن هن جا هوش خطا ڪري ڇڏيا. هن جي پوري زندگي هڪ اهڙي ڪمري ۾ گذري هئي، جتي هڪ ذرا ذرا تيل گدو هوندو هو جڏهن تہ هتي جو ماحول اهو هو جو اڇي چادر ۾ ويڙهيل پلنگ ڪنهن ٻي دنيا جي آرام گاهہ ٿي لڳو غسلخانو تمام صاف هو جنهن ۾ وهنجڻ لاءِ ايڏو وڏو حوض نهيل هو جو ماڻهو آرام سان سمهي پئي. ڪمري ۾ هر پاسي آئينا لڳل هئا. شاهنواز پهريون پيرو پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺو تہ کيس خبر پئي تہ سندس اکين هيٺان ڪارا داغ ٿي ويا آهن. هُو وهنجي سهنجي دري آڏو بيهي رهيو۽ هوٽل جي بهترين وراندي کي ڏسڻ لڳو ٻن ڏينهن جي سفر جو ٿڪ لهي ويو. هن جي ذهن ۾ مختلف منظر پيا ڦرن، جيڪي هن سفر دوران ڏٺا. اهي سڀ عاليشان ماڻهو بہ سندس ذهن ۾ ويهي ويا جن سان هُو سفر دوران مليو ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمري جي لڳ سڪائيندڙ ٿڌ ۾ هُو پنهنجين نين تصويرن جي منصوبي تي پيو ويچاري. هن جي ذهن ۾ خيال ٿي آيو تہ هاڻي هُو خالد اقبال جيان قدرت جي حسن جون تصويرون ٺاهيندو. لهندڙ سج جو عڪس چٽيندو. ٻن ڏينهن ۾ پنهنجي ملڪ جي روشن تصوير هن جي ذهن ۾ گهر ڪري وئي هئي. وڌندڙ ٿڌ هن جي لاءِ برداشت کان ٻاهر ٿي وئي ۽ هن اي سي بند ڪري ڇڏي ۽ تصويرن جي نظر ثاني ڪرڻ جي تياري ڪيائين.

نمائش گاهہ جو والي انهي هال ۾ شاهنواز جو انتظار پيو ڪري جتي ماڻهن جو ڳچ تعداد سندس تصويرن کي ڏسڻ لاءِ جمع ٿيو هو. شاهنواز اچڻ سان ڏسي ورتو تہ هن جي تصويرن کي ڏسڻ لاءِ آيل ماڻهن ۾ ڪراچي جي امير طبقي جا ماڻهو آيل آهن. عورتن کي عاليشان زيور پاتل هئا ۽ مرد جناح وانگي سوٽ پينٽ پهريل هئا, هونءَ بہ جناح سٽن ڪپڙن پائڻ جي ڪري مشهور هو هتي لاهور جي الحمرا هال جيان وٽ وٺان نہ هئي پر بهترين نموني جي ماڻار هئي, هي اعليٰ طبقي جا ماڻهو هڪ اهڙي مصور جي محنت کي ڏسڻ آيا هئا, جنهن جي تصويرن بغاوت جو اعلان ڪيو هو.

انهن معزز ماڻهن جي ميڙ ۾ شاهنواز پنهنجو پاڻ کي ڪمتر محسوس ڪرڻ لڳو. اعليٰ خاندانن جي وچ ۾ سادي سلوار قميص پهريل شاهنواز پنهنجو پاڻ کي اهو تي سمجهيو جيڪو هُو هئو هڪ طوائف جو پٽ. جڏهن هو اهم مهمانن سان هٿ ملائي پيو تہ سندس اندر ۾ عجيب ڊپ تي اٿليو هن هتان ڀڄي وڃڻ جي خواهش کي ڏڪيائي سان قابو تي ڪيو عورتون هن ڏانهن نهاري مرڪن پيون, مرد هن کي غور سان پيا ڏسن, ماڻهن جو ميڙ هن سان هٿ ملائڻ لاءِ آتو هو. هُو بي ڏياني واري ڪيفيت ۾ ماڻهن جا تبصرا ۽ تعريف ٻڌندو ۽ اڳتي وڌندو تي ويو ان ڪان پوءِ اتي ڇا ٿيو هن کي ان جي چٽي يادگيري نہ آهي.

جيتوڻيڪ هن جون ڪجھ تصويرون ئي وڪرو ٿيون پر اخبارن ۾ انهن تي بهترين تبصرا ٿيا, هڪ اخبار لکيو تہ هو هن ملڪ جي جديد فن جو باني آهي, پر شاهنواز کي يورپ جي مصوري يا جديد فن بابت ڪا ڄاڻ نہ هئي, جنهن جو اظهار هن لاهور واپس اچي تمام عاجزي سان ڪيو هو.

آصف صديقي جي حويلي ۾ هلندڙ ڪم پورو ٿي ويو هو ته هن ٻيهر پنهنجي دنياوي مصروفيتن جي شروعات ڪري ڇڏي. اها مغلن جي دور جي حويلي هاڻي ويران نه هئي، هن جا امير دوست جن شاهي پارٽي ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو هو سي ان حويلي جو رعب تاب ڏسي واٽڙا ٿي ويا هئا. وردي پهريل ڪم وارا شراب ۽ منشيات پيا آڇن پر هن جي دوستن لاءِ خاص شي ته هيرامنڊي جون طوائفون هيون جن کي ڏسي دل باغ بهار ٿي ٿي. اهو انهن عورتن جو واحد ميڙ هو جيڪو آصف صديقي جي اندر ۾ به جذبا جاڳائيندو هو. انهن طوائفن جي چونڊ هن جي خاص ماڻهو نظير وڏي احتياط سان ڪئي هئي، جيئن ته ان ماڻهو جو واسطو هيرامنڊي سان هو ان لاءِ هو هتان جي هيرن کان چڱيءَ ريت واقف هو. هو هڪ قسم جو شاطر دلال هو جيڪو انهن عورتن جي ڪمائي منجهان خاصو حصو ڦٻائي ويندو هو. هُو رات جي پيٽ ۾ انهن عورتن کي حويلي ۾ وٺي ايندو هو ۽ صبح جو سوير انهن کي واپس وٺي ويندو هو.

آصف صديقي جي نظر جيئن ئي عائشه تي پئي ته هوءَ ان جي من پسند طوائف ۽ سريت بڻجي وئي. هُو پهرين نظر ۾ ئي هن جو اسير بڻجي ويو. عائشه به جلد ئي پنهنجي شعبي جي ماهر طوائف بڻجي وئي، هن جون ڪاريون اکيون هڪ الڳ ئي جنسيت پيون اپارين. آصف ڪلاڪ جا ڪلاڪ مخمور ٿي، هن جو ناچ ڏسندو هو. جڏهن هن جا پدمڙا پير زمين تي ٿي لڳا پئي ته انهي سان گڏ آصف صديقي جي دل به ڪڏهن تيز ته ڪڏهن آهستي ڌڙڪي پئي.

شاهنواز کي پنهنجي ڌي جي آصف صديقي سان تعلق بابت ڪا به خبر نه هئي، هُو پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ايڏو مصروف هو جو هن کي ڪنهن به ڳالهه جي ڄاڻ نه هئي، هن کي نسيم ۽ عائشه جي

باري ۾ بہ ڪا خبر نہ هئي، جيڪي رات جو واپس ورنديون هيون. شاهنواز صبح جو سوير اٿندو هو هُو صبح جي وقت اسڪول پڙهائڻ ويندو هو منجهند جو موٽندو هو تہ مصوري ڪندو هو پر انهي دوران هن ٽنا کي پنجون ڀيرو اميد سان ضرور ڪيو هو. هن ڀيري انهن کي اميد هئي تہ پٽ پيدا ٿيندو. ليلي جي عيوض شاهنواز عائشہ تہ نسيم کي ڏئي ڇڏي هئي پر ان کان علاوه ڪنهن بہ ڇوڪري کي ڏنڌي تي لاهڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو ڇاڪاڻ جو هاڻي تہ شاهنواز جي آمدني بہ سٺي ٿي وئي هئي، ان لاءِ هو ڇوڪرين کي اسڪول موڪليندو هو. هو اڪثر ان ڳالھ تي پڇتاءُ ڪندو هو تہ جيڪر هي سڀ پهرين ٿي وڃي ها، هو نسيم کي ان ڌنڌي مان ڪڍي وٺي ها ۽ ليلا کي بہ ان کوهہ ۾ ڪرڻ نہ ڏئي ها.

الحمرا هال واري واقعي کان پوءِ هڪ ڀيرو آصف صديقي شاهنواز کي حويلي تي اچڻ جي دعوت ڏني پر هن انڪار ڪري ڇڏيو. هُو اهڙي ڪنهن بہ ماڻهو جي دعوت ۾ وڃڻ نہ پيو چاهي جنهن جي نيت ۾ کوٽ هجي، ان کان علاوه هو اهڙين محفلن ۾ وڃڻ کان لنوائيندو هو جتي وڏن خاندان جا ماڻهو ايندا هجن، ڇاڪاڻ اتي وڃي هن کي پنهنجي اصليت کان شرمساري محسوس ٿيندي هئي. اها شرمساري جيڪي سالن کان هن جي اندر کي ساڙيندي ٿي آئي، اهڙين محفلن ۾ هن جو ساهہ ٻوساتجڻ لڳندو هو دولت ۽ شهرت هن جو اهو مسئلو حل نہ ڪري سگهي. شرم هن جي رڳن ۾ ائين شامل هو جئين ڪو طاعون جنهن جو ڪو توڙ نہ هجي، پنهنجي جواني ۾ جيڪي تڪليفون ۽ ذلت هن برداشت ڪئي، هُو ان کي وساري نہ سگهيو هڪ هميشہ رهندڙ مايوسي جيڪا سندس مقدر هئي.

11

اپريل 1979ع جو ڏينهن پراڻي مغل شهر جي رهواسين لاءِ هڪ ڏکائيندڙ ڏينهن هو. پاڪستان جي هڪ جيل ۾ صبح جو سج اڀرڻ کان پهرين ذوالفقار ڀٽي جي حڪومت جي شام ٿي وئي، ڀٽي جي موت تي جيترا ماڻهو رنا نئين ڪنڌ جي ورهاڱي کان پوءِ ڪڏهن ايترو نه رنا هئا. ماڻهو جيڪي حقيقي آزادي جي شمع جا پروانا هئا اهي تڪليف وچان ڦٿڪن پيا. ڀٽي جي ڦاسي تي شاهنواز به پارٽي جي ٻين ماڻهن جيان ڏک ۾ ورتل هو هڪ حقيقتي جمهوريت پسند انسان جي حڪومت جي راهه ۾ ايندڙ عدم استحڪام سان چپ هٽي ويٺل ڪجهه عنصر پنهنجي وقت اچڻ جي انتظار ۾ هئا. وزير اعظم جي هڪ ويجهي ساٿي جي موت انهن کي اهو موقعو ڏئي ڇڏيو. 1977ع ۾ ضياءالحق فوج ساڻ ڪيون مارشل لا لاڳو ڪرڻ لاءِ تيار ويٺو هو. هن سڀ کان پهرين ته ڀٽي کي گرفتار ڪرايو ۽ جڏهن ڏٺائين ته شاهديون ته اٽپوريون آهن ته مجبور ٿي ڀٽي کي آزاد ڪيائين. جڏهن ڀٽو آزاد ٿي لاهور پهتو ته ٿي لک لاهوري سندس استقبال لاءِ جيئي ڀٽو جا نعرا هڻندا رستن تي نڪري آيا.

نيشنل ڪاليج آف آرٽ جي ويجهو مال روڊ تي ٿيندڙ استقبالي

جلوس ۾ شاهنواز بہ شامل هو. هُو پنهنجي شاگرد ساٿين سان گڏ هئو جنهن ۾ وڏن گهرن جون ڇوڪريون بہ شامل هيون. اهي سڀ ان ڳالهہ تي خوش هئا تہ انهن جو اڳواڻ آزاد ٿي آيو آهي. جيڪو ترت ضياء جي آمريت جو انت آڻيندو. پر اهو سوچڻ سواءِ خواب ڏسڻ جي ڪجهہ بہ نہ هو. پٽي جي شهرت ڏسي آمر پاپيولجي ويو هن پٽي کي هڪ دفعو ٻيهر جيل ۾ وجهي ڇڏيو فوج کي حڪم ڏنو ويو تہ جمهوريت ۽ پٽي جا نعرا هڻندڙ هر ماڻهو کي ڪوڙا هنيا وڃن.

جڏهن پٽي کي موت جي سزا ٻڌائي وئي تہ لاهور ۾ ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجو پاڻ کي باهہ ڏئي احتجاج ڪري پنهنجو پاڻ ختم ڪري ڇڏيو. شاهنواز جي آڏو پي پي جي اخبار هئي جنهن ۾ پهرين پرچي تي انهن شهيدن جون تصويرون هيون. پٽي جي گرفتاري کان پوءِ ان اخبار جو چلتو صرف لاهور شهر ۾ لکن جي تعداد تي پهچي ويو. حالت اها هئي جو ڇاپ واري مشين ان گهرج کي پورو ڪري نہ پئي سگهي، ڪجهہ ماڻهن پنهنجين ڇاپ مشينن تي ان اخبار کي ڇاپي ۽ وڌيڪ قيمت تي وڪرو ڪرڻ شروع ڪيو ان وقت تقريبن هڪ اخبار بليڪ مارڪيٽ ۾ ڏهن رپين ۾ وڪرو پئي ٿي ۽ اها رقم ان وقت جيڪي پاڪستان ۾ جيڪا روز جي ڏهاڙي هئي، ان کان تمام گهڻي وڌيڪ هئي. ضياء اها حالت ڏٺي تہ ان ڇاپ خاني تي پابندي مڙهي ڇڏيائين، ۽ ميڊيا تي بہ پابندي هڻي ڇڏيائين. جيڪو صحافي قانون ٽوڙيندو ان کي ڪوڙن جي سزا ۽ پنجويهہ سال قيد جي سزا ٻڌائي ويندي. پٽي جي ڦاسي کان پوءِ سڀني سياسي جماعتن تي بہ پابندي لڳائي وئي. ايوب جي مارشل لا جي دور ۾ تہ فوج اندروني ۽ بيروني خطرن جي لاءِ محافظ هئي، ضياء هڪ وک اڃا اڳتي وڌائي ۽ فوج کي نظرياتي حدن جو بہ محافظ ٻڌائي ڇڏيو ۽ اسلام جي نافذ ٿيڻ کي

سياسي ڪوششن جو مکيه مرڪز قرار ڏنائين.

پراڻي قلعي واري شهر جي هر رهواسي ضياءَ جي اها تقرير ٻڌي جيڪا قومي ٽي وي تي نشر ڪئي وئي،

"پاڪستان اسلام جي نالي تي وجود ۾ آيو آهي، ان جي بقا جو دارومدار بہ فقط ان ڳالهہ تي ئي آهي تہ هي اسلام تي پورو لهي جيڪڏهن هن ملڪ ۾ اسلامي قانون لاڳو نہ ٿو ٿئي تہ هن جي بقا جو ڪو بہ ضرور نہ آهي."

تقرير ٻڌي لاهور وارن جي وات ۾ آڱريون اچي ويون ۽ وائڙا ٿي ويا. هُو ڄاڻن پيا تہ اسلام نافذ ڪرڻ منجهان آمر جي ڇا مراد آهي، هاڻي هتي شريعت موجب سزا ملندي، هٿ وڍيا ويندا ۽ سنگسار ڪيو ويندو. جهالت جي دور جو عروج ٿيندو. عورتن کي پردو ڪرڻو پوندو ۽ مردن کي چئن شادين ڪرڻ جي اجازت ملي ويندي. ان ظالم قانون سموري ملڪ ۾ بي قراري پيدا ڪري ڇڏي.

ضياءَ جيئن ئي طاقت ۾ آيو جنوري 1978ع ۾ خيالي اسلامي رياست جوڙڻ جي آڙ ۾ پهريون قتل عام ٿيو. ملتان جي هڪ ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ مالڪ طرفان ٿيندڙ معاوضي ۾ گهٽتائي خلاف مزدور احتجاج پيا ڪن ۽ بي يقيني ٿي ظاهر ڪيائون، پر انهن کي اهو احتجاج پورو ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ملي سگهيو مقرر ڪيل تاريخ کان ٿي ڏينهن پهرين فوج ڪارخاني جو نظام سنڀالي ورتو ۽ ڪارخاني جي ڇت تي مورچا ٺاهيون مزدورن تي گوليون وسائڻ شروع ڪري ڏنائون، جنهن ۾ ڪوڙ سارا مزدور ٿڏي تي مري ويا. اهو ملڪي تاريخ جو بدترين قتل عام هو مزدور جيڪي پي پي پي جي ڪرنگهي جي هڏي هئا تن کي اهو ضياءَ جو پهريون چتاءُ هو تہ يا هُو هٿيار ڦٽا ڪن يا مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. لاهور وارن کي جڏهن ان واقعي جي خبر پئي تہ هو صدمي ۾

ونجي ويا. پي پي پي جا سمورا دفتر ان ڏينهن بند هئا. آصف صديقي کي به ان ڏينهن پنهنجو دفتر کولڻ جي همٿ نه ٿي، بارود خاني آڏو موجود پنهنجي پي پي پي جي دفتر مٿان لڳل جهنڊا ۽ پٺتي جون تصويرون لاهي ڇڏيائين. اونداهي دور جي شروعات ٿي وئي جيڪو گهڻو وقت تائين رهڻو هو.

شاهي پارٽي ۾ محمود صاحب باقائده هڪ هنگامي جماعت جوڙي جنهن لاءِ گهڻيون گڏجاڻيون لازمي هيون ته جيئن مزاحمت جي تحريڪ زور وٺي سگهي. متحده محاذ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هن جو سياست ۾ پير پائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي ويو هو. هنن پوليس جي آڏو پنهنجو پاڻ کي شاهي پارٽي جي اڳواڻن طور پيش ڪيو. انهن ڏينهن ۾ جهڙيون حالتون ٿي ويون، ان لاءِ اهو سڀ ڪرڻ لازمي ٿي ويو. هڪ ڏينهن جڏهن شاهي پارٽي جي اڳواڻن جو اجلاس ٿيو پئي ته فوج جو هڪ جنرل اهو حڪم نامو کڻي آيو ته اڄ کان شاهي پارٽي کي بند ڪيو ٿو وڃي. ان وقت محمود صاحب فوجي جنرل سان مخاطب ٿيندي چيو

"شاهي پارٽي جي عورتن جي مستقبل بابت سوچڻ کان سواءِ شاهي پارٽي کي بند ڪرڻ لاءِ حڪم نٿو ڏئي سگهجي. جيسين انهن عورتن جي روزگار جو بندوبست نٿو ٿئي ان وقت تائين توهان جي ان حڪم تي عمل نٿو ٿي سگهي، هن وقت هتي موجود ماڻهن ۾ ڪهڙا اهي ماڻهو آهن جيڪي شاهي پارٽي جي طوائفن سان شادي لاءِ تيار آهن؟ جيڪڏهن اهڙو ڪو ماڻهو آهي ته مهرباني ڪري اهو پنهنجو هٿ مٿي ڪري."

هڪ به هٿ بلند نه ٿيو

محمود صاحب کهري انداز ۾ للڪاريندي چيو

"جيسين اوهين پارٽي جي ڇوڪرين سان شادي نه ٿا ڪيو ۽

ڇوڪرن کي پنهنجون نياڻيون نہ ٿا ڏيو تہ توهان ان کي ۽ اهو ته تيسين هن معاشري ۾ ڪا بہ
مٽا سٽا ناهي ٿيڻي.“

ائين ان حڪم نامي کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ويو هيرامنڊي
بند نہ ٿي. اسلام جا حمايتي انهن اڇن سنهن پردن کي اورانگهڻ جي
جرئت نہ ڪري سگهيا جيڪي انهن ڪوٺن آڏو ٽنگيل هئا پر
فيبروري ۾ مولوين بسنت جي ڏڻ کي حرام قرار ڏئي ڇڏيو ائين اهي
لکين ٻار مايوس ٿي ويا جن کي هر سال بسنت جي ڏڻ جو انهيءَ شدت
سان انتظار هوندو هو جهڙي شدت سان مغرب جا ٻار فادر ڪرسمس جو
انتظار ڪندا آهن. سرڪاري طور تي بہ لغڙ اڏائڻ تي مڪمل پابندي
لڳائي وئي. لغڙ اڏائڻ تي پابندي جو سبب اهو ٻڌايو ويو تہ لغڙ ڇتين
تي اڏايا وڃن ٿا، ان لاءِ بي پردگي ٿئي ٿي. انهن ٻاراڻن حڪمن جو
ردعمل ماڻهن ائين ڏنو جو ان ڏينهن ماڻهن پنهنجن گهرن جي ڇتين تي
ڦٽاڪا ڇوڙيا، شاهنواز پنهنجين ننهين ڇوڪرين روبي، رامي ۽ نائڪا
کي ڇت تي وٺي آيو. ڇوڪريون پنهنجي پيءُ جي ان عمل تي ڏاڍيون
خوش هيون جيڪو انهن کي پيار وچان چمي پيو ۽ پاڪر ۾ پئي
پرپائين ۽ انهن سان مستي مزاق تي ڪيائين.

رمضان جو مهينو آيو تہ ضياء مسلم اصولن جي مڃيندڙ جي پٺ
پرائي ڪئي تہ جيڪي ماڻهو رمضان جو احترام نٿا ڪن انهن کي
سوگهو ڪن. پاڪستاني مسلمان سدائين رمضان جا روزه پنهنجي
مرضي تحت رکندا هئا. آمر جي حڪومت ۾ سڀ هوٽلون ۽ کائڻ پيئڻ
واريون جايون صبح کان شام تائين بند ڪرايون وينديون هيون.
يونيورسٽين ۾ پاڻي پهچائڻ بند ڪيو ويو تہ جيئن ڪو بہ ماڻهو پاڻي نہ
پي سگهي، ايتري تائين جو غسلخاني ۾ بہ پاڻي تي بندش هئي. رات
جي پوئين پهر ۾ بنياد پرست گهٽين ۾ نڪري ايندا هئا تہ جيئن هو

پڪ ڪري سگهن ته ماڻهو سحري جي تياري ڪن پيا. گهٽين ۾ ڪائڻ، پيئڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ گرفتاري جوڳو ڏوهه قرار ڏنل هو. ملڪ ۾ هر پاسي مذهبي اسلامي حڪومت جي آمر جو راڪاس راڄ پيو ڪري.

هڪ ڏينهن شاهنواز پڙهائڻ لاءِ ڪاليج جي دروازي تي پهتو ته دربان هن کي روڪي ڇڏيو. اهو دربان شاهنواز کي چڱي ريت سڃاڻي پيو ۽ هُو ٿورو پريشان به هو ته ڪهڙي طرح اعليٰ آفيسرن جي ان ڏنل حڪم تي عمل درآمد ڪرائي. ڪاليج جي نئين انتظاميه شاهنواز کي اهو چئي نوڪري تان هٽائي ڇڏيو ته هُو جيڪو مضمون پڙهائي ٿو اهو غير اسلامي آهي، جنهن جي ڪا به گهرج نه آهي. انهن جو چوڻ هو ته اسلام ۾ تصوير ناهڻ حرام آهي، ائين بنا ڪنهن مغاوضي جي انهن شاهنواز کي ڪاليج منجهان ڪڍي ڇڏيو. هاڻي هو بي روزگار هو.

هُو مايوس ٿي گهر وريو. اڃا ته ڏکئي وقت جي ابتدا هئي. پنهنجي دور ۾ به جنهن کي هڪ فنڪار جي حيثيت نه ملي سگهي هئي، هاڻي ان کي مُلن جي نفرت کي منهن ڏيڻو هو. صرف شاهنواز جي نوڪري ئي نه وئي هئي، پر هن جو اهو نالو به ختم ٿي ويو جيڪو هن ڏاڍين ڏکيائين سان ڪمايو هو سو به داو تي لڳل هو. ڪو به ماڻهو هاڻي تصويرن جي نمائش لاءِ هن کي فن پارن جي نمائش جو ڪمرو ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. ڪو به ماڻهو هن جي تصويرون وٺڻ واري خطري کي منهن ڏيڻ نه پيو گهري ۽ جيڪا ٿوري گهڻي تصويرن منجهان آمدني ٿئي پئي سا ايتري نه هئي جو هو گهڻا ڏينهن ان تي گذارو ڪري سگهي. جيڪڏهن هو اڪيلو هجي ها ته شايد ايترو مسئلو نه ٿئي ها ڇاڪاڻ ته هن جون پنهنجون گهرجون تمام محدود هيون پر هن جو خاندان جنهن طريقي جي زندگي گذارڻ جو هيراڪ ٿي ويو هو انهن جون گهرجون مسئلو هيون. هن جون نياڻيون وڏن ۽ سٺن اسڪولن ۾ پيون پڙهن، جن

کي يڪدم اسڪول مان ڪڍي ٻه نه ٿي سگهيو پنهنجي روايت موجب
هُو هڪ دفعو ٻيهر اڪيلائي پسند ٿي ويو. هن دنيا ۾ هڪ ئي ماڻهو هو
جنهن تي هو اعتماد ڪري ٿي سگهيو جيڪا سندس ماءُ هئي پر ان
جو حال ٻه ڪنهن پٽڪيل روح جيان هو جيڪا هن جو ڪو ٻه مسئلو
حل نه پئي ڪري سگهي. هوءَ ته بس ان آٿت تي جيئري هئي ته عائشه
هن سان گڏ آهي. هوءَ سڄو ڏينهن ان پلنگ تي پئي پئي ان دولت جي
حفاظت پئي ڪندي هئي، جيڪا ان پلنگ جي هيٺان رکيل هئي.

عائشه شهرت جي بلندين تي هئي، شهر کان ٻاهر ٻه ان جو مذڪور
هو. هن جي فرمائش تي آصف صديقي مشهور گائڪ استاد فتح علي
خان کي پنهنجي حويلي تي دعوت ڏني. استاد جو تعلق مشهور قوال
خاندان سان آهي جيڪي چوڏهين صدي عيسوي کان قوالي جي ميدان
۾ پنهنجو پاڻ ملهائيندا ٿا اچن. قوالي گائڪي جي صوفي صنف
منجهان آهي، جنهن کي نصرت فتح علي خان عروج تي پهچائي
ڇڏيو. هن جي آواز جو پڙلاءُ اٿيو ته ائين ٿي لڳو ڄڻ آسماني صحيفو
پيو نازل ٿئي. ناچ ڪرڻ کان پوءِ عائشه ٽڪجي آصف صديقي جي پير
۾ اچي ويهي رهي، هن کي ان ڳالهه تي ناز هو ته جنهن ماڻهو سان گڏ
ويهڻ جو خواب هيرامنڊي جي هر عورت ڏسندي آهي، اهو ماڻهو هن
جي پير ۾ ويٺل آهي. صوفن تي ويٺي پئي ڇٽا شراب پيئندا رهيا، ايسين
تائين جو ٻنهين جي جنسي خواهش بي قابو ٿيڻ لڳي ۽ هُو اتان کان اٿي
ويا پنيان کان قوالي جو آواز اچا اندر آيو ٿي.

شاهنواز پنهنجا سڀ واسطا ڏيءُ سان اڳ ئي ختم ڪري ڇڏيا هئا
۽ هن کي ان ڳالهه جي پرواهه ئي نه هئي ته هوءَ ڇا ٿي ڪري؟ هو بس اها
ڪوشش ڪندو هو ته سندس منهن نه پئي. هن کي خبر هئي ته هوءَ
هيرامنڊي جي معروف ناچڻي آهي پر هن ان جي تصوير ڏاهڻ کان

انڪار ڪري ڇڏيو. افواهہ ٿي هلي تہ هڪ فلم ساز عائشہ سان گڏجي فلم ٺاهڻ چاهي ٿو اهو خواب هيرامنڊي جي هر سهڻي عورت گهڻ ۾ گهڻ هڪ دفعو تہ ضرور ڏسندي آهي. هندوستاني فلم جو نقل ڪيل هي پاڪستاني فلمون اڪثر ڪري مغلن جي دور جي طوائفن ۽ جسم وڪڻندڙ عورتن بابت هونديون هيون. عائشہ اهڙي قسم جي ڪردار لاءِ موزون هئي، پر ان ڳالهہ جو فيصلو نسيم کي ڪرڻو هو ۽ هوءَ ان حوالي سان بڏتر ۾ هئي. هن جي ذهن ۾ هڪ ئي ڳالهہ ٿي آئي تہ جيڪڏهن عائشہ هيرامنڊي کان ٻاهر وئي تہ واپس نہ ايندي، جيڪڏهن شهرت ۽ دولت هن کي نصيب ٿي تہ هوءَ بہ ٻين وڏين اداڪارائن جيان هيڏانهن جو رخ ئي نہ ڪندي. ڪجهہ ڏينهن ۾ عائشہ جي عمر ويهہ سال ٿيڻ واري هئي، عائشہ جي ڪري ئي نسيم جي زندگي ۾ اهو مرحلو نہ آيو جو هن کي ٽبي گلي ۾ وڃي پنهنجو جسم وڪڻڻو پوي ها.

هيرامنڊي ۾ ٽبي گلي جي مغربي علائقن جو انتظام پشاور جي هڪ پٺاڻ وٽ هو. اهي ماڻهو آس پاس جي غريب علائقن منجهان عورتن کي پنهنجي جارم ڦاسائيندا هئا تہ انهن جي شادي ڪرائيندا ۽ هتي اچي هُو انهن کي جسم ڪپائڻ جي ڌنڌي تي لاهي ڇڏيندا هئا. جڏهن اهي مقدر جون ماريل ڇوڪريون هتي پهچنديون هيون تہ هتان کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪا بہ راهہ نہ هوندي هئي، هڪڙي ننڍڙي ڪمري آڏو ڪرسي رکي انهن ڇوڪرين کي سڄو ڏينهن گراڪن جو انتظار ڪرڻو پوندو هو. انهن کي ٻار ڄڻڻ جي اجازت نہ آهي ڇاڪاڻ ان سان آمدني گهٽجي ويندي آهي، جيڪڏهن بدقسمتي سان اهي حمل سان ٿي بہ وڃن تہ انهن کي ٻار ضايع ڪرائڻو پوندو آهي تہ جيئن انهن جي دلالن کي ان ڳالهہ جي خبر نہ پئي. ان عمل دوران ڪي مري بہ وينديون هيون.

هلندي هلندي تبي گلي مٿان پٺاڻن جو راڄ ختم ٿيڻ لڳو هاڻي هتي پوڙهين جسم فروش عورتن جو آستانو آهي. تبي گلي ۾ ظلم جا ڪيترا ئي مثال ڏسي سگهجن ٿا. سوڙهيون اونداهيون گهٽيون. غارن جهڙا گهر. اٽلندڙ ناليون هتان جي اصل سڃاڻپ آهن. هتان جي زندگي ڪنهن سزا کان گهٽ نہ آهي.

نسيم ڪڏهن ڪڏهن پراڻا ڪپڙا ڏيڻ شرما جي ماءُ جي گهر تبي گلي ويندي هئي. شاهنواز شرما کي پلاسٽڪ سرجري جي لاءِ موڪليو تہ هن جي ماءُ لاچار ۽ بيوس ٿي هتي اچي ڏنڊو ڪرڻ لڳي. جڏهن نسيم ان گهٽي ۾ داخل ٿي تہ هن جي هانءَ تي تور ٿيڻ لڳو. نسيم کي چڱي ريت خبر هئي تہ سندس قسمت پلي آهي جو هن کي هتي اچي رهڻو نہ پيو. نسيم جنهن ڪمري ۾ اچي ويٺي اتي ٿوري دير کان پوءِ بہ پوڙهيون عورتون آيون شرما جي ماءُ ۽ نسيم جي ماسات. جن پنهنجا سور پٽڻ شروع ڪيا تہ سندن ان حالت جو ذميوار هن جو پٽ شاهنواز آهي. جنهن شرما کي پلاسٽڪ سرجري جي لاءِ ٻاهر اماڻي ڇڏيو آهي. نسيم بہ ان ڳالھ سان متفق هئي هن جو بہ اهو مڃڻ هو تہ جيڪر شاهنواز اها مداخلت نہ ڪري ها تہ هن جي ماسات جي حالت ايتري خراب نہ هجي ها. نسيم وري بہ انهن عورتن کان گهڻي بهتر حالت ۾ هئي. محبت کان سواءِ هن جي زندگي ۾ ان وقت بہ هر شي موجود هئي. هن جي آخري محبت جعفر هو جيڪو ڪوڙ وقت کان هن وٽ نہ آيو هو ان جي باري ۾ هن کي بعد ۾ خبر پئي تہ هُو الله کي پيارو ٿي ويو آهي.

جڏهن نسيم اتي ويٺي هئي تہ دلال هر هر ان ڪمري جا چڪر پيا لڳائين ۽ پريشان بہ هئا. ڇاڪاڻ نسيم جي ڪري انهن جي ڏنڌي ۾ رخنو ٿي پيو. جسم وڪڻڻ پاڪستان جي سرمائيدار طبقي جي زندگي

۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو پر ضياء جي اسلام رائج ڪرڻ واري عمل ان ڏنڌي کي تمام گھڻو نقصان ڏنو. هن جا ڪمانڊو ڪيترا ئي پيرا هتي چڙهائي ڪري ٽبي گلي بند ڪرائڻ لاءِ اچي چڪا هئا. ضياء ڪنهن به نظم ضبط واري سياست کي ماڻي نه سگهيو ته هن هڪ زبردستي وارو نظام اختيار ڪيو. جنهن ۾ ڪو به ماڻهو محفوظ نه هو.

////////

جڏهن شاهنواز ان ڪمري ۾ داخل ٿيو ته هوءَ پاسا ورائيندي پنهنجن خيالن ۾ وچايل پنهنجي هنڌ تي ويٺل هئي، ڏکي وقفي کان پوءِ هن ڪنڌ ڪڻي مٿي نهاريو. ڪمري جو دروازو گذريل چاليهه سالن کان ساڳي جاءِ تي ئي هو. گهر جو سامان به ڪنهن ڪم جو نه بچيو هو. پنهنجي پٽ کي ائين ايندي ڏسي هوءَ حيران ٿي وئي. نسيم هن کي غور سان پئي ڏٺو ۽ هُو سر نمايون ائين ئي بيٺو هو جيئن پنجن سالن جي ڄمار ۾ هوءَ هن کي موڪلائڻي محل مٿي ڏئي ڪيس ڇڏي هلي ويندي هئي. ان سموري عرصي ۾ شاهنواز کي سمورن رازن جي حقيقت معلوم ٿي وئي، جن بابت هُو نندپڻ ۾ ويچاري ويچاري پريشان ٿي ويندو هو ماءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ گھڻي وقت کان ڳالھ ٻولھ نه ٿي هئي، ٻئي پنهنجي زندگي ۾ رڌل هئا. شاهي پاڙي ۾ سڀ کان اهم شي زندگي جي بقا جي جنگ آهي، نسيم به شڪايتون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون هيون چاڪاڻ ڪيئن به هن وٽ دولت ته اچي پئي، پر جڏهن هن شاهنواز جي حالت ڏٺي ته هن کي لڳو ته زندگي پنهنجي ڊل وئي پئي.

ملڪ جون سياسي حالتون بهتر نه هيون، جنهن تي ٻين جيان نسيم به فڪرمند هئي. پوليس جي لاڳيتن ڇاپن کان پوءِ ڇوڪريون خوف ۾ ونجي ويون. ٽي هفتا پهرين به هتي پوليس آيل هئي، جن جي

هٽن ۾ ڏنيا هئا، جن انهن عورتن کي اهو چئي پڪڙيو ۽ پاڻ سان ڪٺي ويا تہ هو پنهنجي ڏاڪٽن تان ٻيهي مردن کي اشارا ڪن ٿيون ۽ مٿي ڪمري ۾ وٺي وڃن ٿيون. شاهنواز ان صورتحال جي عڪاسي ڪندي هڪ وڏي تصوير ٺاهي ۽ اهو سوچي ان کي هٽيڪو ڪري رکيائين تہ اهڙو وقت ايندو جڏهن هُو ماڻهن کي ملڪي تاريخ جي ان اونداهي دور جي ثبوت طور اها ڏيکاريندو. پوليس جي سختي سبب هيرامنڊي جي حالت اها ٿي وئي جو هاڻي گراهڪ ايندا هئا ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ هوٽلن ۾ وٺي هليا ويندا هئا، جتي هُو انهن کي زوري شراب پيئاريندا هئا ۽ پارٽي گيتن تي انهن کان ناچ ڪرائيندا هئا، سڄي رات ٽولن جي شڪل ۾ انهن سان زنا ڪندا هئا ۽ صبح جو انهن کي اهڙيءَ حالت ۾ ڇڏي ڏيندا هئا جو هنن وٽ ڪرائي جا پئسا مس هوندا هئا جنهن منجهان ڪرائي تي رڪشا ڪري اهي ڇوڪريون گهر پهچنديون هيون. ڊپ کان هُو درخواست بہ نہ پيون ڏئي سگهن، ڇاڪاڻ هنن کي چڱي طرح ڄاڻ هئي تہ جج الٽو انهن خلاف ئي حڪم جاري ڪري ڇڏيندو تہ هُو رات جو انهن ماڻهن سان ڇا ڪرڻ جي لاءِ هوٽل ويون هيون. مردن کي ان ڳالھ جي بهتر نموني خبر هئي ان لاءِ هيرامنڊي جي عورتن تي تشدد ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو ويو.

شاهنواز جي نظر ۾ ملڪ اڃا ورهاڱي جي ظلم ۽ ڏاڍ منجهان جان ڇڏائي نہ سگهيو آهي. جڏهن هو ڏهن سالن جو هو تہ هن ڏٺو تہ هزارين انسان هڪ ٻئي جو قتل پيا ڪن تہ جيئن هڪ انسان جي خواب جي تعبير ٿي سگهي. جناح جي خواب جي اها تعبير آڏو آئي تہ ملڪ جاهل ۽ غير مهذب ماڻهن جي هٿن ۾ اچي ويو جيڪي مسلسل ان سان کيڏندا آيا. شاهنواز هاڻي بادشاهي مسجد ۾ ٿيندڙ دعائن کان بہ ڊنل هو جتي هزارين ماڻهو دعا ڪندي نظر ايندا هئا تہ اي خدا هن ملڪ ۾

خلافت وارو دور آڻ ۾ شاهنواز جهڙن بدڪار ماڻهن کان هن ملڪ کي پاڪ ڪر. مذهبي انتهاپسندي هاڻي سڀ حدون اورانگهي وئي هئي.

شاهنواز پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان لاءِ وڌندڙ خطرن کان بہ سٺي طرح آگاهہ هو. هُو پنهنجن انهن مڙني خدشن بابت ماءُ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ گهري پيو پر پنهنجي پڇاڙيءَ ۾ نسيم بيمارن جيان بس پنهنجو پاڻ تائين محدود ٿي وئي. هن لاءِ صرف عائشہ اهم هئي جيڪا هن لاءِ دولت پئي ڪمائي. باقي ٻين ماڻهن سان هن کي ڪو واسطو نہ هو ٿنا جو پنجون ٻار بہ دنيا ۾ اچي ويو. نسيم کي پنهنجي پٽ جي ڌِٽ تي ڪاوڙ هئي تہ هن ٻين ڇوڪرين کي ڏنڌيءَ ۾ اچڻ نہ ڏنو. هيرامنڊيءَ جي پئي ڪنهن خاندان ۾ پنجن ڇوڪرين جو هجڻ مطلب هو تہ اهي ڪروڙپتي آهن. هُو پنهنجي ان بيوقوف پٽ تي ڪاوڙيل هئي جنهن کي پنهنجين تصويرن ۽ پنهنجي ترقي پسند خيالن کان سواءِ ٻيو ڪجھ نظر ئي نہ ٿي آيو. هو ان ڳالهہ تي بہ خفا هئي تہ هن جي ڪري هن جي ماسات تبي گلي ۾ اذيت واري زندگي پئي گذاري، هڪ اهڙي ڇوڪري لاءِ جنهن جو معاندو هاڻي وري واپس نہ ورندو. ڪنهن ٻي عورت جي زندگي برباد ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، پنهنجي پٽ کي آڏو سر نمايون ڏسي نسيم اهو موقعو ضايع نہ ڪيو. چاڪاڻ هن کي احساس هُو تہ هو مجبور آهي، ان لاءِ اچ هتي آيو آهي. ان ڏينهن جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي سا ٻنهين جي وچ ۾ آخري ڪچهري هئي.

12

1981ع جي هڪ صبح جو شاهنواز دي نيشن ۾ شايع ٿيل اها خبر پڙهي ته برطانوي وزيراعظم پشاور ۾ مهاجر ڪيمپ جو دورو ڪيو آهي، ان دوري دوران 'آئرن ليڊي ضياءالحق کي آزادي دنيا جو آخري قلعو قرار ڏنو'. شاهنواز اها خبر پڙهي پانيولجي ويو اهڙي آمر ڪاڻ اهي لفظ ڪيڏا بي مزي ٿا لڳن، جنهن جي آمريت گذريل چار سالن کان پاڪستانين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. افغان جنگ منجهان پاڪستان کي ڪو فائدو نه مليو ۽ ملڪ آمريڪا جو رانديڪو بڻجي ويو. فوجي حڪمرانن کي اهو سمجھ ۾ نه ٿي آيو ته جيڪو بندوقن جو ڪلچر آمريڪا هتي رائج ڪري پيو ان جو ڇا ٿيندو ۽ ان هيروئن واري مسئلي کي ڪيئن منهن ڏبو جيڪا افغانستان منجهان پئي آئي ۽ جنهن پاڪستان کي هيروئن جي وڪري لاءِ ڳاٽيتي ۾ پهرين عدد تي آڻي ڇڏيو هو. ٻئي پاسي مومنن جو مخصوص طبقو ڪروڙين ڊالر پنهنجي خزاني ۾ پيو جمع ڪري ۽ ضياء جي حڪومت به ان منجهان پنهنجو حصو حاصل ڪري پئي.

روز ڪا نه ڪا خراب خبر پاڪستانين جو انتظار پئي ڪندي

هئي.

انهن ڏينهن ۾ اخبارن جون مرڪزي سرخيون واڪا ڪنديون، ملڪ جي حالتن جي خبر پيون ڏين،

"ڪراچي ۾ سنين ۽ شيعن جي وچ ۾ رتوڇاڻ ۽ قتل عام."

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ضياء حڪومت فرقه واريت جي نفرت کي وڌيڪ وڌايو هڪڙي خبر ڪجهه هن ريت هئي؛

"50 هزار صوفين، جن جو تعلق سنڌ سان آهي، نيشنل هاء وي کي ڪيترن ئي ڏينهن لاءِ بند ڪري ڇڏيو آهي."

انسانيت پسند ۽ جمهوريت پسند ماڻهن ان قسم جي اسلام کي رد ڪري ڇڏيو حدود جو حڪم نامو عورتن لاءِ ايذائيندڙ ثابت ٿيو. ايران ۾ خميني جي طاقت ۾ اچا وڌيڪ واڌارو ٿي ويو ضياء بدنام زمانه حدود جي حڪم نامي کي نافذ ڪري عورتن کي مصيبت جي منهن ۾ وجهي ڇڏيو زنا ۽ جبري زنا جي سموري ذميواري ان قانون تحت عورت تي وڌي وئي. انهن مڙني حقيقتن جي باوجود ريگن انتظاميه ضياء جو ڀرپور ساٿ ڏنو جيڪا سعودي عرب جي بنياد پرست حڪومت جي اتحادي هئي ۽ جماعت اسلامي جي سرپرست حڪومت هئي. اسلام رائج ڪرڻ واري ان خوفناڪ منصوبي شيعن، هندن ۽ ٻين اقليتن تي تمام خراب اثر ڇڏيو.

ورهاڱي جي وقت وارو پاڪستان پوءِ به ڪجهه آزاد خيال هو پر هي اهو دور هو جڏهن مذهبي انتهاپسندي عروج تي هئي. شاهنواز کي اڄ به ان وقت جي هڪ اخبار جو پهريون پنو ياد آهي، جنهن ۾ قائد اعظم عورت رانديگرياڻين کي انعام ڏئي ٿو ۽ عورتون ننڍا سوڙها ڪپڙا پهريل هيون. شراب خانن جي سبب جيڪي ان وقت مال روڊ تي موجود هئا، لاهور اوپر جو پٿرس سڏيو ويندو هو. ايندڙ ڪجهه سالن

۾ لاهور جي ان ترقي پسند روايت تي زوال جا ڪڪر گهيرو ڪري ويا. ضياء جي آمري دور برداشت واري ان روايت جي قلعي کي چڪنا چور ڪري ڇڏيو. شاهنواز جي نظر ۾ ضياء جي دور جو نسل منافقت ۾ اول درجي جو هو جيڪو پنهنجن عجيب و غريب عقيدن کي موجود وقت جي حالتن سان پيٽي ماٽ تي ويندو هئو ايندڙ سالن ۾ رشوت خوري جي بازار گرم ٿي وئي جنهن رياست جا بنياد لوڏي ڇڏيا.



شاهنواز پنهنجي ڪارگاهہ ۾ ويگاٽو ۽ سوچ ۾ ٻڏل پنهنجي جوڙيل تصويرن ڏانهن نهاري پيو. هاڻي صرف هٿن تي ڳڻڻ جيترين فن پارن جي نمائش جون عمارتون رهيل هيون، جتي شاهنواز جون تصويرون نمائش لاءِ پيش پئي ٿيون، باقي هڙني فن پارن جي نمائش وارين جاين جا مالڪ شاهنواز تان فسادن جي خوف کان هٿ کڻي ويا. هاڻي ان ڪمري ۾ ڍڳ تصويرون پيل هيون، هاڻي ڪمري ۾ ڪا جاءِ ئي نہ هئي جو وڌيڪ ڪم ڪري سگهجي. هن فيصلو ڪيو تہ هُو گهر جو بلڪل هيٺيون طبقو خالي ڪندو. گهر جا ٻہ ڪمرا جيڪي تمام ڪشاده هئا، اهي بيڪار شين کي جمع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا، جن ۾ پراڻو گهر جو سامان، ڪاٺ، ڪباڙو، ڦاٽل پراڻا ڪپڙا ۽ پڳل ٽٽل رانديڪا رکيل هوندا هئا. اهو سمورو سامان کڻي شاهنواز ٻاهر ڦٽو ڪيو جنهن کي ماٺهو گڏهہ گاڏن تي کڻي هليا ويا، انهن ڪمرن کي صاف ڪري کين مغل فن ڪاريگري ۽ ٻين فن جي نمونن سان سينگاريو ويو جيتوڻيڪ انهن شاهڪارن جي حالت تمام ابتر هئي. انهن ڪمرن جو ڇت عاليشان سرن سان جوڙيل هو پر ان جي حالت بہ هاڻي خراب ٿي وئي هئي. شاهنواز طارق نالي هڪ عيسائي

کي پئسا ڏنا. جيڪو پنگي هو تہ جيئن هُو انهن ڪمري کي صاف ڪري.

شاهي پاڙي ۾ جيڪي عيسائي خاندان آباد هئا، انهن جي حالت مسلمانن کان بہ پلتي هئي. طارق هڪ پنگي، جيڪو هڪ ڪمري واري گهر ۾ ستن پاتين سان گڏ رهندو آهي. ان هڪ ڪمري واري گهر ۾ طارق سان گڏ سندس پوڙها ماءُ پيءُ، زال ۽ ٻار رهندا آهن. طارق کي پنهنجي زال سان همبستري ڪرڻ لاءِ پنج منٽ بہ ڏکيائي سان ملندا آهن. جيڪي هُورات جو ٻارن جي سمهڻ کان پوءِ ڪيئندا آهن يا وري هُورات جي گهگهه اونده ۾ آڳر جي ڪنهن اونداهي ڪنڊ ۾ جانورن جيان بيٺي بيٺي ئي سنجوڳ ڪندا آهن. شاهنواز کي جڏهن بہ ڪو ڪم هوندو هو تہ هو غريب طارق کي سڏائي وٺندو هو جيڪو پنهنجي گهر جو اڪيلو پالينڌڙ هو. انهيءَ آمدني منجهان هُو ان ڪُڏ جهڙي گهر جي مسواڙ بہ ڏيندو هو جنهن کي هو گهر سڏيندا هئا. جنهن ويل طارق گهر جي صفائي تي ڪئي تہ شاهنواز پراڻي شهر جي ڏيري تي ويو تہ جيئن پراڻا مغل طرز جا دروازا ۽ ٻيون شيون ڪباڙي جي دڪان تان خريد ڪري گهر جون خالي پيپل جايون پري سگهي. ڪن گهٽين ۾ اهڙا بہ گهر هئا، جتي اهڙي قسم جون شيون گند ڪچري جيان بيڪار ٿيو پيون هيون، جن بابت پراڻي لاهور وارن کي ڪو قدر ئي نہ هو پنهنجي وراثت متعلق سڀ ماڻهو آصف صديقي جيان سنجيده نہ هئا.

ڪجھ هفتن اندر ڪمرن جي حالت متجي وئي ۽ سجاٽپ کان ٻاهر تي ويا. تازي رنگ ٿيل پٽين تي شاهواز پنهنجون تصويرون ٽنگي ڇڏيون، هاڻي اهي وڏا ڪمرا ڪنهن فن پارن جي نمائش واري ڪمري جو منظر پيا پيش ڪن. هندن جي ديوتائن جا مجسما،

جيڪي شاهنواز کي گند ڪچري منجهان مليا هئا. انهن سان گڏ شاهنواز جون تصويرن الڳ ئي ماحول پيون جوڙن. ڪمري ۾ خالي پيل جاءِ تي شاهنواز ايندڙ مهمانن ۽ فن سان چاهه رکندڙن لاءِ ميزون ۽ ڪرسيون رکيون. تصور جي اکين سان هُو اهي منظر ڏسي پيو جڏهن هن جا مهمان ايندا ۽ اتي ويهي فن تي ڳالهه ٻولهه ڪندا. اوپر جي هڪڙي روايت اها به آهي ته هتي مهمانن جي خاطرداري جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، ان لاءِ شاهنواز به هڪ ڪنڊ ۾ چانهن پچائڻ واري چلهي جو بندوبست ڪيو جنهن تي ڪائڻ پيئڻ جون شيون تيار ٿي سگهن. ان ڪنڊ جو انتظام سنڀالڻ لاءِ شاهنواز طارق کي چونڊيو ته جيئن ان کي بخشش وغيره جي صورت ۾ ڪجهه وڌيڪ آمدني به ٿي وڃي.

پنهنجي گهر جي آڏو شاهنواز هڪ تختي ٽنگي ڇڏي، جنهن تي هن لکيو 'ڪونڊا' جيڪو هن جي تازي ٺاهيل تصوير جو عنوان هو. اها تصوير سائي اسلامي رنگ ۾ ٻڌل هئي، اهو لفظ شيعن جي رسمن جي علامت هو جيڪي شيعا مسلڪ جا ماٿهو مذهبي تقريبن جي دوران استعمال ڪندا هئا. هي گهر سڪون، امن ۽ سلامتي جي انهن خوابن کي پيهر جيئاري پيو جيڪي شاهنواز ڏٺا هئا. حالانڪ اهو سڪون، امن ۽ سلامتي هن کي ڪڏهن نصيب نه ٿيو هو.

ثنا کي سدائين شاهنواز جي تصويرن منجهان بيزاري هوندي هئي، ان لاءِ مٿئين طبقي ۾ هن هڪ به تصوير لڳائڻ نه ڏني، جتي هوءَ پنهنجي ٻارن سان حياتي جا ڏينهن پئي پورا ڪري. مٿئين منزل تي موجود ڪمري جي حالت اڄ به زبون هئي، جتي سڄو ڏينهن پئي ٿي وڃي هلندي هئي.

شروعات ۾ اتي سياحن جو اچڻ تمام گهٽ هو ۽ جيڪي ڪجهه

ايندا ۽ هئا سي ائين ڏجي پڇي ويندا هئا. ڇڻ انهن اتي ڪو شيطان ڏسي ورتو هجي. پر هوريان هوريان ڏکيائين کي منهن ڏيندڙ روح ان طلسمي چنبي ۾ اچڻ لڳا. جيڪو شاهنواز جي گهر ۾ لڳل فن پارن تخليق ڪيو هو. ڪمري ۾ پکڙيل پيلي روشني واربون بتيون پٽين تي عجيب اثر پيدا پيون ڇڏين ۽ انهي ماحول ۾ رومانيت وري اهي پردا پيدا پيا ڪن. جيڪي آس پاس جي گهرن جي درين تي ٽنگيل هئا جن منجهان سهٽيون اکيون مسلسل ايندڙ مهمانن کي پردي جي اوٽ منجهان ڏسنديون رهنديون هيون. سياحن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. جڏهن اهي ڪمرا پرجي ويندا هئا. تڏهن شاهنواز اندر ايندو هو. اهو منظر هن جي دل وٽان هوندو هو گرم ڪمرن ۾ هوا جي لاءِ صرف هڪ پکو هو جيڪو پيو هلندو هو. هُو ڪمري ۾ ٿيندڙ بحث ڪنن سان ٻڌندو هو ۽ هن جون ديدون اتي موجود ماڻهن جي شخصيتن جو مطالعو ڪرڻ لڳنديون هيون. هن جا مهمان سٺن گهرن جا مهذب ماڻهو هوندا هئا. نوجوانن جو گهڻو تعداد هوندو هو يا وري انهن پڙهيل لکيل عورتن جو جيڪي پنهنجن گهر وارن سان گڏ اتي ايند يون هيون. هر جمعي تي بادشاهي مسجد کي ڏسڻ لاءِ آيل خاندانن جو به اتي ميڙ هوندو هو جيڪي شاهنواز جي فن پارن کي ڏسڻ لاءِ هيڏانهن جو رخ ڪندا هئا. هنن جي آڏو ناقص عقيدن جون گهري معني واريون ڪهاڻيون ٽنگيل هونديون هيون. جن کي هُو پنهنجن پارن سان گڏ تحمل سان ڏسندا رهندا هئا.

جلد ئي ڪونڊا انهن بهترين ماڻهن جي پسنديده چانهن پيئڻ جي جاءِ بڻجي وئي. جن کي فن سان محبت هئي. پر اها جاءِ ملن جي اک ۾ ڪنڊي جيان چڀڻ لڳي. جيڪي ضياء جي اسلام رائج ڪرڻ واري ڳالهه جا حامي هئا. انهن مومنن فتوائون جاري ڪرڻ شروع

ڪري ڏنيون.

شاهنواز لاءِ اها خطري جي علامت هئي، ملن شاهنواز کي ملحد ۽ بي دين مصور ڪوٺڻ شروع ڪري ڇڏيو. سڀ کان پهرين ملن ان تختي کي پيچي ڇڏيو جنهن تي 'ڪونڊا' لکيل هو پٺي ڏينهن پن ڏاڙهين وارن شاهنواز کي ان جي گهر جي دروازي آڏو بيهاريو انهن جي اکين ۾ باهه پئي ٻري. شاهنواز ته ڄڻ اکيون ڇنيڻ به ڀلجي ويو. انهن جي ڌمڪي بلڪل صاف هئي. انهن هن کي اهو 'ڪچرخانو' بند ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو. شاهنواز انهن کي ڪو به جواب نه ڏنو ۽ پنهنجي فن پارن واري جاءِ ڏانهن هليو ويو. هن اهو ارادو ڪري ڇڏيو ته هُو ڪڏهن به انهن مذهبي شدت پسندن آڏو آڙ نه ميڙيندو. هن پنهنجي فن پارن جي جاءَ جي آڏو پهريان کان وڏي تختي دروازي تي لڳائي ڇڏي، پر ان کان پوءِ جيڪو ڪجھ ٿيو ان هر شي کي ناس ڪري ڇڏيو. شدت پسندن ان سموري جاءِ کي باهه ڏئي ڇڏي.

////////

آمريت جي انهن مڙني سالن ۾ پي پي پي اها واحد سياسي جماعت هئي، جيڪا اڪثر پاڪستاني کي آزادي ڏيارڻ لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪندي آئي. ذوالفقار علي ڀٽي جي ڌي برطانيه ۾ پنهنجي جلاوطني پوري ڪري واپس وري آئي. هن اچڻ سان پنهنجي پيءُ جي سياسي جماعت جي واڳ پنهنجي هٿن ۾ ورتي ۽ پاڪستاني عوام جو آواز بڻجي وئي. 19 اپريل 1986ع ڌاري محترمه بينظير ڀٽو لاهور پهتي، لاهور جي هر گهٽي ۾ ماڻهو چرين جيان جهومندي ۽ نچندي نظر تي آيا. ان ڏينهن سيني لاءِ ڪاٺڻ پيئڻ به مفت هو سيني گهرن جي ڪتهڙن ۽ ٿنين تي پي پي پي جا جهنڊا تي لڏيا. صورتحال اها هئي

جو بنياد پرست جماعت ۽ جماعت اسلامي جا ڪارڪن به ان ڏينهن پنهنجن دڪان تي پي پي پي جا جهنڊا ۽ محترمه بينظير ڀٽو ۽ ذوالفقار ڀٽو جون تصويرون پيا وڪڻن. انهن ماڻهن پنهنجن اعليٰ معيارن ۽ نظرين کي موقعو جو فائدو وٺڻ لاءِ رد ڪري ڇڏيو. پوري شهر ۾ ماڻهن جا هجوم هئا. ماڻهن کان ڀٽي جي ناڪامي وسري وئي هئي.

ڀٽي جي نالي ۾ ايتري ته طاقت هئي جو ان ماڻهن کي سڀ ڪجهه وسارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ان ڏينهن لاهور جا شاگر سوزوڪي، ٽرڪ ۽ ڪارن تي سوار ٿي اهي نعرا پيا هڻن،

"اڄ ته ٿي وئي، ڀٽو ڀٽو."

اونداهين، خوف ۽ دهشت تي انهن طويل سالن کان پوءِ اهو ڀٽريون پيرو هو جو ماڻهن جي مک تي حقيقي گرم جوشي ڏسڻ ۾ آئي. ان رات شايد ڪو به لاهوري نه ستو هوندو. دانهون، ترانا ۽ دعائون هر پاسي ڏانهن ٻڌڻ ۾ ٿي آيون. هڪڙو پوڙهو شخص جيڪو شاهنواز سان گڏ پئي هليو ان جي اکين ۾ نير هئا ان سان گڏ هڪ پوڙهي عورت هئي جيڪا ڪنهن ويل مرڪي پئي ته ڪنهن ويل ان جي اکين ۾ ڳوڙها ٿي تري آيا. شاهنواز جي حالت به انهن پوڙهي ماڻهن کان ڪا گهٽي مختلف نه هئي. هي اهو نسل آهي جيڪو آزادي کان پوءِ خوابن کي پورا پورا ٿيندي ڏسندو آيو هو ماڻهن جو هڪ سمنڊ جيڪو جذبن سان ڀرپور هو. شاهنواز جو ان ميڙ ۾ ساهه پيو ٻوساٽجي پر انهي ويل تازي هوا سندس ساهه کي توانو ٿي ڪري ڇڏيو. ڀٽي جي موت جو انسوس ڪرڻ جي اجازت نه ملي هئي، ان لاءِ اڄ جي جلسي ۽ جلوسن ۾ ماڻهو اهو سوڳ به ملهائن پيا. ڏک جي ان احسان کي ختم پيا ڪن جيڪو سندن اندر ۾ رهجي ويو هو ۽ بينظير جي اچڻ جي خوشي به ملهائن پيا.

محترمہ بينظير ڀٽو جو اچڻ ماڻهن لاءِ اميد جو نئون سوجهرو کڻي آيو هو. انهن کي ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ الله ۽ ان جي رسول هنن جي ڀڙدي ورتي آهي. جنهن هوائي اڏي تي بينظير ڀٽو جو جهاز لٿو ان جي چوڌاري انتظاميہ ڪنڊن واريون تارون ۽ رنڊڪون وڇائي ڇڏيون هيون. خوشي سان گڏوگڏ ماڻهن جي دلين تي ڪو وجد طاري هو ڏهہ لک ماڻهن جو ميڙ هو ماڻهو جيڪي رستن، لائيٽ جي ٿنڀن ۽ وڻن تي چڙهيل هئا.

10 اپريل صبح جو بينظير جي قافلي کي ان مختصر فاصلي کي پوري ڪرڻ لاءِ 10 ڪلاڪ لڳي ويا جيڪو هوائي اڏي کان شهر جي مرڪز تائين هو. هوائي اڏي تي لڳ ڀڳ ڏهہ لک جي ماڻهو جمع ٿي ويا، هوا ۾ لکين ڦوڪڻا اڏايا ويا، بينظير جي گاڏي گلن سان ڍڪجي وئي، اها 35 سالن جي نوجوان عورت جنهن جو نالو بينظير هو پاڪستانين لاءِ ڄڻ ڪا راڻي هئي... سنڌ جي راڻي... اڇو ويس پهريل اها عورت پاڪستان وارن لاءِ اميد هئي. هوريان هلندڙ گاڏي ۾ بيٺل بينظير وڏي جوش واري انداز ۾ مرڪي پئي ۽ سهڻي نموني هٿ لوڏائي ان محبت جو جواب پئي ڏنائين، جيڪا محبت پاڪستان جا رهواسي هن کي ارپڻ پيا. ان ڏينهن لاهور ۾ سائي، ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ جو راڄ هو جيڪي پي پي پي جي جهنڊي جا رنگ هئا. ڍڳن ۽ گڏهن تي بہ اهو رنگ ڪيو ويو هو. ماڻهن جو ميڙ هوريان هوريان جنوني ٿيندو ٿي ويو انهن کان ڄڻ اها خوشي برداشت نہ پئي ٿي.

بادشاهي مسجد جي آڏو، اقبال پارڪ ۾ بينظير ان جلسي کي خطاب ڪيو جنهن جي سامهون شاهي قلعو هو جتي ضياء جي ماڻهن ڪيترن ئي سياسي قيدين کي ڪيترن ئي سالن تائين اذيتون رسايون، پنهنجي پيءُ جيان بينظير بہ ان ڏينهن ماڻهن جي سامهون اهو

وچن ڪيو تہ پاڪستانين جي حقن جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي قرباني ڏيڻ کان پوئتي نہ هٽندي، ماڻهو ”ضياء مرده باد“ جا نعرا پيا لڳائن.

15 اپريل تي جيڪا ضياء جي توهين ٿي، ان جو بدلو ڪجهہ عرصو گذرڻ بعد حڪومت ورتو... 14 آگسٽ آزادي جي ڏينهن تي آرمي، پي پي پي حمايتن تي، جيڪي جلوس پيا ڪڍن، بندوقن جا منهن کولي ڇڏيا. ڪوڙ سارا ماڻهو مري ويا ۽ هزارين ماڻهو زخمي ٿيا. ان ڏينهن شاهنواز جي عمر 49 سال ٿي هئي، پر جيڪو ظلم هن جي ڌرتي واسين سان ٿئي پيو ان ڳالهہ هن کان وساري ڇڏيو تہ اڄ ڪو هن جو جنم ڏينهن آهي.

13

نارنگي رنگ جي ٿڌي روشنيءَ ۾ ثريا جو پٽ ستل هو هن جي ڏي ڪاٺ واري دروازي جي پر ۾ ويٺي رانديڪن سان کيڏي پئي، ٽي وي هلي پئي، ٽي وي تي هلندڙ ڊرامي ۾ هڪ بد شڪلي اداڪاره جنهن جي منهن تي ميڪ اپ ٿڦيل هو نظر ٿي آئي، ان بيڪار ميڪ اپ سان گڏوگڏ سندس اکين منجهان وهندڙ ڳوڙها ڏاڍا مصنوعي ٿي لڳا، سستي مغربي منظرڪشي ڏيکاريندڙ عورت اداڪاره جو انداز ڪنهن ڪارٽون جهڙو ٿي لڳو پردي تي ٻن عاشقن جو جهيڙو ٿي هليو ڪمري ۾ ٻه ٽي وي جو منظر ئي ورجائجي پيو. ڪرسين تي ويٺل شاهنواز ۽ ثريا جي وچ ۾ ٻه جملن جي ڏي وٺ پئي ٿي، حقيقت ۽ افسانو گڏگڏ پئي هليا، ٽي وي ۾ ٻه نقلي محبوبه نقلي ڳوڙها ڳاڙي روئي پئي پر ثريا جو روئڻ نقلي نه هو هن جي سڏڪن سان هن جو ٿلهو جسم ٿڙڪي پيو ثريا جو ٿلهو گوشت سان ڀريل جسم ڳاڙهي سلوار قميص ۾ ويڙهيل هو. شاهنواز جڏهن هن کي چيو ته هوءَ ڀيهر چست ٿي سگهي ٿي ته شاهنواز جي ان ڳڪ تي هوءَ مرڪي هن جي اکين ۾ ثريا کي تسلي جا احساس نظر آيا، هن ثريا جو هٿ جهليو ته ثريا هن کي ٿڦ هڻڻ نه ٿي چاهي، ان

عورت جي اکين ۾ هاڻي نرمي بلڪ ڪنهن حد تائين پيار ٿي نظر آيو هو ڪيڏانهن وڃڻ وارو آهي، هن واعدو ڪيو ته هو ٻن ڏينهن کان پوءِ واپس ايندو ۽ پوءِ پوري رات هن سان گڏ ٽڪندو.

ثريا هن جي واعدي تي اعتبار ڪندي ڪيس وڃڻ جي اجازت ڏني. هن جي اکين ۾ پاڻوهه ۽ فڪر ٻئي صاف ظاهر هئا. ڪليل دروازي منجهان شاهنواز هن جي ماءُ ڏانهن ڏٺو جنهن جا پير هاڻي قبر ۾ هئا. هوءَ پنهنجي هنڌ تي اکيون ٻوٽي پيل هئي، هيٺين طبقي تي ٻارن وڻي رات جي ماني تي ڪاڏي.

هن جي گهرين ساين اکين شاهنواز کي ائين ڏٺو جيئن سمنڊ ۾ ڪا لهر اٿندي هجي، جيڪا سڀ ڪجھ لوڙهي وڃڻ لاءِ تيار هجي. شاهنواز کي لڳو ٿي ته ڪٿي هُو انهن اکين جي تپش جي ڪري ميڻ نه ٿي وڃي. هن جي ذهن ۾ الڳ ئي طوفان متل هو. سندس جسم ۾ الڳ ئي ترٿلو پئي پيدا ٿيو هن جي هٿ مان برش ڪريو ٿي، هن جي نڙي سڪي وئي، ڪيس ائين ٿي لڳو ڄڻ هن ۾ ساهه ئي نه هجي، ان حور جهڙي مخلوق آڏو پنهنجو پاڻ کي ڪمتر پيو سمجهي.

هي اهو وقت هو جڏهن شاهنواز کي هيرامنڊي جي ان ناچڻي ۽ جسم فروش وڏي عمر جي عورت تي شدت سان پيار ٿي آيو جانورن جهڙي جماع جي صلاحيت رکندڙ ان عورت جي زندگي ۾ شايد شاهنواز آخري مرد هو.

ننڍي عمر ۾ ئي ثريا پنهنجي حسن ۽ جنسي خواهش سان ڪنهن مغلن جي ديويءَ جيان رقص ڪرڻ شروع ڪيو هو. هُوءَ 12 سالن جي هئي جڏهن سندس نٿ لاهڻ واري رسم ٿي هئي. هن جو پهريون گراڪ هڪڙو عرب جو شهزادو هو جنهن ان خالي ٿاريءَ کي گل ٻڌائڻ جي ڳري رقم ادا ڪئي، هن جون يادون، فحش يادون اڄ به

ثريا جي ذهن ۾ تازيون هيون. ان عرب جي شهزادي هن منجهان وڏ کان وڏ حظ ماڻڻ لاءِ هن کي نشي واريون دوائون کارايون هيون. پنهنجي حسن جي آڏار تي هُوءَ ترت ئي مشهور ترين ناچڻي بڻجي وئي، اڻ مئي دولت، تماشاين جي محبت ۽ ڏيان جيڪو ثريا کي نصيب ٿيو ان جي ڪري هن کي پنهنجي پيشي سان محبت ٿي وئي، پر شراب ۽ نشي وارين دوائن جي مسلسل استعمال واري خبر جڏهن سندس گهر وارن کي پئي، تن ڳري رقم عيوض هڪ پاڪستاني امير ماڻهو سان هن جي شادي ڪرائي ڇڏي، جيتوڻيڪ شاهي پاڙي ۾ شادي ٿيندي نه آهي پر جيڪڏهن ڳچ رقم پرڻ وارو ڪو ملي وڃي ته ان کي اجازت ملي ويندي آهي.

ان مڙس منجهان هن کي چار ٻار ٿيا، بعد ۾ هو کيس دبئي وٺي ويو ۽ هن کي صفا مٽائي هڪ گهريلو عورت، عام ماءُ ۽ زال بڻائي ڇڏيائين... هُوءَ بلڪل شريف بڻجي وئي ۽ ان ڪري مڙس لاءِ ڪک ڪنڊڙ ٿي پئي. هن جو مڙس هاڻي ڪائنس پري رهڻ لڳو ۽ ٻين عورتن ۾ پناهه ڳولڻ لڳو. هن کي ساڙڻ ۽ سبق سيکارڻ لاءِ ثريا به ٻئي مرد سان واسطا رکڻ جو عهد ڪري ورتو. بغير اهو سوچڻ جي ته ان سان هُوءَ مڙس جي دل ۾ نفرت جي طوفان کي اڀاري وجهندي، سندس مڙس مرداڻي غيرت ڏيکاريندي هن کي صرف طلاق ئي نه ڏني پر کيس پوليس جي حوالي به ڪيو. هڪ اسلامي ملڪ ۾ ان قسم جي عمل جي سزا، موت جي سزا کان سواءِ ڇا ٿي ٿي سگهي ۽ هن کي پنهنجين ٻن ڌيئرن سان گڏ جيل اماڻيو ويو. پنهنجي هڪ دوست جي معرفت جنهن پوليس وارن کي خاصي تعداد ۾ رشوت ڏني هئي، هُوءَ اتان کان بچي نڪري آئي، ان کان پوءِ سندس مڙس کي به هن تي رحم اچي ويو جنهن هن کي ڌيئرن سان گڏ لاهور موڪلي ڇڏيو پر ڇوڪرن

کي گڏ اماڻڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو ان جي ڪري هن پنهنجن پٽن کي ٻيهر ڪڏهن نہ ڏٺو.

جڏهن هوءَ شاهي پاڙي ۾ واپس پهتي تہ سندس جسم ۾ اها ڪشش ۽ چڪ باقي نہ هئي جو هوءَ هڪ رقاصا طور پنهنجو مستقبل ٻيهر شروع ڪري سگهي پر وري بہ هن وٽ اهو نوراني حسن موجود هو جنهن جي آڌار تي هوءَ جسم فروشي ڪري پنهنجو گذر سفر ڪري سگهي پئي، انهيءَ دوران سندس ملاقات لاهور جي هڪ امير واپاري سان ٿي، ملاقات محبت ۾ متجي ۽ ٻنهين جي شادي ٿي وئي پر اها شادي بہ گهڻا ڏينهن نہ هلي سگهي، نيٺ هن کي ٻيهر شاهي پاڙي ڏانهن ورڻو پئجي ويو.

انهن حادثن جون پر سوز يادون هن کي ڏنيڻ لڳيون، جنهن کان بچڻ لاءِ هن نشي، شراب ۽ هيروئن ۾ پناهہ ورتي، پوءِ هيرامنڊي جي ئي هڪ مرد سان هن جي شادي ٿي وئي، جنهن منجهان هن کي پنج ٻار ٿيا پر اياڳ اتي بہ هن جو تعاقب نہ ڇڏيو. هن جي ساڙولي مڙس هن کي مارڻ ڪٽڻ ۽ جوتا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا، هُوءَ سڄو ڏينهن پنهنجن ٻارن کي مڙس کان بچائڻ ۾ گذاري ڇڏيندي هئي، ڇاڪاڻ سندس مڙس چتاءُ ڏئي ڇڏيو هو تہ هُو ٻارن کي وٺي هليو ويندو. هن کي ان غلطيءَ جي پوري پوري سزا ملي تہ هيرامنڊي جي ڪنهن بہ مرد سان محبت نہ ڪرڻ گهُرجي. ڇاڪاڻ ان صورت ۾ ڏنڊي کي تمام گهڻو ڏڪ لڳندو آهي.

ڪوڙ سارين شادين، محبتن ۽ پيار لهڻ هن کي بي جان بڻائي ڇڏيو هو. هاڻي هن جي جسم جي گهرجائو گراڪن جي تعداد ۾ گهٽتائي اچي وئي هئي.

ثريا فيصلو ڪيو تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ هوءَ ڪو نہ ڪو

قدم کڻي. هڪ اخبار ۾ هن ان مصور جون ڪجھ تصويرون ڏٺيون جنهن جو وڏو نالو هو پر ان سان ڪڏهن ملاقات نہ ٿي هيس. هن جي بہ خواهش هئي تہ هوءَ بہ ڪڏهن هن جي تصوير جو حصو ٿئي ۽ هن جي تصوير جي بہ ڪٿي نمائش ٿئي. نيٺ هوءَ شاهنواز جي ڪارگاهہ تي پهتي، جتي برش ۽ ڪينواس سان گڏ موجود مصور ڪي ڏسي سندس من اندر موجود ماڻار پاسو ورائي جاڳي پئي. ثريا شاهنواز جي گهر کان صرف هڪ ڪلاڪ جي مفاصلي تي پنهنجن ٻارن سان گڏ رهندي هئي. پهرين ملاقات ۾ هوءَ ان ڳالھ تي حيران ٿي تہ شاهنواز هن منجهان ڪيڏو نہ متاثر ٿيو ۽ پوءِ مصور جي اکين ۾ هن جي خواهش جون لهرون ايتري تہ تيزي سان اڀرڻ لڳيون جو هن جي زندگي ۾ موجود رات جا اهي پردا هٽندا ويا، ڪاوڙ ۽ لاچاري جي ڏکي راتين کان پوءِ ان صبح جو جڏهن هوءَ اٿي تہ ڪنهن گل جيان ٽڙي لڳي، جنهن کي ماڪ ڦڙا سڄي رات غسل ڏيندا رهيا هجن.

ليلا کان پوءِ ثريا اهڙي عورت هئي، جنهن شاهنواز جي اندر جي عميق ۾ موجود تارن کي ڇهي ورتو هو ڪارگاهہ کان پوءِ ٻئي ان ڪمري ۾ هليا ويا جتي ٻار ٽي وي جي آڏو ويٺي ڪيڏڻ پيا. ٻارن جي دانهن ڪوڪن، روئڻ ۽ ضد ڪرڻ جي باوجود ثريا انهن کي ڪمري منجهان ڪڍي ٻئي ڪمري ۾ واڙي ڇڏيو ان کان پوءِ شاهنواز ۽ هوءَ ٻئي ڪمري ۾ ويا ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائون، جتي هو وسڪي جي گلاسن ۽ مٿين ساڻ پنهنجن سُتل جذبن کي بيدار ڪرڻ لڳا. ثريا پنهنجي ذات ۾ وڏي مقناطيست واري شخصيت هئي، هوءَ هڪ اهڙي عورت هئي جنهن کي مردن سان کيڏڻ جو ڏانءُ هو جيڪي مردن کي حقيقي سرور ڏيڻ واري صلاحيت سان گڏ پيدا ٿينديون آهن. ثريا پڪو هلايو هن جو هٿ هڪ ننڍي هٿ واري ٿيلهي ۾ سڪ پيل هو

ڇڻ ان ۾ ڪو خزانو هجي. هن پلنگ جي هيٺان هڪ ٽيپ ڪيئي ۽ گانن جي ڪيسٽ هلايائين. شاهنواز پلنگ تي سنئون ٿي سمهي پيو. هن جي اندر ۾ ڪافي عرصي کان پوءِ شهوت سان ڀريل جذبا اٿلڻ پيا جڏهن موسيقي جو آواز گونجيو تہ ثريا جا هٿ ائين تڙپي ويا ڇڻ ڪو پکي اڏڻ جي تياري ڪندو هجي. هوءَ پنهنجي شڪار تي ڪنهن باز وانگر جهٽپ هڻڻ لاءِ تيار هئي. پکي جو آواز ۽ موسيقي جو آواز شاهنواز جي بي قرار روح کي بيدار پيو ڪري.

ثريا پنهنجي پوري طاقت سان شاهنواز تي چڙهي وئي، هير امنڊي جي ٻين ناچڻين جي برعڪس ثريا شاهنواز جي زال سان حسد ڪندي هئي، جيتوڻيڪ شاهنواز پاڻ پنهنجي زال منجهان بيزار ۽ لاتعلق رهيو هو. هاڻي شاهنواز پاڻ ان ڳالهہ تي حيران هو تہ هو پنهنجي مرضي جي ابتڙ آخر ڇو ٿنا سان شادي ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو هو. هوڏانهن ثريا جي دل ۾ جيڪا شاهنواز لاءِ محبت هئي سا ٿنا سان نفرت جي ڪري نہ پر گذريل ان اذيت ڀريل وقت سبب هئي جيڪو هن گذاريو هو.

35 سالن جي عمر ۾ ئي ثريا جو وزن 95 ڪلو گرام ٿي ويو هو جنهن جو سبب حد کان وڌيڪ شراب پيئڻ هو پر هوءَ هاڻي بہ انهن گراڪن کي سڪون ڏيڻ جي اهل هئي جيڪي ڪڏهن ڪڏهن هن جي گهر اچي پهچندا هئا. هُوءَ پنهنجي اڪيلائي ۽ حد کان وڌيڪ وڌيل ٿولهہ جي اذيت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اجا وڌيڪ شراب ۽ نشي واريون دوائون استعمال ڪرڻ لڳي.

ثريا پنهنجي ماءُ سان بہ ڪڏهن ڪڏهن ملندي هئي، هوءَ تقريبن هن کان لاتعلق رهندي هئي ۽ اها لاتعلقي صرف ان جي ماءُ جي لاءِ نہ هئي پر آس پاس موجود هر انسان سان هئي ڇاڪاڻ تہ هن

جي آس پاس موجود هڙئي ماڻهو بدحالي جي حالت ۾ هئا. هوءَ هر وقت مار ڪٽ، وزن وڌڻ ۽ ٻارن جي ڪسجي وڃڻ جي خوف ۾ ورتل هوندي هئي. هوءَ سدائين ان ڳالهه کان ڊنل هوندي هئي ته سڀ هن کي ڇڏي نه ڏين. هن کي پنهنجي سڀ کان وڏي ڌيءُ حنا جي سک اچان وڏيڪ شدت سان ستائڻ لڳي، جيڪا هن جو پيٽ پالڻ لاءِ پندرهن سالن جي عمر ۾ ئي دبئي ۾ ڊانڊو پئي ڪري. حنا کان پوءِ هن کي رات جو اڪثر ڊيڄاريندڙ خواب ايندا هئا، جنهن سبب سدائين هن جي ننڊ پوري ٿي نه سگهندي هئي.

جڏهن هوءَ ڳالهائيندي هئي ته وسڪي سبب هن جو آواز ٿڪل ۽ ڳرو ٿي ويندو هو. هوءَ اڪثر چوندي هئي ته هوءَ نه پئي ڳالهائي پر وسڪي پئي ڳالهائي، هوءَ اڪثر بلند آواز ۾ ٺهڪ ڏيندي هئي پر ٺهڪ ڏيڻ وقت به سندس اکين ۾ آلاڻ هوندي هئي. ثريا جي آخري اميد هاڻي سندس پنجن سالن جي ڌيءُ علينا هئي جيڪا ان عمر ۾ به ڏاڍي سهڻي هئي.

I2 سالن جي عمر ۾ علينا کي ناچڻي ٿيڻو هو. هوءَ نه پئي چاهي ته سندس ڌيءُ جي حالت اهڙي ٿئي جو هوءَ گهٽين ۾ رلندي پنهنجا شڪار ڦاسائيندي وتي، ان لاءِ هن کي پنهنجي گهر تعمير ڪرائڻ جو الڪو هو هونءَ به هاڻي ٽيليفون ۽ موبائل جي سهولت هيرامنڊي جي عورتن لاءِ آساني پيدا ڪري ڇڏي هئي. هُو سڪون سان پنهنجي لاءِ موزون گراڪ چونڊي سگهن پيون. ٿي سگهي ٿو ته علينا جي سونهن ڪنهن فلم پروڊيوسر جي نظر ۾ اچي وڃي. ملڪ ۾ وڌندڙ بنياد پرستي ۽ معاشري ۾ شاهي پاڙي جي ڇوڪرين جي وڌندڙ بدنامي انهن لاءِ ڪي گهڻا موقعا نه ڇڏيا هئا. پوليس جو ڊپ ايترو هو جو انهن عورتن کي هر وقت ڪنهن نه ڪنهن دلال جي گهُرج رهندي هئي.

شاهنواز گهڻي دير تائين ثريا جو عڪس ڇڻي نہ سگهيو ڇاڪاڻ جيئن ئي هو ان جي تصوير ٺاهڻ شروع ڪندو هو هن جا جسني جذبا جاڳي پوندا هئا. هڪ ڏينهن ثريا پنهنجي اها تصوير ڏسڻ آئي، جيڪا شاهنواز ٺاهي هئي، تصوير کي ڏسي هن چيو

"اها ٿلهي عورت ڪير آهي؟ ڇا تون مون سان مذاق ٿو ڪرين؟ ڪٿي جا پڇ، اها مان نہ آهيان، اها تنهنجي ماءُ ٿي لڳي"

پوءِ هڪ ڏينهن هوءَ آئي ۽ هن خواهش ظاهر ڪئي تہ هوءَ تائٽينڪ جي هيروئن واري انداز ۾ پنهنجي تصوير ٺهرائڻ چاهي ٿي، جنهن ۾ هوءَ الف اگهاڙي صوفي تي ستل هوندي آهي. گهڻو ئي پوئتي هجڻ جي باوجود هيرامنڊيءَ جي هر ماڻهو کي اها فلم ڏٺل هئي، شاهنواز اها خواهش ٻڌي چيو

"اها اڻ ٿيڻي آهي."

پر ثريا ساڳيو اسرار ڪندي رهي،

شاهنواز تاڻ لاءِ چيو

پر هوءَ پنهنجي ضد تي قائم هئي، شاهنواز کي پهرين ئي بنياد پرستن کان خطرو هو جيڪي هن لاءِ فتوا ڏيڻ لاءِ بيقرار هئا. بادشاهي مسجد جي ويجهو جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن کي ڪنهن عورت جي اگهاڙي تصوير ٺاهيندي ڏسي وٺي تہ هن لاءِ قيامت ٿي پوندي ان لاءِ شاهنواز کي اها ڳالهہ اڻ ٿيڻي لڳي تہ هُو ثريا جي خواهش پوري ڪري سگهي. ڪوڙ ڏينهن تائين انهن ٻنهين جي وچ ۾ ان ڳالهہ تي تڪرار هلندو آيو.نيٺ شاهنواز هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ ان شرط تي تہ هُو اها تصوير پنهنجي ياداشت جي بنياد تي ٺاهيندو، جيتوڻيڪ هن کي اها بہ خبر هئي تہ سندس زندگي جي پهرين اگهاڙي تصوير ٺاهيندي جيڪڏهن هن کي ڪنهن ڏسي ورتو تہ ان جو انجام ڇا ٿيندو.

بمار جي هڪڙي سست منجهند جو ثريا شاهنواز کي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ته هُو ان کي هتان ڪان پنهنجي گهر وٺي هلي. هڪ دفعو ٻيهر شاهنواز کي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا. سڀ ڪان هيٺاهين طبقي ۾ ڪمرن سان گڏوگڏ شاهنواز هڪڙو ڪمرو جيڪو هن مهمان خاني طور ٺهرايو هو جتي ڪڏهن ڪو به نه ويندو هو هڪڙو ٻيو دروازو به ان ڪمري سان ڳنڍيل هو اتي ڏاڪڻ لڳائي ان کي وقتي طور کوليو ويو ان ڏينهن ٽئي ڇوڪريون اسڪول ويل هيون. ثنا به پنهنجي ضعيف پيءُ سان ملڻ ويل هئي، جيڪو اولڊ ايج هائوس جي ڪنهن بستر تي پيل هو.

ٻئي عاشق ۽ معشوق ان ڏينهن لڪي ڏاڪڻون چڙهي ان ڪمري ۾ پهتا. جيڪو شاهنواز خاص طور تي انهي موقعي لاءِ سجايو هو. وسڪي جون ڪجھ بوتلون ان ڪمري ۾ شاهنواز پهرين ڪان ئي جمع ڪري ڇڏيون هيون. جيئن ئي بيقرار روح ان ڪمري ۾ پهتا دروازا بند ڪري ڇڏيائون. ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ ۽ اهو به پاڪستان جهڙو ملڪ، جتي ٻئي ڪان پوءِ گهر ۾ شراب رکڻ وڏو ڏوهه هو. اهو تمام گهڻو خطرناڪ عمل هو. وسڪي جي بوتلن گهرائڻ ۾ طارق شاهنواز جي مدد ڪئي هئي ۽ هڪ انٽرنيشنل هوٽل تان اهي بوتلون وٺي آيو هو.

پهرين ته ٻئي ڇٽا هنڌ تي سمهي پيا، وسڪي ۽ سگريٽ سان دل وندرائڻ لڳا. ٻنهين جي منهن تي خوف به ظاهر ٻئي ٽيو ڇاڪاڻ گهر وارا هنن جي صفا ويجهو هئا. نشي ۽ شراب شاهنواز جي جنسي خواهش کي جاڳائي ڇڏيو. پهرين شاهنواز پنهنجا ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيا ۽ پوءِ ثريا کي چيائين ته هوءَ به پنهنجا ڪپڙا لاهي. محبت به عجيب شيءِ آهي جو گوشت جو ڍير ثريا شاهنواز کي دلفريب ٻئي

لڳي. ان بعد ٻئي شراب ۽ منشيات جي نشي ۾ وهندا ويا. هنن کي وقت جي خبر ئي نہ پئي، ھُوھڪ ٻئي جي جنسي سرور ۾ اهڙو تہ محو ٿي ويا جو هنن کي وقت جي گذرڻ جي ڪل ئي ڪا نہ ٿي، خبر ئي نہ پئي تہ ڪنهن ويل شام ٿي وئي.

اوچتو ثنا وڏي رڙ ڪئي، انهي دانهن ان وجداني ڪيفيت کي اڏائي ڇڏيو جيڪا ڪيفيت شاهنواز ۽ ثريا تي سوار هئي. دروازو ڪڙڪڻ سبب لڏيو پئي، ٻئي پاسي جو دروازو بہ هاڻي ڪڙڪڻ لڳو شاهنواز جون ڏيئر بہ گهر واپس وري آيون هيون. شاهنواز ۽ پانيولجي اتي ڪڙو ٿيو پنهنجو جسم ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا ٿي ڳوليائين. هن جا هوش خطا ڏسي ثريا تمڪ ڏئي ٿي ڪلي، هوءَ اجا هنڌ تي اگهاڙي سنتل هئي، شاهنواز جيئن تيئن ڪري هن کي ڪپڙا پارايا ۽ فيصلو ڪيائين تہ ھُو پهرين ٻاهريون دروازو کوليندو. ٻارن کي منهن ڏيڻ شايد هن کي ثنا کي منهن ڏيڻ کان وڌيڪ سولو لڳو. دوارزو کولڻ کان پوءِ ھُو پنهنجي گهر وارن آڏو شرمسار ٿي سر نمايون بيٺو هو. ٻئي پاسي ثنا دانهون ٿي ڪيون، هوءَ چوي پئي تہ هن دروازي منجهان سڀ ڪجهہ ڏٺو پئي جيڪو ڪجهہ ان ڪمري ۾ ٿيو. هن چيو تہ ايتري سچائي سان تو ڪڏهن مون سان تہ محبت ناهي ڪئي... توکي تہ... ثنا جا سڏڪا ٻڌڻ ۾ ٿي آيا.

"گهوڙا زي، مان تہ تباهہ ٿي ويس."

ڪجهہ دير کان پوءِ ثنا وڃي پنهنجي هنڌ ۾ سمهي پئي، ٻار بہ ان ڪمري منجهان هليا ويا.

ثريا تي ڏينهن بغير ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي پئي هئي، نشي سبب ابتيون سبتيون ڳالهيون پئي واڪي،

"ڏس ڇا هاڻي مان چست نہ ٿي لڳان، مان تنهنجي زال کان

وڏيڪ سمٽي آهيان... منهنجون ٽنگون ڏس... منهنجي ڇاتي ڏس...
ڇا منهنجو اهو حق به نه آهي ته مان تنهنجي ئي زال ٿي سگهان."
"مان هي شادي نٿو ڪري سگهان." شاهنواز چيس،
۽ پوءِ هڪڙي رات ثريا نشي جي حالت ۾ اهو چوندي مري وئي،
"مان پهرين انسان آهيان، بعد ۾ مسلمان."

14 ڇت تي معمول کان نرالو منظر ڏسي پاڙي وارا اوڏانهن ڏيان ڏيڻ لڳا. اوڙي پاڙي جي گهرن جي ڇتين تي ٻارن جو ميڙ ۽ ڪجھ عورتون بہ گڏ ٿيل هيون جيڪي ڪجھ ٻاهرين ماڻهن کي عجيب و غريب شيون رکندي ڏسن پيون جيڪي پنهنجو انٽرويو ڪرڻ آيا هئا. نيري شرٽ پهريل صحافي شاهنواز جي آڏو ويٺل هو جنهن کي ڪاري رنگ جي اڌ ٻانهن واري شرٽ پهريل هئي. ڊسمبر جي شروعات جو سج لهي ويو صحافي جو مددگار ميزبان ۽ مهمان جي شرٽ سان مائڪرو فون لڳائي چڪو هو ڪيمرا وارو بہ پنهنجي پوري تياري ڪري چڪو هو. نيويارڪ جي خطرناڪ حادثي کان پوءِ آمريڪا جا ٽي وي چئنل ۽ اخبارون ان ڳجھ ڊڪ ۾لڳل هئا تہ هن خطي جي رواجن ۽ عقيدن بابت ڄاڻ حاصل ڪن. اين بي سي جي ان صحافي کي پنهنجي ڳولا تي ناز هو ٽائيم رسالي ۾ شايع ٿيندڙ هڪ مضمون کي پڙهڻ کان پوءِ اهو صحافي لاهور آيو هو تہ هو ان انتهاپسند معاشري جي هن نرالي شخص جو انٽرويو ڪري سگهي. جنرل پرويز مشرف اجا مس اقتدار جون واڳون سنڀاليون هيون تہ ٽي وي تي اچي هن اهو اعلان ڪري ڇڏيو تہ اسين

جمهوريت جا حامي آهيون. پاڪستاني پنهنجي جمهوريت جو معيار پاڻ مقرر ڪندا. هن جو اهو اعلان مذهبي بنياد پرستن لاءِ اطمينان جو سبب هو.

هڪ آمريڪي صحافي جي قتل سبب پاڪستان جي شهرت کي سموري دنيا اندر ڏاڍو نقصان رسيو جيڪو قتل اسلامي دهشت گرد ٽولن هٿان ٿيو جن جو تعلق اسامه بن لادن سان هو. ان ڪان پوءِ پرڏيهي ميڊيا جا جيڪي به ماڻهو پاڪستان آيا. پاڪستان جي حڪومت انهن کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو پاڪستاني حڪومت جي نظر ۾ ٻاهرين دنيا منجهان ايندڙ هر ماڻهو جاسوس سمجهيو ٿي ويو انهن ماڻهن جي هر چرپر تي نظر رکي ٿي وئي.

ان وقت به اڇا ڪپڙا شرٽون ۽ جينز پهريل ڪيترا ئي پاڪستاني ايجنٽ اوسي پاسي ۾ موجود هئا ۽ آمريڪي صحافي ۽ شاهنواز جي ڪچهري جو هڪ هڪ لفظ غور سان پيا ٻڌن.

جڏهن شاهنواز پنهنجي پهرين سوال جي انتظار ۾ هو ته هن کي پنهنجي پٺيان هڪڙو پتڪڙو هٿ محسوس ٿيو جيڪو سندس هٿ وٺڻ جي ڪوشش پيو ڪري، ان معصوم ٻار جو اهو نرم ڇهاءُ سڌو شاهنواز جي دل تائين پهتو هن جو پٽ جميل جيڪو اوهه جي ڪرسي جي پويان لڪل هو پنهنجي پيءُ جي هٿ کي هٿ لاهڻ جا جتن پيو ڪري، ٻار جون ننڍڙيون چمڪندڙ اکيون تعجب وچان چوڦير ٿيندڙ افراتفري کي ڏسن پيون.

شاهنواز کي ثنا سان ڪڏهن به محبت نه ٿي سگهي ۽ ثنا کي هن جون تصويرون ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آيون نه ئي هوءَ ڪڏهن هن مصور جي جذبن کي سمجهي سگهي، ايترا سال هوءَ صرف هن جي حوصلا شڪني ڪندي رهي، صبح جو جڏهن هو پنهنجي ڪارگاهه

منجهان ڪم ڪري گهر پير پائيندو هو ته هن جا روڏن شروع ٿي ويندا هئا. ڪڏهن گهر جي سامان جي کوٽ جو پتڪو ته ڪڏهن ضرورت جي شين جي اڻ هوند جي شڪايت پئي ڪندي هئي، سدائين بي سڪون رهندڙ اها عورت چشمي سان اچا وڏيڪ بد شڪلي لڳندي هئي. هي عورت ڪڏهن به هن جي ان سخت پورهئي جو احساس ڪري نه سگهي، جيڪا هُو اڪيلي سر پنهنجي ماءُ، ٻارن ۽ ٻاڙي وارين پوئتي پيل طوائفن جي لاءِ ڪندو رهندو هو. هڪڙو اڪيلو ڪمائڻ وارو ماڻهو ۽ ايترا سارا کائڻ وارا. هن کي هن جي اڪيلائي جو به احساس نه هو جيڪا هن جي اندر ۾ گهر ڪري وئي هئي. ڪڏهن ته هو پنهنجو پاڻ کي ايترو اڪيلو محسوس ڪندو هو جو رات جو هُو نظر ايندڙ خوابن کان پوءِ پنهنجي زندگي جو انت آڻڻ جون ڳالهيون سوچڻ لڳندو هو.

۽ گذريل ڪجھ ڏينهن کان هن جي حالت اها هئي ته هُو سڄو ڏينهن پنهنجي وصيت جا لفظ بار بار پنهنجي ذهن ۾ ورجائيندو رهندو هو گهر پٽ جي نالي، تصويرون ڏيئرن جي نالي ۽ باقي ڪجھ ڪني ڪيل رقم ان عورت جي نالي، جنهن سان هر صبح جو هن کي منهن ڏيڻو پوندو هو ۽ ان عورت کي ڪڏهن اهو خيال به نه آيو ته ڪڏهن دل سان هن کي سلام ئي ڪري يا چانهن جو پڇي وٺي، شاهنواز پنهنجي پٽ کي ڏسندو هو ته هن کي پنهنجي اندر ۾ عجيب خوشي محسوس ٿيندي هئي ۽ هو سوچيندو هو ته هو پنهنجي پٽ کي هر اها شي ڏيندو جنهن جي هو خواهش ڪندو.

هلڪي نيري آسمان تي چنڊ جي روشني هئي، پر جلد ئي اها روشني بادشاهي مسجد جي بلب ٻرڻ سبب ڏنڌلي ٿي وئي. هزارين روشن بتين شام کي ميرانجهڙو ڪري ڇڏيو ڪنهڙي وٽان اهو منظر

انتهائي دل کي وڻندڙ ٿي لڳو اهڙو منظر جيڪو ڪنهن فلم جو حصو پئي لڳو. شاهنواز ان ميز جي ڀرسان پاسي ڪرسي تي ويٺل هو جنهن جي هڪڙي پاسي موجود ڪرسي تي صحافي ويٺل هو.

مون سون جي ٽڏڪار شام واري اُپ کي ختم ڪري ڇڏيو هو جيئن ئي ڀريون سوال ڪيو ويو شاهنواز ڇڻ گهبرائجي ويو جنهن جي خبر هن جي ڳالهائڻ منجهان صاف ظاهر پئي ٿي، شاهنواز جي عمر 65 سال ٿي وئي هئي ۽ هاڻي هن جي اندر ۾ ڪو الڪو نه هو شاهنواز کي پنهنجي ڪامياب زندگي جو ڀرپور احساس هو هو دنيا سان اکيون اکين ۾ ملائي ڏسي آيو هو ۽ انهي مشاهدي سان هن فن جا شاهڪار تخليق ڪيا هئا. هاڻ هن کي پنهنجي ماضي منجهان، پنهنجي اصليت تي ڪا به شرمساري نه هئي، هاڻي هن کي ذرو به ڪا هبڪ نه پئي ٿي. هاڻي هو بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ان قسم جي زندگي ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين تي ڳالهائي ٿي سگهيو جن تي ڳالهائي نه ٿي سگهجيو هن لاهور جي ان شاندار شاهي پاڙي جي روايتن تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي ان زوال جو به ذڪر ڪيائين جيڪو ڪنهن اروڙ جيان ان کي ڳهي پيو ان علائقي جي روايت، ثقافت، اڏاوت جو فن، هر هڪ اها شي جنهن ۾ انفراديت هئي اها پاڪستان جي عدم برداشت ۽ تشدد تي ٻڌل سماج ڳهي ڇڏي هئي.

گذريل ڪجهه ڏهاڪن ۾ هيرامنڊي مڪمل طور مٽجي وئي هئي، پوليس صفائي جي منصوبي تي اڙيل هئي ۽ انهن ڇئن گهٽين ۾ رات جي ويل پئي جهاتيون پائيندي هئي جيڪي گهٽيون ناچ ۽ فن جي لاءِ مخصوص ٿيل هيون. اميرن جي ٻارن کي پوليس روڪيندي هئي، انهن جا شناختي ڪارڊ کسي وٺندي هئي ۽ انهن جي والدين کي دانهن ڏيندي هئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته اهي ڇوڪرا ان

علائقي ڏانهن اڇڻ ڪان لنوائيندا هئا.

آصف صديقي بہ سچائي نہ ڏيکاري، بينظير ڀٽو جي شڪست هن جي زوال جو بہ سبب بڻي، ان لاءِ هن سياست ڇڏي ڇوڪرين جي هنر کي اڳتي آڻڻ جو ڪاروبار شروع ڪري ڏنو روز رات جو انهن ڇوڪرين جو هن جي حويلي تي ميڙ هوندو هو. جيڪي فلم جي مشهور اداڪاره ٿيڻ چاهينديون هيون، انهن شامن ۾ شراب ۽ ٻيون نشي واريون شيون سر عام استعمال ٿينديون هيون، هڪ آزاد خيال شهزادي جي روپ ۾ هو بيهودگي جو ڪاروبار چڪمائي پيو پنهنجي تحفظ ۽ ڇاپن ڪان بچڻ لاءِ هو پوليس وارن جا کيسا گرم ڪندو هو اليڪشن واري وقت مولوين جا وات بند ڪرائڻ لاءِ جيڪي سدائين آمر جا حامي رهيا هئا، پوليس شاهي پاڙي ۾ ڇاپا هڻندي هئي ۽ ناچڻين ۽ طوائفن کي وينن ۾ ڀري پوليس ٿاڻي ڪٺي ويندي هئي ۽ انهن کي جيل ۾ واڙي ڇڏيندي هئي، پوءِ آصف صديقي پنهنجا ماڻهو موڪلي انهن ڇوڪرين کي ڇڏائي وٺندو هو عورتون هن کي پنهنجي لاءِ فرشتو سمجهڻ لڳيون، هاڻي موسيقار نہ هئا بلڪ ريڊيو تي وڄندڙ گيتن تي ناچ ڪيو ويندو هو ڪنهن نہ ڪم جي نقلي سجاوٽ ۽ زيور ڀريل طوائفون ان مغل روايت جي توهين پيون ڪن، جيڪا ڪنهن وقت ۾ وڏي بهترين انداز سان نڀائي ويندي هئي. مردن جي سوچ بہ متجي وئي آهي، هاڻي مرد هتي فن وارو ناچ ڏسڻ لاءِ ناهن ايندا ۽ ئي هو ناچ جي رمزن ڪان واقف آهن پر انهن جو مقصد صرف جسم جي باهہ وسائڻ وڃي بچيو آهي، ائين اها مغل دربار جي روايت صرف جسم فروشي جي ڌنڌي تائين محدود ٿي رهجي وئي.

انٽرويو ختم ٿيو تہ صحافي فلم کي بند ڪرڻ لاءِ ڪيمرا واري کي اشارو ڏنو شاهنواز جيان صحافي بہ پڳهر ۾ شل هو صحافي جي

خاص ماڻهو پنهنجي واري تي سان پنهنجين جا منهن اگهيا. هڪڙي سامهي کان پوءِ شاهنواز ٻيهر صحافي جي سوالن جا جواب ڏيڻ شروع ڪيا.

شاهي پاڙي ۾ هڪڙي شي ٻي سان ڳنڍيل آهي. مذهب ۽ سياست، جنسي ڏاڍ ۽ ظلم، موسيقي ۽ ڏک، وچائنجي ويل لاوارث ٻار ۽ لاچار عورتون، جسماني ڏوهه پنيان پڄندڙ مرد ۽ موالي... اهي هڙئي عنصر غير منطقي عقيدن ۽ رسمن رواجن ۾ وڪوڙيل آهن. انصاف نالي شي اڻلڀ آهي، اهوئي سبب آهي جو هتي جا رهواسي ٻي ٻي پي سان جڙيل آهن. جيڪا هڪڙي اهڙي جماعت آهي جنهن اڳواڻ به سدائين تڪليفن کي منهن ڏيندا آيا آهن پوءِ ڪٿي اهو ڀٽو هجي يا بينظير... ٻيا سياستدان چڱي طرح ڄاڻن ٿا ته پراڻي لاهور جي رهواسين جي ڏکن ۽ تڪليفن جو استعمال ڪهڙي طرح ڪرڻو آهي، دنيا ايڪويهين صديءَ جو ڏاڪو ٽپي چڪي آهي، پر هتي اڄ به پراڻي پٽين جي وچ ۾ آباد هن دنيا ۾ ڪو به سٺو اسڪول، ڪا يونيورسٽي، ڪاليج يا اسپتال موجود نه آهي، صرف سڙيل ڳريل شيون آهن. شاهنواز پنهنجي حياتي ۾ انهن پوئتي پيل ماڻهن جي ڪڏهن به حڪومت ۾ نمائندگي ٿيندي نه ڏٺي آهي...ڪڏهن به نه. ايتري تائين جو آصف صديقي به جيڪو وزير ٿيو ته صبح جو پنهنجي گهران نڪرندو هو ته رات جي وقت پنهنجي حويلي ۾ واپس ايندو هو هن کي به عيش عشرت واري زندگي سان لڳاءُ ٿي ويو نه ڪي اٿلندڙ گٽرن سان.

اهو ئي ماحول هو جنهن ۾ شاهنواز مصوري جي ابتدا ڪئي هئي، هو مزي خاطر فن جا شاهڪار تخليق نه ڪندو هو پر هو ته انهن ڏکن، اهنجن ۽ تڪليفن جو چٽيندڙ هو جيڪي ان علائقي جي ماڻهن جو نصيب بڻجي ويا هئا، هو انهن عورتن جو نمائندو هو جن کي

سماج لاءِ داڳ قرار ڏئي ڪين دنيا ڪان ڌار ڪيو ويو هو هو انهن عورتن جي سونهن نہ بلڪ ڳٽتيءَ جوڳي حالت جو مصور هو.

"مان هن دنيا جو آهيان. مان انهن ڏکن جو اکين ڏٺو شاهد آهيان ۽ پنهنجين تصويرن ۾ اهو ئي ڏيکاريندو آهيان جيڪا انهن تي گذري آهي"

هو سالن ڪان اهو جملو ورجائيندو هو ۽ جڏهن هُو ڏسندو هو تہ ماڻهو من جي تصويرن ڪي ڏسي وائڙا ٿي وڃن ٿا ۽ اهي تصويرون انهن جي دل ڪي وڻن ٿيون تہ هن جي اندر ڪي اطمينان ٿيندو هو. فن ان جي لاءِ ئي هوندو آهي تہ هُو دنيا ڪي بدلائي ڇڏي ۽ ڪجھ عرصي تائين ماڻهن جي ذهن ۾ ڇانيجي وڃي.

"منهنجي ملڪ ڪي منهنجو احسان مڃڻ گهرجي ، نہ ڪي مون تي لعنتون وجهڻ گهرجن. مون ڪي تڏيو وڃي. مون ڪي ڌمڪيون ڏنيون وڃن يا مون منجهان جان ڇڏائڻ جي خواهش ڪئي وڃي. مون ڪي پڪ آهي تہ شاهي پارٽي جو ريتون رسمون منهنجين تصويرن سبب زنده رهنديون.... بلڪ انهي طرح جيئن 16 صديءَ ۾ رينيسان جي دور وارن مصورن وٽ اٽلي جي تهذيب زنده آهي. اهي مصور منهنجي پنڌ جا پانديئڙا آهن. جيڪي پنهنجي تصويرن ۾ جذبا. احساس ۽ جنون پرين ٿا. مان هڪ عظيم مصور بڻجي ويو آهيان. پاڪستان جو سڀ ڪان وڏيڪ مقبول مصور.... منهنجي ڪم جي ملڪ ۾ ئي نہ پر سموري دنيا ۾ نمائش ٿيندي آهي. پر ڪيڏي نہ ڏک جي ڳالھ آهي تہ منهنجي پنهنجي ملڪ ۾ منهنجون اهي تصويرون ماڻهن ڪان برداشت نہ ٿيون ٿين. مان تہ پنهنجين تصويرن ۾ ان ڪڌهن نہ ڪتندڙ ڏک. اذيت ۽ تڪليف ڪي ڏيکاريندو آهيان. جيڪو پنجاهہ سالن ڪان اسان جو نصيب بڻيل آهي ۽ وڌندو ئي رهي ٿو"

اين بي سي جي صحافي سوال ڪيو تہ اهڙي ملڪ ۾ جتي مذهبي شدت پسندي پنهنجي عروج تي آهي، اتي هن ڪي ۽ انهن ناچڻين کي ڪمڙين ڏڪيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جن جون هو تصويرون ٺاهي ٿو پنهنجون اکيون ڪيمرا ڏانهن ڪندي شاهنواز جواب ڏنو تہ هُو هن ڏانهن ايندا آهن ۽ آسمان ڏانهن آگر کڻي هن کي چوندا آهن تہ هو هڪ نيڪ مسلمان بڻجي وڃي ۽ اهي تصويرون ٺاهڻ ڇڏي ڏئي، ڪڏهن بہ انهن منجهان ڪو بہ وڏين هوٽلن ۾ هندو ديوتائن جا بت، صليب تي لڙڪيل مسيح ۽ انهن اگهاڙين عورتن جون تصويرون ڏسڻ نہ آيو هو جن جو تعلق افغانستان سان هو.

"بادشاهي مسجد جي ايترو ويجهو هجڻ ۽ اهڙي قسم جي بت ۽ تصويرن جو هجڻ پڪ سان منهنجي زندگي کي ڏاڍو خطرناڪ پيو بڻائي ڇڏي"

اهو چئي هن باغي انداز ۾ مرڪ منهن تي آڻيندي بادشاهي مسجد ڏانهن ڏٺو.

ڪيمرا جي آڏو هُو انهن تمڪن ۽ خوابن ۽ پنهنجي رازن کي کولي نہ سگهيو جيڪي هن جي روح ۾ دفن ٿي چڪا هئا.

15 هال جي پوئين حصي ۾ ڪاٺ جي ڪرسي تي ويٺل شاهنواز نصرت فتح علي جي دل کي ڇُهندڙ آواز جي سرور ۾ وڃايل ويٺو هو ستي سينما جون پتيون ماڻهن جو وزن برداشت پيون ڪن. قوالي جو روشن چنڊ پنهنجي پوري خاندان سان گڏ اچڻ وارو آهي ماڻهو سڄي رات انتظار ڪندا رهيا، صبح ٿيڻ وارو هو جو سڄو خاندان هال ۾ پهتو ماڻهن جي ميڙ زوردار تاڙيون وڄايون ۽ دل سان قوالي جي شهنشاهه کي ڀليڪار ڪيائون.

اوسي پاسي جي گهرن جي ڪنهڙن ۾ نئون نسل مستي ۾ پئي نچيو ڪيترن ئي منٽن تائين هال نصرت فتح علي خان جي لاءِ تاڙيون وڄائيندو رهيو ايتري تائين جو سمورو جهڳٽو اسٽيج تي ويهي نہ رهيو جيئن ئي طبلي جو آواز گونجيو پورو هال ماٺ تي ويو مختلف قسمن جي روشنين جي وچان هارمونيم جو آواز اڀريو گلوڪار جو آواز هال ۾ ائين ٿي گونجيو جيئن ڪو ولي ڪو روحاني نياپو ڏيندو هجي.

شاهنواز پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون، موسيقي جي عميق گهرائي ۾ ٻڏل شاهنواز جي آڏو هن جي ماضي جون يادون ڪنهن فلم

جيان ٿي هليون، هن تصور جي اکين سان ماڻهن جي ميڙ کي، "ضياء مري ويو ضياء مري ويو." چئي دانهون ڪندي ڏٺو ڪنهن ٽڪري پوڙ جيان اها خبر عام ٿي وئي، لاهور ۾ مٺائين جي دڪان تان مٺائي ائين غائب ٿي وئي ڄڻ ڪو وڏو خوشي جو موقعو هجي، آمر جو موت ڄڻ خدا جو انصاف هو 17 آگسٽ 1988ع ڏاري بهاولپور جي آرمي ڇاوڻي تان موٽڻ ويل ضياء جو جهاز هيٺ ڪري تباهه ٿي ويو ۽ پنجن ڪلاڪن تائين سڙندو رهيو ماڻهن کي پڪ هئي ته خدا ضياء کي اسلام جي غلط استعمال جي سزا ڏني آهي ۽ هن جي وار به باقي نه بچايائين، ضياء جي لاش جي حالت اها هئي جو هن کي غسل ڏيڻ ۽ ڪفن ڏانهن منهن ڪرڻ واريون آخري رسمون به پوريون نه ٿي سگهيون، جيڪو تابوت شاهه فيصل مسجد ۾ دفنايو ويو ان ۾ ضياء جو نالو نشان به نه هو.

ان ڏينهن زوردار مينهن ائو ڄڻ آسمان به پاڪائي جي رسم پيو ادا ڪري، تباهي مچائيندڙ پوڙ لاهور جي آس پاس سيني گهرن ۽ فصلن کي پاڻ سان لوڙهي وئي، پوڙ در دروازا پٽي ڇڏيا. رستا ٻهاري ڇڏيائين ۽ قبرستان منجهان قبرون به لوڙهي وئي، ماڻهن کي جڏهن خبر پئي ته ضياء جي پوئلڳن اميرن جي علائقن کي بچائڻ لاءِ غريبن علائقن وٽان بند ٽوڙيا آهن ته انهن جي ڪاوڙ جاڳي پئي، پاڻي ايترو ته هو جو ٻن هفتن تائين لاهور جو ٻين علائقن سان ڪو رابطو نه رهيو هزارين ماڻهو پنهنجي گڏ ڪيل دولت وڃائي ويٺا.

پر ان مايوسي واري ماحول ۾ اميد جو ڪرڻو نظر آيو جڏهن ڪجهه مهينن کان پوءِ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ پيٽي جي ڏي ڪامياب ٿي، پنهنجي پيءُ کان پوءِ هوءَ پي وزير اعظم هئي جيڪا ماڻهن جي ووٽن سان اقتدار جي ڪرسي تائين پهتي هئي، پر بينظير جنهن کي

هير امنديءَ جي هر فرد ووٽ ڏنو هوءِ جنهن جي لاءِ شاهي پارٽي جو هر ماڻهو ٻاهه ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ به تيار ٿي ويو هو بينظير انهن وڏني پيرڏن کي هتائڻ واري خطري کي سر تي کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جيڪي پنهنجي پنهجي وجڻ جو سبب هئا. نظر انداز ٿيل طبقو جن سبب ڪري ذلت جي زندگي گهارڻ تي مجبور هو بلڪ انهن ته حضور جن جي ان حديث کي قبولي ورتو هو ته جنهن علائقي تي عورت حڪمران هوندي اهو علائقو ڪڏهن به ترقي ڪري نه سگهندو.

صرف ٻن سالن اندر ماڻهن جي اميدن دم ڏٽي حوالي ڪيو چاليهه سالن جي مايوس ۽ فڪر جي گهٽتائي کان پوءِ رياست ۾ رشوت جو نظام تمام گهڻو غالب ٿي ويو هو ملڪ ۾ فوجي بغاوتون ۽ زلزلا هڪ ٻئي پٺيان ايندا رهيا. بينظير جي ٻن سالن جي مختصر حڪومت تحليل ڪري حڪومت جي اقتداري ڪرسي تي نواز شريف کي ويهاريو ويو بينظير جي مڙس کي ’جيڪو مسٽر ٽين پرسنٽ‘ جي نالي سان مشهور هو ان کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ بينظير کي جلاوطن ٿيڻو پنهجي ويو.

سمورو هال نصرت فتح علي جي آواز جي جادو ۾ ورتل هو شاهنواز پگهر ۾ شل پنهنجي جاءِ تي ويٺل هو هن جي يادن ۾ پيهر ان عورت جو عڪس اڀريو جنهن ليلا جي يادن کي هٽي ڏني هئي....ثريا...وحشي طاقت واري دلفريب ثريا، هڪ بهترين ناچڻي، هن جو حسن هن لاءِ سدائين مٿي جو سور ٿي رهيو ثريا جيڪا سونهن ۾ لاجواب ۽ بي مثال طوائف هئي جنهن شاهنواز جي جنسي رجحان کي سڪون پهچايو هو ثريا جي وفات کان پوءِ شاهنواز گهٽي قدر پنهنجي ڪارگاهه ۾ وقت گذارڻ لڳو هو ان جي تصويرن کي ڏسي ان جو ماتم پيو ڪندو هوءِ ان ڏک کي ختم ڪرڻ لاءِ پيو وسڪي پيئندو هو

شراب جا ٻه گلاس هن جي ٽڙي کان هيٺ لهندا هئا ته هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي مرحوم محبت جو ڏک پيو ملهائيندو هو.

ثريا جي موت کان پوءِ شاهنواز کي پنهنجي ڌي جي موت جو ڏک برداشت ڪرڻو پئجي ويو... عائشه جيڪا پنهنجي ڏاڏي جي خود غرض خواهشن جي ور چڙهي وئي. نسيم عائشه جي فلمن ۾ اچڻ جي ڀرپور مخالفت ڪئي. هن جو چوڻ هو ته هي بهترين وقت آهي ته هن جو ٻار تي وڃي ۽ آصف صديقي کان وڏيڪ ٻيو ڪير هو جيڪو هن جي ٻار جو پيءُ بڻجي ها؟

بينظير جي سياست ۾ واپسي کان پوءِ هڪ دفعو ٻيهر آصف صديقي سياست ۾ سرگرم تي ويو ۽ وزير بڻجڻ هن جو خواب بڻجي ويو هو بينظير جو سچو همدرد ۽ جماعت جو وفادار ثابت ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي شهرت کي صاف پيو رکڻ چاهي. انهي موقعي تي نسيم جي چوڻ تي عائشه ٻار جي خواهش جو اظهار ڪيو پر آصف صديقي نسيم جي منصوبن کي ڏوڙ ڪري ڇڏيو عائشه کان ڪيترا ڀيرا وڏيڪ هن جي لاءِ اها وزارت جي ڪرسي هئي جيڪا هن جو انتظار پئي ڪري. جنهن جي آڏو وڏن وڏن آفيسرن جون قطارون هٿ ٻڌي بيٺل هيون.

هاڻي هو هڪ معزز وزير هو هن عائشه کي گهر اماڻي ڇڏيو ۽ هڪ شريف گهر جي عورت سان شادي ڪري ڇڏيائين. عائشه جو امير ماڻهو جي ٻار جي ماءُ ٿيڻ جو ارمان پورو نه ٿي سگهيو. بارودخاني ۾ هاڻي آصف صديقي جي زال جو ديدبو هو جنهن اتان جو نقشو ئي مٽائي ڇڏيو هو هاڻي ان گهر ۾ بدنام طوائفن جي اچڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو هاڻي ان گهر ۾ مثالي مڙسن جون مثالي زالون اينديون هيون.

عائشه واپسي هيرامنڊي جي اونداهي دنيا ۾ پنهنجي ڪوٺي تي

وري آئي هئي جتي هوءَ باقائده جسم فروشي ڪرڻ لڳي، ڪنهن گراڪ منجهان هن کي هڪڙو ڀار به ٿي ويو جيڪو هڪ ڇوڪرو هو نسيم جا ڀاڳ ڀلا هئا جو ڇوڪرو ڄمڻ ساڻ ئي ترت مري ويو لڳاتار ڏکن عائشه جي سونهن کي جهڪو ڪري ڇڏيو هاڻي هوءَ راڻي نه پئي لڳي جيڪا تقريبن ۾ آصف صديقي جي ڀر ۾ ويهندي هئي.

هوءَ هڪ دفعو ٻيهر اميد سان ٿي وئي شروع ۾ حمل بلڪل عام هو پر آخري ڏينهن ۾ عائشه کي ڏاڍي تڪليف ٿي ۽ هن کي تيز بخار ٿي ويو ڪنهن به ڊاڪٽر کي گهرائڻ جي ڪوشش نه ڪئي، نسيم به ان کي سورن جو بخار سمجهيو ۽ هڪڙي رات جڏهن نسيم عائشه جي ڪمري ۾ آئي ته هن لڳ ڀڳ عائشه کي مئل حالت ۾ هنڌ تي پگهريل ۽ رت ۾ ٻڏل ڏٺو ڊاڪٽر کي گهرايو ويو هن پوري چڪاس کان پوءِ ٻڌايو ته پيٽ ۾ موجود ٻار ڪوڙ هفتا پهرين مري ويو آهي ۽ بخار جو سبب به اهو ئي هو.

نسيم جي ماضي جو ڇانورو..... عائشه هن کي ڇڏي وئي ۽ ان کان پوءِ نسيم جي واتان هڪ لفظ به نه نڪتو ان ڏينهن کان پوءِ هر روز هوءَ ڪارو لباس پائي پنهنجي گهر جي ڪٺڙي ۾ وچي ويهي رهندي هئي ۽ صبح کان ويندي شام تائين بادشاهي مسجد کي پئي تڪيندي هئي.

يادن جي زخمن ۾ وچايل شاهنواز جڏهن اکيون کوليون ته سامهون نصرت جوش ۽ جنون ساڻ ڳائي پيو ۽ هن جو آواز هن جي روح وٽان ٿي آيو ۽ پنيان وارن گڏجي ٿي ڳايو پئي،

"جيڪو عقل جو غلام هجي، ان کي دلڙي نه ڪر قبول"

شاهنواز جي يادداشت ۾ يڪدم اهو ڪتاب اچي ويو جيڪو تمام گهڻي اختلاف جو سبب بڻجو هو جنهن سان ماڻهن جا اسلامي

جذبا مجروح ٿيا هئا. جمالت ماڻهن کي عدم تحفظ جو شڪار بڻائي ڇڏيو هو. سلمان رشدي جو ڪتاب شيطاني آيتون ماڻهن کي ڪاوڙائي ڇڏيو هو. ماڻهو رشدي کي شيطان جو روپ چوڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ اهو نظارو عام ڏسڻ لاءِ ملندو هو ته ماڻهو هن جي ڪتاب کي باهه ڏئي پيا ساڙيندا هئا جيتوڻيڪ انهن منجهان ڪنهن به ڪڏهن ان ڪتاب کي پڙهيو نه هو.

رشدي تي ڪاوڙ جو سبب اهو به هو ته ان جو تعلق ننڍي کنڊ سان هو ۽ جڏهن هن جي خلاف فتوا ڏني وئي ته مذهبي بنياد تي هو هڪ اهڙو شخص قرار ڏنو ويو جنهن جو ڪو به بنياد نه هو.

اهو رونشو ڪوڙ ڏينهن تائين بادشاهي مسجد جي اوسي پاسي جاري رهيو جتي مسلمان پنهنجي روح کي پاڪ صاف ڪرڻ لاءِ ڏينهن ۾ پنج وقت نماز پڙهڻ جي لاءِ ايندا هئا. مومنن جي هڪ ٽولي ايماني جوش ۾ فيصلو ڪيو ته اهي ماڻهو جيڪي قرآني حڪمن تي نٿا هلن انهن جي خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي. شاهنواز ان سلسلي ۾ هڪ سولو نشانو هو. اهو ڏينهن شاهنواز ڪان ڪڏهن نه وسريو جڏهن ڪارين ڏاڙهين وارو واٽ منجهان گف ڳاڙيندڙ ٽولو هن جي دروازي تي بيهي هن کي موت جون ڌمڪيون پيو ڏئي.

پر شاهنواز اڃا به هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي راضي نه هو هو پنهنجن ارادن کي خوف هٿان مات ٿي وڃڻ نه پيو گهري. هن ارادو ڪري ڇڏيو ته هُو ناانصافي، ڪوڙ ۽ غير منطقي روين جي خلاف پنهنجي جنگ وڙهندو رهندو. هن طئي ڪري ڇڏيو ته هن جي واٽ ۾ ڪا به رڪاوٽ آئي ته هو ان کي برداشت نه ڪندو. هو ڪڏهن به اهڙي مذهب جو غلام نه بڻجندو. جيڪو شدت پسندن جي پناهه وٺڻ جو ٺڪاڻو بڻجي چڪو هجي. هو ڪڏهن به ان تصور ۾ چريائپ واري

خيال جو حامي نہ ٿيندو تہ عورت صرف مردن جي مزي جي لاءِ پيدا ڪيل رانديڪو آهي.

شاهنواز جي نظر ۾ عورت هِنَ غير محفوظ دنيا ۾ خدا جو هڪ خوبصورت شاهڪار آهي، جڏهن هو پنهنجي هر هڪ شي وڃائي ويٺو هو هن جي آسمان تي رائو گهيرو ڪري ويو هو ان وقت بہ تارن سان ڀريل آسمان ۾ هن کي ناچڻي جون روشن اکيون اميدن جي روشن ڏيئي جيان نظر ايندڙيون هيون. هن جا هڙئي تصور ڪڏهن بہ عملي صورت ۾ ملڪ ۾ عمل ٿيندي نظر نہ اچي سگهيا. انهي مايوسي ۾ بہ هو محبت جي باري ويچاريندو هو هن بہ محبتون ڪيون جيڪي هن جي جيئڻ جو سبب هيون.

ڪلاڪن جا ڪلاڪ نصرت فتح علي خان جو آواز پنهنجو جادو ڏيکاريندو رهيو ماڻهن کي خبر هئي تہ هاڻي گلوڪار آخري شعر پيو پڙهي ۽ هو مستي جي ماحول ۾ اٿي کڙا ٿيا. اهي آخري پهر ۾ بيٺي تاڙيون پيا وڃائن. جڏهن سازيندا ماٺ ٿيا تہ تلخ دنيا جون حقيقتون پيهر جاڳي پيون ٻاهر صبح صادق جي روشني ٿي وئي هئي ۽ آسمان روشن پئي ٿيو.

اونداهي ڪمري ۾ ويٺل شاهنواز مسلسل ڪرسي جي پٺ سان ٽيڪ لڳايون ڇت کي پيو ڏسي هاڻي هن وٽ ڪجهه بہ نہ هو سواءِ ڪجهه خوابن جي جن کي هن جي اکين اڃا نہ ڇڏيو هو هي اهي خواب هئا جيڪي هن جا پنهنجا هئا جن کي هُو ڪنهن ٻئي سان ونڊي بہ نہ ٿي سگهيو.

هو مٿي ڇت تي آيو رات جي پوئين پهر ۾ هتان جو نظارو سدائين هن کي نصيب ٿيندو هو اهي شيطاني ۽ وجداني پهر جن ۾ ماٺ جي حڪومت هوندي هئي.

وسڪي جي بوتل خالي ڪيائين ۽ آسمان ۾ وسامندڙ تارن تي
هن جو اکيون ڄمي ويون. هن جي يادن ۾ صرف ليلا هئي. هن جا سهڻا
چپ. هن جي وارن منجهان ايندڙ چنبيلي جي گلن جي خوشبوءِ هن
جو محبت لاءِ آتو وجود...






Ali

WhatsApp contact



Scan this code using the WhatsApp camera to get my number



@WAJIDALIMALAK